# شاه جي شاعري ۾ علامت نگاري

ڊاڪٽر غلام نبي سدايو

شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاه - حيدرآباد سنڌ
١٩٩٣ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاھه جي شاعري ۾ علامت نگاري

سنڌ يونيورسٽي ۾ پي ايڇ . ڊي لاءِ

پيش ڪيل مقالو

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

ڇاپيندڙ

شاھه عبداللطيف ڀٽ شاھه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاھ / حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم


| | |
|---|---|
| ڇاپو پهريون | آگسٽ ١٩٩٢ع |
| تعداد | هڪ هزار |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | ارشد خشڪ |
| | ثقافت ۽ سياحت کاتو، سنڌ حڪومت |
| ڇاپيندڙ | آزاد ڪميونيڪيشن، ڪراچي. |
| ڇپائيندڙ | عبدالحميد آخوند سيڪريٽري. |
| | شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز. |
| | ڀٽ شاه، ضلعو حيدرآباد سنڌ |

قيمت 115.00


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


| | |
|---|---|
| ناشر طرفان | ٩ |
| مهاڳ | ١٥ |

## پاڳو پهريون

| | |
|---|---|
| ٻولي، علامت نگاري ۽ ان سان واسطو رکندڙ عنصر | ٢٧ - ١٠٥ |
| باب پهريون | |
| انساني شعور جي اوسر | ٢٩ |
| باب ٻيو | |
| علامت نگاري جي تعريف | ٤٥ |
| باب ٽيون | |
| علامت جا قسم ۽ وسعت | ٨٣ |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پاڳو پيو

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي حياتي جا ١٠٧-٢١٠
چند اهم پهلو

باب پهريون
لطيف سائين جي حياتي جا چند اهم پهلو ١٠٧

باب ٻيو
جنم ۽ جمڻ جو هنڌ ١١٧

باب ٽيون
لطيف سائين جو ٻاروتڻ ١٢٥

باب چوٿون
ميين شاه عنايت رضوي سان ملاقات ١٣٩

باب پنجون
لطيف سائين جي شادي ١٤٧

باب ڇهون
لطيف سائين جي جواني ۽ سفر ١٦١

باب ستون
مخدوم محمد معين ٺٽوي سان ملاقات ١٧١

باب اٺون
خواجه محمد زمان سان ملاقات ١٧٥

باب نائون
شاه عنايت الله صوفي شهيد جي سماجي تحريڪ ١٨٧



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ڏھون

سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالت ١٩٣

باب يارھون

ڪربلا ۽ لطيف جي وفات ٢٠٧

## ڀاڱو ٽيون

لطيف سائين جي شاعري جو علامتي اپياس ٢١١-٤١٣

باب پھريون

شاہ لطيف ۽ ٻيا صوفي شاعر ٢١٣

باب ٻيو

لطيف ۽ ڪائنات ٢٢٣

باب ٽيون

وحدت جي وائي ٢٣١

باب چوٿون

ڪلياڻ - خير ۽ سلامتي وارو سُر ٢٤٣

باب پنجون

سُر يمن ڪلياڻ ٢٥٥

باب ڇھون

سُر ڪنڀات ٢٧٣

باب ستون

سُر سريراڳ ٢٨٥



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| باب اٺون | |
| سُر ساموندي | ٢٨٧ |
| باب نائون | |
| سُر سهڻي | ٢٩١ |
| باب ڏهون | |
| سُر سسئي آبري | ٢٩٥ |
| باب يارهون | |
| سُر معذوري | ٢٩٩ |
| باب ٻارهون | |
| سُر ديسي | ٣٠٣ |
| باب تيرهون | |
| سُر ڪوهياري | ٣٠٧ |
| باب چوڏهون | |
| سُر حسيني | ٣١١ |
| باب پندرهون | |
| سُر ليلا چنيسر | ٣١٥ |
| باب سورهون | |
| سُر مومل راڻو | ٣١٩ |
| باب سترهون | |
| سُر مارئي | ٣٢٩ |


soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ارڙهون
سُر کاموڏ ٣٣٧
باب اڻويهون
سُر گهاتو ٣٤١
باب ويهون
سُر سورٺ ٣٤٧
باب ايڪيهون
سُر ڪيڏارو ٣٦١
باب ٻاويهون
سُر سارنگ ٣٦٥
باب ٽيويهون
سُر آسا ٣٦٩
باب چوويهون
سُر رپ ٣٧٣
باب پنجويهون
سُر ڪاهوڙي ٣٧٧
باب ڇويهون
سُر بروو سنڌي ٣٨١
باب ستاويهون
سُر رامڪلي ٣٨٥



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب اڻاويهون

سُر کاپاڻتي ۳۸۷

باب اٺٽيهون

سُر پورب ۳۹۱

باب ٽيهون

سُر ڪارايل ۳۹۷

باب ايڪٽيهون

سُر پرڀاتي ۴۰۱

باب ٻٽيهون

سُر ڏهر ۴۰۵

باب ٽيٽيهون

سُر بلاول ۴۱۱



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ناشر طرفان

شاعر ۽ درويش، پنهنجن جذبن ۽ احساسن، توڙي پنهنجي اندر جي لوچ کي، وقت جي گهُرجن آهر، پنهنجن ماڻهن تائين رسائڻ جي پوري ڪوشش ڪندا رهيا آهن ۽ دلي جذبن ۽ ڪيفيتن جي لحاظ سان، انهن ۾ اهو اتساهه پيدا ڪيو تہ جيئن هنن ۾ جذبن جي سچي ڄاڻ پيدا ٿئي. انهن ڏاهن شاعرن ۽ ديندار بزرگن، پنهنجي بيمثال ذات جي املهہ خزانن جا دروازا، عام ماڻهن کوليا. اسان جي هنن درويشن، اسان کي تاريخ، ڏک سک، نزاڪت نفاست، سورهياڻي ۽ پڙ جي سختي سان گڏ، لکين واري روشن منزل جي ساڃهہ ڏني ۽ مڙني کان مٿاهون، هڪ اهڙو لازوال سنيهو ڏنو، جيڪو هر دور ۽ زماني ۾ نئون نڪور آهي، جيئن پٽائي بادشاهہ جو قول آهي تہ:

وکر سو وِهاءِ، پٽي پراڻو نہ ٿئي.

سنڌ جا ڀاڳ ڀلا جو ان جي سونهاري سرزمين تي، سدا حيات شاعر ۽ مفڪر ـ شاهہ عبداللطيف ـ جنم ورتو، جنهن اسان کي عالمگير فڪر جو اهڙو سهڻو سنيهو ڏنو، جنهن ۾ مادي توڙي روحاني لحاظ سان، هڪ اهڙي دنيا جو تصور پيش ڪيو، جنهن ۾ جذبن ۽ فڪر جي سگهہ ۽ سونهن آهي. لطيف جو ڪلام جو اهو ڪمال آهي جو ان جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ کان پوءِ، اهو خيال دل ۾ جاڳير ٿئي ٿو تہ هو ئي هڪڙو شاعر ۽ عارف آهي، جنهن ٻين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهون ٿا. سنڌس پيغام سنڌس مادري زبان، "سنڌي" ۾ هئڻ جي باوجود سڄي دنيا لاءِ آهي. ايئن وسهڻ نہ گهرجي تہ ننڍين قومن ۾، "ننڍا شاعر" جنم وٺندا آهن. شاهہ پنهنجي فڪر ۽ عام ماڻهن ۾ مقبوليت جي لحاظ کان، دنيا جي صوفياڻي سٽ جي شاعرن جو سر موڙ آهي، اها بدقسمتي آهي جو هن شاعر جي فڪر ۽ فن تي سنڌس معيار ۽ مقام موجب، بين الاقوامي سطح تي ڪو خاطر خواهہ ڌيان نہ ڏنو ويو آهي، اهو اسان جي پنهنجي ڪوتاهي ۽ سستيءَ جي ڪري ٿيو آهي. اسان شاهہ سائين بابت ڳالهيون تہ گهڻي ئي ٿا ڪريون، ڪيس انساني جذبن ۽ احساسن جو امين بہ چئون ٿا، تهذيب ۽ تمدن توڙي تاريخ جو محافظ بہ سڏيون ٿا، پر اسان پنهنجي نئين نسل کي انهن ڳالهين جي باري ۾ مناسب ڄاڻ نہ ڏئي سگهيا آهيون، نہ ئي اسان پاڻ ناتي طر سان سنڌس شاعريءَ جي گهرائي، ۽ انت تائين پهچي، اُن کي پُرجهي سگهيا آهيون.

ڪروڙن سالن کان ڪائنات جو هيءُ جڳت ساڳيو آهي، گهڻ وارن انسانن کي انهيءَ جي اسرارن جي سُڌ بہ ڪين هئي، پر انسان ترقي ڪئي ۽ نئين زماني جي علم، انهيءَ ڪائنات جي لڪل گوشن کي ڳولهي ظاهر ڪيو ۽ تحقيق جون نيون راهون روشن ٿيون. اڄ جي انسانن عقل آڏو اهو بہ اڃا بہ ٿورو ڪم آهي، جڻ ان جي مختصر گهرائيءَ تائين پهتو آهي. انساني تجسس اڃا گهٽيو نہ آهي. شاهہ سائين جي ڪلام بہ اسان لاءِ، هن وسيع ڪائنات مثال آهن، جنهن جي شارح جي ضرورت اڃا بہ موجود آهي. پيغام ۽ ڪلام ساڳيو ئي آهي، پر وقت بدلجي ويو آهي؛ اسان کي انهيءَ وهڃائيندڙ جي گهرج آهي جيڪو اسان تي لطيفي لاٽ جي ڪائنات جا ڳجهہ، سنڌس توڙي اسان جي زماني جي قدرن ۽ روين موجب، پڌرا ڪري ڏيکاري. اسان کي لطيف جي دائمي سچاين واري همت ۽ دليري جي ساڃهہ جي اڄ آهي؛ انهيءَ آواز جي گهرائي، اسان لاءِ روشني مثال هئڻ گهرجي، ۽ روشني ڪڏهن بہ انسان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناڪامي ۽ نااميدي واري ڳس تي نہ وٺي ويندي آهي. اسان اڄ جي دور ۾ پاڻ کي دنيا جي قديم تهذيب ۽ تمدن جي روايتن جا وارث چوايون ٿا، پر ان ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي امڙ جي پينگهي واري لولي جي بولي جي شاعر جي بيتن ۽ واين سان روح جو رشتو ڳنڍڻو پوندو تہ نئين زماني جي ضرورتن آهر سندس فڪر پيغام ۽ ڪلام تي، نئين روشني وجهڻي پوندي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ۽ سنڌ حڪومت جو ثقافت ۽ سياحت کاتو، پنهنجن محدود مالي وسيلن موجب، جيڪي هنن ادارن کي مليو آهي، ان کي شايع ڪرڻ جو سعيو ڪيو آهي. اسان جي آڏو "شاهہ جي رسالي" جي "مستند متن" شايع ڪرڻ اولين ترجيح ۾ آهي اسان جي نظر نئين تحقيق ڏي پڻ آهي. اڄ جو پڙهندڙ، مادي دنيا جي اثر هيٺ "ڇو ۽ ڇا" وارن سوالن ۾ ڪڙيل آهي. هو هر ڳالهہ تي پڪي پختي دليل کان پوءِ يقين ڪرڻ مناسب سمجهي ٿو، جيڪو عمل پنهنجي جاءِ تي هن وقت جي ضرورت آهي. ان لحاظ سان اسان لاءِ ضروري آهي تہ شاهہ سائين جي ڪلام ۽ پيغام تي جديد انداز موجب تحقيق ڪري، پنهنجي ايندڙ پيڙهين لاءِ ڪي واضح فيصلا ڇڏيون ۽ ڪين انهن تي پنهنجي مٿي نتيجن ڪڍڻ جو موقعو فراهم ڪريون. ساڳي ئي وقت شاهہ صاحب بابت گهڻي کان گهڻو مواد شايع ڪندا وڃون، جيئن لطيف سائين جو سنڌ تي جيڪو قرض آهي اهو لهندو وڃي ۽ نئين نسل لاءِ علم ۽ عقل جون راهون روشن ٿينديون وڃن.

اسان جي يونيورسٽين ۾، شاهہ جي ڪلام بابت تحقيق جو ڪم هلندڙ آهي، ۽ اِن ڏس ۾ گذريل سال شاهہ جي ميڙي جي موقعي تي ڊاڪٽر سوڍر جو مقالو شايع ڪيو هو، ۽ هن سال ڊاڪٽر غلام نبي سڏائي جو مقالو شايع ڪري رهيا آهيون. سڏائي صاحب جو مقالو تمام وڏو هو، جنهن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دنيا جي دستور موجب، سنڌس تحقيق کي جيهي رسائل کانسواءِ، ڪجهه قدر مختصر ڪري شايع ڪري رهيا آهيون. اڳتي به اسان هن نوعيت جي مقالن کي حاصل ڪري عالمن توڙي پڙهندڙن اڳيو پيش ڪندا رهون.

ڪراچي
۱۴ جون ۱۹۹۲

مخلص
عبدالحميد آخوند
سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت
سنڌ حڪومت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مهاڳ

سماج، فطرت جو اڻٽٽ انگ آهي جنهن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي فرد جي عملن جو اڀياس ڪرڻو پوندو. فرد جا عمل علامتن ذريعي ظاهر ٿين ٿا ۽ علامتون ٻولي جي ابتدائي صورت جو نالو آهن. ٻولي جا ڄاڻو علامتن کي عقل سليم جو مظهر ۽ ان جي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهن ٿا. محترم عبيدالله قدسي جو چوڻ آهي ته "آيتون ۽ علامتون ئي ڄاڻ سڃاڻ ۽ شناخت جو ذريعو آهن، جيڪي حيوان ۽ انسان، عقلمند ۽ بيوقوف ۾ فرق ظاهر ڪن ٿيون. جنهن ۾ به انهن آيتن ۽ علامتن جي سڃاڻپ، تميز ۽ ۽ حافظي جي قوت جيتري تيز هوندي، اوتري قدر ان ۾ عقل ۽ دانائي جو ڪمال زياده هوندو." (اوهام اور حقيقت" ص. ١٨٦)

سنڌي ٻولي ۾ به علامتن جو استعمال بهتر اظهار جو هڪ وسيلو آهي جنهن ۾ سماج جي ڏاهپ، سونهن ۽ سادگي جا سڀ پهلو نمايان نظر اچن ٿا. ٻولي جي ان ڪمال متعلق هاءِ رچلس لکي ٿو ته زبان جي استعمال ۾ انسان جي صلاحيت جي ڪري، ان کي جانورن جي مقابلي ۾ حد درجي جي سهوليت مهيا ٿي پئي آهي." ("فڪر سليم کي تربيت" ص. ٨٧) انسان جي انهيءَ صلاحيت کيس ڪائنات جي مڙني مخلوقات کان مٿيرو مان بخشيو آهي. اهڙي ٻولي کي سماجياتي لسانيات چئجي ٿو.

ٻولي جي انهيءَ وصف ڪري انسان پنهنجا تصور ۽ خيال ادب جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مختلف صنفن ۾ پيش ڪندو رهيو آهي جو ته هر هڪ زبان ۽ ادب تي ان ٻولي ۽ سماجي ڪردار جو وڏو اثر پوي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته "ويڙهاڪ قومن وٽ قصيدو، قصو ۽ بهادرائو شعر (Epic) وڌيڪ ٿو لکجي؛ دولتمند ۽ خوشحال قومن ۾ ناول، افسانو، گيت ۽ نيچري شعر وڌيڪ لکيو ويو آهي ۽ ڏنڙيل، ڌريل ۽ سٽيل سماج ۾ نڙ جا بيت (جو ته انهن ۾ ڪوڪارون ۽ دانهون ڪري ٿيون سگهجن)، چلڙا، (جو ته انهن ۾ پنهنجي روءِ سوءِ هيڪلائي، سڪ ۽ سوز جو اظهار ڪري سگهجي ٿو)، ڳجهارت ۽ پرولي ( جو ته انهن ۾ اظهار ڳجهو ۽ لڪائي ڪري ٿو سگهجي ته جيئن لوڪ لکا نه پوي) ۽ اهڙي ريت موزون بيت دوهو ۽ ڪافي لکيا ويا آهن." (سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" ص. ٧٠)

سنڌي ٻولي جو ادب، ڊاڪٽر ٻوهٽي جي بيان موجب، ڏنڙيل ۽ هيسيل سماج جي نشاندهي ڪري ٿو. ان ڪري اسان جي ادب ۾ اظهار جا اهڙا وسيلا استعمال ڪيا ويا جن جي ذريعي سماج جي صورتحال کي گهٽو ٽٽو علامتن جو روپ ڏيکائي پيش ڪيو ويو. محترم تنوير عباسي لکي ٿو ته "سچي شاعري اڻ سڌو اظهار آهي، ان ڪري اهڃاڻ جي معنيٰ ۾ سچي شاعري سمائجي ٿي وڃي." ("شاه لطيف جي شاعري" ص. ١٢٠) ساڳئي ڪتاب ۾ شيلي جوزف جو حوالو ڏيندي تنوير عباسي لکي ٿو ته "سمبالزم ڪنهن حقيقت جي هڪ سطح کان ٻي سطح تي آيل حقيقتن سان لاڳاپي کي چئجي ٿو." (ص. ١٢٠)

انهن ڳالهين مان اهو پڌرو ٿئي ٿو ته خيالن جي حقيقي سطح تائين رسائي جو ذريعو علامتون آهن. ان ڪري ئي شاعري ۽ علامتن جو عمل دخل صدين کان مروج رهيو آهي. علامت نگاري جيئن ته شاعر جي اندروني ڪيفيت جو اظهار آهي، ان ڪري اهڙي شاعري جي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي تہ نفسيات، حياتيات ۽ سماجيات جي علمن جو اڀياس ڪجي.

علامتي شاعري ۾ داخلي ڪيفيت، مواد ۽ ان جي اندروني روش ۽ لساني ترڪيب جي ميلاپ ڪي وساري نہ ٿو سگهجي. شاعري ڪيتري بہ مبهم ۽ اڻ سڌي هجي پر لساني حقيقت کان ٻاهر نہ ٿي وڃي سگهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ شعر اندروني ڪيفيت ۽ جذبي جو اظهار آهي پر انهيءَ ڪيفيت ۽ جذبي کي زبان کان سواءِ ڪا بہ صورت ڏيئي نہ ٿي سگهجي. علامتن جي اها نئين صورتگري پاڻ مرادو ڪونہ ٿي ٿئي پر ان سان شاعري جي تجربي جو تعلق آهي.

علامتي شاعري ۾ تخيل جي بلند پروازي ۽ حقائق نگاري کان نفي بہ اهڙا اهم پهلو آهن جن کي ادب ۾ ترقي جو وسيلو سمجهيو ويو آهي. پهرين حقيقت کي جديديت جو نالو ڏئي قدامت پسند ٽولو ان جي مخالفت ۾ نڪري آيو. علامت نگارن حقائق نگاري کان هٽي جديد طرز تي شاعري ڪئي ان ڪري ادب ۾ بہ اسڪول قديم ۽ جديد قائم ٿيندا آيا آهن. پهرين طبقي کي قدامت پرست سڏيو ويو ۽ پوئين طبقي پاڻ کي "ترقي پسند" چورايو.

ترقي پسندي ۽ قدامت پرستي جو اهو بحث تمام پراڻو آهي. نثر ۽ پراڻي شعري جو بحث بہ پنهنجي جاءِ تي قائم آهي ان جو بنيادي سبب اهو آهي تہ هر شخص جي زندگي جا ٻہ پاسا ٿين ٿا. هڪ خارجي ۽ ٻيو داخلي. سماج جو واسطو انسان سان آهي، تنهن ڪري لازمي طور تي فرد جي خارجي توڙي داخلي زندگي جي حقيقي مسئلن ۽ واقعن کي سمجهڻ ۽ انهن جي آڏو ايندڙ رڪاوٽن سان مقابلو ڪرڻ سان ئي زندگي جي سچي تڪميل ٿئي ٿي.

ڪي انسان تہ پنهنجي سماج ۾ مروج قدرن ۽ خارجي سکهن سان ٺاهہ ڪري ويندا آهن پر ڪي انهن کان منهن موڙي پاسي ٿي رهندا آهن. سندن خيال موجب ائين ڪرڻ سان زندگي مسئلن جي سمنڊ مان نڪري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرامن ۽ پر لطف وادي جو نمونو بڻجي پوي ٿي. پر سچي زندگي مادي مسئلن ۽ خارجي توڙي اندروني سگهن سان مقابلي سان حاصل ٿئي ٿي.

پراڻي دور ۽ اڄ جي دور جي انسان ۾ بنيادي طور تي جيڪو فرق آهي، اهو سماجي ۽ نفسياتي طور تي قدرن جي اڻ برابري جو آهي. اڄ جو انسان جديد سماجي قدرن ۽ حقيقتن کان فرار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته سندس اهو عمل عقل ۽ فهم جي خلاف سمجهيو ويندو. اڄ جو انسان زندگي جي گهڻن مسئلن جي حال جي ڄاڻ رکي ٿو. پر پراڻي دور جو انسان هن ڌرتي تي پيدا ٿيندڙ مسئلن ۾ منجهي پيو هو. هو هڪ پاسي قدرت جي مناظر کان ڊڄي رهيو هو ته ٻئي پاسي پنهنجي هم جنس مخلوق جي زور آوري ۽ ڏاڍ مڙسي کان ڏکي رهيو هو. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر بوهيو لکي ٿو ته " ان ڪري ئي تمام پراڻن ڪتابن جا ليکڪ ڊڄڻ ۽ پاڻ بچائڻ جو حڪم ڏيئي رهيا آهن." ("ادب جا فڪري محرڪ" ص ـ ٦١)

اهڙي تصور جي اُيرڻ ڪري، انسان پنهنجي بهادرانه فطرت وڃائي ويٺو ۽ وقت جي ڏاڍن سان مقابلي جي سگهه به ڏينهون ڏينهن وڃائيندو رهيو. اهڙي هيسيل ڪائنات ۾ فطرت پنهنجي رنگ ۽ انسانن جي بهتري لاءِ وقت بوقت سماج سڌارڪ، پيغمبر ۽ رسول موڪلي، رکيا ڪئي آهي. اهڙي قسم جي شاهدي حضرت سليمان عليه السلام جي قولن مان ملي ٿي. جن مان ڪجهه مسٽر گن ترجمو ڪيا آهن، جيڪي اوائلي دور جي هيسيل انسان جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ مفيد آهن. مثال طور؛ "ميان صاحب ماڻهن ۾ ڊڄ پيدا نه ڪر، خدا ڏاڍو ٿي، ۽ خدا اهڙيون ڳالهيون پسند نه ٿو ڪري." ("ادب جا فڪري محرڪ" ص ـ ٦٢)

خوف جي ڪري ماڻهو نااميد ٿي پيا ۽ اهڙي ريت انهن سيني ڏيڇارينڌڙ شين لاءِ اهو تصور ڪيو ويو ته اهي روح (آتما) واريون آهن. ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ٻي جان شيون به ماڻهن جي خوف جو سبب بڻيون ۽ ماڻهو انهن کي به روح وارين شخصيتن تصور ڪرڻ لڳا. ان ڪان به گهڻو اڳ نسيم نيشو نور قديم دور جي انسان لاءِ پنهنجا ويچار ڏيندي لکي ٿو ته "تمام اوائلي دور ۾ قديم انسان جي ذهن ۾ روح جو تصور موجود ٿي ڪونه هو. خواب ۽ موت جو تصور هوندو هو... نفسياتي طور تي گهٽي پاڳي صرف"اونارو (Night Mares) هئا جن کي اسين خواب جيان ڀوائتا خيال چئي سگهون ٿا. قديم انسان موت کي "خوفناڪ اونارا" سمجهندو هو. انهيءَ "اوناري" قديم قومن ۽ قبيلن ۾ بت پرستي کي ڦهلايو ۽ علامت نگاري ان سان گڏجي روح جي تصور کي ڀاڦرادو تخليق ڪري ڇڏيو. (ماهنامه. "ماه نو" وزارت اطلاعات. اسلام. آباد. نومبر ١٩٨٧ع . ص. ٢٠) اهو ئي سبب آهي جو ان دور جي ڪهاڻين (لوڪ ڪهاڻين) ۾ خوف جو عنصر موجود آهي ۽ مها ڪهاڻين ۾ انسان کي فاني ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

انسان پنهنجي وجود جي بقا لاءِ جنگ لڙندو رهيو. "ڏاڍو سو ڳابو" وارو مثال ان دور جو سماجي قدر هو. پر ان هٺ ٺوڪي قانون گهڻو وقت بقا ڪونه ڪيو ۽ فرد پنهنجي رهبرن جي رهنمائي هيٺ پنهنجي ٽڙيل پکڙيل قوت کي گڏ ڪري، پنهنجي حيثيت برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. اهڙي ريت سماج ۾ ٻه طبقا پيدا ٿيا ۽ ٻئي طبقا انساني زندگي جا ٻه مختلف رُخ آهن. جنهن طبقي حاڪم، وڏيري، ڏاڍي ۽ هٺ ٺوڪي مذهبي رهنمائن جي نمائندگي ڪئي تنهن کي "قدامت پرست" ۽ جنهن ٽولي ان جي ابتڙ ڪم ڪيو تنهن کي "ترقي پسند" جي نالن سان سڏيو ويو. ادب ۾ اهي ٻئي پهلو گڏوگڏ رهيا آهن ۽ ٻئي پهلو "جبر" ۽ "اختيار" جي اصطلاحي روپ ۾ اڄ به متنازعه صورت ۾ موجود آهن.

ڏتڙيل ۽ هيسيل انسان جو به ٻاهرين دنيا سان واسطو رهي ٿو. اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واسطو سماجي نظام سان ڳنڍيل آهي. انهيءَ ڪري هر سماج جو شاعر يا اديب هڪ مخصوص دائري ۾ ڪم ڪري ٿو. شاعر پنهنجي ماحول ۾ ٿيندڙ تبديلين جو جائزو وٺي، انهن احساسن ۽ جذبن کي بيان ڪرڻ لاءِ اظهار جو مروجه طريقو ڳوليندو آهي. جنهن سماج ۾ سماجي ۽ سياسي حالتون شاعر لاءِ سازگار نہ هجن تہ اهڙي صورتحال ۾ شاعر خاموشي ڪيئن اختيار ڪري سگهي ٿو. اهڙي صورت ۾ شاعر پنهنجا جذبا ۽ احساس ظاهر ڪرڻ لاءِ علامتي بولي جو سهارو وٺي ٿو. اظهار جي انهيءَ طريقي کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي طريقا آهن. جيئن تہ فن صرف تجربي جي موثر قاعدي کي مڃي ٿو، پر جي اهو قاعدو، سماجي قدرن ۽ مروجه ملڪي نظام سان ٽڪرائي ٿو تہ اهڙي حالت ۾ اظهار جون ڪيتريون ئي صورتون پيدا ٿين ٿيون.

پهرين حالت ۾ فنڪار خاموشي اختيار ڪري ٿو ۽ ضمير جي دردن ۽ سورن کي اندر ۾ سانديو ڦرندو رهندو آهي. ٻي حالت ۾ فنڪار ڪنهن اهڙي ملڪ ۾ پناهہ وٺي ٿو، جتي شخصي آزادي هجي ۽ اظهار ۽ ابلاغ تي ڪا پابندي نہ هجي. ٽين حالت ۾ سماجي ۽ سياسي قاعدن جي پرواهہ نہ ڪندي کليل اظهار جو رستو اختيار ڪيو ويندو آهي، جيئن بلها شاهہ، سچل سرمست، خواجه غلام فريد ۽ سلطان باهو جي شاعري آهي. اهڙين حالتن ۾ شاعر کي سماج جي قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪري ڪڏهن ڪڏهن سزا بہ ڀوڳڻي پوندي آهي. چوٿين حالت ۾ شاعر پنهنجي تجربي کي هڪ اهڙي زبان ۽ اسلوب ۾ پيش ڪري ٿو جنهن کي موجوده دور ۾ علامت نگاري چيو وڃي ٿو. اهڙي حالت ۾ شاعر پنهنجو تجربو شعوري طور تي مٿاڇري معنيٰ سان گڏ، اصلي ۽ اعليٰ مفهوم بيان ڪري، هڪ ئي ڳالهہ جي پردي ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ڪري ويندو آهي.

شاهہ لطيف جي شاعري علامتي نوعيت جي آهي. سندس سڀ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻي ڀاڱي ۾ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح بيان ڪئي وئي آهي. لطيف سائين جي سوانح کي نئين تحقيق جي روشني ۾ ڏسندي، سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالتن جو جائزو پڻ ورتو ويو آهي. سنڌس همعصر شاعرن سان ملاقات ۽ ٻين اهم واقعن ۽ تصوف جي رازن کي علامتي طور تي ڏسندي، سائنسي ۽ منطقي نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

ٽين ۽ آخري ڀاڱي ۾ اسان لطيف سائين جي رسالي جو سُر وار جائزو ورتو آهي. هن ڀاڱي ۾ هرهڪ ڪهاڻي، مها ڪهاڻي ۽ انهن ڪهاڻين جي ڪردارن، شين ۽ ٻين عوامل جي علامتي روپ کي نروار ڪيو ويو آهي. هن ڀاڱي ۾ سنڌي سماج ۽ فرد جي نفسياتي لاڙن کي سامهون رکي، شاعري جو اڀياس ڪيو ويو آهي. اهو اڀياس ان لحاظ کان به اهم آهي جو اسان جي سماج ۽ ان ۾ مروج قدرن کي انساني تاريخ جي پس منظر ۾ اجا سوڌو جاچيو ڪونه ويو هو. اهڙي طرح اهو جائزو گهڻ مقصدو ۽ خالص علامتي بڻجي پيو آهي.

انهيءَ لحاظ سان اسان اهو چوڻ جو حق رکون ٿا ته هي "مقالو" سنڌي ادب ۾ علامت نگاري جي موضوع تي پهرين مستند ڪوشش آهي ۽ خاص طور تي لطيف سائين جي علامتي شاعري جو اڀياس ڪيترن ئي گم ٿيل مقصدن تائين رسائي جو سبب بڻجي سگهيو آهي. انهيءَ مان ڪجهه اهم مقصد هي آهن.

١. سنڌي ادب ۾ فنِ علامت نگاري جي موضوع تي نيون راهون ڏسجن ۽ فني ۽ تاريخي اهميت تي ويچار ڪجي.

٢. اهو ڏسجي ته لطيف جي دور ۾ سنڌي سماج، سماجي، سياسي، اقتصادي، مذهبي ۽ تعليمي لحاظ سان ڪهڙي سطح تي هو.

٣. اهو ڏسجي ته سنڌي سماج ۽ ڪائناتي مسئلن کي لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تصوف جي ڪهڙي بنياد تي پرکيو آهي.

۴. سماجياتي لسانيات جي لحاظ کان علامت نگاري جي درجہ بندي جي اِپياس سان ڪهڙا نتيجا ظاهر ٿين ٿا.

علامت نگاري ڪي بطور فن ڪڏهن کان مڃيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ مون پنهنجا خيال هڪ مقالي ۾ ظاهر ڪري چڪو آهيان. ("نرتي تد نياز سين" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ـ ١٩٨٨) جنهن مطابق مغربي شاعريءَ ۾ علامت نگاري جي شروعات صوفي شاعرن سويڊن بورگ (١٦٨٨ ـ ١٧٧٢) يا سينٽ مارٽن (١٧٤٣ ـ ١٧٨٣) کان ٿي. انسائيڪلوپيڊيا برطاني مطابق اسٽيفن ملارمي ۽ پال ورلائين انهيءَ شاعرائي تحريڪ جا باني آهن. ساڳي ٿي مضمون ۾ مون پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو آهي تہ "جديد ادبي دنيا ۾ مروج علامت نگاري جي شروعات ٽين صدي هجري يعني ڏهين صدي عيسوي جي ٻي ڏهاڪي ۾ شام ولايت ۾ ٿي. ان تحريڪ جو پايو وجهندڙ ابو طيب احمد بن حسين متنبي (٣٠٢ ـ ٣٥٢ هـ مطابق ٩٦٦ ـ ٩٦٧ع آهي."

منهنجي انهن خيالن جو بنياد گهڻو ڪري سيد جليل الرحمان اعظمي جي لکيل ڪتاب "ابو طيب متنبي" ۽ استاذ احمد حسين زيات جي ترجمو ٿيل ڪتاب تاريخ عربي ادب تي مشتمل آهي. سيد جليل الرحمان اعظمي، لکي ٿو تہ "اها هڪ حقيقت آهي تہ متنبي لفظ جي ظاهري ۽ بنيادي معنيٰ، تخيل جي بلند پروازي کي شاعري جو مرڪز بڻايو هو. ان ڪري قدامت پرست جيڪي حقائق نگاريءَ کي ئي شاعري سمجهندا هئا، ان جديد طرز جي مخالفت ۾ سينو تاڻي بيٺا. متنبي جي دور ۾ سندس جديد طرز جي شعر لکڻ ڪري، عربي ادب ۾ بہ قديم ۽ جديد اسڪول قائم ٿي پيا". (ابو طيب متنبي" ص ـ ٢۴)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ ٻي مضمون ۾ مون اهو به واضح ڪيو ته متنبي کان اڳ "بشارت بهريون شاعر آهي جنهن اختراع معنيٰ جو بنياد وڌو." ان کان پوءِ ابو نواس، ابن الرومي، ان کي وڌيڪ ساراهيو. پر متنبي ان کي ترقي جي انهيءَ منزل تي پهچايو جنهن ۾ ٻيو ڪو به اضافو ڪري نه سگهيو. اهڙي طرح عربي شاعري جي تاريخ ۾ هن جديد طرز جو بنياد پيو. (ماهوار پيغام" . اپريل ١٩٨٧ . ص ٢٧)

متنبي جي ڪلام جو فارسي شاعرن تي به وڏو اثر رهيو آهي جن مان عنصري، منو چهري، فخر الدين گرگاني، انور اسدي طوسي، ظهير الدين فاريابي ۽ شيخ سعدي اهم آهن، جيڪي پنجين ڇهين صدي هجري جا استاد شاعر ليکيا وڃن ٿا. ("ابو طيب متنبي ص . ١٢)

ايران جي شاعرن جو حوالو ڏيندي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته تمدن جي فرق سبب عشقيه شاعري ۾ ايران عرب کان زور آهي. آبهوا جي فرق سبب فارسي شاعري ۾ بهار ۽ برسات جو ذڪر عام جام آهي... ايستائين جو فارسي زبان ۾ گل کي نئون مفهوم مليو آهي." (سنڌي شاعري تي فارسي شاعري جو اثر" ص ٢٦) "گل" جي انهيءَ نئين معنيٰ ۽ مفهوم کي علامت چئجي ٿو.

محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب پنهنجي پي ايچ ڊي جي مقالي لکڻ دوران علامت نگاري جي فن جو به مطالعو ڪيو. ان ڪري مون کي سنڌي ادب ۾ لطيف سائين جي حوالي سان، علامت نگاري جي فن تي ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏنائين جيڪو سنڌي ادب ۾ پنهنجي لحاظ سان هڪ منفرد ۽ نئون ڪم آهي.

هن مقالي ۾ ڪيترن اهڙن مسئلن جو به ذڪر ٿيل آهي جن تي ڊيڪ تحقيق ڪري سگهجي ٿي. نه صرف ايترو پر هن موضوع جي وسعت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي سامهون رکندي هن فن تي جدا جدا رايا ڏيڻ جي گنجائش به آهي.

سنڌي ادب ۾ علامت نگاري تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. تاهم انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو محترم تنوير عباسي، محترم رشيد ڀٽي، محترم بدر ابڙو ۽ محترم ممتاز مهر جا نالا وٺي سگهجن ٿا.

علامت نگاري جي حوالي سان لطيف سائين جي فن ۽ فڪر تي منطقي ۽ سائنسي بنيادن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ، محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي نه صرف مون کي وقت بوقت مفيد مشورا ڏنا پر مون کي ڪم ڪرڻ لاءِ مواد به ميسر ڪري ڏنو جنهن جي ڪري ئي آئون هي مقالو لکڻ جي قابل ٿيو آهيان.

هن مقالي لکڻ دوران مون تي ڪيترن صاحبن پال پلايا. ان ڪري اهو اخلاقي طور تي مون تي لازم آهي ته اهڙين شخصيتن جي مدد واري عمل جو دل جي گهراين سان اعتراف ڪريان. منهنجي گهڻي ۾ گهڻي مدد منهنجي محسن ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، چيئرمين، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي جن ڪرڻ فرمائي، جنهن جي مهرباني، شفقت ۽ مشورن جو اعتراف آءٌ مٿي به ڪري آيو آهيان.

توڙا نه ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.

محترم تنوير عباسي جا لک ٿورا جنهن جي ڪتابن جي معرفت ۽ روبرو راين سان آءٌ لطيف سائين تي لکڻ جي قابل ٿيس. سائين ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جو تهه دل سان ٿورائتو آهيان جنهن تحقيق جي مسئلن متعلق مفيد مشورا ڏنا ۽ انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڪتابن منهنجي وڏي رهنمائي ڪئي. آءٌ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو به مشڪور آهيان جنهن صاحب مصروفيت جي باوجود به منهنجي عنوان متعلق خطن ذريعي مفيد مشورا ڏنا ۽ منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

همت افزائي ڪئي.

مان ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جا ٿورا مڃڻ بہ ضروري ٿو سمجهان، جن پنهنجي ملاقاتن ۾ مون کي ڪم ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ پنهنجي گرانقدر مشورن سان نوازيو.

مان پنهنجي سائين پروفيسر محمد علي سانگي، پرنسپل گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جيڪب آباد جو بيحد مشڪور آهيان جنهن عربي ۽ فارسي ادب جي باري ۾ ذاتي ڪتاب ڏنا ۽ عربي شاعري جي سلسلي ۾ منهنجي مدد ڪئي.

آءٌ پروفيسر محمد يونس قريشي، پروفيسر ريوا چندگر ۽ پروفيسر لياقت علي خان جو بہ نهايت ٿورائتو آهيان جن صاحبن وقت بوقت مقالي جي فني جوڙجڪ متعلق منهنجي مدد ڪئي. مسٽر غلام علي منگي لئبريرين جو ٿورائتو آهيان جنهن گورنمينٽ ڪاليج جي لائبريري مان مڪمل استفادو حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجي همت افزائي ڪئي.

پنهنجي دوستن ۽ محسنن محترم فقير محمد لاشاري، هدايت منگي، محترم فتاح عابد، محترم جيئل راءِ اوڏ، محترم داد محمد خادم ۽ ايس سيوهاڻي جو بيحد ٿورائتو آهيان، جن هن مقالي جي باري ۾ ڪافي مواد منهنجي حوالي ڪيو.

آخر ۾ مان پروفيسر عبدالمنان چانڊيو جو بہ ٿورائتو آهيان جيڪو مقالي جي تياري دوران ۽ علمي ڳالهين ۾ منهنجي مدد ڪندو رهيو.

غلام نبي سڏايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻاڳو ڀيرو

## ٻولي، علامت نگاري ۽ ان سان واسطو رکندڙ عنصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پهريون

# انساني شعور جي اوسر

**اڊ، ايگو ۽ سپر، ايگو:** فطرت جي تخليق نهايت پيچيده ۽ منجهيل مسئلو آهي، يعني هر أها شيءِ جنهن جو تعلق شعور سان ناهي تنهن ۾ هر ڪا شيءِ چرپر ڪندي رهي ٿي. اها تبديلي يا چرپر اندروني مخالف ۽ ابتڙ حالتن جي ڪري ٿئي ٿي. انهيءَ ٽڪراءُ ۽ مخالفت جي ڪري شين ۾ تبديلي رونما ٿئي ٿي ۽ ان جي ڪري شين ۾ ترقي يا تنزل ٿئي ٿو. اهو فطري قاعدو صدين کان انسان توڙي جمادات، حيوانات، معدنيات ۽ نباتات سان پڻ لاڳو رهندو آيو آهي. انهيءَ ۾ ڏاهه جي اصول پٺاندڙ انساني سماج جي ارتقا ٿي، جو ته سماج فطرت جو اٽوٽ حصو آهي. سماج کي سمجهڻ لاءِ اسانکي انساني زندگي جو اڀياس ڪرڻو پوندو. انساني زندگي علامتن جو ڀنڊار آهي ۽ علامتون ٻولي جي ابتدائي صورت جو نالو آهن، جيڪي ڪنهن شيءِ يا واقعي جي ظاهر ٿيڻ سبب انساني شعور تي اڪري ويون هونديون ۽ شعور انهن شين يا واقعن کي ڪو نالو ڏئي علامتي طور تي ظاهر ڪيو هوندو. شروعاتي دور جو انسان جهنگلي زندگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داخلي تجربن جي هڪ اهڙي دنيا آهي جيڪا ٻاهرين وجود کي تسليم نٿي ڪري. مطلب تہ اڊ تي جبلتن جو راڄ آهي. ان ۾ رهي انسان پنهنجي ماحول جي هر شيءِ سان نباهه ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن اوچتو سندن اندروني اُڀار (جنهن جو ذڪر مٿي ڪيل آهي) مان شعور جو سوجهرو ظاهر ٿيو ۽ اهڙي ريت فرائڊ چواڻي؛ اڊ جي اندر ايگو ظاهر ٿيو ۽ پيدا ٿيڻ سان ئي ذهن داخلي شين کي خارجي شين سان ڀيٽڻ لڳو. ايگو اهو ناهي پڇندو تہ شيءِ ۾ لطف آهي يا تڪليف رسائيندڙ. پر اهو صرف اهو پڇندو آهي تہ شيءِ سچ آهي يا ڪوڙ. اهڙي ريت انهن ٻنهي صورتن کان وڌيڪ سڌريل ۽ سنواريل صورت "سپر ايگو" آهي جا انساني شخصيت جي ٽين سطح آهي، جيڪا معاشري جي قديم اقدار جي نمائندگي ڪري ٿي.ا نسان سان گڏ "سپر ايگو" انساني شخصيت جو اخلاقي جائزو بہ وٺي ٿو. هن جو بہ ڪنهن سچ ۽ ڪوڙ سان واسطو نہ هوندو آهي. بلڪہ هو تجربي جي آڌار تي نيڪي ۽ بدي جي ڄاڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ساڳي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ عقل، فهم ۽ تجربي کي استعمال ڪرڻ لاءِ ڪلام پاڪ جي پاري سيقول جي سوره البقره جي آيت ۱۶۴ ۾ فرمايو ويو آهي:

"آسمانن ۽ زمين جي بڻائڻ (۾) ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير (۾) ۽ ٻيڙيون جي انهيءَ (سامان) سان، جو ماڻهن کي نفعو ڏيندو آهي درياءَ ۾ ترنديون آهن تن (۾) ۽ جيڪي آسمان کان (مينهن جو) پاڻي الله وسايو پوءِ ان سان زمين کي ان جي وسامڻ کان پوءِ آباد ڪيائين تنهن (۾) ۽ اُن (زمين) ۾ سڀ جنس جا جانور پکيڙيائين، تنهن (۾) ۽ هوائن جي گهلڻ (۾) ۽ آسمانن ۽ زمين جي وچ ۾ نوايلن ڪڪرن ۾ سمجهہ واريءَ قوم لاءِ ضرور نشانيون آهن". (ترجمو: حضرت مولانا سيد تاج محمود رحہ امروٽي. ـ ص ۳۱ ـ ۳۲ )



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گذارڻ جو عادي ھو. ھن کي پنھنجي ارد گرد ھر قسم جا حيوانات، نباتات، حشرات ۽ جمادات پکڙيل نظر آيا. ھو پاڻ کي پڻ انھن کان ڏار ڪونہ سمجھندو ھو. پر جڏھن ڪيس شعور جي روشني سان آراستہ ڪيو ويو تڏھن بتدريج ترقي جون منزلون طئي ڪندو زندگي جي ھر ميدان تي پنھجي فن ۽ فڪر کي ظاھر ڪندو رھيو.

انساني دماغ ان شعور جي سطح تي پھچڻ لاءِ تجربن جي دنيا مان گذريو آھي. اڄ کان جڏھن لکين سال اڳ انساني دماغ جي ساڄي طرف ھڪ اڀار پيدا ٿيو، تڏھن انسان جي جبلت جو ظھور ٿيو. پر سڀ کان وڏو معجزو سندس دماغ جي داخلي سطح سان واسطو رکي ٿو جتي لاشعور جي بي رنگ ۽ بي صورت سمنڊ مان شعور جو ٻيٽ پڌرو ٿيو. فرائڊ ۽ يونگ ٻنھي داخلي سطح جي ان ٻيٽ کي ايگو (Ego) سڏيو آھي. مگر اھو سمنڊ جتان اھو ٻيٽ نمودار ٿيو ٻنھي لاءِ مختلف ڪيفيتن جو اعلان ھو. سگمنڊ فرائڊ (Sigmund Freud) ان سمنڊ ۾ معاشري جون سڀ گنديون ناليون خالي ٿينديون ڏٺيون. جڏھن تہ يونگ محسوس ڪيو تہ ھن سمنڊ ۾ معاشري جي اجتماعي شخصيت جا سڀ درياھ ڪرن ٿا. (١)

انھيءَ متين تفاوت کي جنھن نموني فرائڊ واضح ڪيو آھي ان جو سڌو سنئون تعلق انساني نفسيات سان آھي. فرائڊ چئي ٿو تہ انساني شخصيت جا ٽي حصا آھن.

١۔اِڊ (ID) ھي شخصيت جي جبلتي سطح آھي.
٢۔ايگو (Ego) ھي وري شخصيت جي نفسياتي سطح آھي ۽
٣۔سپر ايگو (Super Ego) ھي ان جي سماجي سطح آھي.

اِڊ (ID) انساني نفسيات جو اھڙو دائرو آھي جنھن ۾ ايگو ۽ سپر ايگو سجاتا وڃن ٿا (٢). اِڊ نفسياتي قوت جو سرچشمو آھي. ھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي سڀ خدا جي وحدانيت ۽ طاقت جون علامتون آهن. جنهن ۾ شعور ۾ اچڻ بعد عقل ۽ فهم يعني عقل سليم رکڻ وارن لاءِ تلقين ڪيل آهي.

اهي آيتون ۽ علامتون ئي ڄاڻ سڃاڻ ۽ شناخت جو ذريعو آهن جيڪي حيوان ۽ انسان، ۽ عقلمند ۽ بيوقوف ۾ فرق ظاهر ڪن ٿيون. جنهن ۾ انهن آيتن ۽ علامتن جي شناخت، تميز ۽ حافظي جي قوت جيتري زياده هوندي، اوتري قدر ان ۾ عقل ۽ دانائي جو ڪمال زياده هوندو آهي. (۴)

فرينچ شاعر بود ليئر هن ڪائنات کي علامتن جو جهنگل سڏيو آهي (۵). رنگن، آوازن ۽ جسمن جي هن جهنگل ۾ انسان بہ ٻين جانورن جيان محض جبلتن جي سهاري رستو ڳولهڻ تي قادر هو. پر پوءِ هيئن ٿيو جو ڪنهن شيءِ يا واقعي ان جو پورو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو هوندو ۽ نتيجي طور انسان جي دل اندر ۾ هڪ اهڙي جذباتي هلچل پيدا ٿي جو ڪيس ان مظهر يا شيءِ کي نالو ڏيڻو پيو هوندو. نالي ڏيڻ جو مطلب اهو هو تہ انسان شيءِ يا واقعي کي واقعات جي جهنگل کان ڇني ڌار ڪري ان کي خالص ڪردار يا انفراديت بخشي ڇڏي.(٦)

هونئن تہ انسان ۽ حيوان ٻنهي ۾ جبلت موجود آهي پر انسان ۽ حيوان ۾ جيڪو واضح فرق موجود آهي اهو آهي ناطق هجڻ جو. ان ڪري هائي رجلس چوي ٿو: "زبان جي استعمال ۾ انسان جي صلاحيت جي ڪري ان کي جانورن جي مقابلي ۾ حد درجي جي سهوليت مهيا ٿي پئي آهي (٧)." ٻولي جي ٺهڻ لاءِ معنائن جو ٺهڻ لازمي امر آهي ۽ اهي معنائون بہ هڪ طرح پنهنجي اندر ۾ قوت رکن ٿيون. ڇو تہ شيءِ ۽ معني جي وچ ۾ جيڪا نسبت ۽ لاڳاپو آهي سي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاٺمرادو قائم ڪونہ ٿيون آهن. پر اهو تجربي جي بنياد تي ۽ ضرورتن تحت قائم ٿيو. "انسان ۽ حيوان سڀ خيالي قوت رکن ٿا انهي خيالي قوت ۾ (هڪ پاسي) معنائون بہ جسماني لباس پهريندڙيون آهن تہ ٻئي پاسي جسم ۽ جسماني شيون معنائن جي رنگ ۾ ڏيکاءُ ڏينديون آهن. انهن معنائن ۽ جسماني صورتن جي وچ ۾ ڪي لاڳاپا هوندا آهن. (٨) اهو لاڳاپو شين ۽ نالن جي وچ ۾ هڪ تعلق آهي، جيڪو ٻولي کي آفاقي حيثيت بخشي ٿو.

**ٻولي جي علامتي حيثيت:** ٻولي جو انتهائي عجيب پهلو اهو آهي جنهن ۾نالا شامل آهن. نالا ماڻهن جا، شين جا ۽ جاين جا ٿين ٿا. نالن جي اپياس مان ٻولي جون وڌندڙ اظهاري حدون بہ معلوم ڪري ٿيون سگهجن.(٩) جيئن متي چيو ويو آهي تہ شروع شروع ۾ انسان جهنگل جو باسي هو، ان ڪري ڪيترن ماڻهن جي نالن جي اپياس مان معلوم ٿيندو تہ اها حيواني جبلت اڃ بہ انسانن تي نالن جي روپ ۾ حاوي آهي. مثال طور ڪيترن ماڻهن جا نالا آهن ڪرڙ، توهہ، سنگهہ، موتي، هيرو، سنڌو، سارنگ، مهراڻ وغيره.

علامتون ٻوليءَ جي ايڪائي يا پيداواري صورت آهن. ان ڪري، علامتن کي سمجهڻ لاءِ ٻوليءَ جو اپياس تمام ضروري آهي. ڪيسرر چوي ٿو تہ زبان جا ٻہ روپ آهن: منطقي ۽ تخليقي. منطقي رُخ سان زبان شعور جي حدن کي وسيع ڪري ٿي. هي اهڙو ئي مثال آهي جيئن لالٽين جي وٽ کي ڪو شخص آهستي آهستي مٿي ڪندو وڃي ۽ روشني جو دائرو بتدريج وڌندو رهي. پر جيئن تہ اوندهہ جو راڄ وسيع ۽ لا محدود آهي ان ڪري روشني پنهنجي پوري ڪوشش جي باوجود بہ ان کي ختم ڪري نٿي سگهي. اهڙي ريت زبان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منطقي رُخ بہ ڪوشش جي باوجود شعور جي روشني سان اُونده کي
ختم ڪري نٿو سگهي. ٻي پاسي زبان جو تخليقي رُخ آهي جو ڪنهن
شيءِ يا واقعي تي مرڪوز ٿي، هڪ پل ۾ "ڪُل" کي دريافت ڪري
وٺي ٿو. ان ڪري هر قدم تي شعور ۾ صورتون اختيار ڪندو آهي.
هڪ تہ تدريجي ارتقا جي صورت، جيڪا تضادات کي دريافت ڪري
ٿي ۽ ٻي جستجو جي صورت آهي جا شيءِ جي تشخص ۽ شناخت تي
قادر آهي (١٠). اهڙي طرح ٻولي جو ٺهڻ ڪنهن واقعي يا سبب ڪري
شين تي نالي پوڻ ڪري ٿيو. يعني هر نالو ڪنهن تجربي جي صورت
آهي ۽ جنهن کي مستقل حيثيت آهي. اها نالي جي مستقل صورت هڪ
سماج جي دائري اندر رهي ٿي. جو تہ سماج فطرت جو لازمي حصو
آهي ۽ ٻئي هڪ ٻئي تي انحصار ڪن ٿا. سماج جيڪي ڪجهہ ڪري
ٿو سو سڀ سندس ثقافت (Culture) سڏجي ٿو. جنهن ۾ مادي ۽
غيرمادي (Non-Material) شيون شامل آهن (١١).

انساني زندگي جون ڪيتريون حالتون جي صفتن تي مشتمل
آهن سي اسم يا نالا اڳ ۾ ئي هونديون آهن. جهڙوڪ "لطيف" يا
"رحيم" يا "هري" جيڪي اصل صفتن جون صورتون آهن پر ساڳي
هنڌ موصوف بڻجڻ ڪري "اسم" ٿي پيا آهن. زندگي جون ڪيتريون
ئي صورتون جيڪي صفتون آهن سي حقيقت تڏهن ٿيون بڻجن جڏهن
اهي صفتون موصوف بڻجڻ جو عمل اختيار ڪن ٿيون. هاٺوڪين ٻولين
۾ بک، همت، گناه، هوش، موت ۽ زندگي ۽ ٻيون اهڙيون روايتون يا
تہ ٻولي جي روايتن مان پيدا ٿيون آهن يا وري شاعرائي تخيل ۾ بہ
اهڙيون خصوصيتون موجود رهن ٿيون جو انهن ۾ بہ اهي اهڙيون
خصوصيتون سمائجي سگهجن.

زندگي جي باري ۾ موجوده تصور خيالي هجن يا حقيقت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صورت ۾ هجن انهن جو بنياد صفتن تي ٿي آهي ۽ اهي صفتون اڳتي جدا جدا نالن سان نروار ٿي اسان جي ٻوليءَ ۾ ظاهر ٿين ٿيون. ان ڪري زندگي جي سيني حقيقتن کي سمجهائڻ لاءِ اسان وٽ بهترين وسيلو صرف ٻوليءَ جو وسيلو آهي ۽ سڀ آسماني ڪتاب بہ ٻولين جي صورت ۾ موجود آهن.

انهيءَ ڪري زندگي ۽ موت جي باري ۾ اسان وٽ جيڪي شاهديون آهن، اهي بہ ٻوليءَ جون شاهديون آهن. ٻوليءَ جي شاهدين کي ڪم آڻڻ جو طريقو لسانيات جي علم ۾ "بوس جو قانون" ٿو سڏجي. بوس جو قانون هي آهي:

"جيترو وڌيڪ اسان ڪنهن صفت کي موصوف حقيقي اسم سمجهنداسون، اوترو ئي گهٽ ان صفت جو وجود پنهنجي موصوف حقيقي سان لاڳاپي ۾ رهندو."

معلوم ٿو ٿئي تہ علامت جو تعلق هن قانون سان ڪيترو نہ گهاٽو آهي. اهڃاڻ (علامتون) جيڪي مادي حقيقتن مان ڦري گهري صرف تصوراتي حقيقتن جون صورتون وٺن ٿا سي گهڻا ئي مقصد رکن ٿا. هن قسم جا اهڃاڻ (علامتون) (Complex or Multi-Complex) سڏجن ٿا ۽ هن قسم جا اهڃاڻ (علامتون) شاهہ جي شعر مان بہ ملن ٿا (١٢).

پر ڪن حالتن ۾ اهي نالا موصوف بڻجڻ جي اصلي صورت وڃائي ويهندا آهن پر انهن جي تجريدي صورت قائم رهندي آهي. اهڙي ريت زبان بتدريج جذباتي سطح کان تجريدي سطح تي ايندي ويئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ٻولي حقيقت ۾ اظهار جو اهو ذريعو آهي جنهن سان هڪ انسان پنهنجي من جو مقصد ٻئي انسان تائين پهچائي ٿو. يا ائين ڪٿي چئجي تہ هڪ ماڻهو پنهنجي روزمره



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي جي هر پهلو کان ٻوليءَ جي ذريعي مدد حاصل ڪري ٿو. ”اها ٻولي ئي آهي جنهن جي مدد سان توهان معلوم ڪريو ٿا تہ توهان جو ڊاڪٽر، توهان جو استاد، توهان جو بزرگ، توهان جو مُرشد ۽ پڻ توهان جو دشمن توهان کي ڇا ٿو چوي. توهان جو ريڊيو ۽ ٽي وي سيٽ توهان سان ڳالهائي ٿو. توهان جيڪا فلم ڏسو ٿا تنهن جو هيرو ۽ ولين توهان سان ڳالهائين ٿا (١٣).

ٻوليءَ جي انتهائي نازڪ ۽ واضح نفسياتي رخ مطابق اسان کي مبارڪ احمد جي هن راءِ کي سامهون رکڻو پوندو:

”مسئلو جڏهن ٻن فردن جي وچ ۾ سمجهہ جي عمل جو هجي ۽ عقلي عمل جو ذريعو، شعري ادب هجي تہ زبان ۽ هيئت جي مناسب استعمال کان سواءِ سمجهڻ ۽ پرجهڻ ناممڪن آهي. پر جي زبان ۽ هيئت نہ هجي تہ پوءِ مواد ۽ خيال جو سوال ئي پيدا نہ ٿيندو. پيغام جي عمل لاءِ مواد جو سوال تہ زبان ۽ هيئت جي واسطي سان پيدا ٿيندو آهي. هوندڻ شعري ادب ۾ پيغام جي عمل ۾ هيئت کي بنيادي حيثيت حاصل ٿيندي. پر ظاهر آهي تہ زبان ۽ هيئت هڪ واسطو ۽ ذريعو آهي، مقصد ناهي. مقصد تہ مواد جي پيغامي عمل جو آهي. پوءِ اهو ڪنهن بہ سطح يا ڪنهن بہ مفهوم ۾ چو نہ هجي. اهڙي ريت پيغامي عمل جي لاءِ ابلاغ جي بنيادي حيثيت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي تہ فنڪار جنهن پيغام کي پهچائڻ چاهيندو آهي تنهن عمل کي پهچائڻ لاءِ وٽس لفظن جو صحيح استعمال نہ هوندو آهي، جو تہ زبان تي مڪمل عبور ناممڪن آهي. (١۴)

مانواري هائي رچلس جو رايو آهي:

”لفظن جي معنيٰ ۽ استعمال لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مختلف موقعن جي لحاظ کان لفظن جو تعبير به مختلف ڪيو ويندو آهي ۽ مناسب اهو آهي ته تعريف جي مد ۾ احتياط ڪيو وڃي. ان صورت حال جو نتيجو اهو آهي ته زبان تي حاوي ٿيڻ تمام مشڪل ۽ پيچيدو معاملو بڻجي وڃي ٿو" (١٥).

مٿين بحث مان اهو نتيجو نڪتو ته ابلاغ لاءِ فهم جو هجڻ ضروري آهي جو ته صرف لفظ ڪنهن جذبي يا ڪيفيت کي بيان ڪري نه سگهندا جيسين فهم نه هوندو تيسين ابلاغ صحيح نه ٿيندو. ان ڪري ڪو فنڪار پنهنجي پيغام يا مقصد کي تيسين تائين پهچائي ڪونه سگهندو جيسين ان ۾ هيئت توڙي مواد جي امڪاني اظهار کي سماجي سطح تي نه آڻيندو. ان جو ٻيو نفسياتي پهلو هيگل جو مشاهدو آهي. هو چوي ٿو: "زبان ڪلچر جو عملي نمونو آهي." ۽ ساڳي مفڪر جي هڪ هم وطن مفڪر وٽگنس ٽين جو چوڻ آهي ته " منهنجي زبان جون حدون منهنجي دنيا جون حدون آهن." ان ڪري ئي چيو ويندو آهي ته زبان خيالن ۽ شعور کان ٻاهر پنهنجو وجود نه رکندي آهي جو جڏهن چاهيو پنهنجي مرضي سان خيال وارد ڪري ڇڏيو. (١٦)

ان ڪري ثابت ٿيو ته زبان مٿان فنڪار جي گرفت لازمي حيثيت رکي ٿي، جو ته ان ذريعي اظهار جو عمل درست ٿئي ٿو. پر زبان تي گرفت جي آخري حد ممڪن نه آهي ۽ نه ان جي نتيجي ۾ اظهار جي عمل جو پورائو به ممڪن آهي. ڪي ڳالهيون ته فنڪار جي تجربي مطابق هونديون آهن. پر ان هوندي به لفظ فنڪار جي پوري ريت رهنمائي ڪري ڪونه سگهندا آهن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته ٻولي هڪ اهڙو هٿيار آهي جنهن سان انساني بقا، روزگار، ترقي، فن، خدمت ۽ سوچ جو شڪار ته ڪري سگهجي ٿو پر ان تي پوري ريت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قبضو ڪري ڪونہ ٿو سگهجي.

ٻولي اسان جو انتهائي ضروري ۽ قابل اعتماد ذريعو آهي جنهن جي مدد سان انساني تجربات، خيالات ۽ دنيا ۾ ظاهر ٿيندڙ واقعات ۽ وقت جي وهڪري سان واسطو رکندڙ شيون اسان جي قابو ۾ اچي سگهن ٿيون. در حقيقت ڪنهن بہ انساني ٻولي ۾ هڪ فطري اصول ڪارفرما هوندو آهي، جنهن جو تعلق مٿي ذڪر ڪيل شين کي نمايان طور تي پيش ڪرڻ آهي. هي اصول هڪ اهڙو سادو ۽ اٽل حقيقت آهي، جنهن جو احساس شروع ۾ وڏا وڏا فيلسوف بہ نہ ڪري سگهندا آهن، جيسين فڪر ۽ نظر جي ڪسوٽي ۽ سندن ڪيل غلطيون ڪين انهن اصولن ڏانهن متوجہ نہ ٿيون ڪن. مثال طور هڪ معصوم ٻار ظاهري طور تي هڪڙي شيء کي ڏسي يڪدم يقيني حد تائين هڪ رايو قائم ڪري ٿو. پر جلدي ڪيس معلوم ٿي وڃي ٿو تہ اها شيء حقيقت ۾ ائين نہ هئي جيئن نظر پئي آئي. ساڳيو ئي معاملو وڏن مفڪرن سان بہ پيش ٿو اچي. پر جيئن تہ اهي صاحب علم ۽ فضل جا ڄاڻو هوندا آهن، انهيء ڪري حقيقتن کي سمجهڻ لاء مختلف راين سان غور ۽ فڪر ڪرڻ ڪانپوء ڪا راء پيش ڪندا آهن. (١٧)

ٻولي جو اهو فطري قانون ادبين، شاعرن ۽ مفڪرن کي بار بار فڪر ۽ نظر جي صحت ڏانهن متوجهہ ڪندو رهي ٿو. انهيء ڪري ٻولي جي عظمت انساني معاشري ۾ هميشہ ظاهر رهي آهي. اهڙي ٻولي جنهن ۾ علمي خزانو ۽ شعر و ادب جو وڏو ذخيرو موجود هجي، سا ڪنهن بہ نعمت کان گهٽ ڪين آهي. "پوء اوهان الله تعالي جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو سمجهو ٿا. (سوره رحمان)

عربي زبان جي ڄاڻو ۽ محقق عباد بن سليمان ضميري چيو آهي تہ "الفاظ پنهنجي حرفن، اعرابن ۽ آوازن جي وسيلي سان خود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بخود پنهنجي معنيٰ ٻڌائيندا آهن." پر هيءَ راءِ درست نہ آهي. اصفهاني شرح منهاج بيضاوي ۾ لکيو آهي تہ اهل جمهور لغت هن تي اعتراض ڪن ٿا ۽ چون ٿا تہ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ هر شخص هر لفظ جي معنيٰ سمجهي سگهي ها. ٻڌائڻ ۽ لغت ۾ ڏسڻ جي ضرورت ئي نہ هجي ها. (١٨)

عباد جي مٿين راءِ وزندار آهي. واقعي لفظ پنهنجن آوازن، اعرابن ۽ حرفن جي وسيلي خود بخود معنيٰ ٻڌائيندا آهن، جو تہ لفظ بہ مستقل علامتون آهن شين جون. اوهان جيڪڏهن ڪنهن ڪي ڪتاب کڻڻ لاءِ چوندءُ تہ يڪدم اهو اوهان کي ڪٿي ڏيندو. اوهان صرف ڪتاب چئي ان جي گهر ڪئي، نہ ڪي ان جي تصوير ٺاهي ڏيکاري. انڪري واضح ٿيو تہ لفظ شين جون معنوي علامتون آهن.

مٿين حقيقت کي وڌيڪ وزندار ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ گوهر نوشاهي جا خيال ملاحظہ ڪيو: "منهنجي آڏو ان ڪان وڌيڪ جهالت ٻي ڪا بہ ڪانهي جو ڪو شخص تخليقي لفظ جي تلاش لغت جي ڪتابن ۾ ڪري، جو تہ لغت جي ڪتابن ۾ ان لفظ جو جيڪو تخليقي پهلو ان فن پاري ۾ اچي ٿو سو صرف ڍانچو هوندو آهي، ان جي پوري ذات ناهي هوندي." (١٩)

اهڙي ئي قسم جي وضاحت ڪندي انيس ناگي چوي ٿو: "شاعر جي استعمال سان لفظ تجربو بڻبا آهن، هونئن تہ اهي لغت ۾ پابند ۽ بي جان اشارا هوندا آهن. شاعر جو لفظ سان ٻن قسمن جو رشتو هوندو آهي. هڪ شخصي يا ذاتي ۽ ٻيو اجتماعي. پهرين جي نوعيت جذباتي ٿيندي آهي ان ڪري شاعري جي لاءِ مخصوص لفظ واردات جو درجو رکندا آهن. شاعر جي اها جذباتي وابستگي لفظ جي استعمال وقت اهڙا اشارا ان ۾ شامل ڪري ڇڏيندي آهي جي ظاهري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طرح لفظ جي لفظيت کان ٻاهر هوندا آهن. لفظ جي اها حيثيت زياده لچڪدار هوندي آهي.

شاعر جي لفظ سان وابستگي معاشرتي نوعيت جي ٿيندي آهي. لفظ معاشرتي رابطي جو بنياد آهي. مسلسل استعمال سان لفظ ڪنهن خواهش، جذبي، يا احساس جو نشان (Sign) ٿي ويندو آهي. لفظ جي اها حيثيت ڪارج واري ٿي پوندي آهي. شاعر تخليق وقت لفظ جي ٻنهي حيثيتن کي استعمال ۾ آڻي ٿو". (٢٠)

لفظ تجربي جي بنياد تي ٻه جڙندا آهن ته ڪڏهن ڪڏهن وري ڪنهن پاڻمرادو شيءِ جي ضرورت موجب ۽ لاشعوري طور ٻه پيدا ٿيندا آهن. پر اهڙو احساس، جذبو ۽ خيال اڳ ۾ ئي ذهن ۾ هوندو آهي. لفظن جي جڙڻ جي اهڙي ڪيفيت جو اظهار، انيس ناگي هيئن ڪري ٿو: "ذهني واردات ۽ تجربو ڪهڙي ٻه سطح تي هجي پهرين ڪيفيت احساس، جذبي ۽ خيال تي مشتمل هوندي آهي ۽ الفاظ پوءِ شعوري يا غير شعوري طور تي تلاش جي ذريعي پيدا ٿيندا آهن. اهو عمل ڪڏهن ڪڏهن پاڻمرادو ٿيڻ لڳندو آهي. پر حقيقيت ۾ اها صورت عادت جي تابع هوندي آهي ۽ عادت وري تجربي ۽ تڪرار سان وجود ۾ ايندي آهي". (٢١)

ڪن حالتن ۾ ٻولي ۾ اهڙا لفظ موجود ئي نه هوندا آهن جيڪي تجربي جي ڪيفيت، احساس يا جذبي کي ظاهر ڪري سگهن. اهڙي حالت ۾ هڪ شاعر يا اديب ممڪن حد تائين اظهار لاءِ ذاتي مهارت، ذات ۽ ڏاهپ جي آڌار تي لفظن جا نوان نمونا دريافت ڪري ٿو ۽ شين کي نئين معنيٰ ۽ نوان لفظ ڏئي ٿو. اهڙي طرح ڪي نوان لفظ ٻه جڙن ٿا ته ڪي وري اندر ئي اندر معنيٰ ۾ وڌيڪ وسعت آڻين ٿا. ان نموني لفظن جو هڪ ذخيرو تيار ٿيندو رهي ٿو. ڪي لفظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري پنھنجي اصلي شڪل وچائي متروڪ ٿيندا رھندا آھن تہ ڪي وري معنيٰ جي وسعت ڪري ٻوليءَ سماج ۾ وڏيڪ جٽاءدار صورت اختيار ڪندا آھن. مطلب تہ ٻولي جي ڪري ئي انسان ٻين حيوانن کان بھتر ۽ ارفع آھي. ٻولي جي لحاظ کان اھڃاڻ (علامت) کي ٽن منزلن ۾ ورھايو ويو آھي؛

(١) اڳواٽو اھڃاڻ (٢) اظھاري اھڃاڻ (٣) اختياري اھڃاڻ. ھن لحاظ کان ٻولي ھڪ اختياري اھڃاڻن (علامتن) جو سرشتو آھي ۽ ھن سرشتي جي ڪري انسان ٻين جانورن کان وڏيڪ پرائي سگھي ٿو ۽ پکيڙي سگھي ٿو. (٢٢)

مٿين بحث مان اسانکي جيڪي نتيجا حاصل ٿين ٿا اُھي ھي آھن؛

١۔ لفظ پاڻمرادو ڪا شيءِ نہ آھن پر ڪنھن شيءِ يا حقيقت جي علامت آھن.

٢۔علامتون جيئن جو تيئن يعني شاعر جي اندروني ڪيفيت مطابق ھر ڪو ماڻھو سمجھي ڪونہ سگھندو ڇو تہ علامتون پنھنجي اندر ۾ وڏي ڄاڻ، معنيٰ ۽ مفھوم رکنديون آھن.

٣۔شاعر جي مسلسل استعمال سان لفظ جڙندا آھن.

۴۔شاعر جو لفظ سان اجتماعي ۽ ذاتي رشتو ھوندو آھي. انڪري لفظن جي معنيٰ سماجي ۽ اجتماعي ضرورت موجب مقرر ٿيندي آھي.

۵۔لفظ علامتن جي بنيادي ۽ پھرين منزل آھن.

ان ڪري چئبو تہ ڪنھن بہ شيءِ کي آرپار ڏسڻ سان ئي علامت جي تھہ تائين پھچي سگھبو ۽ اھو سڀ ڪجھہ تجربي ۽ ٻولي جي ڄاڻ جي نوعيت سان واسطو رکي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا

١- وزير آغا: "نئي تناظر". آئينہ ادب، چوڪ انارڪلي، لاهور، ١٩٨١٠ص - ٢٢.

٢- ڊيوڊ ايل سلز (ايڊيٽر): "انٽر نيشنل انسائيڪلوپيڊيا آف دي سوشل سائنسس "(جلد تيرهون) دي مڪملين ڪمپني اينڊ دي فري پريس، نيو يارڪ ١٩٦٨ - ص - ٠٦.

٣- .......... ايضا .......... ص - ١١

٤- قدسي عبيدالله: "اوهام اور حقيقت" - اردو اڪيڊمي، ڪراچي (ٻهريون دفعو) ١٩٧٠ ص - ٨٦.

٥- چارلس بود ليئر: "فلاورس آف ايول" - لنڊن، ١٩٢٢ ص - ٢٥

٦- وزير آغا: "نئي تناظر"- آئينہ ادب چوڪ انارڪلي، لاهور - ١٩٨١ ص - ٢٤

٧- هائي رچلس: " فڪر سليم ڪي تربيت" (ترجمو : غلام رسول مهر) شيخ غلام علي اينڊ سنز، لاهور - ١٩٦٥ ص - ٨٧.

٨- شاهہ ولي الله محدث دهلوي: "سطعات" (ترجمو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي) شاهہ ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد - ١٩٧٦ع ص ٢١

٩- ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" - انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٧٨ ص - ٢٤٨.

١٠- وزير آغا : "نئي تناظر" - آئينہ ادب چوڪ انارڪلي لاهور - ١٩٨١ ص - ٢٥.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١١- بي سلاخ اينڊ جي مايل ٽريگر، آئوٽ لائين آف لنگسٽڪ اينا لائيسز"- لنگسٽڪ سوسائٽي آف آمريڪا. ١٩٤٢ ص - ٥

١٢- ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٧٨ ص - ٢٢٦

١٣- ........................ ايضا ............... ص - ٢٤٥

١٤- جالب افتخار: "نئي شاعري" - نئين مطبوعات، لاهور - ١٩٦٦ع ص - ٦٤

١٥- هائي رچلس: "فڪر سليم ڪي تربيت" (ترجمو غلام رسول مهر) شيخ غلام علي اينڊ سنز - لاهور ١٩٦٥ ص - ٩٣

١٦- ممتاز حسين: "ادب اور شعور"- اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي ١٩٦١ع ص - ٢١.

١٧- سوسن ڪي لينگر: "فلاسافي ان اي نيوڪي" - نيو امريڪن لائبريري آف ورلڊ لٽريچر، نيو يارڪ ١٩٤٨ع ص - ٦٤

١٨- آزاد محمد حسين: "سخندان فارس" (حصہ اول) مڪتبہ ادب اردو لاهور. ١٣٢٤ هہ ص - ٢٣ - ٢٤

١٩- جالب افتخار: "نئي شاعري" - نئي مطبوعات، لاهور - ١٩٦٦ع ص ٢٨٣

٢٠- ..................... ايضا ............. ص ٥٩

٢١- ..................... ايضا ............. ص ٦٣

٢٢- ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر): "ادب جا فڪري محرڪ" - سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت - حيدرآباد -١٩٨٤ ص - ١٤٥



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Cell No:

0344 - 3919786

Sahib Khan “Soorih” Mirani



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پيو

# علامت نگاري جي تعريف

**علامت:** علامتن جي انهيءَ بنيادي صورتگري کانپوءِ اسان کي علامت کي سمجهڻ لاءِ اڳتي وڌنداسون.

انسائيڪلوپيڊيا برطانيڪا موجب ملارمي استيفن (Mallarme Stephane) ۽ پال ورلائين (Paul Verlaine) ۱۸۸۵ ۽ ۱۸۹۵ جي وچ ۾ اها تحريڪ شروع ڪئي. ان تحريڪ جو پڌرنامو پهرين دفعو، ۱۸ سيپٽمبر، ۱۸۸٦ تي جين موريس (Jean Moreas) ظاهر ڪيو (۱)

ان ئي دور ۾ رين بو (Rimbaud) به علامتن جو سهارو ورتو. مورس ميٽرلنڪ (Maurice Mueter Link) ڊرامن ۾ علامت نگاري ڪئي. تنقيد ۾ ريمي ڊي گورمو (Remy do Gourmovn) ۽ موسيقي ۾ ڊيبسي (Debussy) علامت نگاري کي ڪم آندو. ان کانپوءِ انهيءَ تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۾ جيمس جوائس، ٽي ايس ايليٽ ۽ ٻين جو وڏو هٿ هو.

فرانس ۾ انهيءَ تحريڪ کان اٽڪل ويهه سال ڪن اڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعرن جو هڪ ٽولو پيدا ٿيو جيڪو پاڻ کي "پارناسي" (Parnasse) سڏائيندو هو. اهي معروضيت يا خارجيت تي زور ڏيندا هئا. يعني ٻئي نموني اهي بہ فطرت پرستن جا پوئلڳ هئا. پر علامت نگاري پنهنجي ڳالهہ داخليت جي دائري ۾ رهندي ڪئي. پارناسي هر ڪا حقيقت واضح ۽ چٽي يعني تصوير ڪشي رستي ڪندا هئا جڏهن تہ علامت نگارن پنهنجي شاعري اشارن ۽ علامتن جو سهارو وٺي ڪئي.

علامت نگاري جي وصف جيڪا انسائيڪلوپيڊيا نيوڪولمبيا ۾ ڪيل آهي سا هيٺين ريت آهي:

"علامتي منطق ۽ رياضياتي منطق ٻئي مروج نظام جو حصو آهن. هي گماني منطق جو طريقو آهي، جنهن ۾ فطري زبان جي مختلف رخن لاءِ مجرد علامتن کي استعمال ڪيو ويندو آهي. علامتي منطق رياضي جي نظريات ۽ ٽيڪنيڪ مثلاً سيٽ ٿيوري کي ظاهر ڪندو آهي. علامتي منطق جي تحريڪ آگسٽس دي مارگن (Augustus de Morgun) ۽ جارج بولي (George Boole) اڻويهين صدي جي وچ ڌاري هلائي ۽ ان کي وڌيڪ ترقي ونائٽ ۾ ڊبليو ايس ليورس (W.S.Leavers)، سي ايس پيئرس (C.S.Peirce)، ارنسٽ شرورڊ (Ernest Schroder)، گوٽلاب فريج (Gotllab Frege)، گيسپ پينو (Giuseppe Peano)، برٽرينڊ رسل (Bertrand Russell)، اي اين وائيٽ هيڊ (A.N.White Head)، ڊيوڊ هلبرٽ (David Hilbert) ۽ ٻين جو هٿ هو.

علامتي منطق جي پهرين حصي کي سچائي چيو ويندو آهي. (Proportional Calculus.(Functional analysis) يا Functional calculus) جو تعلق انهن بيانيہ جملن سان آهي جيڪي برابر يا غلط هوندا آهن. ڪنهن بہ بيانيہ جملي جي "نفي" غلط هوندي آهي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اصلي بيانيہ جملو درست ھوندو آھي. (٢)

ان مان ثابت ٿيو تہ رياضياتي علامتون ۽ علامتي منطق جو جيڪو سھارو ورتل آھي ان جو سبب اھو آھي تہ سائنس جو زيادہ تعلق شين جي مجرد رشتي سان آھي نہ ڪي شين جي ھيئت سان. سائنس جي دنيا ۾ نالن جي انفراديت فعلن يا عملن جي سببيت (Casuality) ۽ صفتن جون قدرون ڪائي معنيٰ نہ رکنديون آھن پر جيئن تہ زبان ۾ اھي سڀ شيون اھم آھن، ان لاءِ ادب ۽ سائنس ھڪ ٻئي کان جدا بہ آھن ۽ ھڪ ٻئي کان فائدو بہ وٺندا آھن.

علامت نگاري لاءِ شپلي لکي ٿو تہ علامت ڪنھن حقيقت جي ھڪ سطح کان ٻئي سطح تي آيل حقيقت سان رشتي کي چئجي ٿو. (٣) منيرالبعلبڪي چوي ٿو تہ: عربي ۾ لفظ (Symbol) لاءِ رمز ۽ (Symbolism) لاءِ "الرميزيہ" استعمال ڪيو ويندو آھي. (٤)

شپلي جي مٿين تعريف ڪي ادب جي اصطلاح مطابق داخلي ۽ خارجي پھلو چيو ويندو آھي. ادب ڪي مصنف (شاعر يا اديب) جي خيالن يا اُن جي ذھني ڪيفيت ڏانھن رجوع ڪرڻ ادب جي داخلي پھلو ڪي اھميت ڏيڻ آھي. رومانوي تحريڪ جي ابتدا ادب جي انھيءَ تصور سان ٿي، ادب جو ٻيو تصور اھو آھي جنھن ۾ خيالن ڪي قاري جي سامھون پيش ڪيو ويندو آھي جنھن سان ادب جي خارجي پھلو ڪي اھميت ملندي آھي ۽ ان جي انتھا اسان ڪي (Realism) ۾ ملي ٿي، جنھن مطابق ظاھر ڪيل شيءِ ئي سڀ ڪجھ آھي. ھي فڪر نظرين جي چنڊ ڇاڻ سان واسطو رکي ٿو. آرٽ صرف احساسن جو اظھار ئي ناھي پر سامعين سان ڳالھائڻ ۽ خطاب ڪرڻ جو ذريعو بہ آھي. ان ڪري اديب شاعر ھڪ (Form) ان مقصد لاءِ اختيار ڪندو آھي.

علامت نگاري ادب جو اھو اظھاري وسيلو آھي جنھن ذريعي شاعر ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قاري جي وچ ۾ معاهدي مطابق هڪ خاص مقصد لاءِ اڻ سڌا لفظ علامتي ۽ اصطلاحي اظهار لاءِ جائز سمجهيا ويندا آهن. علامت هڪ قابل فهم اظهار جو وسيلو آهي جيڪو مروجهہ ماحول اندر شاعر پنهنجي قاري جي سمجهہ ۽ فهم مطابق اختيار ڪري ٿو. جو تہ شاعر جيڪي علامتون استعمال ڪندو آهي اهي حقيقت جي هڪ سطح هونديون آهن جنهن مطابق اهي شاعر جي ذاتي تجربي ۽ تصور جي ترجماني ڪنديون آهن. جيتوڻيڪ علامت جي تخليق لاءِ ڪو قاعدو ٺاهي نٿو سگهجي، تنهن هوندي بہ ان لاءِ اهو شرط ضروري آهي تہ شاعر نيون علامتون اهڙيون استعمال ڪري جو قاري جو ذهن شاعر جي ان تصورن تائين پهچي سگهي ۽ اهو ٿي. بقول شپلي، حقيت سان ٻي سطح تي رشتو آهي.

رمز: عربي ادب ۾ رمز علامت ڪي سمجهيو ويو آهي. پر سنڌي ٻولي ۾ رمز ٻولي جو نهايت ئي نازڪ طريقو آهي. رمز اڻ سڌي اظهارڪي چئجي ٿو. پر اهو اظهار وڏي طاقت وارو بہ ٿئي ٿو. رمز سان ڳالهائڻ يا رمز رکي ڳالهائڻ وڏو هنر آهي. اهو هنر اسان مان تمام ٿورا ڄاڻن. پر اهو هنر اسان جي عوام ۾ تمام وڏي حد تائين موجود آهي. (٥) رمز ٻولي جو اهو لطيف ۽ ماهرانہ انداز آهي جنهن سان هڪ قابل ۽ ڏاهو ماڻهو پنهنجي من جو اظهار لڪل ۽ پوشيده انداز ۾ ڪري ٿو. جيئن: "نانگ بہ مري تہ لٺ بہ بچي". جيڪڏهن ڪنهن نا اميد ڪيو تہ چئبو : "ويندا لڙ لهي، ٽينديون اکيون اکين جهڙيون." يعني هڪ ڏينهن وقت ڦري ايندو ۽ اسان هڪ ٻئي اڳيان برابري سان اچي ويهنداسون. پوءِ اکين کي لڄ ٽيندي ۽ اهو جيڪو وقت تي ڪم نہ آيو سو ڦڪو ٽيندو ۽ اکيون هيٺ ڪندو. (٦) بقول ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، رمز جي معنيٰ تي "ڪک رکڻ". "ڪک رکڻ" جي معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي "لڪائڻ". "پيٽ نڪ ڪان هيٺ آهي" چوڻ جو مقصد آهي تہ هرويرو بي لڄو ٿي ڪنهن ڪان ڪجهہ حاصل نہ ڪجي. هت پيٽ ۽ نڪ وغيره رمز جي معنيٰ رکن ٿا. آل احمد سرور چوي ٿو تہ "رمزيت آرٽ ۾ سڀ ڪجهہ هجي تہ شعر گهٽ ماڻهن لاءِ معمو بڻجي پوي. ان ۾ خيال اهم تہ هوندو آهي پر سڀ ڪجهہ ناهي هوندو. (٧) ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ رمزيت ۾ جيڪو خيال لڪائي پيش ڪبو آهي اهو صرف ان ٻوليءَ ۽ معاشري جو ماڻهو ئي سمجهي سگهندو، جنهن زبان ۾ اهو ادا ڪيو ويو هوندو. "لڄ ٽيندي آ اکين کي" . فقط سنڌي ماڻهو ئي سمجهي ٿو سگهي تہ "لڄ ٽيندي آ اکين کي" جو مطلب ڇا آهي. هن طرح رمز کي ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو بہ ڪري نٿو سگهجي. رمز اک سان بہ ادا ٿئي ٿي. مَيچ هن قسم جو هڪ اشارو آهي جنهن مان فقط رمز ئي معلوم ٿئي ٿي.

رمز کي مهميز لاءِ بہ ڪم آڻجي ٿو. مهميز بہ رمز ئي آهي پر ان ۾ ڪجهہ دٻاءُ جو اظهار ٿئي ٿو. رمز ۾ ٻوليءَ جو اهڃاڻ ڪم اچي ٿو. (٨) رمز کي جنبش نگاه جي معنيٰ ۾ بہ ورتو ويندو آهي (٩) جنهن کي اسين "ميچ ڏيڻ" يا "اک هڻڻ" بہ چوندا آهيون.

رمز ۽ علامت کي سمجهڻ لاءِ جيڪو فرق اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو اهو هي تہ رمز مان مراد اشارو وٺي سگهجي ٿو نہ کي علامت جو تہ آرٽ ۾ اشاريت جي ابتدا شايد ان وقت کان ٿي جڏهن مشهور آرٽسٽ آزمي (Azmine) چيو هو تہ" مون فطرت جي عڪاسي ناهي ڪئي پر ان جي ترجماني ڪئي آهي." "آزمي جي انهيءَ بيان کانپوءِ اهڙي آرٽ جي ڪا بہ اهميت نہ ٿي رهي، جنهن ۾ شين جي خارجي پهلو جي عڪاسي ڪئي وئي هجي. هڪ سٺو فنڪار شيءِ جي سطح کي جيئن جو تيئن پش ناهي ڪندو، پر ان سطح جي اظهار جي تہ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪا حقيقت لڪيل هوندي آهي اها پيش ڪندو آهي. علامت ۾ به رمز جيان "لڪ رکڻ" جو پهلو نمايان آهي ۽ علامت ۾ شاعر پنهنجا احساس جيڪي مبهم هوندا آهن انهن کي واضح لفظن ۾ تفصيل سان بيان ڪري ڪونہ سگهندو آهي. پر ان هوندي بہ، هن تي اها جوابداري عائد ٿئي ٿي تہ هو علامتون اهڙيون اختيار ڪري جيئن لفظن جا جهڳٽا ۽ تمثيلن جو تسلسل قاري جي رهبري ڪري سگهن. زبان جي انهيءَ عمل کي علامت چئجي ٿو. پر ان ۾ پيغام جي عمل جو هجڻ نهايت ئي اهم معاملو آهي. ان ڪري متاز حسين جو هي چوڻ تہ زبان جي ذريعي هڪ شاعر پنهنجا خيال لڪائي بہ سگهي ٿو، ان سان ابلاغ جي قدر جي منزلت لاءِ پيو چا چئي سگهجي ٿو. سندس خيال مطابق اهڙي قسم جو ابلاغ ڪاروباري معاملن ۾ وڻج واپار جي ڪمن تائين محدود آهي. (١٠)

مٿين بحث جي نتيجي ۾ اسين هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ رکي سگهون ٿا.

(١) رمز بولي جو اهو طريقو آهي جنهن ذريعي راز، لاڙن، رغبت ۽ گر کي سمجهي سگهجي ٿو.

(٢) شيءِ جي هوبهو عڪاسي کي رمز چئي سگهجي ٿو جو تہ عڪاسي هميشہ شين جي خارجي سطح جي ڪئي ويندي آهي.

(٣) علامت شيءِ جي تہ ۾ جيڪا لڪل حقيقت هوندي آهي ان جو اظهار ڪري ٿي.

(٤) رمز کي ٻيءَ بولي وارو سولائي سان نٿو سمجهي سگهي. ان ڪري رمز صرف هڪ سماج سان واسطو رکي ٿي. ان ڪري ٻي بولي ۾ انجو ترجمو ڪرڻ بہ ڏکيو مسئلو آهي.

(٥) علامت حالتن جي آثار تي اندروني معنيٰ کي اجاگر ڪندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علامت کي سمجهڻ لاءِ اسين پنهنجو بحث هيٺين ريت اڳتي وڌائينداسين.

علامت پنهنجي مقصد جي لحاظ کان هڪ وسيع دائري کي گهيري ٿي، جنهن ۾ سائنس، رياضي، سماجي اپياس ۽ نفسيات جا سڀ موضوع اچي وڃن ٿا. پر ادبي دنيا ۾ علامت جو هڪ نئون روپ ۽ نئون وجود علم نفسيات جي جائزي ڪانسواءِ سمجهہ ۾ نٿو اچي سگهي. انساني نفسيات جو سڀ کان اهم پهلو "حيا" آهي. "حيا" پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جي هڪ علامت آهي. بقول وزير آغا: "آدم جڏهن ڏٺو تہ حوا هن کان مختلف آهي ۽ حوا کي محسوس ٿيو تہ آدم هن جهڙو ناهي، تڏهن پهريون دفعو ٻنهي جون اکيون "حيا" کان واقف ٿيون ۽ انهن انجير جي وڻن پتن سان پنهنجي بدن کي ڍڪيو. (١١) اهڙي ريت زميني زندگي ۾ انسان کي پنهنجو وجود حيوان کان جدا محسوس ٿيو. جڻ هن پنهنجي چوطرف ڦرندڙ گهرندڙ شين سان پهريون دفعو واقفيت حاصل ڪئي. سڃاڻ جي اها صورت "ڄاڻ" جي ان پهلو جو نتيجو هئي جيڪا انساني شعور ۾ ازخود سمايل آهي يعني جڏهن انسان اهو محسوس ڪيو تہ هو ڪنهن شيءِ کي هڪ پل ۾ ڏسي ان جي افاديت، ماهيت ۽ جوهر کي سمجهي سگهي ٿو تڏهن هن پنهنجي ڪوڄنا کي نالو بخشيو ۽ اهڙي ريت شعور جي اها روشني ضرورتن موجب قدم بقدم قديم انسان جي رهنمائي ڪندي رهي. اهڙي طرح جڏهن انسان جي علم ۽ حڪمت جي هئي پهلو سان سڃاڻ ٿي جيڪو سائنسي يا منطقي آهي. (ڏند ڪٿا پڻ پراڻي دور ۾ سائنس جو درجو رکندي هئي) تڏهن هن پوري ڪائنات ۾ ٻيچ ڏاهہ کي محسوس ڪيو. اهڙي موقعي تي قديم انسان پنهنجي معاملي فهمي واري سوچ جي روشني ۾ حقيقتن ۽ واقعن کي جيئڻ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٺي آهي اها هيٺين چارٽ مان سمجهي سگهجي ٿي.

| اردو | بنگالي | بلوچي | پشتو | پنجابي | سنڌي | ڪشميري |
|---|---|---|---|---|---|---|
| علامت | لوکهون | نشان | علام | نشاني | نشاني | علامت |

جڏهن تہ انگريزي ۾ (Symbol) (سمبل) ۽ علامت نگاري لاءِ (Symbolism) مستعمل آهي. اعجاز حسين پنهنجي ٿيسز ۾ علمي ادبي لغت جي حوالي سان لفظ علامت جي تشريح لاءِ لکي ٿو:

**علامت:** (ع ـ مونث) نشان، داغ، نقش، آثار، هيل جو پٽر، دلير، مظهر ۽ پهچاڻ.

فيروزاللغات جي حوالي سان ساڳي ٿيسز ۾ لکيل آهي تہ علامت (ع ـ مونث) نشان، مارڪ، سراغ، ڪوج، اشاره، ڪنايہ، آثار.

اگرچي هلي هو صاحب لکي ٿو تہ نہ صرف متين لغت ۾ پر ٻين ڪيترين لغتن ۾ بہ انهيءَ معنيٰ کي ورجايو ويو آهي. انهن لغتن ۾ علامت جي اها لفظي معنيٰ ڏني وئي آهي، جيڪا عربي ۾ مستعمل آهي ۽ جنهن جو سلسلو ۽ نسب قديم عربي گرامر آهي. (١۴)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهڙ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" ۾ علامت لاءِ لفظ "اهڃاڻ" استعمال ڪيو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي ڪتاب "شاهہ لطيف جي شاعري" ۾ علامت جو هم معنيٰ لفظ "اهڃاڻ" ئي لکيو آهي. پر ممتاز مهر پنهنجي تخليق "ويچار" ۾ اهڃاڻ بجاءِ علامت استعمال ڪئي آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سان هڪ ملاقات ۾ (Symbol) لاءِ لفظ علامت ئي مقرر ڪيو ويو. اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ريت ڊاڪٽر اين اي بلوچ اسلام آباد کان ٢٩-٨-١٩٨٦ع تي لکيل خط ۾ لفظ "علامت" ئي اختيار ڪيو آهي. پر پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي پنهن جي ڪتاب "علم لسان سنڌي زبان" ۾ Symbol لاءِ ڪٿي علامت تہ ڪٿي اهڃاڻ لکيو آهي. آئون پنهنجي ٿيسز ۾ Symbol لاءِ لفظ علامت ۽ (Symolism) لاءِ علامت نگاري ڪم آڻيندس. اصل ۾ انگريزي لفظ Symbol يوناني لفظ "Symbollon" تان ورتو ويو آهي، جنهن لاءِ انسائيڪلوپيڊيا برطانيڪا ۾ لکيل آهي:

on"1" The word symbol comes from the Greek "Symbol which means contract, token, insignia, and means of identification, parties to contract, Allies. Guests, and their host. Could identify each other with the help of the parts of the symbollon.

يعني لفظ (Symbol) يوناني لفظ (Symbollon) تان ورتل آهي، جنهن جو مفهوم هي آهي: معاهدو، نشان، تمغو، شناخت جو ذريعو، معاهدي جون ڌريون، اتحادي مهمان ۽ انهن جا ميزبان جيڪي هڪ ٻئي جي شناخت (Symbollon) جي حصن جي مدد سان ڪري سگهن (١٥).

ڪولنگ ووڊ (Colling Wood) ان سلسلي ۾ پڻ ساڳي وضاحت ڪندي چوي ٿو: "علامتون اهي لفظ يا اصطلاحات آهن جيڪي مصنف ۽ قاري جي وچ ۾ معاهدي جي لحاظ سان هڪ خاص مقصد موجب اظهار لاءِ جائز قرار ڏنيون ويون آهن. (١٦)

اهڙي طرح علامتن جو مفهوم، معنيٰ ۽ ماحول هڪ جداگانہ حيثيت اختيار ڪري ٿو جنهن مطابق ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهو هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

معاهدو آهي ٻن فريقن جي وچ ۾، جهڙي طرح سياسي ميدان تي سرمائيدار ۽ مزور جو. اخلاقي ميدان تي ماديت پرست ۽ ٻي لوٺ اصول پرست جو ۽ وڻج واپار جي ميدان تي دوڪاندار ۽ خريدار جو.

"آڪسفورڊ ايڊوانس لرنرس ڊڪشنري آف ڪرنٽ انگلش" ۾ علامت کي هيٺين ريت واضح ڪيو ويو آهي:

"علامت: (اسم) نشان، اشارو، مارڪ. شيءِ جا ڪنهن جي نمائندگي ڪري مثلاً" رياضي جون نشانيون . -. X ., صوتيات ۾ جمع جي صيغي ۾ استعمال ڪيل آهي جيئن سفيد رنگ پاڪيزگي جي علامت آهي. (+) ڪراس عيسائيت جي علامت آهي. (١٧

Symbolisom (اسم) اهو نظريو جنهن ۾ خيالن جو اظهار علامتن جي ذريعي ڪيو وڃي. اڻويهين صدي جي آخر ۾ فن ۽ ادب جي اهڙي تحريڪ جنهن ۾ فني ايجادن، حساس خيالن، جذبن ۽ تجريدي اظهار لاءِ حقيقت پسندي (Realism) جي بجاءِ علامتن کي استعمال ڪيو وڃي." (١٨)

انسائيڪلوپيڊيا امريڪانا ۾ علامت جي تعريف هيٺين ريت ڪيل آهي:

"Symbol is the word of various meanings derived from the Greek word symbollon a sign or symbole,Composition. In the early period of Christienity the word was often applied to the creed and is still so applied in Latin countries. It is also used to indicate, either in a religious, or profane sense, an emblom, figure, or type, something which specially distinguished one regarded in a particular character, or as oc-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

cupying a particular office, or holding a special place in legend or mythology, as for instance the trident,which is the symol of neptune (19).

(يعني علامت جو لفظ جيڪو مختلف معنائن جو حامل آهي، يوناني لفظ (Symbollon) تان اخذ ڪيل آهي. عيسائيت جي ابتدائي دور ۾ هي لفظ عقيدي طور اڪثر استعمال ٿيندو هو ۽ اڄ بہ لاطيني ملڪن ۾ مستعمل آهي. علامت مذهب ۽ ان جي ابتڙ لاءِ اشارو ڪندي آهي. هڪ تصوير، شڪل، قسم جيڪو خاص ڪري اصلي شين جي خصوصيت ۾ تميز ڪري. مثال طور ڪنهن خاص عهدي تي اچڻ يا ڪنهن قديم ڪهاڻي يا سٽ ۾ ڪا خاص جڳهہ حاصل ڪرڻ جيئن ٽن ڦرهن وارو نشان (Trident) ساموندي ديوتا (Neptune) جي علامت آهن.

مٿين بحث مان اهو ثابت ٿيو تہ لفظ علامت اصلي يوناني لفظ (Symbollan) تان ورتو ويو آهي، جيڪو ڪنهن عقيدي يا ڏند ڪٿا سان واسطو رکي ٿو ۽ انهن عقيدن ڏانهن اشارا ڪري ٿو.

اسين مٿي چئي آيا آهيون تہ انساني شعور اچڻ سان علامتن جو رواج عمل ۾ آيو، پر ان جو رواج بطور علم گهڻو پوءِ ٿيو. تنهن هوندي بہ شاهدين مان ظاهر ٿئي ٿو تہ لفظ "علامت" عيسائيت جي ابتدائي دور کان مستعمل آهي. هي لفظ ان وقت ۾ عقيدي طور استعمال ٿيندو هو. اڄ بہ لاطيني دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ هي لفظ عقيدي طور استعمال ٿئي ٿو. علامت نگاري جو پڻ تعلق ڏند ڪٿائن، عقيدي ۽ روايتن تي مبني آهي. هر ملڪ ۾ سماجي سطح تي ڪي ڏند ڪٿائون لوڪ ادب جي صورت ۾ موجود هونديون آهن جن جو بنياد قديم دور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ريتن، رسمن، ظلم، زيادتي، جنگ، بهادري وغيره تي ٻڌل هوندو آهي. يوناني رزميہ ڪهاڻيون، هندستاني رامائڻ ۽ سنڌي ڏند ڪٿائون اهڙن واقعن سان ڀريل آهن.

**علامت ۽ تاريخي حيثيت:** اسين علامت نگاري جي تاريخ تي ڳالهائيندي اِڪثر هلنداسين تہ جيڪو تاثر ان سلسلي ۾ اسان کي ڏنو ويو آهي تہ هي تحريڪ اڻويهين صدي جي آخر ڌاري يعني ۱۸۸۰ع ۾ شروع ٿي اهو صحيح نہ آهي، ڇو تہ مٿي اسين ان جي ارتقا جا تاريخي شواهد انسائيڪلوپيڊيا آمريڪانہ مان حاصل ڪيا آهن. پر ان سلسلي ۾ جيڪي ٻيون شاهديون دستياب ٿيون آهن انهن جي ذريعي اسين ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهنداسين.

شام ملڪ جي شاعرن ۾ ابو طيب احمد بن حسين المعروف المتنبي (۹۱۵ع کان ۹۶۵ع تائين ) هڪ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شاعري جي باري ۾ ان وقت جو هڪ مشهور نقاد ثعالبي (۹۶۱ ع کان ۱۰۳۸ع) لکي ٿو: "دستور هي آهي تہ مطلع الفاظ ۽ معاني ۾ داغ هجن، پر "متنبي" جا ڪيترائي مطلع موجود هئا جن ۾ موت جو ذڪر آهي يا موسيقي ۽ رياضي جا غير مانوس اصطلاحات آهن. (۲۰)

"۱۵۸۵ع ۾ عيسائيت جي خاص تاريخي پٽر جي عناصر کي علامت سڏيو ويو آهي. خصوصاً ان جي جسماني حصن کي". انسان جي بدن جا حصا (Parts of Body) انسان جي پوري جسم جي علامت آهن. هندي مت ۾ لِنگ پڻ اهڙي قسم جي علامت آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي جسم جي عضون کي "لڱ" بہ چوندا آهن.

"۱۶۵۴ع ۾ شين کي علامتن ذريعي ظاهر ڪرڻ يا شين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. ڪارا ڪپڙا پائڻ، اسان وٽ ماتم جي نشاني آهي. پر ڪارو ڪوٽ ۽ ڪارو گاؤن ڪورٽن ۾ جج ۽ پهريندا آهن جيڪا انصاف جي نشاني آهي ۽ ڪارا گاؤن يونيورسٽين ۽ علمي درسگاهن ۾ پروفيسر به پهريندا آهن. جيڪا علم ۽ عرفان جي نشاني ڪي ظاهر ڪري ٿي. ان ڪري چئبو ته جهڙو ماحول تهڙي معنيٰ آءٌ سمجهان ٿو ته "ڪارا ڪپڙا پائڻ" سنڌي سماج ۾ ٿي ماتم جي نشاني آهي. پر ڪورٽن ۽ درسگاهن ۾ ڪارا گاؤن پائڻ پوري دنيا جي ملڪن ۾ مستعمل آهي. ان ڪري انهن کي آفاقي حيثيت حاصل آهي.

جي بي سائيڪس (J.B.Sykes) علامت نگاري جي تعريف هيئن ٿو ڪري: "هي شين جي علامتي اظهار جو اهو طريقو آهي جنهن مطابق مصورن ۽ شاعرن جي فڪر ۽ شين جي جوهر کي مخصوص علامتن جي ذريعي بيان ڪيو وڃي ٿو (خصوصاً فرانس ۾) (٢٣)

علامت نگاري جي متين تعريف جي تائيد ۾ حامد خان لکي ٿو "مصوري ۽ شاعري جو (اهڙو) رنگ جنهن ۾ اصلي خيالن کي اشارن ۽ نشانن سان ظاهر ڪرڻو آهي." (٢٤)

متئين اصول مطابق علامت اظهار جو اهو ذريعو آهي جنهن ۾ شاعر يا مصور پنهنجي اعليٰ خيالن کي مخفي ۽ مبهم معنائن جو ويس ڍڪرائي پيش ڪري ٿو. اظهار جي انهيءَ وسيلي سان شاعر ڪيترين جوابدارين کي حسن ۽ خوبي سان منهن ڏيڻ جي قابل ٿيندا آهن.

وليم جيڊي (William Geddi) انهيءَ خيال جي تائيد ۾ علامت نگاري لاءِ چوي ٿو: " علامتن جو استعمال ١٨٨٠ع ۾ هڪ تحريڪ جي ذريعي ٿيو جيڪا فرانس جي شاعري ۾ شروع ٿي ۽ ان مطابق ڪنهن به مخفي شيءِ يا خيال جي اظهار لاءِ هڪ حقيقت پسندانه طريقو تجويز ڪيو ويو" (٢٥) جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ڪنهن شيءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيترين ئي صورتون يا لاڙا ادبي ميدان ۾ ظاهر ٿيا آهن، علامت نگاري به انهن مان هڪ آهي. ڪيترن شاعرن ۾ اديبن علامت، تمثيل، استعاري ۾ تشبيهه وغيره ۾ ڪو خاص فرق نه رکي ان مسئلي کي ويتر منجهائي ڇڏيو آهي. سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي ان سلسلي ۾ ڪافي مسئلا حل ڪيا آهن. جڏهن ته علامت نگاري جي ابن، بادليئر ۾ ملارمي به ان مسئلي کي واضح نه ڪيو آهي. ساڳي لڪير جي فقير جيان اردو اديبن به سندن تائيد ۾ ڪاغذ ڪارا ڪيا آهن. ان ڪري ئي ڊاڪٽر سيد عبدالله چوي ٿو ته: "علامت نگاري هڪ ناجائز اظهار جو وسيلو آهي ۾ علامت نگار شاعر لازمي طور ناقص هوندو آهي." (٢٧) علامت کي ناقص طريقه ۾ اظهار جو باقص طريقو سمجهندي، اردو ادب جو هڪ ٻيو ڊاڪٽر ظِل حسنين عابدي چوي ٿو : "رومانوي تحريڪ اردو شاعري کي هڪ ٻئي طريقي سان به نقصان پهچايو آهي. انهن جا خيال مبهم ۾ انهن جا بيان مبهم آهن. نتيجو اهو ٿيو جو انهن جو مفهوم انهن جي لفظن ۾ سمجهڻ هڪ مهم سر ڪرڻ جي برابر ٿي پيو." اڳتي هلي لکي ٿو: "دنيا جي تلخين ۾ سخت واقعن ۾ حادثن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ جڏهن ڪين ڪو هٿيار دستياب نه ٿيو تڏهن جذبات جو چرغو ڀري، نظرن کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا ۾ پنهنجي ان عمل کي فهم ۾ فراست جي معنيٰ ۾ وٺڻ لڳا. جڏهن ته اهو رستو صرف فراريت جو هو. تنقيد حيات سان ان جو ڪو به واسطو نه هو." پنهنجي ڳالهه جي تائيد ۾ ڊاڪٽر محمد حسن جي ڪتاب مان اقتباس ڏيندي لکي ٿو ته: آهستي آهستي اسانجي رومانوي اديبن ۾ شاعرن جو گروه پنهنجي انفراديت جي دائري کي تنگ کان تنگ ڪندو ويو ۾ ايندڙ نسل جا رومانوي اديب هڪ مريض جيان داخليت جي ڄار ۾ ڦاسي ويا. انهيءَ رستي تي هلندي، جديد شاعري ابهام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرستي ۽ علامت پرستي جي حد تائين پهتي (اردو ادب ۾ رومانوي تحريڪ ص - ٩١)." (٢٨)

مون جيئن مٿي عرض ڪيو ته علامت نگاري ڪي منجهيل مسئلو بنائڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ هٿ انڌي تلقيد جو هو. ان ڪري ڪيترن اديبن ۽ شاعرن علامت ۽ ابهام کي هڪ ئي معنيٰ ۾ ورتو. جڏهن ته ابهام جي معنيٰ آهي اهڙا اشارا جيڪي بي معنيٰ (Absurdity) هوندا آهن. ان جو سبب فنڪار جا ذاتي اشارا. علامتون ۽ مختلف لفظن مان پنهنجي خيال مطابق معنيٰ وٺڻ آهي. انهن سببن جو تعلق فنڪار جي ذاتي مشاهدي ۽ غير منطقي سوچ ۽ سمجهه ۽ لغت کان گهٽ واقفيت آهي. جڏهن ته علامت ٻولي جو اهو سڌريل، مستقل ۽ نئوس وسيلو آهي جنهن ۾ لفظن جي اندروني ڪيفيت مبهم ۽ مخفي طريقي سان منطقي انداز ۾ پيش ڪئي ويندي آهي.

مٿين حقيقت کي سمجهڻ کانپوءِ اسين وثوق سان چئي سگهون ٿا ته علامت هر دور ۾ پنهنجي مخالفت جي هڪ جٽاءُدار ۽ ٺوس صورت ۾ ادب تي اڄ به حاوي آهي.

**سجع:** علامت نگاري سان ملندڙ جلندڙ هڪ اظهار جو ذريعو عرب زمانه جاهليت ۾ به مروج هو، جنهن کي "سجع" چوندا هئا. اهڙي عبارت نثر ۾ "نثر مسجع" جي نالي سان اڄ به مروج آهي. سجع لاءِ علي احمد رفعت لکي ٿو: بعض علماءِ ادب جو خيال آهي ته سجع شعر جو پيش رو (Predecessor) آهي. سجع ان مقفيٰ عبارت کي چوندا آهن جيڪا جادوگرن (+) نجومين ۽ شاعرن جي زبان هئي. پيشن گوين

(+) جادو جي ٻولي جي باري ۾ اڄڪلهه وڏي تفتيش ٿي رهي آهي. جادو ته ڪن حالتن ۾ ڏند ڪٿائي زبان ڳالهائي ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ اعتقاد جي. (ڏسو سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج". ص- ٣٠٢)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ وهم تي مبني دعائون يا بددعائون انهيءَ مقفيٰ عبارت ۾ ڪيون ويندڙيون هيون. هر فقري جو وزن الڳ ٿيندو هو. نفس مضمون عموما مبهم ۽ اشارن تي مشتمل هوندو هو. ڪا بہ ڳالهہ کولي نہ ڪئي ويندي هئي. هي انداز بيان خاص خاص ماڻهن تائين محدود هو. سجع عوام جي زبان نہ هئي. (٢٩)

هن عبارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ علامت نگاري جو رواج عرب جي زمانہ جهالت ۾ بہ هڪ منفرد ۽ غير مانوس نموني سان موجود هو، جنهن مطابق مضمون کي مبهم ۽ اشاراتي نموني ۾ ادا ڪيو ويندو هو. اهو اظهار جو ذريعو خاص خاص ماڻهن لاءِ هو. ان دور ۾ شاعري جو هي طريقو عوامي ڪونہ هو. اج بہ علامت نگاري کي سمجهڻ لاءِ عقل ۽ فهم جي فراواني، تجربي، اعتماد ۽ روايتن کي مد نظر رکيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ جو ڪٿي ڪٿي اهڙي اظهار بيان کي صرف ڪنهن مقصد لاءِ اظهار جو وسيلو سمجهيو ويندو آهي، جو تہ اظهار جو اهڙو سڌو سنئون اثر عوام جي نمائندن يعني خواص تي پوي ٿو. اهڙي ريت شاعر پنهنجي فهم، ادراڪ ۽ تجربي جي آڌار تي پنهنجي مدعا ۽ مقصد علامتي پيرائي ۾ خواص تائين پهچائي ابلاغ جو فرض پورو ڪندا هئا. جو تہ "علامت ڪنهن نامعلوم ڏانهن اشارو ڪندي آهي". (٣٠)

**علامت ۽ ادب:** علامت پسندي جي شروعات ادب جي دنيا ۾ هڪ اهم واقعي جي حيثيت رکي ٿي جو تہ ان تحريڪ جي رواج ۾ اچڻ ڪانپوءِ باقي سڀ تحريڪون شڪل بدلائي پاڻ کي ظاهر ڪنديون رهيون جڏهن تہ سڀني جو بنياد علامت نگاري ئي رهيو.

زونگ جي خيال مطابق ادب جا بہ قسم ٿي سگهن ٿا:

١- (Psychlogical Mode) ۽ ٢- (Visionany). پهرين لاءِ چيائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ ان لاءِ مواد جي فراواني انسان جي شعور جي پيداور تي مدار رکي ٿي جيئن بحراني ڪيفيت، تقدير جي ٺونگرائيءَ حادثا وغيره. جڏهن تہ ٻئي قسم لاءِ چيائين تہ هن جو مواد عام زندگي سان گهڻ واسطو رکي ٿو. پر هي هڪ اهڙو پراسراري مواد آهي جو انساني زندگي جي ان شڪاري دنيا (Hunter Land) کان حاصل ٿئي ٿو جو انسان جي ڪروڙها سالہ پراڻي جهنگلي دور سان وابستہ آهي ۽ جنهن کي سمجهڻ مشڪل آهي ڇاڪاڻ جو اهو آرڪيٽائيپل علامتن ۾ پاڻ کي ظاهر ڪندو آهي. (٣١) جيئن تہ انسان اصلي جهنگلي يا حيواني زندگي جو عادي هو ۽ هن جهنگل کان پاڻ کي پري ڪونہ ڪيو هو ۽ پنهنجي لاشعور ۾ ان کي قائم رکيو ٿي آيو. اهڙي حقيقت جو اظهار ابوالهول جي مجسمي مان ٿئي ٿو جنهن جو مٿو تہ انسان جو آهي ۽ باقي پورو جسم حيوان جو آهي يا مصري اعتقاد مطابق هڪ ديوي جو مٿو ٻلي جهڙو هو. اهي نفسياتي مسئلا آهن، جن کي سمجهڻ لاءِ اسين هيئن چئي سگهون ٿا تہ انسان جي شعور ۾ لاشعور پوشيده آهي، جنهن تي جبلتن جو راڄ آهي.

لاشعور جي حقيقت ۽ ان جي عمل جي وڏن شاعرن ۽ اديبن کي مڪمل ڄاڻ رهي آهي. ويهين صدي جي عالمن ۾ فرائڊ جو درجو بصيرت جي لحاظ کان اتم آهي. ويهين صدي جي سڀ کان وڏي تحريڪ سورلزم (Surrialism) بہ فرائڊ کان سواءِ ناممڪن هئي. هن اديبن کي هڪ خاص طرز احساس ۽ اسلوب زندگي جو ڏانءُ بخشيو ۽ انساني نفسيات جو حقائق تي مبني نظريو پيش ڪيو.

فرائڊ بود ليئر جو پوئلڳ آهي. هو بہ بود ليئر جيان سڀ کان وڌيڪ پاڻ کي تجربي جو مرڪز سمجهي ٿو. زندگي جي عذابن کي سهڻ ڪانپوءِ اسان کي آزادي ۽ محبت جو سچو احساس پيدا ٿئي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ تجرباتي ڪوٺاريءَ ۾ ڪڙهي، فرائڊ لاشعور جو فلسفو بيان ڪيو.

فرانس ۾ علامتي شاعري جي شروعات بود ليئر کان ٿئي ٿي پر علامتن کي مطالعيءَ علم جي حيثيت فرائڊ بخشي. بود ليئر هن ڪائنات کي امجاڻن جو جهنگل سڏيو آهي (٣٢) پر فرائڊ انسان جي دماغ ۾ علامتن جي جهنگل جي نشاندهي ڪئي آهي.

بود ليئر جي ادبي روايت جو معنوي رنگ فرائڊ جي نفسياتي ماهرن سان گهاٽو واسطو رکي ٿو. انهن پنهي جو دارومدار علامتن تي آهي. بود ليئر جي نظمن جو مجموعو "بدي جا گل" (١٨٥٧) انساني زندگيءَ تجربن کي سمجهڻ جو ذريعو آهي. فرائڊ بہ ساڳي روايت تي هلي انهيءَ نتيجي تي پهتو تہ انساني زندگي ۾ سڄي تبديلي اندر مان ئي پيدا ٿئي ٿي. ان ڪري هو حقير شيءِ کي بہ بي معنيٰ نٿو سمجهي. ويهين صدي جي انسان جو وڏو مسئلو پنهنجي حقيقت کي تسليم ڪرڻ آهي. حياتياتي عنصر جو دارومدار شعور تي آهيءَ انساني شعور جو هجڻ ڏک ۽ سور جي حاصلات جو سبب آهي، پر انهن نفسياتي ماهرن جي بنياد تي جيڪو انساني شرف حاصل ٿئي ٿو ان کي صوفي "عرفان" سڏين ٿا. فرائڊ جي انهي نڪتي کي خواجہ حافظ شيرازي هيٺين ريت بيان ڪيو آهي؛

الا يـا ايهـا السـاقي ادر ڪاسا ً و نـاولـهـا
کہ عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلها.

ساقي مان مراد محبوب حقيقي. "ڪاس" يعني پيالو شراب جو علامت آهي عشقي جذب جي يعني اي محبوب هيڏانهن بہ توجہ ڏيءَ هن دور ۾ اهو پيالو مونکي بہ عطا ڪر. يعني مونکي بہ پنهنجي طرف راغب ڪر جو تہ راه عشق جيڪا شروع ۾ آسان معلوم ٿي هئي (جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ ان جون تڪليفون تجربي ۾ نہ آهيون هيون) پر سلوڪجي وقت وڏيون وڏيون مشڪلون درپيش ٿيون، جن ڪان بچڻ ڏکيو هو. پر توهان (حقيقي محبوب) جي نگاه (جذب) سان سڀ مشڪلون آسان ٿي پونديون. اها فيض جي نگاهہ الله جي فضل سان واسطو رکي ٿي. بس جنهن کي اها حاصل ٿئي تہ اها "جذب" آهي ۽ انهيءَ نسبت کي الله سان وصل بہ چوندا آهن. معلوم ٿيو تہ سلوڪ اختياري آهي ۽ جذب غير اختياري يعني ڪوشش انساني اختياري ۾ آهي ۽ فيض جو الاهي رضا تي دارومدار آهي. (٣٣)

فرائڊ چوي ٿو تہ علامت ذهني تصادم جو نشان آهي ۽ انجي معنيٰ کي تحليل ۽ تجربي سان قابو ڪري سگهجي ٿو. مگر زونگ چواٿي آرڪيٽائيپل علامتون انسان جي علامتي لاشعور سان واسطو رکن ٿيون ۽ ان جي معنيٰ کي سمجهڻ ڏکيو آهي. (٣٤) فرائڊ لاشعور ۾ ذهني زندگي جي هر حقيقت ۽ اصليت جو ظهور علامتن ۾ ڏٺو آهي ۽ انهن علامتن جي فهم لاءِ تجربي ۽ تجزيي جو قائل آهي. جڏهن تہ زونگ انهن تائين رسائي کي ناممڪن سمجهي ٿو. پر حقيقت ۾ فرائڊ ۾ انساني زندگي جي حقيقتن کي ميڃڻ جي همت ۽ ڏک سور واري حياتي سان مد مقابل ٿيڻ جي قوت آهي. آرٽ ۾ شعور جي دخل بابت ايليٽ چوي ٿو تہ ان ۾ شعور کي گهٽ ۽ لاشعور توڙي تحت الشعور جو وڏيڪ دخل آهي. زندگي ۾ عمل شعور کان شروع ٿي لاشعور ڏانهن ويندو آهي ۽ آرٽ جي ابتڙ لاشعور وٽان ايندو آهي. (٣٥) انڪري ئي علامت نگارن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن پراسرار امنگن اڏمن، احساسن، تصورن ۽ لطيف جذبن کي چٽو پٽو بيان ڪيو وڃي ها تہ اها انهن سان بي وفائي ٿيندي. پر سچو تاثر اهو آهي جنهن جو ادارڪ تہ ٿئي پر اهو چٽي ريت بيان ٿي نہ سگهي. (٣٦) انڪري ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرائڊ جي پوئلڳ نقادن، اديبن جي لکڻين کي انهن تخليقات ۾ ظاهر ٿيندڙ حقيقتن، علامتن ۽ استعارن جي روشني ۾ پرکيو ۽ انهن جي ڇنڊ ڇاڻ به سندن تخليق جي لفاظي کي سامهون رکي ڪئي. هو لاشعور جي پيروي ڪرڻ کي ترجيح ڏي ٿو. شادي ۽ پيشي جي لحاظ کان به هو تقدير سان مقابلي ڪرڻ کي مردانگي ڄاڻي ٿو. ان ڪري هن کي جمالياتي ذوق کان ڪورو سمجهيو ويو.

محمد حسن عسڪري پنهنجي ڪتاب "ستاره باباديان" ۾ فرائڊ جي حياتياتي ارتقا جي نظريي کي حقيقت تي مشتمل ويهين صدي جي انسان لاءِ همت ۽ حوصلي جي راهه ڄاڻندي لکي ٿو: "فرائڊ انسان کي چند مقرر قانونن جي مطابق هلندڙ مشين ڪڏهن ناهي سمجهيو ۽ انسان جي قوت ارادي کان انڪاري آهي. البته هن کي اهو گوارا ناهي ته انسان زندگي جي ڏک ۽ درد کان اکيون ٻوٽي ۽ خوشين جا اهڙا خواب ڏسي جيڪي ڪڏهن به پورا نه ٿين. مفڪر جي حيثيت ۾ فرائڊ جي عظمت اها آهي ته هن انساني سور جي نفي نه ڪندي انساني زندگي ۾ وقار ڏنو ۽ ڏيکاريو آهي. سچو انسان صرف انهي کي سمجهيو آهي جيڪو بار امانت خوشي سان کڻي. (۳۷)

مگر جن نقادن ژونگ جي نظريي کي سامهون رکي اديبن ۽ شاعرن جي ڪاوشن کي ڏٺو تن ادب جي اندروني عنصرن جي نشاندهي ڪري ثابت ڪيو ته اديب جو رشتو انسان جي اجتماعي لاشعور سان آهي. جنهن مطابق اهي ڪنهن فرد جو ذڪر ڪونه ٿا ڪن بلڪه اهي اجتماعي طور انساني قدرن جو جائزو وٺن ٿا. اهڙي ريت جيڪو ادب اسري ٿو اهو هنگامي واقعي يا ڪمپليڪس جو نتيجو ڪونه هوندو آهي بلڪه اهو اجتماعي لاشعور جي دنيا سان وابسته هوندو آهي. انڪري ئي علامتن جون معنائون لغت جي ڪتابن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مثال طور شاه لطيف سائين وٽ "اُٽ" ويري جو اهڃاڻ آهي. "آءُ نہ گڏيس پرين کي تون ٿو لهين سچ." "گهڙو" ظاهري وسيلن جو اهڃاڻ آهي ۽ اهڙيءَ ريت شاه جو سچو شعر انهن اهڃاڻن تي ٻڌل آهي.(۳۹)

حقيقت ۾ اهي سڀ حياتياتي پهلو آهن پر جيئن مون مٿي عرض ڪيو تہ شاعر انهن جي حياتياتي پهلو سان بحث نہ ڪندو آهي بلڪہ اهو خيالي روايتن ۽ اعتقادن جي لڪ ۾ هڪ آفاقي حقيقت جو اظهار ڪري ٿو. سچ، گهڙو ۽ اُٺ ظاهري وسيلا آهن پر لطيف جو انهن ظاهري وسيلن کان گهڻو مٿي ۽ هڪ جداگانہ حقيقت ڏانهن اشارو آهي. ٻوهيو صاحب بہ ساڳي مقصد لاءِ اڳتي هلي چوي ٿو: "هن معنيٰ جو تعلق انهيءَ ڏند ڪٿا سان آهي جنهن کي تاريخ ۾ سچي داستان جي سماجي حيثيت اڳ ۾ ئي مليل آهي. (۴۰) ساڳي نموني حياتياتي پهلو جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "هڪ سالڪ هميشہ خدا جي رحمت جو طالبو هوندو آهي. لطيف پڻ پاڻ کي مختلف سالڪي ويسن ۾ ظاهر ڪيو آهي. صوفي لفظ تہ اسان وٽ مروج آهي پر ان ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي نالا ان مقصد لاءِ ورتا ويا آهن، جيئن يوڳي وغيره. لطيف سُر رامڪلي ۾ سچ جو متلاشي هڪ يوڳي ٻڌايو آهي ۽ ساڳي طرح مارئي جو رشتو وري ڪيت سان ڏيکاريو آهي. (۴۱) جيئن آءُ مٿي چئي آيس تہ لطيف سائين جو ڪنهن "مارئي" يا "ڪيت" يعني حياتياتي پهلوئن سان ڪو واسطو ڪونهي پر هو تہ هڪ اصلي حقيقت يا سچ جي تلاش ۾ هڪ يوڳي يا صوفي جي علامت استعمال ڪري پنهنجو مقصد بيان ڪري ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ انيس ناڱي چوي ٿو: "جذباتي رد عمل شڪل بدلائيندو آهي. انهيءَ اندروني تبديلي جي ڪري شاعر جو ظاهر ان لاءِ معتبر ٿي پوندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو داخلي ڪيفيات کي خارجي معروضات ۾ آڻي تجربو ڪندو آهي. معروضات جي شڪل، ظاهري رنگت جي پابند ٿي پوندي آهي ۽ اهو ميلاپ علامت ٿاهيندو آهي ۽ اهڙي ريت علامت تجربي جي تعبير ۽ عقل جو ذريعو ٿي پوندي آهي. (۴۲)

مٿين بحث مان اهو معلوم ٿيو تہ علامت نگاري جي مدد سان هڪ اديب يا شاعر هيٺيان فائدا حاصل ڪري سگهي ٿو:

۱- مروجہ ماحول جي تضادن کي ظاهر ڪري سگهي ٿو.

۲- پنهنجي قاري کي عمل لاءِ اياري سگهي ٿو (جيئن سُر ڪيڏارو ۾ لطيف سائين شهادت جو فلسفو بيان ڪندي هر ڏاڍ ۽ جبر خلاف "جهاد" جي عمل ڏانهن اشارو ڪيو آهي.)

۳- علامت نگاري ۾ حياتياتي رخن سان بحث نہ ڪيو ويندو آهي بلڪہ انهن جي اوٽ ۾ نفسياتي يا روحاني پهلوئن کي ظاهر ڪيو ويندو آهي. يعني ٻئي لحاظ کان داخلي ڪيفيتن کي ظاهري معروضات ۾ آڻي تجربو ڪيو ويندو آهي.

۴- علامت تجربي ۽ ڏندڪٿا جي ميجل صورت ۾ ظاهر ڪئي ويندي آهي.

مٿين بحث کي اڃا بہ اڳتي وڌائيندي اسين علامت نگاري جي هڪ ٻئي انتهائي مخصوص پهلو کي ڏسنداسون تہ معلوم ٿيندو تہ انسان جتي محض حياتياتي يا مادي شين جي اهميت جو احساس رکيتو اتي روحاني پهلو ڪيس پستين کان بلندين تائين وٺي ويندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن حياتياتي ۽ مادي پهلو روحاني پهلو جي مقابلي ۾ قربان ڪيا ويندا آهن ۽ انساني عظمت جو راز بہ انهيءَ ۾ آهي تہ عظيم تر ۽ بين الاقوامي مقصدن يا نصب العين لاءِ هر ڪنهن قسم جي محدود ۽ مادي خوشي کي گهوري ڦٽو ڪجي. انهيءَ ڪيفيت کي هڪ اديب يا شاعر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علامت ذريعي وڌيڪ موثر انداز ۾ پيش ڪري سگهي ٿو. سُر سهڻي ۾ شاه صاحب اهڙين علامتن کي ڀرپور نموني استعمال ڪري اهو واضح ڪيو آهي تہ حياتياتي يا مادي شيون انساني ابدي خوشي جي حاصل ڪرڻ جي پيٽ ۾ ڪا وقعت نٿيون رکن. مثال طور:

١ـ گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، مر چور ٿئي چوڙو
(سهڻي: ١ـ ١٧)

٢ـ گهڙو ڀڳو تہ گهوريو. پاڻان ويو حجاب.
(سهڻي: ١ـ ١٩)

٣ـ گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، تان ڪي تر هنيان
(سهڻي: ١ـ ٢٠)

٤ـ گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، آسر م لاهيج.
(سهڻي: ١ـ ٢١)

٥ـ گهڙو ڀڳو، مَنڊ مٽي، وسيلا ويا
(سهڻي: ١ـ ٢٣)

علامت نگاري جو هڪ دلچسپ پهلو هي بہ آهي تہ زندگي انسان جي سامهون ڪي اهڙا چئلينج بہ پيش ڪري ٿي جن کي منهن ڏيڻ لاءِ انسان کي يا تہ ڪاميابي نصيب ٿئي ٿي يا ڪيس ناڪامي جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. انهيءَ موقعي تي هڪ حساس شاعر يا اديب تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو فرض عائد ٿئي ٿو تہ علامت نگاري جي وسيلي پنهنجي قاري ۾ طاقت، جذبي ۽ قوت جو روح ڦوڪي. اهڙي ريت ئي هڪ انسان زندگي جي مختلف حادثن کي منهن ڏيڻ جي قابل ٿي سگهي ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن نا اميدي ۽ مايوسي جي اثر هيٺ شاعر علامتن ذريعي پنهنجي قاري کي بي همت ۽ ڪانئر بہ بڻائي سگهي ٿو منهنجي ڳالهہ جي تائيد ۾ انيس ناگي چوي ٿو: "علامت لال ڳاڙهو پراڻو چيٿڙو آهي جنهنکي ڏسندي ئي، نئين شاعري جي نقادن جي ناسن کان دونهون نڪرڻ لڳي ٿو. چارلس ڊڪنز وارن انگريزي پروفيسرن ۽ جان صاحب کان منهن متاثڻ وارن اردو جي استادن جي لاءِ علامت هڪ فساد آهي، هڪ فاحشہ آهي جيڪا سامهون بہ نٿي اچي ۽ اوگهڙ بہ ڏيکاري ٿي. (۴۳)

حقيقت هيءَ آهي تہ جنهن شيءِ کي فساد ۽ فاحشہ جا لقب ڏنا وڃن ٿا سا سچ تہ نئين دنيا جي دريافت ۽ نئين شعور جي حرمت آهي. چو تہ اڄ جي شاعر جي ذهني اشتراڪ جو بنياد بہ علامت جو شعوري استعمال آهي. انيس ناگي پڻ ساڳي حقيقت هيٺين سو بيان ڪري: "نئين شاعري کي سمجهڻ لاءِ علامتن سان دوستي ضروري آهي. جهڙي طرح توهان لاءِ ۽ مون لاءِ علامتن جو عمل ضروري آهي، اهڙي طرح نئين شاعري لاءِ پڻ ان ڪانسواءِ چارو ڪونهي. (۴۴)

ڪنهن بہ دور جي شاعري ۾ جيڪڏهن بي وسي، شڪستگي، هيٺائپ ۽ ڪانئرپ جو پرتو نظر اچي تہ اهو شعر عارضي ۽ بي بقا ليکبو. جيڪڏهن ڪنهن شاعر جي فن ۾ اهڙي شڪستگي ۽ ناميدي جو اظهار نمايان ٿئي تہ اهو پوري معاشري لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ جو شاعر قوم جا شعوري رهنما ۽ رهبر هوندا آهن. ان ڪري سچي شاعري ۾ نااميدي ۽ مايوسي بدران سچاين ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اميدن جون علامتون آچيون ويندڙيون آهن. جيڪي فن ۾ هڪ جٽادار صورتگري جو سبب سمجهيو وڃن ٿيون.

ڪٿي ڪٿي ٽي ايس ايليٽ به مايوسيءَ ۽ نااميديءَ جو اظهار ڪيو آهي. هن جو چوڻ آهي ته ويهين صديءَ ويران ۽ ڪلراٺي ڌرتي آهي. ان منجهان ڪنهن به شيءِ جو ڦٽڻ ناممڪن آهي. اڳتي هلي چوي ٿو:

I am a pair of ragged claws,
Scutting on the Floor of Seas.

يعني: انسان ڪو ڪيڪڙو آهي جيڪو سامونڊي گپ ۾ منڊ ڪائيندو منڊ ڪائيندو هلي رهيو آهي. آخر ۾ هو چوي ٿو ته ان جو حل هي آهي؛ (Come under The rock) هت (Rock) اشارو آهي سينٽ پال چرچ جي پيڙهہ جو پٿر. هن ريت ايليٽ عيسائيت ڏانهن موٽڻ کي سچو حل سمجهي ٿو. (۴۵)

فرانسيسي اديب بلانڊل، جو هڪ رومن ڪئٿلڪ فلسفي آهي ۽ ڪئٿلڪ جديديت جي باني مان آهي، تنهن جو استدلال مذهبي فلاسافي جي باري ۾ هي آهي ته "نتيجيت" جو نالو ان نظريي جي صحيح بيان لاءِ موزون آهي. پر جڏهن نتيجيت جو لفظ شلر جيمس ۽ ڊيري جي جديد انگريزي آمريڪي فلسفي جي نالي طور استعمال ٿيڻ لڳو، تڏهن بلانڊل ان جو استعمال ترڪ ڪري ڇڏيو. پر جيئن ته ڪالڊول ٻڌايو آهي ته فرانسيسي ديول، مذهب جي تعليمات ۾ انگلستان ۽ آمريڪا جي نتيجيت جي مذهبي توجهہ ۾ گهڻيون ڳالهيون مشترڪ آهن، ارادیت يا ارادي کي مذهبي صداقت جي لاءِ اساس قرار ڏيڻ انهن جي گڏيل اتفاق جو اصل نڪتو آهي. پر بلانڊل ۽ ان جي پوئلڳن طرفان ان ارادیت جو اظهار خلاف عقليت نظريي ۾ ٿئي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرانسيسي مفڪر خدا جي ڪائنات ۾ جاري ساري هجڻ واري تصور تي خصوصيت سان زور ڏيندا آهن ۽ انهن وٽ خدا جو تجربو ڪو خارجي شعور نالي پر هي انسان کي پنهنجي پوري باطني زندگي جي فعليت ڪان حاصل ٿئي ٿو. (۴٦)

ان مان اهو ظاهر ٿيو تہ فڪر تڏهن پروان چڙهندو جڏهن اهو ڪنهن طاقتور ۽ روشن تجربي مان پيدا ٿيندو. باقي سڀ حقيقتون ناميدي ۽ بي همتي جي غار ڏانهن ڪٺي ويندي يون. ڀٽائي سائين پڻ اهڙين ابدي، با مراد ۽ قوي علامتن کي سامهون رکي شاعري ڪئي. جو تہ جڏهن شاعر جي نظر ۾ بلند ترين مقاصد آهن تہ پوءِ هو لفظن کي پنهنجي قوت شناسي، خلوص ۽ جذبي سان نہ فقط معنيٰ خيز بڻائي ٿو پر اهي لفظ خود هڪ مستقل ۽ نوس علامتون بڻجي پون ٿا. جيڪي هونئن عام رواجي طور تي ڪا حيثيت نہ رکندا آهن. (۴٧) سُر سهڻي ۾ شاه سائين انسان کي اهڙي چئلينج جي مقابلي ۾ همٿائيندي فرمائي ٿو:

ڪنڌي اپيون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن
ڪنين سانگو ساه جو، ڪي گهوريس ڪيو گهڙن
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي.
(سهڻي: ١ـ ٩)

سُر ڪيڏارو ۾ شاه صاحب انسان جي ساڳي عمل کي اپاريندي فرمائي ٿو:

دوست ڪهائي دادلا، محب مارائي
خاص خليلن کي، سختيون سهائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الله الصمد بي نياز، سا ڪري جا چاهي
انهين ۾ آهي، ڪا اونهي ڳالهہ اسرار جي
(ڪيڏارو: ٢-١٠)

ڪربلا جي پـڙ ۾، خيما ڪوڙيائون
جهيڙو يزيد سامهون، جنبي جوڙيائون
منهن نہ موڙيائون، پسي تاءُ ترار جو
(ڪيڏارو: ٢-٤)

مٿ Myth : مٿ خود هڪ اهڃاڻ يا علامت آهي جنهن ۾ سڄي سماج، سڄي قوم ۽ سڄي تاريخ جي معنيٰ موجود آهي. ان ڪري مٿ کي سماجي اهڃاڻ (Social Symbol) بہ چئي سگهجي ٿو. " ڪلچر بہ انسان جي من جي ڪهاڻي جي انهي مٿ جو نالو آهي" (الهداد ٻوهيو: "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" ص-٢٨٤) جو تہ زندگي جي ابتدائي دور ۾ حقيقت جي فهم لاءِ ڏند ڪٿائي عنصر غالب هو. انڪري انهيءَ دور جي زبان ۾ بہ مٿ جون خصوصيتون غالب آهن. جنهن جو بيان اڳتي ڪنداسين.

مِٿ (Myth) ڪنهن قديم تهذيب جي ديو مالائي ديوي، ديوين ۽ فوق البشر سورمين جو مطالعو آهي جنهن کي خرفات سان تعبير ڪيو ويندو آهي. ان جو مذهب سان گهرو تعلق آهي. گهڻو ڪري سيني قديم تهذيبن جون ڏند ڪٿائون انهن ماڻهن جي مذهبي عقيدن جي باري ۾ معلومات مهيا ڪنديون آهن جن اهي ڪهاڻيون تخليق ڪيون آهن پر اسين انهن کي محض خرافات چئي رد نٿا ڪري سگهون. ڏند ڪٿا دراصل پنهنجي وقت جي سائنس هئي. جو تہ ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي معرفت اسين قدرت جا مظهر ۽ انهن جي اصليت ۽ حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. مثلاً ڪائنات ڪيئن وجود ۾ آئي. بادل ڪيئن گجندا آهن. زلزلي لاءِ طوفان ڪيئن ايندا آهن ۽ وڻ ۽ ٻوٽا ڪهڙي ريت پيدا ٿيندا آهن.

ٻين قومن جي نسبت يونانين پنهنجي مٿالاجي کي انسان جي ويجهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن انسان کي نامعلوم جي خوف کان نجات ڏياري، ان کي ڪائنات ۾ مرڪزي مقام عطا ڪيو.

يوناني ڏندڪٿا کان اڳ جي ڏند ڪٿا جون ديويون ۽ ديوتا اڌ انسان ۽ اڌ جانور هوندا هئا، جيئن ابوالهول جو مجسمو يا مصري ديوي جنهن جو مٿو ٻلي جهڙو هو. ان جي برعڪس يونانين ڏٺل وائٺل ۽ قرين قياس ديوي ۽ ديوتا تخليق ڪيا. انهن نامعلوم جو خوف ماڻهن جي من مان ڪڍي، عقل ۽ حقيقت شناسي ڏانهن مرڪوز ڪيو.
(۴۸)

ديو: پارسين ۽ هندن ۾ ديو متبرڪ سمجهيو ويندو هو. پارسين هندن جي ضد ۾ ديو يعني شيطان کي سڏيو. جيئن نيڪ انسان راڪشس سان لڙيا آهن تيئن پارسين وٽ اهي ديون سان وڙهيا آهن. رامائڻ ۾ لکيل آهي تہ جهنگلي جانورن راوڻ جي مقابلي ۾ رامچندر جي مدد ڪئي. شاهنامي ۾ ڪيو مرث جو حال پڙهبو تہ معلوم ٿيندو تہ ان جي پٽ کي ديو ماري ڇڏيو. پٽس ديون تي فوج ڪشي ڪئي. شير، چيتا، بگهڙ ۽ جهنگلي جانور ان جي فوج ۾ داخل ٿيا. آخر ديون کي شڪست آئي. جانورن انهن کي چيري ڦاڙي فنا ڪري ڇڏيو.

تاتار جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو ديو مان اڪثر اهل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چين مراد وٺندا آهن، چو تہ اهي ڪين ستائيندا رهندا هئا. ان ڪري ديو اڪثر اهڙي دشمن کي چوندا هئا جيڪي قوت توڙي تدبير يا حيلي ۾ انهن کان وڌيڪ چست چالاڪ ۽ غالب هجن. (۴۹)

اهڙي طرح انساني ڪردار اڳتي هلي ديو مالائي صورت اختيار ڪئي. اهڙي قسم جون ڪئين ڪهاڻيون آهن جن جو بنياد مِٿ تي بڌل آهي. هر ملڪ جو شروعاتي دور اهڙين ڪهاڻين سان ڀريل نظر ايندو. هندوستان جيان ايران (فارس) ۾ بہ ڳئون کي عزت ۽ توقير جو نشان سمجهيو ويندو هو. انهيءَ مٿ جي ڪهاڻي هيٺن آهي:

"گرشاسب نامي ۾ لکيل آهي تہ سيستان ۾ هڪ بادشاه هو. ان جي ڏيءَ جمشيد جي محل ۾ هئي ۽ نور يعني گرشاسب جو پڙ ڏاڏو مذڪوره چوڪريءَ جي اولاد هو. اهو ڳئون جي عزت ڪندو هو. گاورنگ ان جو نالو هو. اسدي طوسيءَ گرشاسب نامي ۾ لکيو آهي:

مرآن شاه را نام گورنگ بود
کزو تيغ و فرهنگ بي زنگ بود.

نوشيروان جو سوٽ حاڪم مازندان محبت ۾ "ڳئون جو دوست" چوائيندو هو. نزاد نامي ۾ ان جو احوال ڏنل آهي.

ابو ريحان البيروني "آثار الباقيہ" ۾ لکيو آهي تہ مذڪوره مملڪت ۾ ست بادشاه اهڙا گذريا آهن جن ڳئون جي محبت ۽ عظمت ۾ ان کي نالي جو جُز قرار ڏنو هو.

پارسي ماڻهو مهرگان جي ڏينهن عيد ڪندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ اڄوڪي رات هڪ ڳئون ظاهر ٿيندي آهي، جنهن جا سوني جا سڱ آهن ۽ چاندي جا کُراٽس، جيڪا هڪ جلوو ڏيکاري غائب ٿي ويندي آهي. جنهن کي نظر اچي ٿي، انجو پورو سال عيش ۽ خوشي ۾ گذرندو آهي. (۵۰)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اردو بورڊ لاهور ١٩٧۴ ص ـ ۴٦٧
١۴ـ اعجاز حسين، "اردو افساني مين علامت نگاري"ـ پي ايچ ڊي ٿيسز ـ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ـ ١٩٧٩ ص ـ ١٠
١٥ـ انسائيڪلوپيڊيا برطانيڪا "(پندرهين ايڊيشن) ـ نيو يارڪ ١٩٧٦ ص ـ ٩٠٠
١٦ـ نياز فتحپوري، "نگار پاڪستان" (سالنامو) نگار پاڪستان. ڪراچي ١٩٦٥ع ص ـ ٢٩٧
١٧ـ اي. ايس هانبا : "آڪسفورڊ ايڊوانس لرنرس ڊڪشنري آف ڪرنٽ انگلش" ـ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ـ لنڊن (ٽين ايڊيشن) ١٩٧۴ ص ـ ٨٩٢
١٨ـ ...................... ايضا ................ ص ـ ٨٩٢
١٩ـ دي انسائيڪلوپيڊيا امريڪانا (انٽرنيشنل ايڊيشن) امريڪن ڪو آپريشن انٽر نيشنل. نيو يارڪ (جلد ٢٦) ١٩٦٨ ص ـ ١٥٩
٢٠ـ رفعت، علي احمد: "عربي ادب". اردو اڪيڊمي، بهاولپور ـ ١٩٦٢ ص ـ ٢٥۴
٢١ـ سي. ٽي. اونيز: "شارٽر انگلش ڊڪشنري آف هسٽاريڪل پرنسپلز" (ٽين ايڊيشن) او يو پي لنڊن ١٩٦٥ ص ـ ٢١٠٩
٢٢ـ بوهيو، الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" ـ انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٧٨ ص ـ ٢٦٦
٢٣ـ جي. بي. سائيز: "دي ڪنسائيز آڪسفورڊ ڊڪشنري". (ٽيون ايڊيشن) آڪسفورڊ پريس ١٩٧٦ ص ـ ١١٧١
٢۴ـ اي. حامد خان، "فيروز ڪنسائيز ڊڪشنري" ـ فيروز سنز لميٽيڊ. لاهور ١٩٧٨ ع ص ـ ٥٣۴
٢٥ـ وليم جيدي، "چيمبرس سينچري ڊڪشنري"ـ ڊبليو سي آرز چيمبرس لميٽيڊ. لنڊن ١٩٥٩ ص ـ ١١١٧



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢٦ـ جالب. افتخار: " نئين شاعري"ـ نئي مطبوعات. لاهور ١٩٦٦ ص ـ ٢٠٧
٢٧ـ .................... ايضا .................. ص ـ ٢٠٨
٢٨ـ نياز فتحپوري: "نگار پاڪستان (سالنامو)" نگار پاڪستان. ڪراچي ١٩٦٥ ص ـ ٣٣٧.
٢٩ـ رفعت. علي احمد : "عربي ادب" ـ اردو اڪيڊمي. بهاولپور ١٩٦٢ ص ـ ٧٧

٣٠ـ محمد اجمل (ڊاڪٽر): "علامت پسندي اور ادب" (ترجمو محمد سليم) مطبوعہ "سويرا" لاهور ١٩٦٥ ص ـ ٨
٣١ـ وزير آغا: "نئي تناظر"ـ آئينہ ادبي، چوڪ انارڪلي لاهور ١٩٨١ ص ـ ١٠١
٣٢ـ چارلس بودليئر: "فلاورس آف ايول" لنڊن ١٩٢٢ ص ـ ٢٥
٣٣ـ ٿانوي مولانا اشرف علي: "عرفان حافظ"ـ نفيس اڪيڊمي، ڪراچي ١٩٧٦ع ص ـ ٩ـ ١٠
٣٤ـ وزير آغا: "نئين تناظر" آئينہ ادب چوڪ لاهور ١٩٨١ ص ـ ١٠١
٣٥ـ ابڙو. بدر: "تنقيد نگاري" سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي ١٩٨٥ع ص ـ ١٢٢
٣٦ـ مهر. ممتاز: "ويچار" ـ آگر پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد ١٩٨٠ ص ـ ٤٧ ـ ٤٨.
٣٧ـ عسڪري. محمد حسن: "ستاره يا بادبان" مڪتبہ سات رنگ. ڪراچي ١٩٦٣ع ص ـ ٩٣
٣٨ـ سوسن ڪي لينگر: "فلاسافي ان اي نيوڪي" نيو امريڪن لائبريري آف ورلڊ لٽريچر. نيويارڪ ١٩٤٨ع ص ٢١
٣٩ـ بوهيو. الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" ـ انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٧٨ ص ـ ٢٨٢



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۴۰۔ ............... ايضا ............... ص ـ ۲۸۲

۴۱۔ جوڻيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر)؛ "شاھ عبداللطيف؛ اسپريچوئل پرسيپشن ٿرو سمبلزم" ص ـ ۵۲.

۴۲۔ جالب، افتخار؛ "نئي شاعري"۔ نئين مطبوعات، لاھور ۱۹۶۶ع ص ـ ۵۶

۴۳۔ ............... ايضا ............... ص ۵۶

۴۴۔ ............... ايضا ............... ص ۵۶

۴۵۔ ابڙو، بدر؛ "تنقيد نگاري" ـ سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي ۱۹۸۵ع ص ـ ۱۲۵ ـ ۱۲۶

۴۶۔ ڊي ـ ايس رابنسن (ڊاڪٽر)؛ "مقدمہ حاضرہ" (ترجمو؛ ڊاڪٽر مير ولي الدين) ـ دارالطبع جامعہ عثمانيہ، حيدرآباد دکن ۱۹۴۱ع ص ـ ۴۰۱ ـ ۴۰۲

۴۷۔ سوسن ڪي لنگر؛ "فلاسافي ان اي نيوڪي" ـ نيو امريڪن لائبريري آف ورلڊ لٽريچر، نيويارڪ ۱۹۴۸ع ص ـ ۴۱

۴۸۔ "اردو انسائيڪلوپيڊيا"۔ فيروز سنز لاھور (نيون ايڊيشن) ۱۹۸۴ ص ـ ۷۰۳

۴۹۔ آزاد، محمد حسين؛ "سخدانِ فارس"۔ مڪتبہ اردو ادب، لاھور ص ـ ۲۶۸ ـ ۲۶۹

۵۰۔ ............... ايضا ............... ص ـ ۲۷۱ ـ ۲۷۲




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ٽيون

# علامت جا قسم ۽ وسعت

ٻولي ۾ علامتن جو استعمال، اهڙو ادبي طريقو آهي جنهن ذريعي شاعر پنهنجي مدعا ۽ مقصد بيان ڪندا آهن. هن طريقي مطابق ٻولي جي عام شين جي مخصوص معنائن بدران ڪيترين ٻي اضافي معنائون ظاهر ڪري ٽيون سگهجن.

علامت کي سمجهڻ لاءِ اسان جا عالم ڪيترن ئي ادبي اصطلاحن ۽ مرحلن کي انهيءَ (علامت) جي زمري ۾ شامل ڪندا رهيا آهن. سندن خيال مطابق علامت هڪ اهڙو ادبي مرحلو آهي، جنهن تي رسائي لاءِ ٻين ادبي اصطلاحن جي ڏاڪڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ شپلي (J.T.Shipley) جو خيال آهي تہ علامتن تائين پهچڻ لاءِ چار ڏاڪا آهن:

(الف) اهو ڏاڪو جنهن مطابق بي جان شين کي جاندار شين جون خصوصيتون ڏنيون وڃن. يعني شين سان حياتي عنصر جي معنيٰ حاصل ڪئي وڃي. جيئن شاهه ڀٽائي فرمائي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١ـ ڏونگر مون سين رَو ڪَڏي پار پنهون جا.

٢ـ ڏڙڪو منجهه درياءَ

٣ـ لهرون لوڏا ڏين. وغيره.

(ب) استعارو: سنڌس خيال مطابق استعاري ۾ لفظ جو فارم نه پر لفظ جو اعتقادي عنصر علامت جي روپ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي ۽ فارم پنهنجي حالت ۾ رکيو ويندو آهي.

(ج) تشبيهه: هن مطابق علامت ڪي ڪولي عام رواجي معنيٰ تائين آڻيو آهي. جڏهن ائين چئجي ته "سمنڊ ائين آهي جڻ راڪاس هجي". تڏهن اسين راڪاس ڪي جو اڳ ۾ ئي پاڻ علامت هو، سمنڊ جي عام رواجي معنيٰ تائين وٺي ٿا وڃون.

(د) حقيقي عڪس (Concrete image): هن ۾ اصطلاحي معنيٰ ڪي ڪنهن حقيقي واقعي يا سچي عڪس تي قربان ڪيو آهي. مثال طور اسان "دهشت دم درياهه ۾" جيڪو ٻولي جو اصطلاحي طريقو آهي ان جي بجاءِ چئون "درياهه توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي". ته پوءِ ڏسبو ته اسين اصطلاحي طريقو ڇڏي عڪسيت وارو طريقو اختيار ڪيو آهي، جنهن مطابق درياهه هڪ ظاهر ۽ جابر بادشاه جي روپ ۾ پيش ڪيل آهي. ڏٺو ويندو ته "دهشت ۽ دم" اهڙيون شيون هيون جي درياهه ۾ سهٽي ڏسي به رهي هئي پر ظالم ۽ جابر جو تصور توڙي حقيقي نه آهي پر ته به ان جو اظهار حقيقي آهي. جو ته اها حقيقت آهي ته درياه جو رويو سهٽي سان جابر ۽ ظالم ماڻهو جهڙو هو. (١)

اسين هن باب ۾ شيلي جي ٻڌايل ڏاڪن سان گڏ علامت تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ اشاري نشان، تشبيهه، استعاري ۽ تمثيل کي به ان جا مرحلا سمجهون ٿا. پر هت اها وضاحت به ضروري ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهون ته انهن سيني عناصرن جو علامت ناهڻ ۾ ڪو هٿ ڪونهي، اهي سڀ جدا جدا ادبي اصطلاح آهن جن جو علامت سان صرف خانداني رشتي ڪانسواءِ ٻيو ڪو به واسطو ڪونهي. مطلب ته اهي سڀ اصطلاحات هڪ ئي خاندان جا جدا جدا جسم رکندڙ فرد آهن. هيٺ اسين انهن اصطلاحن ۽ علامتن کي مختصر طور سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

نشان (Sign) ۽ علامت: نشان ڪنهن شيءِ، حالت، واقعي يا ڳالهہ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي وجود کي ظاهر ڪري ٿو. مثال طور "آليون گهٽيون" نشان آهن ته مينهن پيو آهي. ڇت تي برسات جي ٽِپ ٽِپ (ڦڙن ڪرڻ جو آواز) نشان آهي ته برسات پئجي رهي آهي. ٻڙا ميٽر (مينهن ماپڻ جي اوزار) ۾ پاري جو ڪرڻ يا چنڊ جي چوڌاري "هالو" نشان آهي ته برسات وسڻ واري آهي. هڪ غير زرعي ايراضي تي جهجهي ساوڪ نشان آهي ته اتي اڪثر مينهن پوندو رهندو آهي. دونهين جي بوءِ نشان آهي ته ڪٿي باهہ ٻري رهي آهي. زخم ماضي جي ڪنهن ڏک جو نشان آهي. پره ڦٽي سج اڀرڻ جو نشان آهي ۽ توانو تندرست جسم ڪاڌ خوراڪ جي فراواني جي نشاني آهي. اهي سڀ قدرتي (Normal) نشانين جا بيان ڪيل مثال آهن.

هڪ قدرتي نشان عظيم تر واقعي يا هڪ مرڪب حالت جو حصو آهي جو ان جي آثارن کي ظاهر ڪري ٿو. (٢)

ڪنهن به لفظ يا اصطلاح جي معنيٰ جا ٻہ پهلو هوندا آهن. هڪڙو منطقي ۽ ٻيو نفسياتي. منطقي طرح انهيءَ معنيٰ کي، جيڪا نشان جو روپ وٺي ٿي، اٿين چئبو ته اها هڪ خاص معنيٰ يا هڪ خاص مفهوم، پيغام جي صورت ۾ ڪنهن قاري جي ذهن ۾ داخل ڪري ٿي. نفسياتي طرح انهي معنيٰ کي هڪ نشاني ڇئي سگهجي ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يعني ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ ڪنهن بہ ماڻهو لاءِ اها معنيٰ هڪ نشان جو درجو رکيتي. ٻنهي صورتن ۾ اڳتي هلي علامت جو منطقي ۽ نفسياتي پهلو هڪڙيئي شيءِ ڏانهن اشارو ڪن ٿا. (٣)

مثال طور ڪا بہ نشاني ڪنهن بہ نئوس وجود يا واقعي ڏانهن اشارو ڪري ٿي جنهن ۾ ٽئي زمانا موجود هوندا آهن. يعني ماضي، حال ۽ مستقبل.

مٿين مثال کي اسين قدرتي نشانيون چوندا آهيون. منطقي اعتبار سان اهي قدرتي نشانيون علم ۽ ادب ۾ رنگ آميزي جي حسن سان تحرير کي سينگاري قاري کان داد حاصل ڪنديون آهن، ڇاڪاڻ جو نفسياتي ۽ منطقي اثرات انساني تخيل جي دنيا ۾ هلچل پيدا ڪري بي شمار حسين نشانين کي وجود ۾ آڻڻ جو سبب بڻجن ٿا. اها هڪ عجيب ڳالهہ آهي تہ انسان تخيل جي دنيا ۾ محسوس ٿيندڙ لذت کان ڪڏهن بہ پيڇو نہ ٿو ڇڏائي سگهي. جيئن تہ حال ۽ مستقبل ۾ هو جن تبديلين جو خواهان هوندو آهي، تن جي ڀرپور صورتگري سندن تخيل ۾ ٿئي ٿي جنهن کي نئوس عملي جامو پهرائڻ لاءِ هو عمل جي دنيا ۾ جاکوڙ ڪري ٿو ۽ ظاهر ڳالهہ آهي تہ اهي نشانيون ئي آهن جيڪي سندن تخيل ۾ نئوس صورتگري ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون.

انسان تہ هڪ اشرف ۽ افضل مخلوق آهي پر جانورن کي بہ ڏسبو تہ اهي بہ تخيل جي ڪار فرمائي کان آجا نظر نہ ايندا. مثال طور هاٿي پنهنجي موت کي تخيل جي هڪ نئوس صورت ۾ ڏسي انهيءَ منزل ڏانهن وڃي ٿو جتي ڪيس موت اچڻو آهي. پکين جي بلند پروازي ۽ انهن جو پنهنجي خوراڪ جي تلاش ۾ نڪرڻ، انهن جي تخيل جو ڪم آهي. چمڙي جو سج لهڻ ڪانپوءِ خوراڪ جي تلاش لاءِ فضا ۾ پرواز ڪرڻ بہ ساڳيو دليل رکي ٿو. ڪتي جو سهڪڻ خطري يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طوفان جي نشاني آهي. سرڻ (هل) جي هڪ هنڌ اڏامر ڪتي جنگ يا لاش جي هجڻ جي نشاني آهي. ڪولين جو نڪرڻ برسات يا پاڻي جي نشاني آهي. اهو سڀ تخيل جو ڪمال آهي. ساڳي ذهني ڪيفيت جو ذڪر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي اجهو سُر ڪيڏارو ۾ هيٺن ٿو ڪري؛

١ـ سختي شهادت جي، مڙيوئي ملار،
ذرو ناھ يزيد کي، اي عشق جو آثار،
ڪسڻ جو قرار، اصل امامن سين.
سُر ڪلياڻ ۾ چوي ٿو؛
٢ـ سوري آ سينگار، اڳهين عاشقن جو،
مرڻ موٽڻ مهڻو، ٿيا نظاري نروار
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.

سنڌي سماج ۾ اسان کي بنيادي علامتي وسيلو "سينڊ"، "ڪوڪ" ۽ سيٽي" ۾ ملن ٿا. سنڌ ۾ انهيءَ نموني سان ڳالهائڻ جون نشانيون اڄ بہ مروج آهن. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ان سلسلي ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ سينڊ مان ڪيترن قسمن جي معنيٰ حاصل ڪري سگهجي ٿي. پهرين طريقي مطابق ڪنهن ويندڙ جو ڌيان ڇڪائڻ آهي. ٻيو قسم چيڙائڻ آهي. ٽيون جنسي جذبات جو اظهار آهي ۽ چوٿون ڪنهن کي اشارو ڏيڻ آهي. هو اڳتي هلي لکي ٿو تہ سيٽي ۽ ڪُوڪ بہ گهڻ وقت ساڳي نموني استعمال ڪئي ويندي آهي. ساڳئي ڪتاب ۾ هو لکي ٿو تہ آفريڪا جي ڪيترن ٻولين ۾ سينڊ ذريعي ڳالھ ٻولھ ٿيندي آهي. (٤)

مٿين بحث مان اهم ڳالھ اها ظاهر ٿي تہ نشان، اشارا ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علامتون هڪ جداگانہ نظام تحت ڪم ڪن ٿيون ۽ تنهي ۾ واضع فرق موجود آهن.

١۔نشان جي معنيٰ جو دائرو حالتن پٽاندڙ مقرر ٿئي ٿو. يعني جهڙي حالت تهڙي معنيٰ،

٢۔اشاري ۾ رمزيت، ڪنايہ جو عنصر غالب هوندو آهي ۽ ان جي معنيٰ ٻولي جي رواج، قبوليت جي بنياد تي حاصل ڪئي ويندي آهي.

٣۔علامت جو لغت کان پري هڪ پنهنجو معنيٰ جو دائرو آهي. يعني علامت ٻولي جو اهو طريقو آهي جنهن ۾ لفظ پنهنجي عام رواجي معنيٰ کان هٽي، جذباتيت ۽ احساسيت جي وسيع قلبي جو مظاهرو ڪن ٿا.

اسان جي ڪيترن عالمن جو خيال آهي تہ تشبيهہ، استعارو، ڪنايو وغيره بہ علامت جي خاندان جا فرد آهن ۽ علامت جو بنياد خود اهي عناصر آهن. اعجاز حسين پي ايچ ڊي جي لاءِ پيش ڪيل ٿيسز ۾ لکي ٿو:

" علامت جي معنيٰ، ساخت، وسيع ۽ اثر پذيري جي ڳالهہ ٻولهہ دوران تشبيهہ، استعاري، نشان، ڪنايي، رمز ۽ مجاز جي ٻين عناصر کي بہ گڏوگڏ زير بحث آڻبو. ان لاءِ بہ جو علامت جي شناخت ۽ برتري جو تصور، انهن عناصر جي پيٽ ۽ تجزئي تي بنياد رکن ٿا." (٥)

حقيقت هي آهي تہ علامت نگاري هڪ اهڙو جداگانہ علمي ۽ ادبي جُز آهي جنهن جو بنياد صرف اشاري ۽ نشان تي ٻڌل آهي ۽ نہ مجاز تي. تشبيهہ، استعارو، ڪنايو وغيره اهڙا ترڪيبي عناصر آهن، جيڪي بذات خود علامت جا مرهون منت آهن ۽ انهن جي شناخت جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سبب پڻ علامت آهي. البت ائين چئي سگهجي ٿو ته علامت هڪ اهڙي ڏاڪڻ آهي جنهن جي ذريعي اهي سڀ عناصر علمي و ادبي عمارت جو سير ڪن ٿا، جو ته علامت لفظ جي اندروني ڪيفيت سان گڏوگڏ، لفظ جي پهچ ۽ پکيڙ کي انفراديت بخشي ٿي. ان ڪري لفظ جامع روپ اختيار ڪندي معنيٰ جي اها صورت وٺي ٿو جتي هر مڪتب فڪر جو ماڻهو، ان جي چاشني چکي، حظ حاصل ڪر سگهي ٿو.

استعارن جا مثال لطيف سائين جي ڪلام مان هيٺ ڏجن ٿا:

"راجا رساڻو گهڻو، سڻاڻو سردار"
"ناڪر اکئين ئار، مٿئي تي ٿي مٽئين"
"چنيسر چوءِ رنگ، ۾ رنگو لوڪ پيو."
"تو جو پانيو هار، سو سورن جو سگرو." (٦)

**تمثيل:** لطيف جي پوري شاعري کي تمثيلي شاعري ڪوٺيو ويو آهي. ان ڪري اسين پنهنجي موضوع جي مناسبت سان اهو ضروري ٿا سمجهون ته تمثيل ۽ علامت ۾ جيڪو واضح فرق آهي، ان کي کولي بيان ڪريون. جيئن اڳتي هلي ڀٽائي رحه جي شاعري کي علامتي انداز ۾ سمجهڻ لاءِ اسان کي ڪنهن قسم جي دقت محسوس نه ٿئي.

علامتي صورتن ۾ هڪ صورت تمثيل جي به آهي جنهن ۾ معنيٰ جي سطح بدلجي ويندي آهي. تمثيل ماضي جي ڪن حقيقتن جو هڪ مخصوص زماني ۽ مڪاني رشتو ڳنڍيندي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هائي رُجلس لکي ٿو:

"تمثيل ۾ مختلف شين يا واقعن يا موقعن تي مشترڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وصفن ۾ مقابلي جو پيو نالو آهي. جيڪو شخص تمثيل کان ڪم وٺي ٿو، اهو هڪ موقعي جي احوال جي تشريح ٻئي موقعي جي احوال جي ذريعي سان ڪندو آهي." (٧)

جڏهن ڪنهن شيءِ، مقام ۽ وقت ۾ اختلاف پيدا ٿي پوندو تہ مطلب اهو ٿيندو تہ احوال ۽ حقيقتون بہ مختلف ٿي پيون. انيس ناگي تمثيل جي ذڪر ۾ فرمائي ٿو:

"تمثيل کي هڪ محاڪاتي استعارو چئي سگهجي ٿو. استعارو، اختصار جي وصف مان پيدا ٿئي ٿو ۽ تمثيل ۾ اختصار ۽ وسعت ٻنهي جو سنگم آهي. تمثيل جي عام تعريف شين ۽ حقيقتن جو محاڪاتي بيان آهي. (٨)

جيتوڻيڪ محاڪات جو تعلق بہ عڪس سان آهي، پر عڪس جي اپياس لاءِ اهو طريقو مڪمل نہ آهي. جو تہ اهو صرف قدرتي مناظر جي بيان سان واسطو رکي ٿو، تمثيل ۾ استعاراتي ڪيفيت، اختصار سان پيدا ٿيندي آهي ۽ اختصار ۾ انڪشاف شاعر جو شروعاتي نڪتو ٿيندو آهي. تمثيل ۾ اختصار بہ هوندو آهي تہ وسعت جي گنجائش بہ، جا معلوم جي اصل تائين پهچڻ جو ذريعو بہ آهي. ان ڪري عڪس مان مراد آهي معلومات يا محسوسات جا اڳ ۾ حاصل ٿيل هجي، تنهن کي وري جاڳايو وڃي. اهڙن احساسن ۽ جذبن کي هڪ شاعر وڏيڪ سمجهي سگهي ٿو. تنوير عباسي تمثيل ۽ شاعر جي تعلق لاءِ ڪتاب "شاه لطيف جي شاعري" ۾ لکي ٿو:

"ان ڪري هن کي پنهنجي محسوس ڪيل ڪائنات پيهر تخليق ڪرڻي ٿي پوي. ڪائنات جي انهيءَ پيهر تخليق لاءِ عڪس بهترين ذريعو آهي. ان ذريعي ئي شاعر پنهنجا محسوس ڪيل خاص قسم جا تجربا، احساس، مشاهدا، عام ماڻهو جي من ۾ پيهر پيدا ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري سگهي." (٩)

ساڳي حقيقت جي تائيد ۾، ساڳي ئي ڪتاب ۾ فرانسيسي نقاد رومي دي گارمنٽ جي حوالي سان ٻڌايل آهي تہ:

"شاعر ٻن طريقن سان ئي پنهنجا محسوسات ۽ مشاهدا محفوظ ڪري سگهي ٿو، يا موسيقيت جي طريقي سان يا عڪسن جي طريقي سان. (١٠)

شاعر ۽ اديب تمثيل کان گهڻو ڪم وٺندا آهن جو تہ ائين ڪرڻ سان دنيا سان واسطو رکندڙ مختلف شين ۽ حالتن جي وچ ۾ اختلاف جي حقيقت کي سمجهي سگهندا آهن. ان ڪري اها ڳالهہ ظاهر ٿي تہ "تمثيل بنيادي حقيقتن جي دريافت جو نهايت اهم ذريعو آهي." (١١)

جيئن تہ لطيف سائين جي شاعري علامتي بہ آهي تہ تمثيلي بہ.
ان ڪري لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترائي اهڙا ذهني ۽ جذباتي احساس پيش ڪري، عڪسي شاعري جي بہ تڪميل ڪئي آهي. هيٺين بيت مان بخوبي معلوم ٿيندو تہ لطيف سائين جا عڪس ڪنهن نہ ڪنهن خيال، جذبي ۽ احساس سان پريل هوندا آهن ۽ اهي ڪنهن خاص ۽ مقرر وقت تي پيش ٿيل هوندا آهن. لطيف سائين فرمائي ٿو:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي تومار،
ڇنگهہ ڇرڪي وات ۾، سسي ڪي سيسار،
ڇوڙا پيڙا چڪ ۾، لَڙ ۾ لڙهيس وار،
لکين ڇهنيس لوهٽيون، ٿيلهيون ٿرنٽون ڏار،
مڙيا مڇ هزار، ياڳا ٿيندي سهٽي.
(سهڻي، ١-١٥)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف سائين جو متيون بيت جذبات سان ڀريل ۽ فڪر جو خزينو آهي. وليم ڪوهين اهڙي عڪس کي "ڀريل عڪس (Charged Image) سڏيو آهي. (تنوير عباسي: "شاهہ لطيف جي شاعري" ص ـ ٧٩)

شيلي عڪس جي تعريف ڪندي لکي ٿو:

"عڪس هڪ ادبي صفت آهي. هن صفت جو دارومدار گهڻو ڪري ڏسڻ جي وسيلي سان حاصل ڪيل تجربي تي آهي. عڪس اظهار جو هڪ اهڙو وسيلو آهي جنهن ۾ ڪنهن شيءِ جي حسي تاثر (Sensual appeal) کي شامل ڪيو ويندو آهي. عڪس جو ڪم آهي ڪنهن شيءِ جي اظهار کي اثرائتو، موزون ۽ مختصر بنائڻ.

ڏسڻ وارن حواسن جي وسيلي حاصل ڪيل تجزيي وارو هڪ شعر لطيف سائين جي شاعري مان ملاحظہ فرمايو:

لڪڙياريون آگريون، پاروچاڻو ڀيرُ،
اچو پسو جيڏيون، تازو پنهون پيرُ،
ويچاري سين وير، جتن جيڏو ٿي ڪيو
(حسيني ـ ١٢ ـ ١١)

محاڪات، جيئن تہ عڪس نہ آهي، پر عڪس سان واسطو رکندڙ ادبي اصطلاح آهي، ان جو ذڪر ڪلياڻ آڏواڻي شاهہ جي شاعري جي مناسبت سان ڪيو آهي، (١٢) غلام محمد شاهوائي بہ "(شاهہ جو رسالو"ـ ص ٣٢) تي محاڪات جي سلسلي ۾ لکي ٿو تہ ڪنهن شيءِ يا حالت جو اهڙي طرز سان بيان ڪرڻ، جو انهيءَ جي تصوير پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي اکين اڳيان تري اچي. مطلب تہ عڪس شاعري جو هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن ذريعي شاعر پنهنجي قاري کي اڻ ڏٺل، اڻ ٻڌل ۽ غير محسوساتي دنيا جو سير ڪرائي ٿو. ان ڪري ٿي چيو ويندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي تہ بهتر شاعري اها آهي جنهن ۾ تجربو عڪسن جي صورت ۾ ظاهر ٿئي.

عڪسي مشاهدي جون چند عام صورتون هي آهن.

۱۔بصري مشاهدو ۲۔غير متحرڪ مشاهدو ۳۔متحرڪ مشاهدو ۴۔رنگين عڪسي مشاهدو ۵۔انتقالي مشاهدو ٦۔ٻڌڻ واري مشاهدي جا عڪس (۱۲)

لطيف جي شاعري مان عڪسي ٻولي جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

۱۔بصري مشاهدو:

"پلر جي پالوٽ سين، پٽن جهليا پاهہ"

۲۔غير مستحرڪ مشاهدو:

"اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس."

۳۔متحرڪ مشاهدو:

"پرين جي پرديس مونکي مينهن ميڙيا"

۴۔رنگين عڪسي مشاهدو:

"اڄ رسيلا رنگ بادل ڪيا برجن سين"

۵۔انتقالي مشاهدو:

"ڪامل ڪپاهن ۾ پئي ٿار ٿران"

٦۔ٻڌڻ واري مشاهدي جا عڪس:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"سٺي رڙ رعد جي، کليون ٽيون ڪنبن. (١۴)

شين جي مماثلت يا تمثيل جا نتيجا تڏهن صحيح ثابت ٿيندا جڏهن اهي حقيقت جي جائزي مطابق درست بيهن، ٻيءَ صورت ۾ اها تمثيل چئي نہ سگهبي.

شاہ ڀٽائي رح پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي مثال ڏنا آهن سي مٿين قول مطابق آهن. ڊاڪٽر تنوير عباسي چوي ٿو:

"هن جون ڪهاڻيون ۽ ڪردار رڳو انسان نہ آهن، پر ان کان گهڻو مٿي آفاقي حقيقتون آهن. شاه لطيف برابر نيم تاريخي لوڪ ڪهاڻين جو سهارو ورتو آهي،پر شاه لطيف رڳو قصہ خوان يا داستان گو ناهي. هن جي هر ڪهاڻي هڪ آفاقي حقيقت ڏانهن اشارو آهي. هن جو هر ڪردار ڪنهن نہ ڪنهن جذبي، احساس يا ڪيفيت جي نمائندگي ڪري ٿو." (١۵)

داستان گوئي يا تمثيلي شاعريءَ ۽ علامتي شاعري ۾ حد فاصل مقرر ڪندي بيٽس لکي ٿو: "هر اهو فن جيڪو داستان گوئي يا تصوير ڪشي ناهي اهو اهجائي آهي." (١٦)

تمثيل ۽ علامت ۾ فرق ڀڏائيندي هئزارڊ آدمس لکي ٿو:

"تمثيل ڪنهن ٻي شيءِ جي بدران استعمال ٿيل لفظ آهي پر علامت شين جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. (١٧)

**علامت جون عمومي ڏارائون:** علامت لاءِ مان اڳ ۾ ئي چئي چڪو آهيان تہ اها پنهنجي خاص معنيٰ جي لحاظ کان نشان جو روپ ڌاري ٿي ۽ جڏهن اهو نشان ٻولي ۾ پنهنجي مخصوص شڪل وٺي بنيادي صورت اختيار ڪري ٿو، تڏهن ان جي حيثيت علامت جي ٿيو پوي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علامت هڪ سماجي عادت آهي جيڪا سماجي سطح تي انسان جي ٻين عادتن جهڙوڪ چرڻ پڻ، ڏسڻ ۽ سمجهڻ جيان هڪ عادت آهي، جنهن جو عمل سڄي سماج جي سطح تي ٿئي ٿو ۽ عادت جيان غير ارادي ٿئي ٿو.

علامت جي انهيءَ بنيادي صورتگري کي سمجهڻ کانپوءِ اسين ان جي قسمن ۽ وسعت متعلق ويچاريندا سين.

پال ايلمرمور علامت جا چار قسم ٻڌايا آهن:

١ـ اهو جنهن ۾ علامت نري علامت يا علامت محض هجي. هن ۾ شاعري جي ڪنهن ماهري جو هٿ ڪونہ هوندو آهي. هن جا مثال آهن ٻاڻي جي علامت، يا رياضي جون ٻيون علامتون وغيره.

٢ـ هن ۾ ڪنهن بہ شيءِ جون ٻہ خصوصيتون ڏيکاريون وينديون آهن. هڪ پهرين ۽ بنيادي، ۽ ٻي اها جنهن سان ان شيءِ جو سياويڪ لاڳاپو آهي ۽ ان کي هميشہ محسوس ڪري ٿو سگهجي. هن ۾ استعارا اچي ٿا وڃن.

٣ـ هن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن سادي لفظي واقعي کي شامل ڪيو ويندو آهي. مثال طور:

"جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جيئڻ پوندي ماهري."

"هي تنين جو ڏيهہ، ڪاتي جنين هٿ ۾

دريائي ڏاريا، مٺ مٺي جا نہ ٿيا." وغيره.

٤ـ هن ۾ ڪنهن عمل کي ان سان لاڳو شيءِ سان ڏيکاريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندو آهي. جيئن شاهه سائين ڪاڏي ڪي "ڪينڻ" يا "ڪانڻ" جي معنائن ۾ ڏيکاري ٿو. اهو "ڪينڻ" يا ڪانڻ وارن لفظن جو استعمال "علامت" جهڙو آهي. ٻيا مثال هي آهن.

" سڏ مَ ڪر سڏڻ ريءَ هلڻ ريءَ مَ هل،
جلڻ ريءَ مَ جل، رئڻ ريءَ مــتان رئــين."

"اونچو اــاهون گهٽون، جيئــڻ ڪــي جبل،
"مرڻ" مون سين هل، تہ پٺي تو پنڌ ڪريان" (١٨)

جيئن تہ علامت جي سلسلي ۾ مختلف عالمن جا جدا جدا رايا آهن تيئن ان جي قسن ۾ بہ مختلف صاحب فڪر ماڻهن پنهنجا رايا پيش ڪيا آهن. پر تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ ڳالهہ تي سيئي متفق آهن تہ روايتي طور تي جيڪي بہ علامتون استعمال ٿين ٿيون، سي پوري ڪائنات تي حاوي آهن. انهن جو استعمال پوري مهذب دنيا ۾ رائج آهي.

مشهور مفڪرن ويرن ۽ ويليڪ علامتن جا ٽي قسم بيان ڪيا آهن. ١ـ ذاتي ٢ـ روايتي ٣ـ سياويڪ.

١ـ ذاتي علامت: ذاتي علامت اها علامت آهي، جنهن ۾ فنڪار يا شاعر ڪنهن مشاهدي ۽ تجربي کي پنهنجي علامت ٺاهڻ واري صلاحيت جي آڌار تي، ۽ ڪنهن فنڪار جي مدد ڪانسواءِ علامت جي صورت ڏي ٿو. سنڌي شاعري جي پرک ۾ هن ڳالهہ جو ڌيان ضروري رکيو ويندو آهي. ڊاڪٽر بوهيو لکي ٿو:

"آءٌ ڀانيان ٿو تہ هن باري ۾ بہ حضرت شاهه سائين اسان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهرين اعليٰ آرٽسٽن مان هوندو، جن ذاتي علامت استعمال ڪئي هوندي." (١٩)

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي راءِ جي مضبوطيءَ لاءِ چند مثال پيش ڪيا آهن. جيئن تہ شاه صاحب پنهنجي رسالي ۾ لفظ جانار (جانور) جباب (چوغو)، پالاڻ، حسناڪ (حسن) ۽ ٻيا اهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن جن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ شاه ڀٽائي ڪنهن روايت جو محتاج ڪونہ رهيو بلڪہ هن پنهنجي ٻولي، پنهنجي سماج سان هٿ ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي اعليٰ قابليت ۽ فڪر و فهم وسيلي، ٻولي جي لفظن کي علامتن ۾ تبديل ڪيائين. (٢٠)

اهڙي طرح سنڌ اندر ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ گهرن توڙي لوڙهن اندر، پنهنجي سماجي زندگي کي برقرار رکڻ لاءِ جيڪا معنيٰ ڪم اچي ٿي سا معنيٰ حقيقت ۾ اسان جي سوچ، ريتن، رسمن، اعتقاد، تاريخ ۽ ڏند ڪٿائن جي پيداوار آهي. اهڙي ريت ٻولي جي نفسيات اصل ۾ سماجي نفسيات جو ڪم ڪري ٿي. شاعر سماج جي نفسيات جو ڄاڻو ٿئي ٿو. لطيف سائين پڻ پنهنجي سماج جي نفسيات جو پوري ريت اڀياس ڪيو هو. انهيءَ ڪري هن ٻولي جا اهڙا لفظ استعمال ڪيا، جيڪي اڳتي هلي مستقل علامتون بڻجي پيون. سچ پچ لطيف سائين سنڌي سماج جي نفسيات تي مڪمل عبور رکندڙ ڏاهو هو.

**٢. روايتي علامت:** ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ٻوهيو لکي ٿو تہ "روايتي اهڃاڻ (علامت) جي باري ۾ رڳو ايترو چئي سگهبو تہ شاه سائين جي پنهنجي معيار ۽ قابليت جي خيال کان ائين چوڻ اَٽڪي ٿي تہ تون، جو چئجي تہ شاه سائين انهن علامتن کي بہ استعمال ڪيو آهي جيڪي روايتي طور تي يا ادب جي روايت جي حيثيت ۾ هن کان اڳ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ئي نهي ويا هئا. (هڪ ڏکيائي اها آهي تہ سنڌي ٻولي جي تاريخ ۾ هن باري ۾ ڪوبہ اشارو بہ موجود ڪونهي) پر تاريخي طور تي اها ڳالهہ پڪي آهي تہ سنڌي شعر جون جيڪي صنفون شاہ سائين کان اڳ موجود هيون، انهن ۾ سمبل يا اهڃاڻ (علامت) ضرور هوندو، ڇو تہ انهن صنفن جي نوعيت ئي اهڙي آهي ۽ اهو "اهڃاڻ (علامت) ضرور شاہ سائين کان اڳ وارن شاعر ٺاهيو هوندو.

پر جيستائين شاہ سائين کانپوءِ وارن شاعرن جو تعلق آهي، اهڙا اهڃاڻ ڪئين آهن. جيڪي هِنَ شاہ سائين جي فن ۽ روايت مان ورتا آهن ۽ هن خيال کان اڄ تائين اهڃاڻ جو استعمال اسان وٽ، گهڻي قدر، روايت جي آڌار تي ئي ٿيندو ٿو اچي. هِن روايتن مان تمام گهڻن جو باني ۽ پايو وجهندڙ شاہ سائين ئي آهي. (٢١)

روايتي شاعري يعني روايتي علامتون بہ ذاتي علامتن کان ڌار نٿيون ڪري سگهجن، ڇو تہ روايت ٺهندي آهي تجربي جي بنياد تي، ساڳي طرح ذاتي علامتون پڻ سماج جي عادتن ۽ روايتن کي سامهون رکي جوڙيون وينديون آهن. جيڪي اڳتي هلي روايت ٺجي پونديون آهن. ان ڪري ذاتي علامتن کي روايتي علامتن کان ڌار ڪري نٿو سگهجي.

٣۔سياويڪ علامتون: انهن علامتن جي باري ۾ ڊاڪٽر ٻوهيو لکي ٿو:

"مان نہ ٿو سمجهان تہ ڪو اهڙو اهڃاڻ بہ هئڻ گهرجي جيڪو پنهنجو پاڻ ئي نهي پيو هجي ۽ ان ڪري ڪيس "سياويڪ اهڃاڻ" سڏي سگهجي. مان ٻولي جي انهيءَ خود سري يا پاڻ هرتڙائپ جو قائل نہ آهيان، جنهن ۾ ٻولي پنهنجو پاڻ بگڙي يا نهي سگهي ٿي. ٻولي نہ جادو آهي ۽ نہ معجزو. ان ڪري ٻولي جو ڪو بہ عمل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آسماني نہ آهي. ٻولي تہ سماج جي هٿن ۾ هڪ ڪارگر هٿيار يا وسيلي وانگر رهندي آئي آهي، جنهن کي سماج پنهنجي ضرورتن مطابق استعمال ڪري ٿو. ان ڪري اهو سمبل يا اهڃاڻ جيڪو فرد جي عمل سان نہ، پر سماج جي عمل سان ٺهيو هوندو، اهو سماجي اهڃاڻ تہ هوندو، پر مان ان کي "سياويڪ "چئي ڪونہ سگهندس.(٢٢)

ان ڪري ڊاڪٽر ٻوهٽي جي خيال مطابق علامتن جا ٻہ قسم آهن. هڪ ذاتي ۽ ٻيو روايتي. فرائيڊ وٽ علامتون ٻن قسمن جون آهن. ١ـ عارضي ٢ـ دائمي

عارضي علامتون زمان ڪان ڦٽنديون آهن ۽ دائمي علامتون لوڪ ورثي، ڏند ڪٿائن، لوڪ ڪهاڻين، روايتن ۽ مذهبن مان ترڪيب وٺن ٿيون ۽ ان ترڪيب ۽ تشڪيل ۾ شعوري عمل جو ڪو بہ دخل نہ هوندو آهي، پر لاشعوري طور ان جي تشڪيل ٿي ويندي آهي. لاشعور اصل حقيقت کي لڪائي، ڪنهن چور دروازي ڪان، ان جي صورت کي بدلائي پيش ڪندو آهي. (٢٣)

جناب اعجاز حسين پنهنجي پي ايچ ڊي لاءِ لکيل ٿيسز بعنوان "اردو افسانے مين علامت نگاري" جي صفحي ٦٥ تي لکي ٿو:

"علامت جا ڪئي روپ آهن، پر بنيادي طور تي علامت جا ٽي قسم آهن جن تي علامتي نظام ۾ نظر اچي ٿو ۽ ان تي اڪثر حلقا متفق آهن." اُهي آهن: ١ـ آفاقي. ٢ـ علائقائي يا سماجي ٣ـ شخصي يا انفرادي.

مان سمجهان ٿو تہ اها راءِ ڪافي درست ۽ قرين قياس آهي. مذڪوره علامتن جي تفهيم لاءِ سندن تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

١ـ آفاقي علامتون: اهڙيون علامتون آهن جن جو تعلق پوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪائنات جي انسانن سان هوندو آهي. جيئن تہ اِهي پوري انساني برادري جي تجربن، مشاهدن ۽ احساسن جي هڪجهڙائي جي بنياد تي نمائندگي ڪنديون آهن، انڪري آفاقي قدرن ۾ انسانن جا گڏيل عمل توڙي لوڪ ورثي کي خصوصي اهميت هوندي آهي.

"هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ هر ٻولي جو لوڪ ادب، اتي جي ملڪي حالتن، قومي ۽ تمدني اثرن کان متاثر هوندو آهي، مگر انهيءَ جي باوجود بہ اصولي طرح سان ان ۾ ڪي اهڙا عالمي اصول هوندا آهن، جي دنيا جي سڀني لوڪ ادبن ۾ عام هوندا آهن". (٢٤)

شاه ڀٽائي جي ڪلام ۾ آفاقيت آهي. هن جو گهڻو تڻو ڪلام آفاقي علامتن تي مشتمل آهي. جيئن تہ لوڪ شاعري پڻ آفاقي قدرن جي نمائندگي ڪري ٿي، شاه ڀٽائي جو ڪلام پڻ انهيءَ دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو.

**٢. علائقائي يا سماجي علامتون:** اهڙيون علامتون آهن جيڪي هڪ مخصوص خطي ۾ سماجي عمل جي نمائندگي ڪن ٿيون ۽ ان علائقي جي سڃاڻپ جو ذريعو هونديون آهن. لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ ڌرتيءَ سان واسطو رکندڙ اهڙيون مخصوص علامتون استعمال ڪيون آهن، جن کي سنڌ توڙي سنڌي ادب سان واسطو رکندڙ ماڻهو سولائي سان سمجهي سگهي ٿو. انڪري ئي چيو ويندو آهي تہ:

"عام شاعري لغت جي اڻ کٽ کاڻ آهي، عام جو شاعر سرزمين سنڌ جي هر خطي ۾ ماحول جو نيپاج آهي. اهو عام فهم زبان ۽ ان جي اصطلاحن کان علاوه پنهنجي ترَ ۽ جوءِ جي خاص لفظن ۽ محاورن جو بہ ماهر آهي. جن کي هو پنهنجي شعر ۾ فطري طور ان جي اصلي ۽ حقيقي خواه اصطلاحي معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. (٢٥)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف پڻ عوام جو شاعر هو. هو سنڌ ڌيهہ جي ماحول جو نيپاج هو، ان ڪري هو پنهنجي ترَ ۽ جوءِ جي خاص لفظن ۽ محاورن جو ٻہ ماهر هو. لفظ ۽ محاورا جڏهن ٻولي ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي ويندا آهن تڏهن انهن جي حيثيت علامتن جي ٿي پوندي آهي ۽ اها ئي لفظ جي مٿانهين معنيٰ آهي، جنهن کي ڊاڪٽر بلوچ اصطلاحي معنيٰ ڪوٺيو آهي. شعرجي اصطلاحي معنيٰ علامتي معنيٰ ۾ شمار ڪئي ويندي آهي، جنهن کي هينئر درست ڪري استعمال ڪرڻ گهرجي.

**٣. شخصي يا انفرادي:** علامتون ليکڪ جي ذات سان تعلق رکن ٿيون. پر هت ذات مان اها مراد قطعي نہ آهي تہ نظام سماج کان جدا ٿيندو آهي، پر هي اهڙيون علامتون آهن جيڪي فنڪار حسب ضرورت پاڻ تخليق ڪندو آهي ۽ پنهنجي اظهار کي مڪمل ڪرڻ لاءِ تشڪيل ڏيندو آهي. اهڙين علامتن جي گهڙڻ لاءِ ڪنهن قاعدي ۽ قانون جي بدران فنڪار جي ذاتي فهم، تجربي ۽ مشاهدي کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. اهي علامتون ڪڏهن تاريخ، مِٿ، مذهب ۽ روايتن مان حاصل ڪجن ٿيون تہ وري ڪڏهن اهي ثقافت، سياست معاشري ۽ معيشت جي خمير مان تخليق ڪيون وڃن ٿيون ۽ ڪڏهن وري ان جي اندر پيدا ٿيندڙ لهرون علامت گري جو فرض پورو ڪنديون آهن. آخري ۽ ٽين صورت واريون علامتون اونهيون، لڪل ۽ عام سطح واري قاري جي پهچ کان گهڻو مٿي هونديون آهن.

هر ڪنهن زماني ۾ پراڻي علامتي نظام سان گڏوگڏ نيون علامتون بہ جڙنديون رهنديون آهن، جيڪي فرد جي پنهنجي ڪوشش جو نتيجو هونديون آهن. تنهن ڪري هر لحظي ۾ علامتن جو هڪ نئون نظام تشڪيل ٿيندو رهي ٿو. سوسن لينگر چوي ٿي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

" علامت ڳولهڻ جي خواهش انسان جي بنيادي ضرورت آهي. کائڻ، پيئڻ، ڏسڻ ۽ هلڻ جيان علامت سازي بہ انسان جي ذهن ۾ بنيادي عمل سان واسطو رکي ٿي. هي انسان جي ذهن جو هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو هر وقت ۽ هر لحظي جاري رهي ٿو. ڪٿي ڪٿي هي عمل شعوري ٿئي ٿو ۽ ڪٿي وري لاشعوري. ذهن هڪ تسلسل ۾ پنهنجي ضابطن تي عمل ڪندي، بنيادي تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ، پنهنجي تجربن کي علامتن ۾ تبديل ڪندو رهي ٿو. (٢٦)

علامتن جي قسمن تي بحث ڪندي اسان ڏٺو تہ علامت سازي هڪ اهڙو عمل آهي، جيڪو انسان جي سماجي عادتن ۾ شامل آهي. هي عمل هر وقت ۽ هر گهڙي جاري آهي پوءِ چو نہ شعوري يا لاشعوري.

علامتن جو اهو نظام مختلف شڪلن ۽ صورتن ۾ آهي جن کي سمجهڻ لاءِ مختلف ماهرن پنهنجي ماحول ۽ سماج جي تقاضائن کي سامهون رکي، انهن جي درجہ بندي ڪئي آهي.

سنڌي سماج جي رهڻي ڪهڻي، ثقافت، معيشت، سياست، روايت، عقيدي، مذهب ۽ مِٽ جو هڪ جداگانہ نظام آهي، جنهن جي آڌار تي علامتن جو عمل ظهور ۾ اچي ٿو. علامتن جي هن نظام ۾ شروعات جيتوڻيڪ لطيف سائين کان گهڻو اڳ ئي هت رائج هئي، پر ان جي سچي ۽ صحيح شناخت لطيف سائين ڪرائي آهي. هن جي ڪلام ۾ جيڪي فن ۽ فڪر جا گهاڙيتا، فهم ۽ ادارڪ جون گهرايون لڪل آهن، سي سڀ انسان جي عملن ۽ تاريخ سان واسطو رکندڙ سچايون آهن، جن کي سنڌي سماج جي ناتي سان، علامتن جي عمل کي سامهون رکي چند ڇاڻ ڪري، سنڌي سماج جي ماضي ۽ حال جي تصوير ڏسي سگهجي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا


١ـ "سہ ماهي مهراڻ": سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو اپريل کان سپيٽمبر ١٩٧٥ع ص ـ ٢ـ ٣

٢ـ سوسن ڪي لينگر: "فلاسافي ان اي نيوڪي"ـ نيو امريڪن لائبريري آف ورلڊ لٽريچر، نيويارڪ ١٩٤٨ع ص ـ ٤٥ـ ٤٦

٣ـ .............................. ايضا .................... ص ـ ٤٢

٤ـ بوهيو، الهداد (ڊاڪٽر): "سنڌي ٻولي جوسماجي ڪارج"ـ انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ـ ڄامشورو ـ ١٩٧٨ع ص ـ ٢٨٠

٥ـ اعجاز حسين: "اردو افسانـي مين علامت نگاري"ـ پي ايچ ڊي ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ١٩٧٩ع ص ـ ٤٢

٦ـ "سماهي مهراڻ": سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، اپريل کان سيٽمبر ١٩٧٥ع ص ـ ٦٩ ـ ٧٠

٧ـ هائي رچلس: "فکر سليم کي تربيت" (ترجمو غلام رسول مهر) شيخ غلام علي اينڊ سنز، ڪراچي ١٩٦٥ع ص ـ ١٥٢

٨ـ جالب افتخار: "نئي شاعري" نئي مطبوعات لاهور ١٩٦٦ع صـ ٧٨

٩ـ عباسي، تنوير: "شاهہ لطيف جي شاعري" شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٧٦ع ص ـ ٦٨

١٠ـ آئزڪز: "دي بئڪ گرائونڊ آف ماڊرن پوئٽري"ـ لنڊن ١٩٥١ع ص ـ ٢٥ ـ ٢٦

١١ـ هائي رچلس: "فڪر سليم ڪي تربيت" (ترجمو غلام رسول مهر، شيخ غلام علي سنز، ڪراچي ١٩٦٥ع ص ـ ٥٣




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٢ـ آڏواڻي، ڪليان: "شاهہ جو رسالو"ـ مڪتبہ اسحاقيہ، جهونا مارڪيٽ، ڪراچي ١٩٧٦ صـ ٢٣

١٣ـ ٻوهيو، الهداد (ڊاڪٽر)، "سنڌي ٻولي ٻولي جو سماجي ڪارج" انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٧٨ع ص ـ ٣٢٩

١٤ـ ............... ايضا ............ ٣٣٠ ـ ٣٣١

١٥ـ عباسي، تنوير: "شاهہ لطيف جي شاعري"ـ شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي، ١٩٧٦ع ص ـ ١٢٢

١٦ـ ........................ ايضا ........................ ١٢٢

١٧ـ جالب افتخار، "نئي شاعري"ـ نئي مطبوعات، لاهور، ١٩٦٦ع ص ـ ٨١

١٨ـ ٽہ ماهي مهراڻ: سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ـ اپريل سيپٽمبر ١٩٧٥ع ص ـ ٧٠

١٩ـ ...................... ايضا ...................... ص ـ ٧٢

٢٠ـ ...................... ايضا ...................... ص ـ ٧٣

٢١ـ ...................... ايضا ...................... ص ـ ٧٣ـ ٧٤

٢٢ـ ...................... ايضا ...................... ص ـ ٧٤

٢٣ـ ابن فريد، "مين، هنر اور ادب"ـ ايجوڪيشن لوڪ هائوس عليگڙهہ

٢٤ـ نظاماڻي. الهہ بخش: "سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ"ـ انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٨١ع ص ـ هہ

٢٥ـ بلوچ ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، "ٻيلاين جا ٻول"(ٻيو ڇاپو) زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٧٠ع ص ـ ٣

٢٦ـ سوسن ڪي لينگر، "فلاسافي ان اي نيوڪي" ـ نيو امريڪن لائبريري آف ورلڊ لٽريچر، نيويارڪ ١٩٤٨ع ص ـ ٣٥




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پاڱو پيو

## حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي حياتي جا چند اهم پهلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Cell No:

0344 - 3919786

Sahib Khan "Soorih" Mirani



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب پهريون

# لطيف سائين جي حياتي
# جا چند اهم پهلو(*)

**خاندان:** شاه عبداللطيف سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي خاندان مان هو جيڪو اصل مٽياري جو هو پر پوءِ بلڙي ۾ مقيم ٿي ويو. سندس پڙ پوٽي سيد حبيب بلڙي ڇڏي، اچي مٽياري ۾ سڪونت اختيار ڪئي، اهو بزرگ ئي شاه لطيف جو والد ماجد هو.

شاه جي خاندان متعلق مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "سندس وڏا هرات ۾ رهندا هئا. انهن مان هڪ سيد مير علي، امير تيمور جي ڏينهن ۾ نالو ڪڍيو. سيد کي ڇهه پٽ هئا. ١-امير عبدالباقي جيڪو اجمير جو حاڪم هو. ٢-مير عبدالواحد شاه ملتان جو حاڪم هو. ٣-مير عبدالرزاق شاه سکر بکر جو حاڪم هو. ۴-مير ابوبڪر شاه سيوهڻ ڏي. ۵ -شرف الدين بنانو ڪري سڏبو هو. ٦-مير حيدر شاه ٻيءَ سان گڏ. سلطان جي حاضري ۾ رهندو هو. ٻئي امير سان گڏ هندستان ۾

---

(*) هن باب ۾ لطيف سائين جي حياتي جي صرف انهن پهلوئن تي ڌيان ڏنو ويندو جيڪي سڌا سنوان هن مقالي جي عنوان سان واسطو رکن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آيا. (١)

سيد مير علي، امير تيمور جي هرات تي ڪاهہ وقت وڏي عقلمندي ۽ روائتي مهمان نوازي جو مظاهرو ڪندي، سندس لشڪر جي دعوت لاء وڏي رقم خدمت ۾ موڪلي، جنهن جو اندازو ٻہ لک ٦٢ هزار ٽي سو ٻارنهن رپيا ٻڌايو وڃي ٿو. چيو وڃي ٿو تہ ايترو ئي تعداد امير جي فوجين جو هو. (٢) پر حقيقت ۾ تاريخي طور تي انهن فوجين جو تعداد ٩١ هزار هو. (٣) ساڳئي سلسلي ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد لکي ٿو تہ لشڪر جي تعداد ۾ وڏاءُ آهي، تاريخ موجب سمورو لشڪر ٩٢ هزار هو جنهن جا ٽي دستا ٺاهيا ويا هئا. هڪ ملتان ڏانهن، ٻيو پنجاب ڏانهن موڪليو ويو ۽ ٽيون تيمور سان هو.

اسان جو لطيف سائين، سيد مير علي جي ڇهين فرزند سيد حيدر شاه جي اولاد مان هو. حيدر شاه هالن ( جنهن کي ان وقت هالا ڪندي چوندا هئا ۽ هينئر پراڻا هالا مشهور آهي) جي شاه محمد پٽ دريا خان هالي جي نياڻي فاطمہ سان شادي ڪئي. ماءُ جو نالو بہ فاطمہ هجڻ ڪري زال کي بيبي سلطانہ سڏيندو هو. حيدر شاه کي ٻہ گهرواريون هيون. ڪيس ٻي گهر مان بہ ٻہ پٽ، هڪ سيد محمد، ٻيو سيد حسين هئا. بيبي سلطانہ مان ڪيس هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو مير علي رکيائين. (٤)

سيد مير علي کي ٻہ پٽ ٿيا. هڪ سيد شرف الدين جو هالن جي گهرواري مان هوس ۽ ٻيو سيد احمد جيڪو هڪ ترڪزادي مان هوس. پهرين جو اولاد شرف پوٽا ۽ ٻئي جو ميرڻ پوٽا مشهور آهن. سائين جي ايم سيد لکي ٿو تہ سيد امير علي کي ٽي پٽ هئا. ١ـ سيد شرف الدين، ٢ـ سيد احمد، ٣ـ سيد مرتضيٰ. پهرين جو اولاد شرف پوٽا سڏجڻ لڳا ۽ ٻي جو اولاد سندس فرزند امير جي نالي ميرڻ پوٽا جي نالي سان مشهور ٿيا. ٽين پٽ سيد مرتضيٰ کي ڪو بہ اولاد ڪونہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيو. هو شاه ڀريي جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس مقبرو مانجهند ن جي اتر ۾ آهي. (۵)

ميرڻ پوٽا مٽيارين ۾ متعلوي سڏبا آهن. مٽيارين لاءِ سائين جي ايم سيد لکي ٿو ته "هن ڳوٺ جو نالو اتي جي هڪ مٽ ڀرينڌڙ فقير جي ڪري پيو جو رستي تي مسافرن جي پيئڻ لاءِ پاڻي جو مٽ ڀريو ويٺو هوندو هو. جو اڳتي هلي ٿير گهير بعد مٽياري ٿي ويو. سيدن پنهنجي عروج واري زماني ۾ ان ڳوٺ جو نالو بدلائي "مٽ علوي" رکڻ جي ڪوشش ڪئي. جيئن ته ان وقت جي رسم الخط فارسي هئي ۽ ان ۾ "ٽ" اکر نہ هئڻ ڪري اهو نالو "متعلوي" ٿي لکڻ ۾ آيو. ان ڪري اهي سيد مٽياري يا متعلوي سيدن جي نالي سان مشهور ٿي ويا. (٦)

مٽياري جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ مختلف آهي. انهيءَ باري ۾ هو لکي ٿو: "انهيءَ مسئلي تي اچ ڪان ويهارو ڪن سال اڳ ويچار ڪندي، هالن پراڻن ڪان اندازاً پنجويهن ٽيهن ميلن اندر آڳاٽن پڊن، ڳوٺن، ديهن جي نالن کي زير غور آندو ويو ته فقط هڪ اهڙو نالو مليو جنهن سان متعلوي لفظ جي ميلاپ جو امڪان نظر آيو. اهو هو "متعلو". جيڪو هالن کان ٢۴ - ٢۵ ميل ڪن اوير ۾ جمڙائو واه جي ڀرسان اوير طرف موجوده تعلقي سنجهوري جي حد ۾ واقع آهي. هن وقت "متعلو" ديهہ ۽ ٽپو آهي. پر ١٨ صدي عيسوي ۾ شهر شهدادپور جي آباد ٿيڻ کان اڳ "متعلو" هڪ پرڳڻو هو. جنهن جي حد اولهہ طرف شهدادپور لڳ درياه واري ڊوري تائين هئي. جيڪڏهن هي سادات "هالاڪندي" ڪانپوءِ "متعلي" ۾ ڪجھ عرصو اچي ويٺا ته اتان پوءِ جڏهن چانگن جي شهر (مٽياري) ۾ آيا هوندا ته اتي کين "متعلي" واري ماڳ جي نسبت سان "متعلي" سادات سڏيو ويو هوندو ۽ "متعلي" جو اُچار پوءِ "متعلي" ٿيو هوندو. (٧)

محترم ڊاڪٽر بلوچ نبي بخش جي راءِ حقيقت تي مبني ۽ مدلل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. مٽيارين ۾ رهائش جي دوران سيدن جو خاندان چئن خاندانن ۾ تقسيم ٿي چڪو هو. ١. جرار پوٽا، ٢. باقيل پوٽا، ٣. موسيٰ پوٽا، ۴. معين پوٽا.

جرار پوٽا خاندان جا چار مکيه درويش پيدا ٿيا، اهي آهن ١. سيد شاه رڪن الدين (٣۵٠ هه کان ٣٨٠ هه جي وچ ڌاري وفات)، ٢. سيد هاشم شاه سخي ( وفات ١۴ ربيع الاول ١١٠٠ هه )، ٣. سيد شاه عبدالڪريم (٩۴۴ هه کان ١٠٢٠ هه ) (*) ۴. سيد شاه عبداللطيف ڀٽائي (٨)

شاه عبدالڪريم اڃا ننڍو ئي هو جو پٽس گذاري ويو. هن جي پرورش جو ذمو سندس ماءُ ۽ وڏي ڀاءُ سيد جلال ڪيو. ڇهن سالن جي عمر ۾ ڪيس مقامي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. "بيان العارفين" مطابق "جڏهن هن جو استاد ٻين طالب علمن سان گڏ هن کي به جهنگ مان ڪاٺيون ميڙڻ لاءِ موڪليندو هو تہ سندس ساٿي طالب علم ڪاٺيون ميڙڻ سان گڏ سبق دهرائيندا رهندا هئا پر شاه ڪريم صرف الله تعاليٰ جو نالو ڳنهندو هو." (٩)

شري موتي لال جوتواڻي پنهنجي ڪتاب Shah Abdul Latif,) his life and work) يونيورسٽي آف دهلي ١٩٧۵ع ، صفحي ١٧) جي حاشيي ۾ لکي ٿو تہ علامہ دائود پوٽي "شاه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام" (ص - ٣٠) ۾ ڄاڻايو آهي تہ شاه ڪريم شجري ۾ ستين پيڙهي مان آهي. شاه ڪريم بن سيد لعل محمد بن سيد عبدالمومن بن

(*) محمد صديق مسافر، "تاريخ سنڌ" (ٻاگو چوٽون انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٨۵ع) جي صفحي ١١٢ تي لکي ٿو تہ شاه ڪريم مرزا شاه حسين جي حڪومت جي وقت سنہ ٩۴۴ هه ۾ مٽيارين شهر ۾ ڄائو هو. ارغون گهراڻي ۽ دهلي جي ڇهن پنجن نوابن جو زمانو ڏٺو هئائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيد هاشم بن سيد جلال محمد يا (جروار) بن سيد شرف الدين بن سيد مير علي بن سيد حيدر. ۾ مرزا قليچ بيگ جو حوالو ڏيندي ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ "ڪريم جو ڪلام" (ص-٧) ۾ لکيو آهي تہ شاه عبدالڪريم بن سيد لعل محمد شاه بن سيد عبدالمومن بن سيد هاشم بن سيد حاجي شاه بن سيد جلال محمد شاه يا جروار محمد شاه بن سيد شرف الدين شاه بن مير علي شاه بن سيد حيدر شاه. انهيءَ لحاظ سان شاه ڪريم اٺين پيڙهي مان آهي.

شاه ڪريم اهڙي ريت تعليم ۾ بہ مشغول رهيو ۽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي ياد ۾ بہ محو رهڻ لڳو. ويجهڙائي ۾ ڳوٺ ٽنڊو محمد خان ۾ ڪيترن هنڌن تي، مقامي راڳيندڙ راڳ جون محفلون منعقد ڪندا هئا، جتي هر عمر جا ماڻهو راڳ ٻڌڻ لاءِ ڪٺا ٿيندا هئا. شاه ڪريم پڻ اهڙين محفلن ۾ شوق سان وڃڻ لڳو. جنهن ڪري سندس خيالن ۽ جذبن ۾ تغير پيدا ٿيو. سندس وڏو ڀاءُ شاه جلال بہ صاحب تصوف بزرگ هو جنهن سوچيو تہ شاه ڪريم کي ننڍپڻ جو وقت، اهڙين محفلن ۾ وڃڻ بدران، تعليم پوري ڪرڻ ۾ صرف ڪرڻ گهرجي. هڪ دفعي هن جڏهن کيس مڪتب کان پري ڪنهن سماع تي ڏٺو، تڏهين کيس اتان اٿاري، تنبيهہ ڪندي گهر روانو ڪيائين.

شاه جلال جي اوچتي وفات جي ڪري، شاه ڪريم جي جوابداري وڌي ويئي. کيس مُرشد بہ تلقين ڪئي تہ پنهنجي گهروارن جي خدمت ڪري جيئن سندس ڀاءُ ڪندو هو. هن ٻنين ۾ ڪمائي خاندان جو پورائو ڪيو ۽ پنهنجي پوڙهي ماءُ جي خدمت ڪئي. (١٠)

شاه ڪريم سيد عبدالقدوس يا شاه ابراهيم بخاري کان فيض حاصل ڪيو جو صاحب قادري طريقي جو بزرگ هو. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي" جي صفحي ١٧٧ تي شاه ڪريم جي مُرشد جو نالو سلطان ابراهيم ادهم لکيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاھ ڪريم جون، مخدوم نوح سان گھڻيون ملاقاتون ٿيون هيون. (١١) شاھ ڪريم، شيخ ڪليم الله جو مريد بہ ٿيو هو جيڪو شيخ عبدالقادر جيلاني جو پڙ پوٽو هو.

انهيءَ سلسلي ۾ مولوي حڪيم محمد صادق راڻيپوري لکي ٿو:
"ميان صاحبڏنو شيخ عبيدالله جيلاني بغدادي جو مريد ٿيو جيڪو عبدالقادر جيلاني جو پڙپوٽو هو ۽ پنهنجي ڀن ڀائرن هر هڪ شيخ ڪليم الله ۽ شيخ عبدالملڪ سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو. حضرت ڀٽائي جو ڏاڏو حضرت شاھ ڪريم، شيخ ڪليم الله جو مريد ٿيو ۽ شاھ عنايت جھوڪ وارو شيخ عبدالملڪ جو مريد ٿيو هو. (١٢)

شاھ ڪريم جوانيءَ تي رسڻ بعد سنت ٿي متياري مان بلڙي هجرت ڪري ويو. اتي سندس هڪ پٽ سيد جمال شاھ جي شهادت ڏاڍن هٿان ٿي. "ڌاڪو هڪ بيوھ جو مال متاع ڦرڻ چاهين پيا. هن ان جو بچاءُ ڪندي پنهنجي جان ڏني، ان جي شهادت بعد سندس ٻيو پٽ سيد عبدالقدوس خاندان سميت متياري موٽي آيو." (١٣)

عبدالقدوس جو پٽ شاھ حبيب جيڪو شاھ لطيف جو والد هو، سو پنهنجي خاندان سميت متياري ڇڏي اچي ڀٽي پور ڳوٺ لڳ هالا حويلي ۾ رهڻ لڳو. جتي سنڌ جي ناميارو صوفي ڏاهي شاھ عبداللطيف ڀٽائي جنم ورتو.

شاھ حبيب جيتوڻيڪ صاحب ثروت نہ هو، پر پنهنجي بزرگيءَ ۽ پاڪيزگي جي ڪري پنهنجي ماحول ۾ عزت ۽ توقير جي نگاھ سان ڏٺو ويندو هو. مٿس تصوف جو رنگ چڙهيل هو. سيد حبيب عوامي ماڻھو هو. انڪري پنهنجي پوري خاندان سان گڏ نهايت محبت ۽ خلوص سان خدمت خلق ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. سندس محبت، خلوص ۽ انڪساري جي ڪري ڪيترائي اوري پري جا ماڻھو سندس اوتاري تي دوا توڙي دعا ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ هميشہ وٽس ايندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رھندا ھئا. صاحب سلوڪ ھجڻ ڪري رُشد ۽ ھدايت جو سلسلو بہ رکيو ايندو ھو. سيد حبيب شاھ خدا وارو مرد ھو. سندس فوت ٿيڻ جي تاريخ "الموت جسر يوصل الحبيب للقاء الحبيب" (موت ھڪ پل آھي جا دوست کي دوست سان ملاقات ڏانھن رسائي ٿي) مطابق ١١۴۴ ھہ - ١٧٣١ع نڪري ٿي. (١۴) ھو بيمارن جي شفا لاءِ ڪيترين ئي سٽيون ٽڪيون پڻ استعمال ڪندو ھو. جھڙوڪ سُٺا. ڦودنو. جاڻ. جيرو. وڏف وغيرہ. (١۵) ھو ماڻھن سان مقامي ٻولي سنڌي ۾ ڳالھہ ٻولھہ ڪندو ھو ۽ اھڙي قسم جي ڪين تلقين بہ ڪندو ھو. ياد رھي تہ ان وقت سرڪاري زبان فارسي ھئي. پر جيئن تہ اظھار ۽ ابلاغ جي سچي عمل لاءِ پنھنجي زبان آسان ذريعو آھي ان ڪري ھو مقامي ٻولي کي رابطي جو ذريعو سمجھندو ھو. سندس مزار ڀٽ شاھ ۾ ڀٽائي جي مقبري کان چند گزن تي آھي.

**شجرو:** شاھ عبداللطيف جي نسل جو شجرو حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم تائين ھيٺين ريت وڃيو ملي:

سيد عبداللطيف شاھ بن سيد حبيب شاھ بن سيد عبدالقدوس شاھ بن سيد جمال شاھ بن سيد عبدالڪريم شاھ بن سيد لعل محمد شاھ يا عرف الله شاھ بن سيد عبدالمومن شاھ بن سيد ھاشم شاھ بن سيد حاجي شاھ بن سيد جلال محمد شاھ يا جرار محمد شاھ بن سيد شرف الدين شاھ بن سيد مير علي شاھ بن سيد حيدر شاھ بن سيد مير علي شاھ بن سيد حيدر شاھ بن سيد مير علي شاھ ھراتي بن سيد محمد شاھ شيرازي بن سيد حسن شاھہ بن سيد علي بن سيد يوسف شاھ. بن حسن شيرازي بن سيد ابراھيم شاھ بن سيد علي جواري (حواري) بن سيد حسين الاڪبري شيرازي بن سيد جعفر شاھ امامزادہ عراقي بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق بن امام محمد باقر بن امام زين العابدين بن امام حسين بن علي مرتضيٰ بن ابو طالب بن عبدالمطلب بن ھاشم. (١٦)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا


١ـ مرزا، قليچ بيگ، "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي" شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ١٩٧٢ع ص ـ ٩ ـ ١٠

٢ـ .................. ايضاً.................. ص ـ ١٠

٣ـ جوتواڻي، موتي لال؛ "شاه عبداللطيف لطيف، هز لائيف اينڊ ورڪ" دهلي يونيورسٽي، دهلي ١٩٧٥ع ص ـ ١٤

٤ـ ميمڻ، عبدالمجيد (ڊاڪٽر)؛ "ڪريم جو ڪلام" سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميه ڪاليج، سکر ١٩٦٣ع ص ـ ٨ ـ ٩

٥ـ سيّد، جي ايم؛ "پيغام لطيف" نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي ١٩٧٤ع ص ـ ٢

٦ـ .................. ايضاً.................. ص ـ ٢

٧ـ بلوچ، نبي بخش (ڊاڪٽر)؛ "مقالو "ماهنامه نئين زندگي، پريس انفرميشن ڊپارٽمينٽ، حيدرآباد مئي ١٩٨٧ع ص ـ ٣٧

٨ـ سيد، جي ايم؛ "پيغام لطيف" ـ نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي سال ١٩٧٤ع ص ـ ٣ ـ ٤

٩ـ جوتواڻي، موتي لال؛ "سنڌي لٽريچر اينڊ سوسائٽي". راجيش پبليڪيشن، دهلي، ١٩٧٩ع ص ـ ١٩

١٠ـ .................. ايضاً.................. ص ـ ٢١

١١ـ سيد، جي ايم؛ مقالو "ماهنامه روح ادب حيدرآباد، آڪٽوبر ١٩٥٤ع ص ـ ٥

١٢ـ مولوي محمد صادق؛ "سچل جو سرائيڪي ڪلام" ـ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٥٩ع ص ـ ٧

١٣ـ جوتواڻي، موتي لال؛ "شاه عبداللطيف هز لائيف اينڊ ورڪ" دهلي يونيورسٽي، دهلي، ١٩٧٥ع ص ـ ١٨




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٤. "سماهي مهراڻ". سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ٤ / ١٩٨٧ع ص - ٤٣
١٥. جوتواڻي، موتي لعل: "شاه عبداللطيف هز لائيف اينڊ ورڪ" يونيورسٽي، دهلي" ١٩٧٥ع ص - ١٩
١٦. مرزا، قليچ بيگ: "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي". شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ١٩٧٢ع ص - ١٧٧



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب پهريون

## ڄم ۽ ڄمڻ جو هنڌ

مرزا قليچ بيگ شاه ڀٽائي جي جنم جو سال ۱۱۰۲ هجري مطابق ۱۶۸۹ع ڏيکاريو آهي. لطيف سائين حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي ۾ ڪتياڻن جي ڳوٺ جي ويجهو ڀٽ پور ۾ ڄائو هو. سنڌس ڄمڻ جي جاءِ "هالا حويلي" ۾ هتي جا ڀٽ پور سان لڳ ڏکڻ اڀرندي ڪنڊ ڏي هئي. (۱) مرزا قليچ بيگ لطيف سائين جي ڄم جو هنڌ ڀٽ پور نه ڏيکاريو آهي ته ساڳئي وقت هالا حويلي جي ڳالهه به ڪئي اٿس جا قرين قياس نه آهي. حقيقت ۾ اها حويلي شاه حبيب ڳوٺ ڀٽ پور تعلقي هالا ۾ نهرائي هئي.

موتي لال جوتوائي لکي ٿو: "هالا تعلقي ۾ هڪ پيو ڳوٺ ڪوٽڙي مغل به هو جيڪو حويلي کان گهٽو پري ڪونه هو. مغلن اتي هڪ ننڍو ڪوٽ (دفاعي ديوار) ڳوٺ جي ٻاهران جوڙايو هو. تنهن ڪري ان ڳوٺ کي سردار شاه بيگ مغل جي "ڪوٽڙي مغل" ڪري ڪوٺيندا هئا. هينئر ٻئي ڳوٺ مٽي جا ڍير ٿجي چڪا آهن، صرف هڪ مسجد شاه لطيف جي ڄم واري گهر تي لونگ فقير طرفان اڏايل موجود آهي. (۲)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀٽ ڪوٽڙي کان ۵ ڪلوميٽر دور آهي جتي لطيف سائين پنهنجي زندگي جا پويان ڏهه سال فقيرن سان گڏجي بسر ڪيا. هينئر ان جاءِ تي لکين عقيدتمند، ڀٽائي جي حضور حاضري ڀرين ٿا.

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، مٽي لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آسڻ ان جي.
(سُر سريراڳ - ٢- ٢)

شمس العلماءِ علامه دائود پوٽو لطيف سائين جي جنم جي هنڌ متعلق لکي ٿو: "شاه حبيب جڏهن وڏو ٿيو تڏهن پنهجو اباڻو ڳوٺ ڇڏي هالا تعلقي ۾ وسن (وسڻ) جي ڀرسان اچي گهر اڏي ويٺو جنهن کي سندس نالي پٺيان سڏيو آهي، پر جا هينئر ويراني جو ڍير آهي. هتي ان کي (١١٠٢ هه - ١٦٩٠ع م) هڪ فرزند ڄائو (هن حڪايت جو سورمو) يعني بزرگ ميان شاه عبداللطيف." (٣)

ليلا رام وطڻ مل لالواڻي لکي ٿو: "شاه لطيف ڀٽ کان اٽل ١٨ ميل پري، ڳوٺ هالا حويلي ۾ جنم ورتو جيڪو هينئر مٽي جا ڍير آهي. لطيف جي جنم سال جي يقين سان اسان کي خبر ڪانه ٿي پوي... جيئن ته لطيف سائين جي رحلت جي باري ۾ مونکي ڪو ڏوکو ڪونهي ته اها ١۴ صفر ١١٦۵ هجري مطابق ١٧۵١ع تي ٿي. لطيف جي عقيدتمند فقيرن ۾ ڪن فارسي نسخن معرفت معلوم ٿيو ته اسان جي شاعر ٦٣ سالن جي ڄمار ۾ رحلت فرمائي. انهيءَ مطابق اسان جي شاعر جي جنم جو سال ١١٠٢ هه مطابق ١٦٨٨ع ٿيندو". (۴)

هدايت منگي، هفتيوار "ڪڇهري"، حيدرآباد ۾ لطيف سائين جي جنم جي جاءِ لاءِ هي روايت بيان ڪئي آهي: "جنهن هالا حويلي جو ذڪر نصابي ڪتابن ۾ ملي ٿو، سا هاڻوڪي مخدوم صاحبان جي هالن واري هنڌ ڪانه هئي. اهو هنڌ ٿنڌي ڄام جي ڀرسان آهي جتي شاهن جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهر هئا. جن ۾ سنڌ جو هي مهاتما ڄائو، نپنو ۽ وڏو ٿيو. اها "هالا حويلي" جنهن ڪوٽڙي پرسان هئي، سا اڄوڪي دادو ضلعي واري ۽ حيدرآباد شهر جي آمهون سامهون سنڌو نديءَ جي ساڄي ڪپ واري ڪوٽڙيءَ ۾ ڪانه هئي. اها ڪوٽڙي مقامي رهواسين مطابق هاٿوڪي ٽنڊو آدم ـ ڪنڊيو روڊ تي ملندڙ پراڻن آثارن ۾ دفن آهي. اهو هڪ تمام وڏو شهر هو، جنهن جا ڳاڙهسرا نشان اڄ بہ ملن ٿا. روڊ تي هڪ پراڻو کوه آهي، جتي ڪوٽڙيءَ جي حد پوري ٿئي ٿي. ڪجهہ سال اڳ تائين ان کوه واري هنڌ ٽاٽو هو، جهن کي ڪوٽڙي ٽاٽو ڪوٺيندا هئا. اهو هن ٿي صديءَ جي منڍ واري دور تائين آباد هو." (٥)

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ساڳي سلسلي ۾ لکي ٿو تہ "شاهہ عبداللطيف حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي هالا ۾ حويلي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. اهو ڳوٺ هاڻي ويران آهي. پٽ ڪان اٽڪل ٩ ڪوهہ پري انجا ڦٽل نشان اڃا ڏسڻ ۾ پيا اچن. جنهن گهر ۾ شاهہ ڄائو هو، تنهن مٿان آخر هڪ مسجد جوڙائي وئي هئي جا اڃا تائين قائم آهي". (٦)

ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو: "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سن ١٦٨٩ع ۾ حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي ۾ "هالا حويلي" جي ڳوٺ ۾ ڄائو: (٧)

رشيد احمد لاشاري لکي ٿو: "هو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ ڳوٺ ڪٺياڻ تعلقي هالا ويجهو ڀٽي پور ۾ ڄائو هو." (٨)

شيخ اياز لکي ٿو تہ ڀٽائيءَ جي ولادت ١١٠١هہ مطابق ١٦٩٠ع ۾ موجوده ضلعي حيدرآباد جي تعلقي هالا ۾ ٿي. سندس والد سيد حبيب هالا حويليءَ ۾ رهندو هو. (٩)

تذڪره لطفيءَ جي مصنف لطف الله بدوي پڻ مرزا قليچ جي ڪتاب "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءِ" مان شاهہ جي ڄم جو سال ۽ ولادت جو هنڌ ٻڌائيندي لکيو آهي تہ هو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ سنہ ١٦٨٩ع ڌاري ڳوٺ ڪٺياڻ، تعلقي هالا جي ويجهو ڀٽي پور ۾ ڄائو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو." (١٠)

اعجاز الحق قدوسي لطيف سائين جي ولادت ۽ ڄمڻ جي هنڌ لاءِ لکي ٿو؛ شاهه لطيف ١١٠١ هه - ٩٠-١٦٨٩ع ۾ هالا حويلي ۾ ڄائو. شاهه جو ٻاروتڻ هالا حويلي ۾ گذريو. پوءِ شاهه حبيب ڪوٽڙي ۾ آيو ته هو به ڪجهه وقت پيءُ سان گڏ ڪوٽڙي ۾ رهيو. (١١)

ڊاڪٽر ارنيسٽ (ٽرمپ (Dr. Ernest Trumpp ليپزگ جرمني ١٨٦٦ ۾ ڇاپايل رسالي جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته شاهه عبداللطيف ٦٧ سال هن جهان ۾ رهيو يعني ١٦٨٠ع کان ١٧٤٧ع تائين. (١٢)

ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي (Dr. H.T.Sorley) پڻ پنهنجي ڪتاب "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" ۾ لکي ٿو ته "شاهه لطيف سائين ١٦٨٩ع ۾ ڄائو ۽ ١٧٥٢ع ۾ ۾ برتعو مٿيائين." (١٣)

لطيف سائين جي ڄم جي جاءِ ۽ سال متعلق ڪافي روايتون مٿي ڏنيون ويون آهن. جن مان مرزا قليچ بيگ جي روايت سان ڪيترن محققن اتفاق راءِ ڪيو آهي. محترم غلام محمد شاهوائي، شري ليلارام جي راءِ سان متفق ٿيندي "شاهه جو رسالو" جي صفحي ٣ تي اهڙو ذڪر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لطيف سائين جي ڄمڻ ۽ وفات جو سال پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ( ص - ٤٣) ۾ ١٧٥٢ ۽ ١٦٨٩ع ڄاڻايو آهي.

شاهه لطيف جي پيدائش جي سال ۽ هنڌ جي سلسلي ۾ گهڻو ڪري سڀ عالم متفق آهن. ڄم جي سال متعلق ٽرمپ جو رايو ٿورڙو مختلف آهي.

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ "شاهه جو رسالو" جي "پيش لفظ" ۾ لطيف سائين جي ولادت جي سلسلي ۾ لکي ٿو ته شاهه لطيف جي ولادت سنه ١٦٨٠ع ۾ ٿي ۽ چيو ٿو وڃي ته سنه ١١٦١ هه - ١٧٤٧ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مطابق ١٧٦٨ع ۾ قلعي ۾ عالم پناه ڪي غلام شاه ڪلهوڙي ٺهرايو ۽ حيدرآباد کي گادي جو هنڌ قرار ڏنائين. قلعي جي ٺهرائڻ بعد شهر جي پسگردائي ۾ ٻين ننڍن قلعن کي به ميان غلام شاه ڪلهوڙي ٺهرايو، جن مان هڪ ننڍي قلعي ۾ سيد محمد مکي رح جي مزار آهي. ان قلعي کي ٺهرائڻ جي تاريخ مير مکي جي روضي تي لکيل بيت مان معلوم ٿئي ٿي جيڪا ١١٨٥هـ مطابق ١٧٧١ع آهي. (١٥) ميان غلام شاه ڪلهوڙو لطيف سائين جي خاص عقيدتمندن مان هو. هن پنهنجي قابليت سان نه فقط اباڻي سنڌ تي ڏاڪو ڄمايو هو، پر جنهن علائقي کي شاه صاحب سنڌ جو حصو سمجهيو هو تنهن سموري علائقي تي قبضو ڪري ورتو. لسٻيلو رياست، قلات رياست، رياست ڪڇ ڀڄ ۽ جيسلمير جا نواب ۽ راجا سندس ڊل ڀرو ٻڌيا ۽ سبزل ڪوٽ تي سال ۾ قبضو ڪري، سنڌ جي انهن ڇڻن ڪنڊن تي قبضو ڪيائين، جتي سنڌي زبان ڳالهائي ويندي هئي ۽ جتي شاه صاحب سير و سياحت واري وقت ۾ پير گهمائي آيو هو. (١٦)

# حوالا


١۔ مرزا قليچ بيگ، "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي"۔ شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ١٩٧٢ع ص ۔ ٩

٢۔ جوتواڻي، موتي لال، " شاه عبداللطيف هز لائيف اينڊ ورڪ " ۔ يونيورسٽي، دهلي ، ١٩٧٥ع ص ۔ ١١

٣۔ دائود پوٽه، عمر بن محمد، "مضمون ۽ مقالا" شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ١٩٧٨ع ص ۔ ٩٧-٩٨




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۴ـ لالواڻي، ليلارام وطڻ مل: "دي لائيف، رليجن اينڊ پوئٽري آف شاه لطيف" ـ سنڌي ڪتاب گهر، انڊس پبليڪيشن، ڪراچي ـ ۱۹۸۵ع ص ـ ۱ـ۲ـ۳

۵ـ منگي، هدايت: "مقالو" هفتيوار "ڪچهري"، پاپولر پرنٽس حيدرآباد ۴ـ فيوري ۱۹۸۵ع ص ۹ـ ۱۰

٦ـ گربخشاڻي، هوتچند مولچند: "مقدمہ لطيفي"ـ ورسٽي پبليڪيشن، ڪراچي ۱۹۷۷ع ص ـ ۱۵ـ ۱٦

۷ـ آڏواڻي، ڪلياڻ: "شاه جو رسالو" ـ مڪتبہ اسحاقيہ جهونا مارڪيٽ، ڪراچي ۱۹۷٦ع ص ـ ۱۲

۸ـ لاشاري، رشيد احمد: "منتخب شاه جو رسالو" ـ آر ايڇ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد ۱۹٦۰ـ۱۹٦۱ع ص ـ ۱

۹ـ شيخ اياز: "رسالہ شاه عبداللطيف" (اردو)ـ سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، ۱۹۷۷ع ص ـ ۳

۱۰ـ بدوي لطف الله: "تذڪره لطفي" ـ شام آفسيٽ لميٽيڊ، ميڪلو روڊ ڪراچي ۱۹۴۳ع ص ـ ۹۷

۱۱ـ قدوسي، اعجاز الحق: "تاريخ سنڌ" (حصو ٻيو) مرڪزي اردو بورڊ لاهور ۱۹۷۴ع ص ـ ۵۸۲ ـ ۵۸۳

۱۲ـ جوتواڻي، موتي لال: "شاه لطيف هز لائيف اينڊ ورڪ" ۱۹۷۵ع ص ص ـ ۱۲

۱۳ـ سورلي، ايڇ ٽي: "شاه عبداللطيف آف ڀٽ" ـ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي ۱۹٦٦ع ص ـ ۱۷۰

۱۴ـ سانگي، مير عبدالحسين، : "لطائف لطيفي" ـ ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز حيدرآباد (ڇاپو ٻيو) ۱۹٦۷ع ص ـ ۲۹

۱۵ـ خانبهادر خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ" ـ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ۱۹۵۹ع ص ـ ۱۳۲ـ ۱۳۳




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ٽيون

# لطيف سائين جو ٻارونڻ

ننڍپڻ: لطيف سائين سنڌي سماج جي نئين جنم جو ساکي ۽ سبب هو. هو پنهنجي دور جي تاريخ ۽ ماضي جي واقعن جو ترجمان هو. هن خصوصاً سنڌي قوم ۽ عموماً انساني برادري لاءِ هڪ راه متعين ڪئي ۽ اهڙو آدرشي پروگرام ڏنو جنهن تي هلي سنڌي معاشري ۾ سچ ۽ ڪوڙ، سونهن ۽ ميراڻ، سرهاڻ ۽ ڏپ، اتحاد ۽ ٻيائي، پنهنجائپ ۽ ڌارائپ جي فلسفي ۽ تضاد کي سمجهيو. اهڙا گس ۽ پيچرا ڪو عام ماڻهو ڏئي نٿو سگهي.

لطيف سائين پنهنجي معاشري جو هڪ صوفي ڏاهو هو. هن جي اندر ۾ پنهنجن جي مسئلن کي نبيرڻ جي تانگهه هئي. هن جنهن دور ۾ اک کولي، تنهن ۾ سنڌي معاشرو ڏکن ۽ ڏاکڙن جو شڪار هو. هن جي دل ننڍپڻ کان ئي ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ حساس ۽ نرم هئي. شاه جيئن ته هڪ باوقار، سلجهيل، قومي ساڃهه رکندڙ ۽ عزت واري خاندان ۾ اک کولي هئي، ان ڪري سندس طبعيت ۾ به ساڃهه، مائرتا ۽ نهٺائي هئي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "شاه صاحب جو والد شاه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حبيب به اهڙي وٽندڙ شخصيت ۽ اعليٰ ڪردار جو مالڪ هو. والد جي ڪردار ۽ عمل جو شاهه صاحب تي گهڻو اثر پيل هو." (١)

شاهه جو ننڍپڻ جيتوڻيڪ تاريخي رڪارڊ تي نمايان طور آيل ڪونهي پر ڪن شاهدين مان معلوم ٿئي ٿو ته "لطيف جي ٻاروتڻ وارا ڏينهن گلن، مکڙين، پکين ۽ جانورن سان کيڏندي حويليءَ ۽ اوتاريءَ ۾ گذرندا هئا." (٢) گهڻو ڪري لطيف به پنهنجي والد جيان اڪيلائيءَ ۾ گذاريندو هو. شاهه حبيب ڪيس ڪيترا دفعا ڪمريءَ ۾ سوچ ۾ ٻڏل، دنيا کان بي نياز ڏسندو هو. اڪثر ته جهنگ ڏي منهن ڪري هليو ويندو هو. ڏينهن جا ڏينهن اتي اڪيلو ٿي گم هوندو هو. (٣) اها اڪيلائپ سندس مدهوشي يا ويراڳي جي حالت واري ڪانه هوندي هئي، بلڪ اها پنهنجي ارد گرد چرندڙ پرندڙ ماحول ۽ ڪائنات جي مسئلن متعلق سوچ ۽ فڪر واري اڪيلائپ هئي. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکي ٿو: "شاهه صاحب انهيءَ حالت ۾ به ماڻهن جي اچ وڃ کان پريءَ پاسيرو ٿي جهنگ ۾ ڪٿي وڻن جي اوٽ ۾ اڪيلو ٿي سوچيندو ۽ عبادت ڪندو هو." (۴)

تعليم: لطيف سائين لاءِ اڪثر چيو ويندو آهي ته هن ڪنهن کان به تعليم ٿي حاصل ڪانه ڪئي هئي. غلام محمد شاهوائي، تحفتہ الڪرام جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته: "شاهه بلڪل اڻ پڙهيل هو، پر شاهه هڪ فاضل ۽ عالم شخص هو، جنهن ڪجهه تعليم درسگاهه مان ۽ ڪجهه تعليم دنيا جي تجربيگاهه مان حاصل ڪئي هئي. (۵)

شاهه جڏهن پنجن سالن جو ٿيو، تڏهن دنيا جي دستور مطابق شاهه حبيب ڪيس هڪ عالم، آخوند نور محمد ڀٽي وائي واري وٽ تعليم لاءِ ويهاريو. ڪيس پهريون سبق ڏيندي آخوند "الف" اچاريو جيڪو شاهه به ورجايو، پر "ب" چوڻ کان شاهه نابري واري بيٺو. اها حقيقت جڏهن شاهه حبيب کي ڪيائون، تڏهن هن شاهه لطيف کي چيو ته اي بابا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون حق تي آهين ليڪن زماني ۾ سبق ڏيڻ جو اهو ڍول آهي. (٦) جو تہ دنياوي تعليم بہ انساني سڌاري لاءِ ضروري چيز آهي. لطيف سائين جي تعليم جي سلسلي ۾ مرزا قليچ بيگ اِڪتي هلي لکي ٿو تہ:

" هيتري پڪ آهي تہ ڪنهن استاد وٽ ويهي ڪا تعليم ڪانہ ورتائين، مگر پنهنجي منهن شوق ڪري، علم پرايو هوندائين تہ شڪ نہ آهي. هو پارسي ۽ عربي زبان مان چڱي طرح واقف هو. سندس رسالي ۾ ڪيتريون قرآني آيتون ۽ حديثون ۽ پيا قول ڏنل آهن جي علم واري ڪانسواءِ اهڙي نزاڪت سان بيهي ڪين سگهندا." (٧)

آخوند نور محمد لطيف سائين جو استاد هو. تنهن جڏهن ڏٺو تہ لطيف "الف" ڪانپوءِ "ب" ڪونہ ٿو پڙهي، تڏهن شاه حبيب سان مشوري بعد ان نتيجي تي پهتا تہ شاه صاحب کي هينئر ڪان ٿي ٻئي علم حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ جو هن ۾ اهڙو دانائي جو گر موجود آهي. ان ڪري ديني ۽ دنياوي تعليم ڏيڻ جو ذمو آخوند نور محمد پاڻ کنيو ۽ روحاني تعليم لاءِ شاه حبيب ذميواري کنئي. لطيف سائين جي ايجاد "وائي" پڻ هڪ اهڙو اشارو آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ لطيف پنهنجي مخصوص ڪلام کي "وائي" جو نالو ڏئي، پنهنجي استاد جي ڳوٺ "وائي" ڏانهن منسوب ڪري، سندس حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

شاهہ حبيب ڄاتو پئي تہ لطيف جي "الف" مان مراد آهي "ٻڌي" جو تہ لفظ "الف" علامت آهي الله واحد جي ۽ ايڪي (Unity) ۽ اتحاد جي. بلها شاه بہ ساڳي ريت "الف پڙهڻ تي زور ڏنو آهي ۽ اهو ئي طريقو سيني صوفين جو رهيو آهي. هو چوي ٿو:"

اِڪ الفون دوتن چار هو ويي
ڦر لک، ڪروڙ، هزار هوويي
ڦِر اتون باجهہ شمار هو ويي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اس الف دا نڪتا نيارا اي (٨)

لطيف سائين جي انهيءَ لفظ شاه حبيب کي سوچ ۾ غلطان ڪري ڇڏيو. هن سوچيو تہ واقعي اسان جي ڏيهہ مان پڙهڻ ۽ اتحاد ختم ٿيندو پيو وڃي ۽ ماڻهو ماڻهو کان بيزار آهي. ان ڪري لطيف کي اهڙي تعليم سان بہ همڪنار ڪجي جنهن ۾ انسانيت جو درس هجي ۽ بيائي کان دوري هجي. اسان کي معلوم آهي تہ لطيف سائين جو سچو رسالو اهڙي تعليم سان مالا مال آهي جيڪو اسلام جو اصل محور ۽ مقصد آهي.

جيئن تہ لطيف هڪ با علم انسان هو، ان ڪري عربي، فارسي ۽ مادري زبان تي کيس ڪُلي ضابطو هو. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي "مقدمہ لطيفي" ۾ لکي ٿو:

"کيس ٻين ٻولين بلوچي، سرائيڪي، هندي، پنجابي وغيره جي پڻ قدري ڄاڻ هئي. ان کانسواءِ سندس تاريخي معلومات بہ وسيع هئي. قرآن، حديث، فقہ ۽ فلسفي، تصوف ۽ ويدانت، صرف ۽ نحو وغيره جو بہ گهڻو اڀياس ڪيو ٿو ڏسجيس. قرآن شريف، رومي جي مثنوي ۽ شاه ڪريم جو رسالو اڪثر سائس همراه هوندا هئا." (٩)

ميان نور محمد ڪلهوڙي وقت جي حاڪم کيس مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي جو سونهري اکرن ۾ لکيل قلمي نسخو تحفي طور ڏنو هو. (١٠) اهو پڻ تعليم يافتہ هجڻ جو دليل آهي. "لطيف سائين تصوف جي معارف ۽ اصطلاحن کي جنهن دلڪش انداز ۾ پنهنجي سنڌي شاعري ۾ آندو آهي، اهي سڀ شيون هن جي علم ۽ فضل جون شاهد آهن. (١١)

ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي لطيف سائين جي عالم هجڻ جي گواهي ۾ لکي ٿو: "١٩٦١ع ۾ ساهتيہ اڪيڊمي لاءِ شاه جو چونڊ شعر تاليف ڪندي پڻ ڄاڻايو هيم تہ قرآن مجيد جون آيتون تلميح يا تضمين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طور ڪم آڻڻ. حديثن کي تڪن جي وچير نزاڪتدار ڪڙي ڪري بيهارڻ، مادري ٻولي کي مالا مال ڪرڻ ۽ هم وطنين کي پارسي، هندي، پنجابي وغيره زبانن جي هم خيال شعرن، سلوڪن ۽ دوهن جو لطف وٺائڻ، اڳ ۽ پنهنجي وقت جي سنڌي شاعرن جي طرز ۽ خيال تي يا سندن جواب ۾ شعر چوڻ وغيره، سندس عالم هجڻ جي گواهي ٿا ڀرين." (١٢)

ميان غوث محمد ڪوٽڙي ڪبير واري جي ٽڙ ڏاڏي، مخدوم ميان محمد وٽ، شاه سائين ڀٽ ۾ رهڻ دوران، گاهي ٻگاهي چڪر لڳائيندو هو ۽ مرشد ميان محمد کي پنهنجي هٿ سان لکيل ڪلام اصلاح لاءِ ڏيکاريندو هو. سائين وڏو اهو ڪلام اصلاح بعد نقل ڪري لطيف سائين جي حوالي ڪندو هو ۽ اصل پاڻ وٽ تبرڪ طور رکي ڇڏيندو هو. انهن هٿ اکرن جون ڪاپيون ڪجهه سالن کان گم ٿي ويون آهن.

قريشي حامد علي خانائي لطيف سائين جي هڪ خط جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: "مخدوم ميان محمد ڪوٽڙي ڪبير واري ڏانهن شاه صاحب وقت بوقت خط به لکندو رهندو هو. شاه لطيف جو اهڙو هڪ لکيل خط پڻ هو، جو مرحوم غلام قادر پيرزادي ڪوٽڙي ڪبير واري وٽ هو. اهو خط ضايع ٿيڻ کان بچائڻ خاطر، مخدوم صاحب جي وڏن مان ڪنهن بزرگ هڪ چمڙي جي ٽڪر تي چنبڙائي ڇڏيو هو. ان زماني ۾ فوٽو اسٽيٽ وغيره جو رواج اڃا ڪونه ٿيو هو. مرحوم ميان غلام قادر، راقم سان واعدو ڪيو ته نوابشاه اچي انهيءَ مذڪوره خط جو فوٽو ڪيرائي ڏيندس. مگر افسوس جو مرحوم غلام قادر صاحب جلد ئي هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويو. موجوده سجاده نشين عزيزم ميان غوث محمد گوهر کان جڏهن ان باري ۾ پڇيو ويو ته هن ان خط جي ضايع ٿي وڃڻ تي افسوس ظاهر ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"خبر نہ آهي تہ اهو تحرير ڪيل خط ڪهڙي ڪُن ۾ غرق ٿي ويو. جيڪڏهن اهو قيمتي ۽ ناياب شيءِ اڄ بہ هٿ اچي وڃي تہ شاه صاحب جي لاءِ "اٿپڙهيل" يعني امي هجڻ واري نظريي تي جيڪر اسان جي اديبن، محققن ۽ مفڪرن کي پنهنجي راءِ ۾ تبديلي آڻڻي پوي." (١٢)

شاه جي تعليم جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي لکي ٿو تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "شاه عبداللطيف ڀٽائي مخزن" (سال ١٩٥٤) ۾ بہ خط شايع ڪيا آهن. هڪڙي ۾ شاه صاحب، وقت جي مشهور عالم اديب ۽ بزرگ صوفي مخدوم محمد معين ٺٽوي کان "اويسي طريقي" متعلق سوال پڇيا آهن ۽ ٻئي ۾ مخدوم صاحب انهن جا جواب ڏنا آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهيءَ راءِ تي پهتو آهي تہ شاه صاحب جو مخدوم صاحب کي خاص تاڪيد تہ سليس فارسي ۾ جواب ڏنو وڃي، انهيءَ لاءِ تہ هرڪو انهيءَ کي سمجهي سگهي، ڏيکاري ٿو تہ شاه صاحب کي سليس ۽ ڳوڙهي فارسي عبارت جي فرق جي پوري ڄاڻ هئي ۽ سليس پارسي جي عام فائدي جو احساس هو. (١٤)

لطيف سائين جي تعليم يافتہ هجڻ جي سلسلي ۾ خدا بخش امير پنهنجي مقالي "حضرت شاه عبداللطيف جي سوانح بابت ويچار" ۾ لکي ٿو: "جيڪڏهن حضرت شاه صاحب جن عالم نہ هجن ها تہ ٻيا عالم ان جي امامت ۾ نماز ڪين پڙهن ها. هن سلسلي ۾ عرض تہ حضرت شاه صاحب جن جيڪا نماز جنازه جي امامت فرمائي سا مخدوم محمد معين ٺٽوي جي وصيت مطابق هئي ۽ نڪوڪ اتي حاضر عالمن حضرت شاه صاحب جن کي علمي فضيلت ڪري پيش امام بنايو هو. حضرت شاه صاحب جن جي ڪهڙي فضيلت مخدوم محمد معين کي پسند آئي سا ڪين خبر." (١٥)

تعليم (Education) ٻن قسمن جي ٿيندي آهي. هڪ رواجي



sindhsalamat

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(Formal) ۽ ٻي غير رواجي (InFormal)۔ غير رواجي تعليم لاءِ في الوقت اسان وٽ ٻه ناالا مشهور آهن. هڪ پير علي محمد راشدي مرحوم جيڪو ڪنهن مدرسي يا مڪتب ۾ باقاعدي تعليم حاصل ڪيل نه آهي. پر تنهن هوندي به ڪيس ايترو علم هو جو هڪ وڏي اسڪالر کي هجڻ کپندو آهي.

ٻي شخصيت  اردو اديب ۽ شاعر محترم احسان دانش جي آهي جيڪو پڻ اڻ پڙهيل چيو وڃي ٿو. پر اوهان هن جي عالم هجڻ جو ثبوت اهو ڏٺو جو حڪومت پنجاب ڪيس پنجاب يونيورسٽي ۾ پي ايچ ڊي جي اعليٰ ڊگري لاءِ ممتحن مقرر ڪيو هو.

رواجي تعليم مدرسي، مڪتب يا ڪنهن ڪاليج ۾ حاصل ڪئي ويندي آهي. انهيءَ طريقي موجب حاصل ڪيل تعليم يافته ماڻهن سان. شاه لطيف سائين جي ڀيٽ ڪري ڏسبي ته هو ڪڏهن به اڻ پڙهيل چئي ڪونه سگهبو.

لفظ اُمي به ڪافي بحث طلب لفظ آهي، جيئن ته تحفته الڪرام ۾ علي شير قانع ٺٽوي، لطيف سائين کي "اُمي" سڏيو آهي. انهيءَ لفظ تي ڪافي بحث ٿيل آهي. نبي ڪريم صلعم جن کي به "اُمي" جي لقب سان سڏيندا هئا. گهڻو ڪري لفظ "اُمي" جي معنيٰ اڻپڙهيل (Illiterate) ورتي وئي آهي. پر حقيقت ۾ اهو لفظ انهيءَ معنيٰ لاءِ استعمال ٿيل ٿو ته وحي نازل ٿيڻ کان اڳ ۾ خدا جي رسول صلعم کي، وحي جي معرفت آندل قانون جي ڄاڻ ڪونه هئي. ان ڪري ڪيس "اُمي" چيو ويو.

شري موتيرام جوتواڻي پنهنجي ڪتاب (Shah Abdul Latif his life and work) ۾ محمد اجمل خان جي ڪتاب "Studies in Islam" جي صفحي ٢٦ تان حوالو ڏيندي لکي ٿو، That the word Ummi has nothing to do with illiteracy محترم لطف الله بدوي لطيف سائين کي رواجي تعليم يافته نه ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهي. ان سلسلي ۾ تحفتہ الڪرام مان حوالو ڏيندي لکي ٿو:

"قانع نہ فقط مخدوم معين کي ڏٺو هو پر سندس استاد مخدوم عنايت الله، مخدوم معين جي شاگردن مان هو. سندس روايت جي ڪڙي، انهن صاحبن سان وڃي لڳي ٿي، جن شاه صاحب کي مخدوم معين وٽ ايندي ويندي ڏٺو. اهڙي ماڻهو جي روايت کي بي بنياد چوڻ بيحد بي انصافي ٿيندي. قانع پنهنجي تصنيف ۾ هن روايت کي پوري يقين سان لکيو هو جنهن ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش نظر نہ ٿي اچي."

اڳتي هلي بدوي صاحب لکي ٿو: "مونکي انهن ماڻهن تي تعجب ٿو اچي جو ايڏي شهادت جي موجود هوندي بہ سندن انڪار ڪهڙي بنياد تي آهي. ڇا وٽن مير علي شير قانع جي رد ۾ ڪا بہ روايت ڪنهن بہ ڪتاب ۾ موجود آهي؟ جيڪڏهن ان جو جواب نہ آهي تہ پوءِ ڪين هي حق ڪتان ٿو پهچي تہ هو هن روايت کي پنهنجي خوش فهمي سان بدلائي ڇڏين." (١٧)

حقيقت ۾ قانع جي بيان جي رد لاءِ لفظ "امي" جي ڪيل مٿين تشريح ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي بيان ڪيل روايت موجب، مخدوم محمد معين ڏانهن، لطيف سائين جا لکيل خط ئي ڪافي آهن.

"مير علي شير قانع سنہ ١١٤٠هہ (مطابق ١٧٢٧) ۾ اڪيون ڪوليون.... اهو زمانو ميان نور محمد جي حڪومت جو هو. (١٨)

مرزا قليچ بيگ لطيف سائين جي وصال متعلق لکي ٿو "سنہ ١١٦٥هہ يعني ١٧٥٢ع ۾ صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ، شاه عبداللطيف هن جهان کان لاڏائو ڪيو. (١٩)

تحفتہ الڪرام مطابق مخدوم محمد معين سنہ ١١٦١هہ ۾ وفات ڪئي، مخدوم معين جي وفات وقت علي شير قانع ٢٠-٢١ سالن جو هو. لطيف سائين ٺٽي ۾ هنگلاج جي سفر دوران بہ دفعا آيو. تڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس عمر ٢٥-٢٦ سال هئي ۽ ان ڪانپوءِ مخدوم محمد معين جي وفات وقت ١١٦١هه ۾ لطيف سائين ٺٽي ۾ آيو هو. ٺٽي ۾ جن ماڻهن سان لطيف سائين مليو آهي، تن جو احوال واضح نموني سان ملي ٿو. جن ۾ قانع جو ڪٿي به ذڪر ڪونهي. ان ڪانسواءِ لطيف سائين جي مخدوم معين سان ملاقات ڪرڻ مان اهو ثابت ڪونه ٿو ٿئي ته اتي ڪا لکپڙهه جي ڳالهه ٿي هجي، جنهن جي بنياد تي قانع ڪي لطيف سائين جي اڻپڙهيل هجڻ جو ثبوت دستياب ٿيو هجي ۽ نه سندس تصنيف ۾ ڪٿي به اهڙو ذڪر ٿيل آهي. ان صورت ۾ قانع ڪيئن لطيف سائين جي اڻ پڙهيل هجڻ تي زور ڏيڻ جو حق رکي ٿو؟ خود علي شير قانع تحفته الڪرام جي جلد ٽين جي ڀاڱي ٻي جي منڍ ۾ هيٺيون اعتراف ڪيو آهي، جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته هن جي معلومات ناقص ۽ روايتن تي مشتمل هئي. هن يقين سان تحقيق ڪري ڪا به ڳالهه ڪانه ڪئي آهي. قانع لکي ٿو:

"جنهن صورت ۾ ٿوري معلومات وارو (مصنف) اڪثر جاين جي ڏسڻ ڪانسواءِ غائبانه، رڳو ڪتابن مان چونڊي يا زباني ٻڌي هن سلسلي کي تحرير ڪري ٿو ته جڏهن ته وس آهر روايتن جي صحت ۾ ڪو به قصور ڪونه ڪيو اٿس، تاهم جيڪڏهن بشري تقاضا موجب جنهن سان سهو ۽ نيسان لازمي آهي ( ڪا غلطي يا ڪوتاهي ٿي وئي هجي ۽) ڪنهن پياري کي وڌيڪ تحقيق جي توفيق ٿئي ته انهيءَ کي اصلاح لاءِ عرض آهي." (٢٠)

لطيف سائين جي باري ۾ قانع جي خيالن کي ٻڌل ڳالهين تي مشتمل ۽ تحقيق ڪانسواءِ لکڻ جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ٽائين ڪئي آهي.

"هن کان اڳ، مير علي شير قانع جي ٻين بيانن کي پيئيندي اسان ان نتيجي تي پهتا هئاسون ته شاه صاحب بابت هو ٻڌل ڳالهيون ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري. هن بيان مان ان جي پوري تصديق ٿئي ٿي ڇاڪاڻ جو قانع هت پڻ حضرت شاه عبداللطيف جي سوانح جي سلسلي ۾ سندس ڪرامتن بابت ٻڌل ڳالهيون بيان ڪري ٿو. پر خود حضرت شاه صاحب جي وفات جو سال ڪونه ڄاڻايو. هي ٽيون ڪتاب "معيار سالڪانِ طريقت" جيڪو مقالات ڪان اٺاويهه سال ڪن پوءِ ۽ تحفته الڪرام ڪان ٻاويهه سال ڪن پوءِ لکيائين، ان وقت تائين به قانع کي شاه صاحب جي وفات جيڪو هڪ وڏو واقعو هو. تنهن جي سن سال جي به قانع کي پوري پڪي خبر ڪانهي. ٻهريائين ته هن پنهنجن ٻن اوائلي ڪتابن يعني "مقالات الشعرا" توڙي "تحفته الڪرام" ۾ شاه صاحب جي وفات واري سال جي پوري خبر ڪانهي پئي. مٿين بيان ۾ ٻهرين لکي ٿو ته شاه صاحب جي وفات "سن ١١٦١هه ڪان پوءِ ٿي" پر هيٺ هلي ڄاڻائي ٿو ته ١١٦١هه واري سانڱي سال ۾ مخدوم معين جي وفات ڪان پوءِ سگهوئي شاه صاحب پڻ وفات ڪئي، حالانڪ شاه صاحب چار سال پوءِ سنه ١١٦٥ هه ۾ وفات ڪئي." (٢١)

"تحفته الڪرام" ڪان اٺ سال اڳ لکيل پارسي ڪتاب "مقالات الشعرا" ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي پروفيسر سدارنگاڻي لکي ٿو:

"سنڌ جي پارسي شاعرن واري تذڪري، "مقالات الشعرا" (١٧٥٩ع) تي نگاه چو ڪين پئي آهي، جنهن ۾ موصوف (ع) اکرن وارن شعرن ۾ عبداللطيف ڀٽائي، عبدالڪريم بلڙي واري جي تڙ پوٽي کي پارسي شاعرن ۾ شامل ڪري سندس لقب/ تخلص "تارڪ" ڄاڻايو آهي. (٢٢)

محترم علي شير قانع لطيف سائين کي "تارڪ" جي تخلص سان منسوب ڪري، پنهنجي ڪم علمي جو ثبوت پيش ڪيو آهي. "تارڪ" جو تخلص حقيقت ۾ ٻي عبداللطيف شاه نصرپوري لاءِ مخصوص هو. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو: شاه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاحب جي سوانح حيات جا اهڃاڻ جيڪي مشهور و معروف آهن، تن مان ظاهر آهي تہ شاه صاحب "تارڪ" ڪونہ هو. ٻئي ڪنهن مصنف جي لکت يا ڪنهن آڳاٽي زباني روايت ۾ بہ شاه صاحب کي "تارڪ" ڪري ڪونہ ڄاڻايو ويو آهي. ٻاويهن ٽيويهن سالن واري جوانيءَ ۾ شاه صاحب جي شادي ٿي. جيڪڏهن ان وقت هو تارڪ هو تہ پوءِ تارڪن جون ڪهڙيون شاديون. جيڪڏهن ان کان اڳ ڪيس "تارڪ" چئجي تہ اهو دليل وزنائتو نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ جو ان وقت سندس سنڀاليندڙ سندس والد حبيب شاه هو، جيڪو ئي گهر ٻار جو مالڪ هو. ان وقت ننڍي عبداللطيف وٽ پنهنجو ڪو جدا ذاتي مال اسباب ڪونہ هو، جيڪو ترڪ ڪيائين. شادي ڪانپوءِ واري دور جو اهڙو ڪو حوالو موجود ڪونهي، جنهن مان تصديق ٿئي تہ شاه صاحب پنهنجو مال اسباب هميشہ لاءِ ترڪ ڪري ڇڏيو يا ڪنهن ٿوري مدت لاءِ يا ڪنهن خاص ڏينهن ڏهاڙي تي ترڪ ڪيو هجي... حقيقت ۾ "مير عبداللطيف"، "سيد عبداللطيف" يا "عبداللطيف شاه" جيڪو واقعي تارڪ هو ۽ پڻ تارڪ جي لقب سان مشهور معروف هو، سو نصرپور جو سيد هو ۽ مخدوم نوح صاحب جي مريدن مان هو. (٢٣)

ڊاڪٽر بلوچ جي تائيد ۾ سائين ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ( ص - ٤٨) ۾ لکي ٿو:

"شاه صاحب هن دنيا جي ڪثرت جي وچ ۾ رهيو ٿي. پلي سندس روح جو ريلو وحدت ڏي هجي. پر هن جا لاڳاپا هن مادي دنيا سان بہ هئا. ڪيس مادي دنيا کان ڇني ڌار ڪرڻ بہ سائنس زيادتي آهي. دنيا سان پنهنجي تڙ ڏاڏي شاه ڪريم وانگر "هنيون ڏجي حبيب کي لڱ ڳڌجن لوڪ" مثل رهيو. ماڻهن سان سندس لاڳاپا هئا. انهن لاڳاپن ڪري سندس مريدن ۽ دوستن جو حلقو ايترو وسيع ٿيو."

بدوي صاحب ٻيو اعتراض ڪندي لکي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"حيرت تہ هن ڳالهہ تي آهي تہ جنهن شخصيت جي هر قول ۽ ڪلام کي سندس ارادتمندن زماني جي دستبرد کان محفوظ رکڻ جي هر ڪا ڪوشش پئي ڪئي، انهن وٽ شاه صاحب جي ڪا بہ تحرير موجود نہ هجي، واقعي حيرت جو مقام آهي. (٢۴)

مٿين اعتراض لاءِ هي عرض ڪبو تہ لطيف سائين پنهنجي حياتي ۾ جيڪا شاعري ڪئي هئي، اهو مواد ڪراڙ ڍنڍ جي حوالي ڪري ڇڏيو هئائين. ان ڪري سندس هٿ اکر اسان وٽ موجود ڪونہ آهن. (*) موجوده رسالو سندس فقيرن ۽ عقيدتمندن جي سيني جي سوجهري تي مرتب ڪيو ويو آهي. قانع، پڻ ائين هزارن شعرن جو پنهنجو ديوان لکيو هو. ان ۾ نالو تخلص طور استعمال ڪيو هئائين. اهو ديوان خبر ناهي ڪهڙي سبب ڪري، هن بہ درياءَ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو (تحفتہ الکرام ص ـ ٢٩)

مٿين بحث مان جيڪي ثابيون دستياب ٿيون آهن، تن جي روشني ۾ وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ لطيف سائين پنهجي دور جو هڪ وڏو عالم فاضل ۽ ڏاهو شخص هو ۽ هن کي مروجہ ديني توڙي دنياوي تعليم تي عبور حاصل هو.

(*) انهيءَ سلسلي ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ قريشي حامد علي خانائي جي تحقيق مطابق ہن خطن جا حُوالا مٿي ڏنل آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا


١ـ جوڻيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر): "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، سرهه ڪتاب حيدرآباد ١٩٧٣ع ص ـ ٤٣

٢ـ جوتواڻي، موتي لال: "شاه عبداللطيف هز لائيف اينڊ ورڪ"ـ دهلي يونيورسٽي دهلي ـ ١٩٧٥ع ص ـ ٣١

٣ـ مرزا، قليچ بيگ: "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي" شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ١٩٧٢ع صـ ١٤

٤ـ "سماهي مهراڻ": سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ١ / ١٩٨٧ع ص ـ ٤٨

٥ـ شاهواڻي، غلام محمد: "شاه جو رسالو"ـ آر ايڇ احمد اينڊ برادرس ١٩ ـ ٢٠ ـ ١٩٦١ع ص ـ ٤

٦ـ مرزا، قليچ بيگ: "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي"ـ شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاه حيدرآباد ١٩٧٢ع ص ١٤

٧ـ ..................... ايضا .......................... ص ـ ٥١ ـ ٥٢

٨ـ سي ايف اسبورن، آر ـ ڪي لاجونتي، اي رئوف لوٿر: "بلها شاه" ـ شيخ مبارڪ علي ، لاهور ١٩٠٥ ـ ص ـ ٧٦

٩ـ گربخشاڻي، هوتچند مولچند: "مقدمه لطيفي" ـ ورسٽي پبليڪيشن ڪراچي ١٩٧٧ع ص ـ ٢٠ ـ ٢١

١٠ـ شاهواڻي، غلا محمد ۽ محمد بخش "واصف": "سر سارنگ" "شاه جو رسالو" آر ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ـ ٦٧٠ ـ ١٩٦٨ع ص ـ ٨

١١ـ قدوسي، اعجاز الحق: "تاريخ سنڌ" (حصو پهريون) مرڪزي اردو بورڊ، لاهور ١٩٧٤ع ص ـ ٥٨٣

١٢ـ سدارنگاڻي، هرو مل (ڊاڪٽر): "شاه صاحب جي شعر تي عربي اثر، "مقالو"




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سماهي مهراڻ آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر ۱۹۸۴ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص ـ ۲۳۷
۱۳ـ بروهي علي احمد (ايڊيٽر ) "لطيف ڊائجسٽ" سرناڪتي بلڊنگ پاڪستان چوڪ ڪراچي ۱۹۸٦ع ص ـ ۲۲
۱۴ـ يخ نفيس احمد، "سماهي مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، آڪٽوبر
۱۵ـ "لطيف ڊائجسٽ"، ڪراچي ۱۹۸٦ع ص ـ ۲٦
۱٦ـ جوتوائي، موتي لال، "شاه عبداللطيف هز لائيف اينڊ ورڪ" دهلي ۱۹۷۵ع ص ۲۲ـ
۱۷ـ بدوي، لطف الله، "تذڪره لطفي" حيدرآباد ۱۹٦۳ع ص ـ ۲۷۸
۱۸ـ قانع، علي شير، "تحفة الڪرام" سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي ۱۹۵۷ع ص ـ ۲۲
۱۹ـ مرزا، قليچ بيگ، "احوال شاه عبداللطيف" ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ۱۹۷۲ ص ـ ۴۱، ۴۲
۲۰ـ قانع، علي شير، "تحفة الڪرام"ـ ادبي بورڊ، ڪراچي ۱۹۵۷ع ص ـ ۲۸٦
۲۱ـ "سماهي مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ـ نومبر ڊسمبر ۱۹۸۷ ادبي بورڊ ڄامشورو ص ـ ۴۳
۲۲ـ ............... ايضا ............ آڪٽوبر ـ نومبر ـ ڊسمبر ۱۹۸۴ ص ـ ۲۳۸
۲۳ـ ............... ۱ / ۱۹۸۷ع ايضا ........ ص ـ ۴۵ ـ ۴٦
۲۴ـ بدوي، لطف الله، "تذڪره لطفي" حيدرآباد، ۱۹٦۳ع ص ـ ۲۷۹



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب چوٿون

# ميين شاه عنايت رضوي سان ملاقات

لطيف سائين ٻاراٺي تهي يعني تقريبا ڏهن ـ ٻارهن سالن جي ڄمار ۾، پنهنجي روحاني غذا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻهاڙين ۽ وادين ڏانهن نڪري ويندو هو. پکين جي ٽولين، درياءَ جي وهڪري، ڪنوٺن جي چمڪاٽ، مينهن جي گجگوڙ، ٻرپٽ ۽ ٻر، ساوڪ ۽ سونهن، پکين جي لاتين ۽ جانورن جي آوازن، مطلب تہ فطرت جي هر شيءِ سان معاشري جي مسئلن کي، علامتي انداز ۾ پنهنجي شاعري ۾ پيش ڪرڻ لڳو. سندس شاعري شروعاتي دور کان پڪي، پختي، معنيٰ خيز ۽ انساني سماج جي گهرجن مطابق هئي. اعليٰ شاعر جي وصف بيان ڪندي ابن رشيق لکي ٿو:

"شاعر کي شاعر ان لاءِ چوندا آهن، جو هو انهن شين کي محسوس ڪندو آهي، جيڪو ٻيا ناهن ڪندا. جيڪڏهن هن جي ڪلام ۾ معنيٰ آفريني، اختراع، ندرت الفاظ ۽ جدت بياني نہ آهي تہ اهو حقيقت ۾ شاعر سڏائڻ جو مستحق نہ آهي." (١)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف تجسس پسند ۽ سچ جو ڳولائو هو. ڪيس سچ جتي به نظر آيو، اتي وڃي منزل ڪيائين. ٻاهرين دنيا ۾ قدم رکڻ سان، هن جي پهرين نگاهه نصرپور تي پئي، جتي وقت جي وڏي صوفي ۽ بزرگ ميين شاهه عنايت رضوي جو ماڳ مڪان هو. لطيف سائين ۽ شاهه عنايت هم عصر هئا. سندن صحبتون ۽ ڪچهريون، رس ۽ رهاڻ سان گڏ زندگي جي هر فلسفي کي سمجهڻ لاءِ نئون گس هيون.

**ملاقات:** هڪ دفعي جڏهن لطيف سائين جي شاهه عنايت رضوي سان ملاقات ٿي ته هن ڪيس شعر چوڻ جي ترغيب ڏني، جنهن تي نوجوان لطيف وراڻيو ته "زمين سڄي ڪيڙي پئي آهي پوءِ مونکي کهڙو ٿا ڏس ڏيو." ميان عنايت جواب ۾ ڪيس چيو ته "ابا تون وڃي سمنڊ ڪيڙ. (۵)

شاهه عنايت رضوي ۽ لطيف سائين جي گفتگو مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته لطيف ڪيس اهو اشارو ڏنو ته آءٌ هن ڌرتي جي مخلوق جي خدمت ڪرڻ جو پڪو عزم ڪيو آهي ۽ اهڙي قسم جي زرخيز ذهني زمين فصل کي ا پائڻ لاءِ تيار آهي، پر شاهه عنايت، لطيف سائين کان وڌيڪ تجربيڪار ۽ نئين تحريڪ جي مڪمل ڄاڻ رکندڙ ڏاهو هو. هن سمجهيو پئي ته اسان جو وقت عنقريب پورو ٿيڻ وارو آهي، پر لطيف جو ڪم ته هينئر شروع ٿيڻو آهي. تنهن ڪري ڪيس وڌيڪ محنت، عقلمندي ۽ ثابت قدمي سان قوم ۽ قومي مسئلن لاءِ ڪم ڪرڻو آهي. ان ڪري شاهه عنايت ڪيس ڪائنات ۾ پيهي، مخلوق خدا جي خدمت ڪرڻ لاءِ تلقين ڪئي.

لطيف سائين کي شاهه عنايت رضوي لاءِ تمام گهڻي عزت ۽ محبت هئي. هڪ دفعي اويلي وقت تي لطيف سائين، شاهه عنايت سان ملاقات لاءِ آيو. حويلي جي ٻاهرين در تان ٻانهي هٿ ڪيس چوائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**موڪليائين:**

" در تي ڪري دانهن، در تي ڪري دانهن"

شاه عنايت پيرسن ۽ قداور مڙس هو. نياپو سڻي، لٺ جو سهارو وٺي در تي آيو. ڏٺائين تہ لطيف بيٺو آهي. ڪيس ڀاڪر وجهي پيار ساڻ چيائين:

" ڪلهي لائي ٻانهن، ڪٺي پرين ڪنديس پنهنجو (٦)

لطيف سائين ۽ شاه عنايت رضوي جي اهڙي معنيٰ خيز گفتگو ۽ رهاڻيون وقت بوقت ٿينديون هيون. لطيف سائين جڏهن بہ حويلي ۾ پريشان ٿيندو هو ۽ سندس اندر ۾ سوچ ۽ فڪر جو دونهون وڏيڪ جمع ٿيندو هو تہ ان سوز ۽ درد کي مٽائڻ لاء، شاه عنايت جي اوتاري هليو ايندو هو. هڪ دفعي پنهنجي اندر جي ڪيفيت شاه عنايت کي سڻايائين. مين شاه عنايت کيس دلداري ڏيندي هي بيت پڙهيو:

پسي ڏونگر ڏار، جم هلڻ ۾ هيٺين ٿئين،
ڪي مجازاٿيون موٽيون، سٽي پنڌ پچار،
تون ڀهري پانڌ پرين لئہ، حقيقت جو هار،
سگهي لهنديء سار، آرياڻي عنايت چئي. (٧)

لطيف سائين پهنجي دور جو سر موڙ ۽ ڏاهو هو. شاه عنايت جي انهيء علامتي بيت جي مفهوم کي هڪدم پروڙي ويو.

قومن جا اهي هيرا ۽ محسن، پنهنجي دور جا باغي، تبديلي پسند ۽ مروجہ ۽ مجيل معاشرتي اصولن جا ٽوڙيندڙ ۽ پنهنجي دور جي حالتن جا سونهان ۽ وهائو تارا ٿي نروار ٿيندا آهن. شاه عنايت سندس اندر جي اڻ تڻ جو اندازو لڳائي کيس هڪ عظيم شخص بڻجڻ لاء، ذاتي مفاد ڦٽو ڪري، عوامي مفاد (حقيقت) (حقوق العباد) لاء اپاريندي تلقين ڪئي تہ مقصد جي لڳن ۽ ان لاء سچي تانگهہ، جدوجهد، همت، جوانمردي ۽ حوصلو ئي منزل تي رسڻ جو ذريعو آهن. ان ڪري مرد ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تيرن ۾ گولين جا ڪنٺا ڳچي ۾ پائي ميدان عمل تي اچڻو آهي. اهڙا ئي انسان جڳ ۾ هميشه جيئرا رهندا آهن.

لطيف سائين اهڙي تلقين ڪان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ گهر روانو ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ لطيف سائين هي بيت اچي شاه عنايت آڏو چيو:

پسي ڏونگر ڏاه، جر هلڻ ۾ هيٺين وهين
لانچي لڪ لطيف چئي، پٽي ڪيچين ڪاه
پڇي پورج سسئي، بلوچپاڻي باه،
اڻ وڙائتي ور حبو، آسرو هڏ مَ لاه،
حبو اڪنٺون اوڏو آه، سو پرين پرانهون مَ چئو.
(شاهوائي: سسئي آبري ۱ ـ ۲)

لطيف سائين کيس چيو ته "جيتوڻيڪ توهان عمر جي ان حد ۾ آهيو جو توهان جي وڃڻ جو وقت قريب نظر اچي رهيو آهي، تنهن هوندي به مقصد لاءِ ڪم ڪرڻو آهي. هيٺي ٻولٽي ناهي. ڏک ڏاڪڙا ۽ هيٺاٽ مقصد کان هٽائي نٿا سگهن. ڏارين جي لُڙن ۽ هلت کي ڪيئن وساريو. اندر ۾ اها به هوري آهي. ڪوشش ۾ رڌل رهجي جيسين هڏن ۾ ساه آهي. جو ته محنت جو مالڪ به مانُ ڪري ٿو. منزل اڪين آڏو آهي. صرف پنهنجن کي ميڙي گڏ ڪرڻو آهي، پاڻ کان پري ناهي سمجهڻو.

هن حقيقت مان اهو نڪتو مراد آهي ته لطيف سائين ۽ شاه عنايت رضوي هڪ ٻئي جي خيالن ۽ فڪر مان استفادو حاصل ڪيو پر جيئن ته لطيف جي بيت ۾ شاه عنايت هڪ تجربيڪار ۽ عمر رسيده بزرگ هو، تنهن ڪري شاه لطيف سائين، ڪانئس ڪافي ڪجهه پرايو. ان ڪري ئي سندس شاعري تي به شاه عنايت جو ڪافي رنگ چڙهيل نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ درست آهي ته "لطيف جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڍي عمر، صالح طبعيت ۽ ميان شاه عنايت ڏانهن سندس دلي رغبت مان صحيح گمان اهو ٿي نڪري ٿو تہ نوجوان، لطيف اسي ورهين جي هن شاعر ۽ بزرگ وٽ ڪي سوچڻ ۽ سکڻ لاءِ ۽ نہ ڪيس سمجهائڻ ۽ سيکارڻ لاءِ ٿي ويو. (٨)

لطيف سائين پنهنجي ڀَرِ جواني جا ڪافي سال شاه عنايت رضوي جهڙي تجربيڪار، نيڪ صفت صوفي ۽ قومي درد رکندڙ انسان جي صحبت ۾ گذاريا. "لطيف سائين ويهن ورهين جي پٽي ۾ هو تہ مين شاه عنايت رضوي برقعو مٽايو." (٩) وفات ڪانپوءِ سندس شاعري سان لطيف سائين کي خاص عقيدت هئي. اهڙي محبت جو اثر سندس شاعري ۾ نمايان نظر اچي ٿو. پر ان مان اهو مطلب وٺڻ نہ گهرجي تہ لطيف صرف تقليدي ۽ نقلي شاعر هو. هونءَ تہ هر ماڻهو قدرت طرفان نوان خيال وٺي اچي ٿو، پر لطيف سائين کي جيڪو ماحول ميسر ٿيو سو عقل ۽ فهم سان لبريز هو. ان ڪري سندس شاعري ۾ هر جاءِ تي عقل ۽ فهم جا درياهہ چوليون هڻندا نظر اچن ٿا. مٿين حقيقت جي تائيد ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "شاه عنايت رضوي پنهنجي دور جي شاعرن ۾ عمر ۾ سڀ کان وڏو آهي. سڀ ڪانئس پوءِ اسريا. ان ڪري ٻين جي ڪلام تي عنايت جي ڪلام جو اثر پوڻ لازمي آهي. شاه ڀٽائي ۽ ٻين جا ڪيترا بيت آهن جيڪي عنايت رضوي ۽ اڳ گذريل لطف الله قادري جي پِيران چيل آهن. ڪيئي قافيا هڪجهڙا آهن ۽ ڪٿي لفظن جي ٿوري ڦير گهير آهي پر جيستائين اصليت (Originality) ۽ فڪر جي گهرائي جو تعلق آهي، ڀٽائي صاحب کي چٽلينج ڪرڻ، آڀ ۾ تير چوڙڻ جي برابر آهي." (١٠)

بهرحال اهو طئي شده آهي تہ ميون شاه عنايت رضوي پنهنجي دور جو هڪ پختو ۽ بلند پائي جو شاعر ٿي گذريو آهي. فني ۽ فڪري لحاظ سان سندس شاعري، سنڌي ادب ۾ هڪ گران قدر اضافو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سچ چيو آهي تہ "شاه ڪريم وفات ڪئي (١٠٣٠هہ) تہ ميون شاه عنايت ڄائو ۽ ميين شاه عنايت وفات ڪئي (١١٢٠ـ ١١٢٥هہ) تہ ڀٽائي صاحب جوان ٿيو. سنڌي شاعري جي ارتقا جي سلسلي ۾ ميون شاه عنايت ڄڻ شاه ڪريم ۽ ڀٽائي صاحب جي وچ واري عرصي جي تقاضا پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو ۽ سنڌي شاعري جي مقدار توڙي اقدار جي لحاظ سان هو انهيءَ وچ واري دور جو نامور اڳواڻ ۽ علمبردار شاعر هو." (١١)

# حوالا


١ـ جليل الرحمان: "ابو طيب متنبي". پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس، ڪراچي ١٩٥٨ع ص ـ ٢٣

٢ـ "سماهي مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ٢ / ٣ / ١٩٧٥ع ص ـ ٧١

٣ـ جوتواڻي، موتي لال: "شاه عبداللطيف، هز لائيف اينڊ ورڪ". دهلي ١٩٧٥ ص ـ ٢٤

٤ـ بلوچ، نبي بخش (ڊاڪٽر): "ميين شاه عنايت جو ڪلام". سنڌي ادبي بورڊ ـ حيدرآباد ١٩٦٣ع ص ـ ٤٧

٥ـ ............... ايضا ............... ص ـ ٩١

٦ـ ............... ايضا ............... ص ـ ٩١

٧ـ ............... ايضا ............... ص ـ ٩٣

٨ـ ............... ايضا ............... ص ـ ٩٦

٩ـ جوتواڻي، موتي لال: "شاه عبداللطيف، هز لائيف اينڊ ورڪ". دهلي ١٩٧٥ ص




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢٥-

١٠- جوڻيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر)، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"- سرهه ڪتاب، حيدرآباد، ١٩٧٣ع ص - ٨٣

١٢- بلوچ، نبي بخش (ڊاڪٽر)، "ميين شاه عنايت جو ڪلام"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٣ع ص - ٧٨



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب پنجون

# لطيف سائين جي شادي

شاه حبيب تنهن زماني ۾ ڪوٽڙي مغل ۾ رهندو هو. لطيف سائين هينئر ڀاروتڻ جي منزل اورانگهي جواني ۾ قدم رکي چڪو هو. سندس عمر ٢١ ورهيه ڪن ٿي چڪي هئي. سندس جهونو بزرگ ساٿي ميون شاه عنايت رضوي برقعو متائي چڪو هو. ان ڪري لطيف سائين پنهنجي پيءُ سان گڏ، عوام جي خدمت لاءِ حويلي ۾ رهڻ لڳو. ۽ سندس هم خيال ماڻهن ۾ روز بروز اضافو ٿيڻ لڳو. شاه حبيب جو اوتارو "گروڪل" يا "آشرم" واري فڪري فضا جو ڏيک ڏيندو هو، جتي اچڻ وارن جي من ۾ اها اڻ تڻ هوندي هئي تہ دنيا ڇا آهي؟ ڇو آهي؟ ۽ اُن جو هلائيندڙ ڪير ۽ ڪٿي آهي؟ ملاقاتي شاه حبيب ڪان متين ڳالهين جا جواب ٻڌي مطمئن ٿيندا هئا. ان سان گڏ طب، فلسفي، سائنس ۽ شاعري سان دلچسپي رکندڙ ماڻهو اچي، سندس مخصوص فڪر مان سچائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

شاه حبيب، پنهنجي ڏيهہ جي سانگيئڙن ۽ مسئلن ۾ جڪڙيل ماروئڙن لاءِ دعا بہ گهرندو هو تہ ساڳئي وقت سندن بيمارين تڪليفن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دور ڪرڻ لاءِ دوا درمل به ڏيندو هو. ماٺهو، سندس انهن فلاحي ڪمن ڪري ايترا ته محبت ۾ سرشار هئا جو سيد جي اوتاري تي ڪم ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا هئا. "انهن مان ڪي سندس پنهنجون ڪيڙينڌا هئا. ڪي ڏڻ چاريندا هئا ته ڪي وري جهنگ مان ڪاٺيون ٻارڻ لاءِ وڍي ايندا هئا. ڪن جو ڪم مهمانن کي عوامي لنگر خاني مان ماني کارائڻ هو." (١)

شاه لطيف به انهن ڪمن ۾ ساڻن هٿ ونڊائيندو هو. لطيف سائين تي پيءُ جي شخصيت جو تمام گهڻو اثر هو. هو به عوامي ۽ رفاهي ڪمن ڪرڻ ۾ اڳرو هو. پيءُ جي اهڙي همه گير شخصيت ۽ جواني ۾ ئي عوامي رابطي واري زندگي کي ڏسندي، ڪوٽڙي مغل جي زميندار مرزا مغل بيگ شروعات ۾ ئي انهي خطري کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ياد رهي ته لطيف جي عوامي رجوعات کان، وقت جو حاڪم نور محمد ڪلهوڙو ۽ ٻيا به خوف کائيندا هئا. هنن پڻ ڪيترا دفعا شاهه سائين کي مارائڻ لاءِ حربا استعمال ڪيا هئا. مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"لطيف سائين وٽ ماڻهن اچي ڊوڙ ڪئي ۽ ڪيس مُرشد ڪري ٿي ڏنائون. اها ڳالهه آس پاس جي سڪرن مان لکي ڪين رهي، جن پاڻ پڻ مريد ڪيا. ويتر جو هن جي طرف جا ماڻهو جڏي اچي شاه جا مريد ٿي ٿيا ۽ سندس واڪاڻ ۽ تعريف ٿي ڪيائون. تنهن ڪري هن ڪي پاڻ ريس جاڳي ته جيڪر هن بزرگ جي زيارت ڪرڻ گهرجي." (٢)

انهن مان هڪڙا هئا مخدوم نوح جو اولاد (+) ٻيا متعلوي "اجنائي" سيد، جيڪي شاه لطيف جا عزيز هئا ۽ ٿيون دشمن ميان نور محمد ڪلهوڙو هو جو سنڌ جو حاڪم ۽ ڪلهوڙن جو سردار

---

(*) لطيف سائين سان مخدوم نوح جي اولاد جي دشمني ۽ ريس جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ هو. (۳)

مقصد تائين رسائي لاءِ مرزا مغل بيگ پنهنجي ناپاڪ حڪمت عملي جو مظاهرو ڪندي هڪ منصوبو سٽيو. جيئن ته مرزا مغل بيگ جو شاه حبيب ۾ ڪامل ويساهه هو ۽ گهر ۾ ناچاقي جي حالت ۾ ڪيس دعا ۽ دوا لاءِ حويلي ۾ وٺي ويندو هو، سٽيل منصوبي مطابق جڏهن سندس نياڻي ناچاق ٿي ۽ ڪيس اها خبر هئي ته شاه حبيب جي طبعيت به ناساز آهي، اوڏي ويل پنهنجا ماڻهو شاه حبيب ڪي وٺي اچڻ لاءِ روانو ڪيائين. مرزا قليچ بيگ انهيءَ سلسلي ۾ لکي ٿو:

(بقايا فوٽ نوٽ) ذڪر مرزا قليچ بيگ ڪانسواءِ ٻين به ڪيترن عالمن ڪيو آهي. ۾ مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي مضمون ۾ علي شير قانع، آنجهاني ديوان ليلارام، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ٻين شاهدين جي روشني ۾ انهيءَ ڳالهه جي ترديد ڪري ٿو ته سندس وڏن جا لطيف سائين سان ڪي خراب تعلقات هئا. مخدوم طالب المولىٰ "لطف اللطاف" ڪتاب جي اٺين فصل بعنوان "وقت جي ڪن ماڻهن جون مخالفتون" جي حاشيي ۾ پنهنجي چاچي مخدوم مولوي غلام حيدر صاحب مرحوم جي لکيل نوٽ جو حوالو ڏنو آهي. جنهن ۾ هن صاحب لکيو آهي ته: "مخدوم صاحب هالن وارن جي شاه صاحب سان اختلاف جو ذڪر ڪن ڪتابن ۾ ڏنو ويو آهي، مگر اسان وٽ خانداني روايت ۾ اهڙو احوال مطلق ٻڌل نه آهي. سروري خاندان ۾ هميشه کان اهلبيت جو ادب اتم درجي تي رهندو آيو آهي." (مهراڻ سماهي ۱ / ۱۹۸۷ ص. ٦۳) مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي بيان جي تائيد ۾ لکي ٿو ته شاه حبيب ۽ ان کان اڳ شاه عبدالڪريم بلڙي واري جو اسان جي وڏڙن سان روحاني ۽ عقيدت منداڻو رستو هو. شاه عبدالڪريم جيئن ته مخدوم نوح جو مريد هو تنهن ڪري شاه لطيف به مخدوم نوح ۽ سندس اولاد جو هميشه معتقد رهيو. ان سان گڏ مخدوم مير محمد (۱۰۹۹ - ۱۱۴۹هه) جي زماني کان ذڪر ۽ سماع ۾ فقط شاه ڀٽائي جا ئي بيت ڳايا "هڪڙي پيري مرزا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي آگر سيد هٿ ۾، تنهن کي نڪو لهر نہ ڪو لوڏو." (٦)

شري ڪلياڻ آڏواڻي (٧) ڊاڪٽر هوتچند موٽچند گربخشاڻي (٨) پڻ مٿين حقيقتن جي تائيد ڪن ٿا. شيخ اياز ۽ موتي لال جوتواڻي (٩) قدري ٻي ڳالهہ ڪن ٿا. هنن جو چوڻ آهي تہ ڇوڪري لطيف سائين جي روبرو آئي ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي حسن ۽ جواني ڪان متاثر ٿي عشق ۾ مبتلا ٿيا. شيخ اياز لکي ٿو:

"نوجوان شاه لطيف اوچتو جڏهن هڪ حسين ۽ جميل دوشيزه کي پنهنجي سامهون ڏٺو ۽ پنهي جون اکيون هڪ ٻئي وقت مٿي کڄيون تہ پنهي دلين ۾ محبت جي باه ڀڙڪي اٿي، جنهن جو اندازو فورا ً مرزا کي ٿيو، پر مصلحتا ً ان وقت ٽاري ڇڏيائين." (١٠)

شيخ اياز ٻي روايت ڪلياڻ آڏواڻي سان متفق ٿيندي بيان ڪئي آهي، بهرحال اهو ثابت آهي تہ مغل پردي جا سخت پابند هئا ۽ ڇوڪري جو لطيف سائين جي روبرو اچڻ قرين قياس نہ آهي.

مطلب تہ اسان جي سيني عالمن ۽ اديبن، لطيف سائين جي انهيءَ پهلو کي جيئن جو تيئن بيان ڪيو آهي. لطيف جي انهيءَ مسئلي کي سلجهائڻ جي لاءِ اسين مٿين روايتن مان هيٺيون چند ڳالهيون ذهن ۾ رکنداسين.

١ـ لطيف ڏانهن عوام جي اچ وڃ وڌي چڪي هئي.

٢ـ مرزا مغل بيگ نواب خاندان سان تعلق رکندڙ ۽ پنهنجي تر جو سردار هو.

٣ـ مغل پردي جا سخت پابند هئا پر چگائي لڳائي جي حالت ۾ سيدن کي حويلي ۾ ڇڏيندا هئا.

٤ـ لطيف جي حويلي ۾ وڃڻ وقت ڇوڪري کي ويڙهي سيڙهي کٽولي تي ليٽايو ويو. صرف چيچ ٻاهر ڪڍي، لطيف کي دعا لاءِ ڏني وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥ـ مرزا جو سيدن تي ويساهه ڪنهن تجربي جي بنياد تي ٿيو هوندو.

٦ـ لطيف پلاري خاندان جو فرد هو.

٧ـ لطيف مغل بيگ جي ڌيءُ جي ڇيڄ ونندي بي خود ٿي ويو.

مرزا مغل بيگ سابق حڪمران ٽولي ارغون خاندان جو فرد ۽ نواب هو. هو لطيف جي همہ گير شخصيت ۽ عوامي رابطي واري زندگي کان سخت خائف هو. (١١)

شاه حبيب هڪ خدا ترس، نيڪ ۽ عوامي ماڻهو هو. سندس پٽ لطيف سائين ڪانئس به ڀرانگهون اڳتي هو. هن جو اٿڻ ويهڻ سادو ۽ عوامي هو. سندس صحبتي، پيرن، ميرن ۽ سردارن جا ٺڪرايل، سماج جا ڌڪاريل ۽ پيڙا ۾ ورتل سانگي ۽ پڪڙن ۾ رهندڙ پنهوار هئا. جڏهن تہ هو سيدن جي هڪ وڏي خاندان سان واسطو رکندڙ ۽ سماجي طور تي هڪ بلند مرتبي جو ماڻهو هو. پر ان جي باوجود بہ هن ڪڏهن بہ عوامي ڪم ڪرڻ کان پاڻ نہ بچايو. انهيءَ روش ڪري سندس والد شاه حبيب کي پنهجي پٽ جي روشن مستقبل جون وڏيون اميدون هيون. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي لکي ٿو:

"اهڙو سلڇڻو ۽ علم وارو پٽ ضرور پنهنجي پيءُ جي ناز ۽ ان جي مريدن جي لاڏ جو سبب ٿيو هوندو ۽ پڻ عام ماڻهن منجهہ بہ سندس ميجتا ٿي هوندي. (١٢)

لطيف سائين جي انهيءَ عوامي ميجتا جي ڪري مرزا مغل اندر ئي اندر ۾ پچرڻ لڳو.

مٿين بحث مان اهو معلوم ٿيو تہ لطيف هڪ پلاري خاندان جو فرد هو. ان ڪري ڪيس بہ عزت نفس جو خيال هوندو. مرزا مغل بيگ جو سيدن ۾ ايڏو ويساهہ بہ ڪنهن تجربي ۽ سندن حسن سلوڪ جي ڪري ٿيو هوندو. پوءِ شاه لطيف جهڙو ڏاهو ۽ پاڪ سيرت انسان هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي منٿ ۾ اهڙي ويساه کي کيئن ختم ڪري سگهيو. (١٣)

ان باري ۾ مولانا گرامي غلام محمد جو رايو ڏيڻ مناسب ٿو سمجهان. هو لکي ٿو ته "اها روايت بـ، روايت جي اصولن موجب صحيح نـ آهي. شاه صاحب جي اخلاقي عظمت ان سان داغدار ٿئي ٿي. هڪ پاڪيزه شخص اهڙو غير محتاط نـ ٿو ٿي سگهي. نڪو پرائي گهر ۾ ايترو آزاد ٿي ڳالهائڻ جي گنجائش ٿي ٿي سگهي ٿي". "(شاه" ڪلياتي آڏواٽي (تبصرو) مهراڻ سماهي نمبر ٢، سال ١٩٥٨ع، ص- ٢٢٢)

محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لطيف سائين جي جواني جو ذڪر ڪندي لکي ٿو "شاه صاحب جي نوجواني ڪنهن ابالي ۽ بي فڪري، جي نوجواني نـ هئي. پر هو هڪ مثالي نوجوان هو." (سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ص - ٤٣)

مٿين مثالن مان اهو ظاهر ٿيو تـ لطيف سائين، صاحب عظمت ۽ مثالي نوجوان هو. ان ڪري اهڙي شخصيت ۾ يڪدم جهول پيدا ٿيڻ ۽ غير محتاط روش اختيار ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نـ ٿو ٿئي. تنهن هوندي بـ وڌيڪ وضاحت لاءِ هيٺ هڪ مثال ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

اڄوڪي دور جو هڪ ڊاڪٽر جيڪو اعليٰ تعليم يافتہ، جديد دور جي سيني تقاضائن جو پورائوڪندڙ ۽ نئين قدرن جو حامل آهي، اهو جڏهن ڪنهن نوجوان مريضہ کي سنڌس گهر تپاسڻ لاءِ وڃي ٿو تڏهن هو مريضہ کي بنفس نفيس سامهون ويهاري ٿو. هو ساڻس گفتگو ڪري هسٽري پڇي ٿو. ان بعد سنڌس ڪرائي تي هٿ رکي نبض ڏسي ٿو. هٿ سان اکين جا ڇپر کولي، سنڌس اکيون تپاسي ٿو. پيٽ کي هٿ سان زور ڏئي، سنڌس معدو ۽ جگر چيڪ ڪري ٿو. ڇاتي تي اسٽيٿسڪوپ لڳائي ڦڦڙن جو معائنو ڪري ٿو. منهن ۾ ٽارچ سان روشني وجهي سنڌس وات ۽ ڪاڪڙو ڏسي ٿو. پر پوءِ بـ عزت نفس جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاه کي بدنام ڪرڻ لاءِ منصوبو هو. ثابت ٿيو تہ اهڙا ماڻهو پنهنجي ڪوڙي انا کي وقتي برتري خاطر، پنهنجي عزت کي داغ لڳائڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندا آهن.

ان بعد شاه حبيب پنهنجي خاندان سميت ڪوٽڙي کان ٿورو پريرو اچي حويلي اڏي ويٺو. پر ان جي باوجود ماڻهن جي رجوعات ڏانهنس ساڳي طرح رهي. مرزا مغل بيگ اهڙي حالت ڏسي ساڻس وڌيڪ زيادتيون ڪرڻ لڳو، پر شاه خاموش رهيو.

مرزا مغل بيگ جو رويو عوام الناس سان تمام خراب هو. ان ڪري "دل" قوم جا ماڻهو، جيڪي اڳ ئي سندس ظلم جو نشانو بڻيل هئا (*) تن سان سندس جهيڙو ٿي پيو. مرزا ساڻن مقابلي لاءِ تيار ٿي نڪتو تہ شاه لطيف کيس مدد ڪرڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا هن ٺڪرائي ڇڏي. انهيءَ موقعي تي هڪ بيت لطيف سائين چيو جنهن کي اسان جا عالم ۽ اديب ان موقعي جي مناسبت سان ڏيکاري مرزا لاءِ پٽ ۽ پاراتي جي معنيٰ وٺن ٿا. گربخشاڻي صاحب لکي ٿو:

"مرزا مغل بيگ، اجائي بڪشڪ ڪئي ۽ شاه کي ويٺ پڻ ڏنائين. شاه جي دل کي نهايت رنج رسيو ۽ چون ٿا تہ سندس زبان مان بي اختيار هي پاراتو نڪري ويو:

(*) سيد حسام الدين شاه راشدي پنهنجي مقالي -"سنڌ جا تاريخي ۽ سياسي خط" ۾ "مجموعہ رقعات دانشگاه سنڌ" مان حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ "مغلن جي آخري دور ۾ سنڌ ۾ جيڪا لاقانونيت ۽ بد انتظامي پکڙي هئي، انهن خطن مان ان تي روشني پوي ٿي. ڪن خطن جو مطلب پيش خدمت آهي: "نواب عبدالصمد خان، نواب خان دوران، دل قوم جا ماڻهو، دل قوم جي ماڻهن جو قتل عام" (مهراڻ سماهي نمبر ١ / ١٩٨٧ع - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص - ٨٨)

قريشي حامد علي خانائي ان باري ۾ لکي ٿو: "مقامي روايتن مان وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ اهڙي راڄڌاني ( Territory) جي جنهن جي حدن اندر راڄ قائم هجي. "آس" پڻ علامت آهي، جنهن مان مراد ورتبي، اميد، آسرو، نياءُ، ۽ "دل" هونءَ تہ هڪ ذات آهي، پر هت مراد آهي اهڙو انسان جيڪو برائي کي تڙي ڪڍي يا اهڙي ذات يا هستي جيڪا ظلم ۽ زيادتي کي پاڙون اکيڙي ڦٽو ڪري. لطيف سائين فرمايو آهي؛

" اي حاڪم تنهنجي حاڪميت هن ڌرتي تي سدائين قائم رهي نٿي سگهي. ان ڪري توکي جڳائي تہ تون ظلم ڇڏي نيڪي جو رستو اختيار ڪر، نہ تہ مونکي اميد آهي تہ توکي برائي کي تڙيندڙ هستي ماري مات ڪندي."

قرآن مجيد ۾ فرمايل آهي؛

ترجمو؛ اي ايمان وارو! توهان تي روزا ائين فرض ڪيا ويا آهن جيئن توهان کان اڳ امتن تي ڪيا ويا هئا. اميد تہ توهان فلاح پايو.
(سوره بقر)

جنهن نموني هت "اميد" جو لفظ استعمال ٿيو آهي بلڪل ساڳي نموني لطيف بہ "آس" جو لفظ ڪم آندو آهي. ٻنهي ۾ يقيني ڳالهہ ناهي ۽ نہ پٽ پاراتي جي معنيٰ ورتڻ جڳائي، ڇو تہ قرآن مجيد ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ توهان انهن نيڪي جي ڪمن تي ڪاربند رهيا تہ اميد (يقين) آهي تہ توهان فلاح پايو. پر لطيف چئي ٿو تہ جيڪڏهن تون اهڙي بيجا روش تي هلندين تہ "آس" (اميد ) (يقين) آهي تہ هڪ ڏينهن مارجي ويندين.

هي هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي هر باشعور ماڻهو قبول ڪندو. لطيف سائين هت اهو فلسفو بيان ڪيو آهي تہ هي دنيا فنا جي جاءِ آهي، هتان جو ڪوڙو ڪر و فر ۽ فرعونيت سدائين قائم ناهي رهڻي. جيڪڏهن توهان عقل سليم رکو ٿا تہ پاڻ ۾ سڌارو آڻيو نہ تہ اوهان عنقريت موت جي منهن ۾ ويڃا آهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيو ﮬئين. مرزا مغل بيگ ۱۱۲۴ ھہ مطابق ۱۷۱۲ع ۾ دلن هٿان مارجي ويو. مغلن ۾ صرف عورتون ۽ هڪ ننڍڙو ڇوڪرو بچيا. مغل جي حرم وارن عورتن کي لطيف سائين جي عوامي هلچل ۾ وڏ ماڻهائپ جي بخوبي ڄاڻ پئجي چڪي هئي. انهن پنهنجي مٿي ڇان ۽ خاطر اهڙي انسان جو سهارو وٺڻ چڱو ڄاتي، لطيف کي پنهنجي نياڻي جي آڇ ڪئي، جيڪا هن قبول ڪئي. اهڙي ريت شاه جي شادي ٿي. هي بيبي ساڳي هئي، جنهن جي ڇيچ شاه صاحب پنهنجي هٿ ۾ ورتي هئي. بيبي صاحبہ جو نالو سيده بيگم هو. مريد ڪيس ادب وچان "تاج المخدرات" ڪري ڪوٺيندا هئا.

# حوالا


۱- جوتواڻي، موتي لال؛ "شاه عبداللطيف، هز لائيف اينڊ ورڪ". دهلي ۱۹۷۵ع ص - ۱۹

۲- مرزا، قليچ بيگ؛ "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي". ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ۱۹۷۲ع ص - ۲۷

۳- ......................... ايضا .................... ص - ۲۷

۴- ..........................ايضا ............ ص - ۲۳

۵- "ماهنامہ روح ادب". اداره روح ادب، حيدرآباد، آڪٽوبر ۱۹۵۴ع ص - ۴۲

۶- شاهواڻي، غلام محمد؛ "شاه جو رسالو" آر ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ۶۰- ۱۹۶۱ع صہ ۵- ۶

۷- آڏواڻي، ڪلياڻ؛ "شاه جو رسالو". مڪتبہ اسحاقيہ، ڪراچي ۱۹۷۶ع ص - ۳

۸- گربخشاڻي، هوتچند مولچند؛ "مقدمہ لطيفي". ورسٽي پبليڪيشن ڪراچي




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٩٧٧ع ص - ٢٤ - ٢٥

٩- جوتواڻي، موتي لال: " شاه عبداللطيف، هز لائيف اينڊ ورڪ" دهلي ١٩٧٥ع ص - ٢٦

١٠- شيخ اياز : "رسالو شاه عبداللطيف "(اردو) سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد ١٩٦٣ع ص - ٦

١١- "ماهوار پيغام" - شعبو مطبوعات حڪومت سنڌ. ڪراچي، اپريل ١٩٨٧ع ص - ٣٠

١٢- گربخشاڻي، هوتچند مولچند: "مقدمو لطيفي"- ورسٽي پبليڪيشن ڪراچي ١٩٧٧ ص ٢٣

١٣- "ماهوار پيغام"- شعبو مطبوعات اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي اپريل ١٩٨٧ع ص - ٢٩ - ٣٠

١٤- گربخشاڻي، هوتچند مولچند: "مقدمو لطيفي"- ورسٽي پبليڪيشن ڪراچي ١٩٧٧ع ص - ٣٥

١٥- ............. ايضا ............. ص - ٣٥



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ڇهون

# لطيف سائين جي جواني ۽ سئر

**سنياسن سان ملاقات:** لطيف سائين جواني جا ٽي سال تقريبا ٢٢ کان ٢٥ سالن تائين گهر ڇڏي سير ۽ سفر ڪيو. انهيءَ سفر ۾ هن جوڳين ۽ سنياسين سان گڏجي اهي تاريخي مقام ڏٺا، جتي سنڌ ڏيهه جي تاريخ جا ورق پوشيده هئا. اهڙي جاکوڙ معنيٰ خيز ۽ تجربي جو سبب بڻي، جنهن جي اپٽار سندس رسالي ۾ ٿيل آهي.

لطيف سائين ڳوٺان نڪري حيدرآباد جو ڪس ورتو ۽ پهرين منزل گنجي ٽڪر تي ڪيائين، جتي سانڊس سنياسي فقير مليا جنهن جو ذڪر سُر ڪاهوڙي ۾ ٿيل آهي.

پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
حيڏي ڪيٽ، ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.
(شاهوائي - ڪاهوڙي، ٣-١)

پيئي جن پروڙ، گنجي ڏونگر گام جي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حـيـڏي سـب ضــرور، لـوچـي لاهـوتـي ٿـيــا.

(شاهواڻي ـ ڪاهوڙي ٢ ـ ٥)

جوڳي يا سنياسي جيڪي هنگلاج يا لاهوت لامڪان ڏانهن ويندا هئا سي اڳ ۾ گنجي ٽڪر تي ڪالي ماتا جي مندر ۾ ڪنا ٿيندا هئا. لطيف سائين اتي ١٢ ڏينهن ترسيو ۽ گيڙو ڪپڙن جي ڪفني ٺاهي اوڙهيائين.

"شاه کي هنگلاج ۽ لاهوت وڃڻ جي خواهش بہ هتي پيدا ٿي هوندي." (١) شاه گنجي ٽڪر کان ڪراچي وارو رستو اختيار ڪيو ۽ واٽ تي "بيبي نانی" جي زيارت جي خيال ڪري، هنگلاج روانو ٿيو. پاڻ جيڪو رستو اختيار ڪيائين، اهو حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ ٺٽي وارو رستو هو. اچي ڪينجهر جي ڪناري تي ديرو ڪيائين جتي نوري ۽ ڄام تماچي جو حال احوال ۽ انهن ماڳن مڪانن جو مشاهدو ماڻيائين. ڪينجهر کان ٿيندو ٺٽي ۾ آيو جتي سسئي پنهون جي ڦوڙائي جو حال حاصل ڪيائين. شاه اهنگن گسن ۽ اٿانگن لڪن کي لتاڙيندي سسئي کي ڏاڍو داد ڏنو هوندو ۽ همدردي ڪئي هوندي." (٢)

ٺٽي ۽ ڀنڀور ۾، اتان جي اوج ۽ زوال جي ڪهاڻي، علائقي ۾ ٿيندڙ ظلم جي داستانن ۽ تاريخ جي نـ وسرندڙ واقعن کي سٽيائين. تنهن زماني ۾ ٺٽي نگر جا، دنيا جي سيني ملڪن سان اقتصادي ۽ واپاري ناتا هئا ۽ لاهري ۽ ٻيا ڪيترا بندر ان سلسلي ۾ مشهور هئا. هتان جي زراعت، گهرو صنعت، توڙي آبپاشي جو نظام ڪيترن ئي علائقن ۾ رائج هو. ڪپڙي جي صنعت جي مشهوري جو سبب صاف ڪپهہ هئي جنهن جو فصل تمام گهڻو ٿيندو هو. ٺٽو تعليمي لحاظ سان بہ هڪ وڏو علمي مرڪز سمجهيو ويندو هو.

"تحفتہ الڪرام" جي جديد ڇاپي جي مرتب، همـلـٽـن جي حوالي سان ٺٽي جي علمي عظمت جو ذڪر ڪندي لکيو اهي تہ: ٺٽي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چار سو دارالعلوم موجود هئا، جن ۾ هزارين طالب علم رات ڏينهن تعليم پرائڻ ۾ مشغول هئا. (٣) ٺٽي کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ننڍا وڏا شهر سنڌ علائقي ۾ هئا جن کي سفر دوران شاه ڏٺو. ان بعد شاه ملير پهتو. (اهو ملير ٿر وارو نہ هو) جتان ڪياماڙي وٽ آيو جتي "ڪلاچي جو ڪُن" هو. اتان مورڙي مهاڻي جي ڳالهہ سڻي، سُر گهاتو ۾ ان جو احوال اوريو اٿس. ڪراچي ان وقت اجا ڪونہ هو. ڪراچي جو شهر ١٧٢٩ع ۾ وسيو ۽ شاه ٢٣ ورهين جي ڄمار ۾ سنہ ١٧١١ع ڌاري ڪراچي کان هنگلاج ويو آهي.

## هنگلاج ۽ لاهوت جو سير:

ڪراچي کان هنگلاج ٢٠٠ ميلن جي مفاصلي تي آهي. ڪراچي کان تقريبا ١٧ ڪلوميٽرن تي حب ندي آهي، جتي شاه پهرين منزل ڪئي.

"پهريون ٿي پاٽو، سڦرو ڪرين سات ڪي." (٤)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو: "حب ندي جي پريان پٻ جبل اتر کان ڏکڻ سمنڊ جي ڪناري تائين هڪ ڪنڌي ٺاهيو بيٺو آهي."

آءُ هيڪلي حب ۾، نہ مٽ نہ ڪو ڪاڪو،
پري پڇنديس پٻ ۾، وڻ وڻ وجهنديس واڪو. (٥)
حبي حب نہ هلڻ سگهئا، سي جڏا ميڙ جليل،
لنگهائي لطيف چئي، نجن ڪيچ قليل،
وساري وسيل، متان مارڳ ڇڏيين.
(شاهواڻي - ڪوهياري ٧ - ٥)

حب ندي کان وندر ڏي وڃڻ لاءِ "بريدي لڪ" ۽ ان ڪانپوءِ ڪارڙي ناڪي کان گذرڻو پوندو آهي. وندر کان اڳيرو "گرو چيلي جو رڻ" اڪري، سَچ ۽ رَچ کي منهن ڏئي، "ڦورندي" اڪري، هاڙهي جبل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موتي لال لکي ٿو: "انهن جبلن مان "باران نئن" اچي ٿي جنهن جو سو ميلن تائين وهڪرو آهي. اها ١٣٠٠ چورس ميلن کي آباد ڪندي سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽڙي مغل وٽ چوڙ ڪري ٿي جيڪا شاهه لطيف سائين جي جنم ڀومي آهي." (٨) باران نئن شاه جي جنم ڀومي ڪوٽڙي مغل وٽ درياءَ ۾ ڪونہ ٿي ڪري، پر اُها دادو ضلعي واري هاٿوڪي ڪوٽڙي جي ويجهو درياءَ ۾ چوڙ ڪري ٿي.

لطيف سائين کي خبر هئي تہ "وٺڪار" تي بارش پوڻ سان "باران ندي" جو پاڻي زور و شور سان وهي ٿو جنهن جي ڪري ڪوٽڙي علائقي جا ماڻهو ان جي پاڻي مان مستفيد ٿين ٿا. هن باران کي کيرٿر جبلن تان تمام سوڙهي صورت ۾ پاڻي کي پٿرن سان ٽڪرائيندي ڏٺو هو.

ٻيلي جو سير : ٻيلي ۾ پهچڻ تي لطيف سائين سپڙ سخي جي سخاوت جي ساراه ٻڌي. سپڙ اهڙو تہ سخي سورهيہ هو جو گهرجائو جي گهرج ان جي سوچ کان گهڻو مٿي ۽ تمام جلد پوري ڪرڻ ۾ اڳرو هوندو هو. هڪ دفعي هڪ ڏڌ مڱڻهار کي هڪ سو تازي گهوڙا انعام ۾ ڏنائين.

موڙهو پٿين مڱڻا، ڪيڏانهن هيئن ڪال ؟
لنگها حيڏ لطيف چئي، اُجهڻ حبا افعال،
سپڙ در سوال، ڪر تہ قيمت آٿين.
(شاهوائي ، پرڀاتي ، ١-٥)

ٺٽي وڃڻ: هنگلاج جو سفر لطيف سائين ٻہ دفعا ڪيو هو. ٻئي ڀيري اتان موٽندي، هو ٺٽي واري رستي سان، سنڌوندي جو پٽڻ اڪري ديبل ڪوٽ (ليلا چنيسر واري جوءِ) ۾ لاڙ جي ڪيترن هنڌن تي ويو آهي. ٺٽي ۾ هو ڪيترن ئي ڏاهن ۽ عالمن سان مليو جن مان مخدوم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد معين (وفات ١٧٤٨ع) بن مخدوم محمد امين بن مخدوم طالب الله لک دل جي شخصيت قابل ذڪر آهي. (٩) هو ٺٽي جي قديم مولوين جي خاندان مان هڪ چمڪندڙ ستارو آهي. علامہ معين جووالد بزرگوار هڪ وڏو عالم ۽ درويش شخص هو. هن جي شادي ٺٽي جي مشهور شاعر مير منشي فاضل خان جي ڀيائي سان ٿي جنهن مان محمد معين پيدا ٿيو. فاضل خان سلطان اورنگزيب جي مقربن مان هو، جنهن سنہ ١٠٩٦ ھ ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪئي. (١٠)

**ڪڇ ڏانهن ڪاهڻ:** ٺٽي کان لطيف سائين سڄاول، مغل ڀين جاتي تعلقي، ان بعد لکپت (ڪڇ) پهتو. انهن ڏيهن ۾ سنڌ مان ڪڇ وڃڻ لاءِ ٻيڙي جي سهولت هوندي هئي. اها سهولت ١٦ ـ جون ١٨١٩ع واري ڌرتي ڌٻڻ واري واقعي تائين هئي. (١١) لکپت کان لطيف سائين "ماڊل" يا "ماندوي" کان ٿيندو دوارڪا ۽ پور بندر ويو. "پور بندر گجرات جي ڪناري ڏکڻ ـ اولهہ طرف سمنڊ جي ڪناري ڪاري تي آهي. شهر وسندڙ ۽ آباد آهي. اتان جا ماڻهو بمبئي، سنڌ ۽ ملبار سان واپار ڪندا هئا. آسپاس واري ايراضي گجرات جي علائقن وانگر سنئون پٽ آهي. فقط شهر کان ١١ ـ ١٢ ميلن جي مفاصلي تي هڪ ٽڪرين جي قطار آهي." (١٢) لطيف سائين اهڙو ذڪر رسالي جي سُر سامونڊي ۽ سُر سريراڳ ۾ ڪيو آهي.

سيد سات سندوء، پَر بندر پهچائين
(شاهواڻي، سريراڳ ٩ـ٣)

پروفيسر موتي لال جوتواڻي لکي ٿو:

" انهن سُرن ۾ هن ٻہ تاريخي نڪتا بيان ڪيا آهن. هڪ سنڌ جو ڪاٺياواڙ، سريلنڪا، بنگال ۽ ٻين ملڪ ۽ اندروني بندرن سان واپار ۽ ٻيو فرنگين (ڊارين)جي عربي سمنڊ ۾ يلغار يعني ڦرلٽ هو." (١٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**جونا ڳڙهہ جو سير:** لطيف سائين پور بندر کان "جونا ڳڙهہ" ويو، جتي هن راء ڏياچ جو محلات، "گرنار" پهاڙي تي ڏٺو، گرنار پهاڙي جون پنج مکيہ چوٽيون آهن جن مان گورکناٿ تمام اتاهين آهي. گرنار جي مٿانهين چوٽي گورکناٿ، جنهن کي پوء سکار سڏيو ويو آهي. جوڳين جي مرشد (گرو) گورکناٿ جي نالي سان منسوب آهي. سُر رامڪلي ۾ اهڙي قسم جو اظهار ٿيل آهي. پاڻ اتان سڌو "کنيات" يا "کيمبي" آيو. اهو هنڌ گجرات ۾ "سبرامتي" ۽ "ماهي" ندين جي وچ تي آهي، جيڪا هندن جي ڀڳوان شِوَ (Siva) جي ڪري متبرڪ سمجهي وڃي ٿي. (۱۴)

**ٿر:** اتان واپسي تي لطيف سائين ننگرپارڪر (ٿر) پهتو جتي ڪارونجهر ٽڪرين جي قطار ۾ ڏٺائين. ننگر پارڪر کان ڏيپلي وارو رستو وٺي "پراڻ" جو پتڻ پار ڪري "پاٿر" ۽ ڪڇ جي وچ واري ٿر ۾ ويو ٿو ڏسجي. (۱۵)

"پاٿر" ٿر جي ڏکڻ واري حصي ۾ آهي. هت واري جون پٽون آهن پر ڪٿي نديون آهن تہ ڪٿي وڏيون. ڪٿي ڪٿي پٽن جي وچھ سنئين زمين بہ آهي جنهن کي "ڏهر" چوندا آهن. (۱٦)

محترم غلام محمد شاهوائي ٿر جا بہ ڀاڱا ٻڌايا آهن هڪڙو ڊٽ يعني وارياسو ڀاڱو، ٻيو پٽ يعني ڏاڍي زمين وارو حصو. (۱۷)

شاه صاحب ٿر کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي. ۱- ڪاٺڙ، ۲- ڊٽ، ۳- پاٿر.

"سُتـــي سيڻـــي سـاريا، جي پاٿر جا پنهوار. (۱۸)

لطيف سائين پاٿر کان هلندو" ڪاروڙي" جي رستي "ملير" پهتو. ڪيس خبر هئي تہ هت سنڌ جي مشهور ستي مارئي پنهنجو ست عمر ڪوٽ ۾ ڪيئن همت ۽ مردانہ وار مقابلو ڪندي بچايو هو. عمر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوٽ لڳ گوڙي مندر ( Gouri) بہ ويو تو ڏسجي. عمرڪوٽ جي پرسان مومل جي ماڙي "لڏاڻو" بہ ڏنائين. لڏاڻو جيسلمير کان ١٦ ڪلوميٽر پري هڪ شهر آهي. هي شهر هڪ ٽڪري تي آهي. جيسلمير وڃڻ لاءِ ڪاڙ کان گذرڻو پوي ٿو. "ڪاڙ" ڇاڇري شهر کان ٿورو اوير ۽ اتر طرف "گڏڙي" تائين ۽ اولهہ طرف عمر ڪوٽ واري علائقي کي چون ٿا.

"ڪاڙ" ۾ پٿون ننڍيون آهن ۽ ميدان هيٺ متانهان آهن. انهن کي "مگرا" چون. هت ڦوڳ جو وڻ گهڻو آهي. علائقي جي ماڻهن کي "ڪاڙيا" چون ٿا. (١٩) بقول شاهہ لطيف؛

هن منڊ مارو سنرا، ڪاڙ ۾ خوشحال

اتان لطيف سائين واپس "ويڙهي جهپ" کان ڏيپلي ۽ رحمڪي بازار مان ٿيندو "پراڻ جو پٽڻ" اڪري سنڌ واپس آيو.

انهيءَ سفر دوران شاهہ لطيف سائين ڪيترا ماڳ مڪان پيٽيا، سور ۽ سختيون سهي دنيا جا تجربا حاصل ڪيا. جوڳين ۽ سنياسين جي صحبت ۾ رهي، اهي تہ حقيقتون پسيائين جنهن کي عام ماڻهو سمجهي نٿو سگهي. هن زندگي جي ويجهو انسانيت جي قدرن کي چڪاسيو ۽ وقت ۽ قدرن جي ماپن جي تبديلي ۽ سببن کي سمجهيو. نوري، سهڻي، سسئي، ليلا، سورٺ ۽ مارئي، مورڙو، جکرو، سپڙ سخي، ۽ لاکي ڦلاڻي جي ملڪن ۾ وڃي سندن راز کي ڄاتو ۽ پوءِ انهن قصن ۽ ڪهاڻين کي علامتي روپ ڏئي، سماج جي حقيقتن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. اهي اهڙيون حقيقتون ۽ نشانيون آهن جيڪي بطور سچائي هڪ وجود رکن ٿيون. انساني مشاهدو هڪ حقيقت (يعني هڪ ڪردار) کي ان جي منتخب ڪيل تفصيل مان، صفتن جو مڪمل دائرو ڪڍي، ٻين شين سان تميز ڪندو آهي. اهڙي صورت ۾ ئي ان ڪردار جي شخصيت، رنگ، روپ، هلت چلت ( Behaviour) ۽ نسبت وغيره جي حقيقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن ٻي حقيقت جي علامت بڻجي پوندي آهي. لطيف سائين اهڙن ڪردارن کي سامهون رکي، سماجي، انفرادي ۽ ڪُلي علامتون استعمال ڪندو نظر اچي ٿو، جو تہ هڪ حساس ڏاهي لاءِ اسلوب اظهار جي لحاظ کان علامت ئي هڪ اهڙو ذريعو آهي جنهن سان هو پنهنجي سماج ۾ ٿيندڙ اڻ برابرين ۽ ڏاڍاين جي نشاندهي ڪندي، انساني نفسيات ۽ معاشري جي اندروني حالتن جي سچي ترجماني ڪري سگهي ٿو.لطيف سائين پڻ ساڳيو رستو اختيار ڪندي، انساني زندگي جي سچي پچي ترجماني ڪندو نظر اچي ٿو.

# حوالا


١ـ شاهواڻي، غلام محمد؛ "شاھ جو رسالو"ـ آر ـ ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ٦٠ ـ ١٩٦١ع ص ـ ٨

٢ـ ........................ ايضا ............................ ص ـ ١٠

٣ـ قانع، علي شير؛ "تحفتہ الڪرام"ـ سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي ١٩٥٧ع ص ـ ٢٥

٤ـ شاهواڻي، غلام محمد؛ "شاھ جو رسالو"ـ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ٦٠ ـ ٩١٦١ع ص ـ ٢٤

٥ـ بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر (مرتب)؛ لطيف سالگره مخزن ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ـ ١٩٤٩ع ـ ص ـ ٢٤.

٦ـ جوتواڻي، موتي لال؛ "شاھ عبداللطيف، هز لائيف اينڊ ورڪ" دهلي ١٩٧٥ع ص ـ ٣١

٧ـ درشن، عبدالغفور؛ "لاهوت لامڪان" (فيلڊ رپورٽ) لوڪ ورثو اسلام آباد




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٩٨٥ع ص - ٥

٨- جوتواڻي، موتي لعل، "شاه عبداللطيف هز لائيف اينڊ ورڪ" ڊهلي ١٩٧٥ع ص ٣١ -

٩- قدوسي اعجاز الحق، "تاريخ سنڌ" - مرڪزي اردو بورڊ لاهور ١٩٧٤ ص - ٥٥٥

١٠- وفائي، دين محمد، "تذڪره مشاهير سنڌ" - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٧٤ع ص - ١٥٩

١١- جوتواڻي، موتي لعل، "شاه عبداللطيف، هز لائيف اينڊ ورڪ" دهلي يونيورسٽي، دهلي - ١٩٧٥ع ص - ٣٣

١٢- هينري پاٽينجر، "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر" (سنڌي ترجمو ) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٧٦ع ص - ٦

١٣- جوتواڻي، موتي لال، شاه عبداللطيف، هز لائيف اينڊ ورڪ" - دهلي ١٩٧٥ع ص - ٣٣

١٤- ............. ايضا ............. ص - ٣٣

١٥- شاهواڻي، غلام محمد، "شاه جو رسالو" - احمد اينڊ برادرس ٦٠ - ١٩٦١ع ص - ١٦

١٦- رائچند، "تاريخ ريگستان" (ڀاڱو پهريون) ادبي بورڊ حيدرآبد ١٩٧٥ع ص - ٦

١٧- شاهواڻي، غلام محمد، "شاه جو رسالو" آر ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ٦٠ - ١٩٦١ع ص - ١٦

١٨- رائچند. "تاريخ ريگستان" (ڀاڱو پهريون) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٧٥ع ص - ٥

١٩- ............. ايضا ............. ص - ٧




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ستون

# مخدوم محمد معين ٺٽوي سان ملاقات

لطيف سائين جي ٺٽي جي سفر دوران سندس ملاقات مخدوم محمد معين بن محمد امين سان ٿي. مخدوم صاحب شاه ولي الله محدث دهلوي ۽ مخدوم عنايت الله جو شاگرد ۽ سندن علمن مان فيضياب ٿيل هو. ٺٽي ۾ ٻئي دفعي اچڻ سان سندن رسمي ملاقات دوستي ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. مخدوم صاحب کي هر فن تي ڪمال درجي جو عبور حاصل هو. علم ۾ يگانو هجڻ جي باوجود بہ راه سلوڪ جو وڏو واقف ڪار هو. سندس ڪيترن بزرگن سان ويجها تعلقات هئا. ميان ابوالقاسم نقشبندي سان ڪيس تمام گهڻي عقيدت هئي. آخري ڏينهن ۾ سندس دوستي ۽ عقيدت عبداللطيف ملقب "تارڪ" سان رهي. ٻنهي جي وچ ۾ هميشہ مباحثو ٿيندو رهندو هو. هن جون ڪيتريون تصنيفون آهن. وقت جا حاڪم سائس وڏي احترام سان ملاقاتي ٿيندا هئا.

"السماع معراج الاوليا" (سماع ولين جو معراج آهي) جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متولي مطابق سماع کي پسند ڪندڙ ۽ علم موسيقي کان واقف هو. هن دارالفنا مان دارالبقا ڏانهن سندس رحلت به رڳو راڳ ٻڌڻ ڪري ٿي. محققانہ شعر چوندو هو. فارسي ۾ "تسليم" ۽ هنديءَ ۾ "بيراڳي" تخلص هوس. سندس وفات سنہ ١١٦١ هہ ۾ ٿي. (١)

ڪڏهن مخدوم صاحب شاه صاحب وٽ اچي رهندو هو ۽ ڪڏهن شاه صاحب مخدوم وٽ اچي ٽِڪندو هو. پاڻ ۾ حال ۽ قال جون طويل صحبتون ٿينديون هيون. (٢)

مخدوم صاحب جي زندگي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو نمونو هئي.پنهنجي حياتي ۾ ڪڏهن بہ حاڪمن يا اميرن سان واسطو ڪونہ رکيائين. سندس زندگي جو طور طريقو لطيف سائين جهڙو هو.جهڙي ريت شاه ولي الله دهلوي جي والد بزرگوار شاه عبدالرحيم، اورنگزيب عالمگير طرفان مليل زمينون، اهو چئي ونڻ کان انڪار ڪيو هو تہ هي دنيا تمام ٿوري وقت لاءِ آهي؛ أن کي هميشہ جو مسڪن سمجهي دنيا داري ۾ ڦاسڻ نہ جڳائي. وڌيڪ چيائين تہ هيل تائين سڄي عمر بي اسبابي ۾ گذاري اٿم، هن عمر ۾ اسباب سان هٿ آلا نہ ڪندس. جيڪي بہ حق تعاليٰ ڏيندو ان تي راضي آهيان. اهڙي ريت شاه لطيف جي همنام شيخ عبداللطيف برهان پوري بہ اورنگزيب جي اهڙي پيشڪش کي اهو چئي ٺڪرائي ڇڏيو تہ "بادشاه ڳوٺ عطا ڪري اسان کي راضي ڪرڻ چاهي ٿو. جڏهن تہ خدا اسان کي بنا ڪنهن شرط جي روزي عطا ڪري ٿو." ساڳي ئي حقيقت جو اظهار لطيف سائين سر. پرڀاتي ۾ هيئن ڪيو آهي.

"جن ڀنيور (دنيا) کان ڀڄي ڏونگر ڏوريو، تن کي پنهون جو وصال نصيب ٿيو. اهڙو انسان اندر ۾ جهاتي پائي ٿو ڏسي تہ پاڻ کي پرين سان گڏيل يعني هڪ ٿو سمجهي. پوءِ نہ ڏونگر آهي، نہ سسئي، مڙيوئي پنهون آهي." "سسئي جڏهن پنهون جي غم ۾ حجاب،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سينگار ۽ سونهن کي ترڪ ڪيو تہ پاڻ ئي پنهون ٿي پئي. پاڻ سڃاڻڻ ڏاران ٻيو سڀ علم فضول آهي." (٣)

پيهي حبان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

(ڪلياڻ آڏواڻي - سهڻي، ٢-٥)

شاه ولي الله جيڪي علامہ معين ڏانهن خط لکيا آهن سي ڪجهہ قدر محفوظ آهن، جن ۾ شاه صاحب ڪيس عمدن لقبن سان خطاب ڪريتو. ان کانسواءِ فقير الله علوي جي لکپڙهہ ۾ بہ علامہ معين جي نالي خطوط آهن. جنهن مان ظاهر آهي تہ ان وقت جا جيترا بہ وڏا عالم يا صوفي بزرگ هئا تن سان علامہ جو گهاٽو لاڳاپو رهندو آيو. (۴)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي دور جو وڏو عالم فاضل ۽ با شريعت انسان هو. پاڻ علامہ معين جو شاگرد هو. پر ٻنهي جا خيال مختلف هئا. علامہ صاحب باوجود محدث ۽ نقشبندي هجڻ جي، راڳ ۽ سرود جي محفل ۾ ويهندو هو. (۵) هڪ دفعي لطيف سائين پنهنجي ڳوٺ ۾ خليفن کي چيو، "هلو تہ پنهنجي يار جي آخري ديدار لاءِ هلون." اهو چئي پاڻ ٺٽي پهتا ۽ مخدوم صاحب وٽ حاضر ٿي محفل موسيقي جو اهتمام ڪيائون. مخدوم معين بہ انهيءَ محفل ۾ شريڪ ٿيو. محفل جي گرم ٿيڻ سان مخدوم ڪمري ۾ اٿي هليو ويو ۽ جان پنهنجي مالڪ جي حضور پيش ڪيائين. لطيف سائين سندس جنازي ۾ شرڪت ڪئي ۽ بعد ۾ ڳوٺ واپس ٿيندي فرمايائين: "ٺٽي جو ڏسڻ سندن ڪري ٿيندو هو. بس اڄ کانپوءِ بند آهي." (٦)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا


١- قانع، علي شير، "تحفته الڪرام" (سنڌي ترجمو)- سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي ١٩٥٧ع ص - ٥٦٤

٢- وفائي، دين محمد، "تذڪره مشاهير سنڌ"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٤ع ص - ١٥٩

٣- آڏواڻي، ڪلياڻ، "شاه جو رسالو"- مڪتبه اسحاقيه، ڪراچي ١٩٧٦ع ص - ١٣٧

٤- وفائي، دين محمد، "تذڪره مشاهير سنڌ"- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٧٤ع ص - ١٦١ - ١٦٢

٥- مولائي شيدائي، رحيم داد، "تاريخ تمدن سنڌ"- سنڌ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد ١٩٥٩ع ص - ٥١٦

٦- قانع، علي شير، "تحفته الڪرام"- (سنڌي ترجمو)- سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي١٩٥٧ع ص - ٥٦٤




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ائون

# خواجہ محمد زمان سان ملاقات

خواجہ محمد زمان لنواري وارو ولد حاجي عبداللطيف نقشبندي رمضان ـ ١١٢٥ ھہ ۾ ڄائو. پنهنجي والد صاحب وٽان قرآن شريف پڙهيو ۽ باقي تعليم جو سلسلو ٺٽي ۾ مخدوم محمد صادق وٽ پورو ڪيائين. (١) وقت جي مرشد ميان ابوالقاسم نقشبندي (*) ۽ ميان محمد نقشبندي ٺٽوي جي مريدن مان آهي." (٢) لطيف سائين پنهنجي

دور ۾ سماج کان ڪٽجي الڳ ٿلڳ ٿي ڪونہ رهيو، بلڪہ هن پنهنجي زندگي مختلف عالمن ۽ ڏاهن سان صحبتن ۾ صرف ڪئي، سندن ڪچهرين ۾ سماج جي اڻ برابرين متعلق ۽ روحاني رازن تي مشتمل بحث ٿيندو هو جنهن جي شاهدي سندس رسالي جا بيت آهن.

---

(+) "تڪلمہ مقالات الشعراء" (تاليف مخدوم محمد ابراهيم خليل بتصحيح سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي ـ ١٩٥٨ع ـ (طبع اول) جي صفحي ١٨٦ تي ڄاڻايل ميان ابوالقاسم نقشبندي جي مقبري تي اڪريل بيت مطابق سندس تاريخ وفات ١١٣٨ ھہ نڪري ٿي. بسال وصل او هاتف بفرمود ابوالقاسم سراسر نورِ حق بود.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهہ لطيف وحدت الوجود جو قائل هو. ان مطابق ڪائنات جي ڪُل مخلوق عين صفات باري تعاليٰ آهي. صفات ڇٻو آهي ذات باري تعاليٰ جي تجليات ڪي. ان اعتبار سان خالق ۽ مخلوق هڪ شيءِ آهي ۽ اول ۽ آخر هڪ ٿي ويندي يون. حقيقي توحيد فقط ذات باري تعاليٰ آهي جو وجود اڪبر ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ وجود قبول نہ ڪيو وڃي، توڙي عرش تي يا فرش تي. اهڙي ريت ان فلسفي جا پوئلڳ انساني اڻ برابري جي اصولن خلاف هوندا آهن ۽ سوسائٽي جي هٽ ٺوڪين قدرن جي برعڪس زندگي گذارڻ جا عادي هوندا آهن. اهي فرد جي سماجي، اقتصادي ۽ نفسياتي حقن جي حفاظت ۽ پنهنجي قول ۽ فعل، ذريعي ڪن ٿا. لطيف سائين بہ اهڙي محفلن مجلسن کي وڏيڪ ترجيح ڏيندو هو جتي انسانيت جي بقا ۽ بهبود لاءِ قولين ۽ فعلين ڪو ڪم ٿيندو هو.

لنواري وارن بزرگن مان خواجہ محمد زمان جو نالو عقلي توڙي نقلي علم ۾ بلند درجي تي فائز نظر اچي ٿو. لطيف سائين اهڙي مقتدر هستي سان ملاقات ڪرڻ لاءِ لنواري ڪهي ويو هو. سندس ملاقات جي تصديق ڪندي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي لکي ٿو:

"لنواري وارن بزرگن جي خاندان ۾ هڪ پارسي دستخط نسخو موجود آهي جنهنجو نالو "مرغوب احباب" آهي. اهو ڪتاب سنہ ١١٦٢ هہ (١٨۴٥ع) ۾ نظر علي بلوچ لکيو هو. ان جو اڪثر مضمون مٿين خاندان جي پهرين ٽن بزرگن جون سوانح عمريون آهن. مگر پهرين بزرگ حضرت خواجہ محمد زمان ڪلان جي تذڪري ۾ ڄاڻايل آهي تہ شاه پنهنجي حياتي جي پڇاڙي وارن ڏينهن ۾ حضرت خواجہ محمد زمان جي ساراه سڻي، سندس چار چشمي لاءِ پٽ مان ڪهي لنواري ويو هو ۽ انهن ٻن بزرگن جي وچہ جا روح رهاڻ ٿي، تنهن جو پڻ سربستو بيان ڪيل آهي. (٣)

لطيف سائين ۽ خواجہ صاحب جي ملاقات ڪا عام رواجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان جي ملاقات ڪونہ ھئي پر ھن اھل دل عاشقن ۽ قومي شعور رکندڙ شخصن جي گڏجاڻي ھئي جنھن ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي پياري مخلوق ۽ الاھي اسرارن جو احوال علامتي انداز ۾ اوريو ويو. (*) خواجہ محمد زمان، لطيف سائين جي شاگرد ۽ مريد مخدوم محمد صادق نقشبندي جو شاگرد هو.

چون ٿا تہ لطيف سائين جڏھن خواجہ صاحب جي دروازي تي پهتو تڏھن ھڪڙي خادم کي چيائين تہ "اندران وڃي اجازت وٺي اچ". خواجہ صاحب خادم ھٿ چورائي موڪليو تہ "ھڪ گھڙي انتظار ڪريو، مان پاڻ اچي توھان جو در تي آدر ڀاءُ ڪيان ٿو." لطيف سائين ڪانئس پڇيو تہ "خواجہ صاحب ڇا ڪري رھيا ھئا." خادم وراڻيو تہ "پاڻ ماٺ ۾ ويٺا ھئا." شاه سائين تنھن تي فرمايو تہ "انھي مشغولي مان ڪڏھن فارغ ٿيندا جو اسان ڏانھن توجهہ ڏيندا. اسين پاڻ ٿا اندر ھلي ساڻن ملون." جڏھن پاڻ اچي خواجہ صاحب کي عالم استغراق ۾ ڏٺائون، تڏھن ھي بيت پڙھيائون. (۴)

ســامــي سفــر ھـليــا، ڪــو پــروڙي پــنڌ،
جـن ھـيئانھون ڪـنڌ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

ھي بيت لطيف سائين جي اندر جو اظھار آھي جنھن ۾مقصد ۽ معنيٰ جا گوھر لڪل آھن. لطيف انهيءَ علامتي بيت ذريعي خواجہ صاحب کي عرض ڪندي فرمايو تہ جنھن رستي تي انسانيت جي بقا لاءِ ڪم ڪندڙ عظيم انسان ھلن ٿا، سو ڪو سولو سفر نہ آھي، پر ان جي

---

(*) تفصيلي ملاقات لاءِ ڏسو مولانا عبدالرحيم گروھوڙي جو تاليف ڪيل ڪتاب "ابيات سنڌي" جنھن جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ڪيو آھي. ٻيو ڪتاب ڊاڪٽر گربخشاڻي جو تاليف ڪيل "لنواري جا لال".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حاصلات لاءِ پنھنجي وجود کي وڃائي، اونھي سوچ ۾ فڪر ڪرڻو آھي. واقعي اھڙن عظيم سپوتن جي صحبت زندگي جو امرت آھي. ھن بيت ۾ سماج جي سلسلي جا ڪئي سوال پوشيده آھن. خواجه صاحب سندس جواب ۾ جيڪو بيت چيو ھو سو ھن ريت آھي:

ڪـين آھين، ڪـين ٿئين، وڃي ڪين ڪماءِ،
لاڳاپـا لـوڪ جا، "لا" سين سـڀ لـھراءِ،
سامي ٿيءُ سلنداءِ، ڳالھ پريان جي ڳجھ جي.

خواجه صاحب، لطيف جي مقصد کي پروڙي ورتو. ڪيس اھا ٻه ڄاڻ ھئي تہ لطيف سماج سڌارڪ ۽ قومي درد رکندڙ انسان آھي. تنھن ڪري جواب ۾ سندس سوال سان مطابقت رکندڙ ۽ علامتي پيرائي ۾ ھو. ھن فرمايو تہ، تنھنجو وجود ۽ تنھنجي ھي دنيا داري واري سڀ پيچ ڊڪ تيسين تائين ٻي بقا آھن. جيسين تائين تون ٻيا سڀ رشتا ناتا، عوامي رشتي آڏو ڦٽا نہ ڪيا آھن. جڏھن انھيءَ مام جي تہ تائين پھچندين تڏھن عظيم انسان، توتي انساني پيار جي اھميت جو راز نچاور ڪندا.

الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ ان جي حاڪميت جو نظريو اھو واحد نظريو ھو جنھن کي دل و جان سان تسليم ڪرڻ بعد سماجي تقسيم، طبقاتي امتياز ۽ غير منصفانہ طرز عمل جي ڪا بہ گنجائش باقي نٿي رھي ۽ رڳو انساني عظمت ۽ مساويانہ رويو ئي قابل عمل آھي. ان ڪري صوفي ھميشہ انسان دوستي واري روش پسند ڪندا آھن.

محي الدين ابوبڪر طائي حاتمي اندلسي جيڪو ابن عربي جي نالي سان مشھور آھي، تنھن پنھنجي ڪتاب "فتوحات مڪيہ" ۾ انساني عظمت لاءِ لکيو آھي:

"الرب حق و العبد حق، ياليت شعري من المكلف،
ان قلت عبد فذالك ميت، او قلت ربّ اني يكلف.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترجمو: "ڪاش مونکي معلوم ٿئي ته انهي مان مکلف ڪير آهي. جيڪڏهن عبد مکلف قرار ڏنو وڃي، تـه اهو تـه مثل آهي. جيڪڏهن رب مکلف آهي ته اهو ڪهڙي طرح مکلف ٿي سگهي ٿو." ان ڪري صوفي فرد سان محبت کي ئي اجتماعيت جو مقصد سمجهندا آهن. (۵)

مٿين بيت پڙهڻ ڪانپوءِ لطيف ڪيس پيو بيت ڏنو:

قلم وهي ويو ڪانهه، سرتيون ڪنهن سهاڳ لاءِ،
انـڪ اڳيئي لکيو، ات نـه پهچي پـانهه،
ڪنهن کي ڏيان دانهه، ته پرين مان سين هيئن ڪيو.

لطيف سائين هن بيت ۾ فرمايو آهي تـه اسان جي ڪن قومي ليڊرن ملڪي حالتن مطابق ۽ سياسي مصلحت تحت، ڌارين سان پنهنجي قومي خوشحالي لاءِ ڪجهه لکت ۾ معاهدا ڪيا هئا جن معاهدن کي مان حاصل ڪري نـه ٿو سگهان ۽ نـه انهن کي رد ڪرڻ جو ڪو جواز ملي ٿو. آهي منهنجي پهچ کان بـه پري آهن. اهڙي دانهن ۽ فرياد بـه ڪنهن ٻئي سان ڪري نٿو سگهان. (جو تـه چوڌاري ڌارين جي ڇاڙتن جو چار وڇايل آهي.)

لطيف کي پنهنجي ملڪي سياست جي پوري ڄاڻ هئي. هن جي نگاهه عوام جي مسئلن ۽ پنهنجن جي هلت توڙي ساداڻپ تي بـه بخوبي هئي. وري ڌارين جي شاطر چالن ۽ دماغن جي بـه ڪيس پوري پروڙ هئي. هو اهڙن معاهدن جي خلاف هو جنهن ۾ سنڌي قوم سان "خوشحالي" جو چڪر هلائي، ڪجهه لکرايو ويو هجي. لطيف چاهيو پئي تـه اهڙن معاهدن کي حاصل ڪري، پر آهي حاصل ڪرڻ يا رد ڪرائڻ ڏکيو مسئلو هو. ان لاءِ خواجه ڏانهن رجوع ٿيو جيڪو صاحب بصيرت ۽ قومي درد رکندڙ ڏاهو هو. خواجه صاحب موٽ ۾ فرمايو:

ويـهه وڃي تن وٽ، قـلم جنين جي هٿ ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهتيو اتڪ اڳيون، واري ٻيو لڪن،
پنو سو پاڙهين، جن مان پسين پرين کي. (٦)

خواجه صاحب، لطيف سائين جي مقصد ۽ مدعا کي سمجهي ڪيس صلاح ڏيندي فرمايو ته انهيءَ مقصد ۽ پروگرام تي رسڻ لاءِ تون اڪيلو ڪجهه به ڪري نٿو سگهين. توکي جڳائي ته سيني پڙهيلن، ڏاهن ۽ قلم ڪارن کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري، ڪائنڻ صلاح ۽ مشورو وٺ. اُهي اعليٰ دماغ ۽ بصيرت جا صاحب جڏهن متو ٽيڪي ويٺا ته يقينا اڳين لکت کي ميٽي، ٻيو معاهدو تيار ڪرائي وٺندا. ان معاهدي پڙهڻ سان تنهنجي من جي منشا يعني تنهنجو قومي خوشحالي حاصل ڪرڻ جو مقصد پورو ٿيندو. خواجه صاحب جن فهم ۽ فڪر رکندڙ ماڻهن سان لطيف کي ملاقات ڪرڻ ۽ انهن کي ايڪي ۽ اتحاد جي راهه ۾ آڻڻ لاءِ چيو هو. انهن جو ذڪر خير ڪندي، پير حسام الدين راشدي "تحفته الڪرام" جي مير قانع ٺٽوي جي سوانح جي حصي ۾ لکي ٿو:

"مير صاحب جو دور جيتري قدر سياسي ۽ ملڪي حالتن سبب ونداهو ۽ انڌوهناڪ هو، ايتري قدر علمي ۽ ثقافتي لحاظ سان روشن ۽ خوشگوار هو. هڪ ئي وقت ۾ سوين مدرسا علم آموزي لاءِ آباد هئا. هر هڪ گهراڻو ۽ هر هڪ فرد علم جو مرڪز ۽ منبع هو. هر علم دوست جي اوطاق ۽ بيٺڪ "اڪيڊمي" جو ڪم ڏيندي هئي. هرهڪ عالم اديب ۽ شاعر وٽ جدا جدا ڪتب خانا هوندا هئا.... مخدوم محمد هاشم، مخدوم محمد معين ٺٽوي (متوفي ١١٦١ هه)، محمد ضياءالدين، ميان نعمت الله، ميان محمد صادق، آخوند محمد شفيع ۽ آخوند ابوالحسن جهڙا يگانه عالم ۽ مير محسن (متوفي ١١٦٣ هه)، غلام علي "مداح،" ٻاچند "آزاد، شيوڪ رام "عطارد،" شيخ محمد محفوظ "سرخوش"، غلام علي "مومن"، محمد پناه "رجا"، مير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابوالبقا بهرور علي ۽ مير ابو تراب " ڪامل" جهڙا شاعر لٽي ۾ موجود هئا. جن مان هر هڪ پنهنجي دور جو غزالي، دوائي، سعدي ۽ انوري هو. (۷)

جيئن تہ ان دور جي سياسي فضا ۽ ملڪي حالتون ناسازگار هيون، تنهن ڪري لازمي طور متين عالمن ۽ اديبن سماج جي سڌاري ۽ قومي سور جي سلسلي ۾ سوچيو هوندو. اڳتي هلي سيد حسام الدين راشدي ساڳي صفحي تي لکي ٿو:

"انهن مان هر هڪ بزرگ جي اوطاق "دارالمصنفين" ۽ " ندوه المصنفين" هوندي هئي ۽ هر هڪ استاد ۽ عالم جو مدرسو "دارالعلوم ديو بند" ۽ "ندوه العلوم هو." "جيئن تہ متيان ادارا پڻ هڪ تحريڪ جي بنياد تي وجود ۾ آيا هئا. ان ڪري وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ انهن ماڻهن پنهنجي علم، فڪر ۽ بصيرت سان قومي ۽ سماجي بيداري لاءِ پاڻ پتوڙيو.

متيان سڀ عالم قومي شعور رکندڙ ۽ ڏاها هئا. اهي هر قدم تي ڪيس مدد ۽ صلاح مشورو ڏئي تي سگهيا. انهن ڪانسواءِ ٻيا قلمڪار ۽ ساٿي، جن جو ڏس خواجہ صاحب ڏنو هو. تن جي نشاندهي ڪندي محترم محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"شاه شهيد، شاه اسماعيل صوفي ۽ ان سونهاري سٽ جا ٻيا بزرگ، جهڙوڪ ٺٽي جو مخدوم معين، سيوهڻ جو مخدوم ميان دين محمد، اگهم ڪوٽ جو مخدوم ميان پير محمد، ڪوٽڙي ڪبير جو مخدوم ميان محمد، روهڙي جو مير جان الله رضوي، گهوٽڪي جو ميان محمد موسيٰ شاه جيلاني ۽ ٻيا اهڙا ڪئي اهل دل ۽ اهل حال بزرگ، صوفي باصفا ۽ عالم با عمل سڄي سنڌ ۾ شاه سائين جا نہ رڳو ساٿياري پر دوست ۽ ساٿي هئا. جن سڀني سنڌ ۽ سنڌي سماج جي قومي بحالي ۽ قومي بقا لاءِ سنڌي ماڻهن جو قومي اتحاد قائم ڪرڻ گهريو ٿي. اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اتحاد هنن سنڌي ماڻهن جي قومي تهذيب جي بنياد تي قائم ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ دعويٰ ۾ دستور واري مذهب جي ڪا به ڳالهه جيڪا سندن نظر ۾ ان اتحاد جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي پئي، ان کي هنن رد ڪرڻ ٿي گهريو. بلڪ رياست ۽ مذهب پنهنجي کي هنن چاهيو ٿي تہ اهي تهذيب جي ضابطي ۽ تاديب هيٺ رهن ۽ ان جي اوسر ۽ واڌاري لاءِ ڪم اچن." (٨)

جيئن تہ هر آرٽ (فن) ڪنهن قوم، سماج ۽ ڪلچر جي نمائندگي جو فريضو ادا ڪري ٿو، ساڳي وقت شاعر، عالم ۽ اديب تي بہ اهو فرض عائد ٿئي ٿو تہ اهو پنهنجي سماج ۾ ٿيندڙ هر ڏاڍ، جبر ۽ اڻ برابري جي خلاف سوچي ۽ انهن برائين کي دور ڪرڻ لاءِ راهون متعين ڪري، اهو سڀ ڪجهہ هڪ علامتي عمل ( Symbolic Activity) رستي ٿئي ٿو. سنڌي سماج جي شروعاتي شاعري پڻ اهڙي رد عمل جو اظهار آهي. شاہ لطيف سائين ۽ خواجہ محمد زمان لنواري واري جي اها ملاقات جيڪا پنهنجي دور جي ٻن عظيم ڏاهن جي وچ ۾ ٿي، سا ادبي، سياسي ۽ قومي بيداري جي سلسلي ۾ هڪ وڏي اهميت رکي ٿي.

خواجہ صاحب جي بيتن جي فڪر ۽ فلسفي متعلق ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "فڪر جي گهرائي ۽ متانت جي ڪري هي ڪلام ايترو ڳوڙهو آهي، جو ان کي شرح ڪانسواءِ سمجهڻ البت مشڪل آهي. ڪي بيت اهڙا آهن جن جي ظاهري معنيٰ بلڪل ڪليل آهي." (٩) ڊاڪٽر صاحب جي راءِ بلڪل درست آهي ڇو تہ خواجہ صاحب عالم با شريعت سان گڏ صاحب سلوڪ بہ هو. لطيف جو وٽس ڪهي وڃڻ، گواهي ڏي ٿو تہ هو عوامي بيداري ۽ قومي خوشحالي آڻڻ ۽ پنهنجن جي اتحاد جو خواهان هو. ان ڪري سندس فڪر ۾ گهرائي ۽ متانت ( Meaning Higher ) جو هجڻ ضروري امر هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خواجه محمد زمان به هڪ صوفي درويش هو، جهڙي ريت لطيف سائين، حافظ، غزالي ۽ رومي به صوفي هئا. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر افضل اقبال لکي ٿو:

"انهن جو تصوف پنجن دين جي ارڪانن جو هميشه پابند رهيو. هنن جي تصوف ڪين عبادت جي روحاني پهلو تي زور ڏيڻ ڏانهن مائل ڪيو ڇاڪاڻ ته ظاهري شڪل و صورت بذات خود ڪجهه به نه آهي. (١٠)

روايت آهي ته خواجه صاحب جن وٽ "هڪ ڀيري هڪ هندو لنگهي آيو ۽ وينتي ڪيائين ته قبلا هن بندي کي "اسم اعظم" جي هدايت ڪريو. حضرت جن هن کي هدايت ڪئي. جڏهن هو موڪلائڻ لڳو، تڏهن فرمايائونس ته ظاهر ظهور ته تون بيشڪ هندو ڌرم جي ڪريا ڪرم تي قائم رهندو اچ، پر باطن ۾ اسان جيڪا امانت عطا ڪئي آهي، سا حفاظت سان سانديندو اچج. هي حرف ٻڌي حافظ پنهور نالي هڪ همنشين اعتراض وٺي عرض ڪيو ته قبلا هي وري ڪهڙي قسم جي مسلماني آهي. حضرت جن ڀاڄهه پريون اکيون مٿي ڪٽي فرمايو ته "ميان" مسلماني جي توکي ڪهڙي خبر؟" (١١)

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته خواجه صاحب تمام اونهي نگاهه رکندڙ صوفي هو سندس مسلڪ قومي اتحاد ۽ ڀائيچارو هو. پر اهو پاڻ سڀ مذهب جي دائري اندر رهي ڪيائون. پر سندس مسلماني راجو قتال، نواب اعظم خان ۽ شاه بيگ ارغون واري ڪين هئي. سلطان فيروز شاه تغلق جي ڏينهن ۾ مخدوم جهانيان جهان گشت جو پاءُ راجو قتال جو پڻ وڏو ولي الله هو. تنهن هڪ هندو تحصيلدار "نواهون" کي هڻ اکرن چوڻ تي ته " جيئن خدا تعاليٰ رسول عربي صلعم کي "خاتم الانبياء" ڪيو، ساڳي طرح مخدوم جهانيان جهان گشت خاتم الاولياء آهي،" فتويٰ ڏني" ته مذڪوره هندو مسلمان ٿي چڪو آهي، ان ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن هو اسلام جي دائري ۾ داخل نہ ٿيندو تہ ڪيس قتل ڪيو ويندو". آخرڪار راجو قتال جي انهيءَ فتويٰ تحت سلطان فيروز شاه تغلق جي اڳيان پيري دربار ۾ ان هندو "نواهون" کي راجو قتال پاڻ قتل ڪيو. (١٢)

خواجہ محمد زمان چنچر ڏينهن چوٿين ذوالقعد ١١٨٨ هہ ۾ هن دنيا کان لاڏاڻو ڪيو. ان وقت سندن عمر ٦٣ سال هئي. (١٣)

لطيف سائين خواجہ محمد زمان جي شخصيت ۽ گفتگو کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. ان ڪري جڏهن بہ ڪو انهيءَ ملاقات جي سلسلي ۾ وضاحت چاهيندو هو تہ هو جواب ۾ صرف هي بيت پڙهندو هو جيڪو رازداري جو زنده ثبوت هو:

سـي، مـون ڏٺـا مـاءُ، جنين ڏٺو پرين کي،
تنهين سندي ڪا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

# حوالا


١ـ مولائي شيدائي، رحيمداد؛ "تاريخ تمدن سنڌ"ـ سنڌ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد ١٩٥٩ع ص ـ ٥٢١ ـ ٥٢٢

٢ـ قانع، علي شير؛ "تحفتہ الڪرام" (سنڌي ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. ١٩٥٧ع ٤١٥

٣ـ گربخشاڻي، هوتچند مولچند؛ "مقدمہ لطيفي" ورسٽي پبليڪيشن، ڪراچي ١٩٧٧ع صـ ٥

٤ـ دائود پوٽو، عمر بن محمد (مرتب)؛ "ابيات سنڌي"ـ سنڌي ادبي سوسائٽي




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪراچي (ٻيو ڇاپو) ١٩٣٩ع ص - (ديباچو)
٥ـ مير ولي الدين (ڊاڪٽر)، "تاريخ فلاسفہ اسلام"ـ دارالطبع جامع عثمانيہ، حيدرآباد دکن ١٩٤١ع ص ـ ٣٠٦
٦ـ دائود پوٽو عمر بن محمد (مرتب)، "ابيات سنڌي"ـ سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي ١٩٣٩ع ص ـ (يو)
٧ـ قانع، علي شير، "تحفتہ الڪرام" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ـ١٩٥٧ع ص - ٤٢
٨ـ جويو، محمد ابراهيم، "شاه سچل سامي"ـ سنڌي ادبين جي ڪو آپريٽو سوسائٽي حيدرآباد (ٻيو ڇاپو) ١٩٧٨ع ص ـ ٧٥
٩ـ جوڻيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر)، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ:" سرهہ ڪتاب، حيدرآباد ـ ١٩٧٣ع ص ـ ٨٩
١٠ـ افضل اقبال (ڊاڪٽر)، "مولانا رومي" (ترجمو) اختر بشير محمود اداره ثقافت اسلاميہ لاهور ١٩٧٩ع ص ـ ٧٢
١١ـ جويو، محمد ابراهيم، "شاه سچل سامي"ـ سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد ١٩٧٨ع ص ـ ٧٣ ـ ٧٤
١٢ـ شيخ محمد اڪرام، "آب ڪوثر"ـ اداره ثقافت اسلاميہ، لاهور ١٩٨٤ع ص - ٢٨٥
١٣ـ دائود پوٽو، محمد عمر بن محمد (مرتب)، "ابيات سنڌي،"ـ سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي ١٩٣٩ع ص ـ (ڪا)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Cell No:

0344 - 3919786

Sahib Khan "Soorih" Mirani



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب نائون

# شاه عنايت الله صوفي شهيد جي سماجي تحريڪ

**مذهب ۽ سماج:** " سنڌي سماج جي تاريخ ۾ مذهب ان تي سدائين غالب رهيو آهي. سنڌي سماج جو هر مذهب سان ان جي فاتحانہ حيثيت سان واسطو پيو آهي. آرين، ايرانين، يونانين، عربن، ويندي وچ ۾ ٻڌ مت جي اهنسڪ، گپتا گهراڻي ۽ برهمڻ واد جي ويدانتي راهہ گهراڻي وارن سڀني سنڌي سماج کي پنهنجي پنهنجي مذهب سان فاتحانہ، يا گهٽ ۾ گهٽ حڪومتي انداز ۾ روشناس ڪرايو. سنڌي سماج جي سڄي تاريخ ۾ رڳو هڪ سو سالن (۱۸۴۴ کان ۱۹۴۷ع) تائين جو عرصو اهڙو رهيو آهي، جڏهن مسيحي فاتح قوم پنهنجي سياسي ۽ تهذيبي فوقيت قائم رکڻ لاءِ مذهب کي هٿيار طور استعمال نہ ڪيو." (۱)

انهيءَ سلسلي ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد لکي ٿو: "ايشيا ۾ هميشہ کان سياست مذهب جي آڙ ۾ رهي آهي. هزارين خونريزيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي پوليٽيڪل ترار سان ٽيون آهن. تن کي مذهب جي چادر ۾ ويڙهي لڪايو ويو آهي." (٢)

مذهب جي انهيءَ غلبي واري اثر ڪري، سنڌي سماج ۾ جتي اخلاقي قدرن جو واڌارو ٿيو. اتي اقتصادي اڻ برابري جا ويڇا ۽ سماجي ننڍ وڏائي وارا ڏاڪا وڌيڪ سُرڪندا ويا ۽ نتيجي ۾ سنڌي سماج وڌيڪ هيٺو ٿيندو ويو. پر تنهن هوندي به سنڌي سماج پنهجي تهذيب. وعدي وفائي، مهمان نوازي، بهادري ۽ پاڻ ارپڻ وارن بنيادي روايتن کان منهن نه مٽيو. محترم حسام الدين شاھ راشدي لکي ٿو:

"سنڌي قوم کهڙي نه مضبوط، سنگين، بهادر ۽ گنڀير آهي، جو اڄ تائين پنهنجي جاءِ تي قائم ۽ دائم آهي، بلڪ مستقبل جي مصيبتن کي به منهن ڏيڻ لاءِ هم وقت تيار ۽ تنومند رهي ٿي." (٣)

مذهب هڪ احساس آهي جو غيب جي قوتن تي آسرو رکڻ ۽ انهن قوتن آڏو پاڻ رکي مجبور ۽ بيوس سمجهڻ آهي. اهڙن قوتن سان تعلقات قائم ڪرڻ جي خواهش به رهي آهي، جو ته بقول ڊاڪٽر مير ولي الدين: "مذهب ان روحاني قدرن ۽ قيمتن جو استحڪام آهي جيڪي انساني روح ۾ هميشه موجود هونديون آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن ڊنل حالتن ۾ هونديون آهن. تڏهن فلسفي جو هي ڪم ٿيندو ته اهو ان جي تحقيق ڪريءَ ان جي بنياد ۽ ذاتو جو پتو لڳائي". (۴)

هيگل فلسفي جي اهميت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو: جنهن مهذب قوم ۾ فلسفو ڪونه هوندو آهي، ان جو مثال هڪ عبادتگاھ جيان آهي جا هر قسم جي زيب ۽ زينت سان سينگاريل هجي، پر جنهن ۾ جڏهن مذهب ۽ فلسفي کي جدا جدا سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، تڏهن حالتون نئون رُخ اختيار ڪن. ٻنهي ۾ واضح فرق بيان ڪندي ڊاڪٽر مير ولي الدين لکي ٿو:

"مذهب هڪ اهڙو جزو آهي، جنهن سان زندگي جي مسئلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کي نبيرڻ لاءِ غيبي قوتن طرفان ٻڌايل قاعدن ۽ قانونن کي راهه عمل جو ذريعو سمجهيو ويندو آهي. فلسفو پڻ هن دنيا جي ڪردار ۽ معاشرتي مسئلن کي سمجهڻ جو نالو آهي جنهن ۾ اسين زندگي بسر ڪريون ٿا. فلسفي جي تعريف هيئن بہ ڪئي وئي آهي تہ هي حڪيمانہ طريقي سان دنيا کي سمجهڻ جي ڪوشش جو نالو آهي، جنهن ۾ اسين پنهنجي زندگي گذاريون ٿا". (٦)

انساني سماج جي احاطي لاءِ اهو ضروري آهي تہ اهي پاڻ ۾ گڏجي رهن ۽ پنهنجي ضرورتن جو اونو رکن ۽ هڪ ٻئي سان اجتماعي طور، گڏجي رهن ۽ ڀائيچاري واري فضا کي هموار ڪن. ان اجتماعي طريقي جو قائد، شاه ولي الله محدث دهلوي فرمائي ٿو:

"جيئن ڳوٺ وسائڻ، شهر وسائڻ يا انساني سماج جا ٻيا مسئلا جن کي ارتفاقات نالو ڏنو ويو آهي، اهي سڀ نبوت جي تعليم ۽ ٻئي درجي جون شيون آهن ليڪن حڪيم وٽ اهي "سوشل اجتماعيات" ٻهرين درجي جون شيون آهن، صديقين وٽ هن علم جو نالو "الحڪمہ" آهي." (٧)

انهيءَ حڪمت جا ڪيترائي درجا ٿين ٿا.اها درجہ بندي انساني فلاح ۽ اجتماعي تصور جو سبب بڻجي ٿي. حڪمت جي سڪيا واري درجي ۾ ابتدائي درجو انسان جي انفرادي اخلاق سان واسطو رکي ٿو. ٻيو درجو انسان جي گهر بنائڻ سان لاڳو آهي. ٽيون درجو انسان جي ڳوٺ آباد ڪرڻ سان واسطو رکي ٿو. اڳتي هلي اهو درجو ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويندو آهي، جي وڏا شهر ۽ ننڍا شهر آهن. هن ڪانپوءِ چوٿون درجو آهي ننڍن وڏن شهرن کي گڏي ملڪ بنائڻ. ان سان اتحاد پيدا ٿئي ٿو. ان کي انٽرنيشنل حڪمت چئجي ٿو. (٨)

شاه عنايت صوفي شهيد جي پاليسي مٿي بيان ڪيل حڪمت جي ٽين درجي (يعني ڳوٺ بنائڻ) واري زمري ۾ اچي ٿي، انهيءَ مقصد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پورائي لاءِ هن ميران پور ۾ سڪونت اختيار ڪئي جيڪو "جهوڪ" جي نالي سان مشهور آهي. ان وقت ڪيترائي غريب ۽ مظلوم ماڻهو هندستاني عملدارن جي سختين کان تنگ ٿي چڪا هئا ۽ اهي سڀ فقيرن جي پناه ۾ آيا. ان ڪري شاه عنايت جو وسايل ڳوٺ عام ماڻهن جي هگاهه ٿي پيو. اها ڳالهه حاڪم طبقي جي دلين ۾ غلط فهمي پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻي.

شاه عنايت صوفي جي صوفيانہ نعري "همہ اوست" بہ حاڪم طبقي ۾ مخالفت رکندڙ حضرات لاءِ، مخالفت جو جواز پيدا ڪيو. سندس تحريڪ جي تائيد ۾ هڪڙو ٺي ٺٽي جو مشهور عالم مخدوم معين، (جيڪو لطيف سائين جو دوست هو)، نمايان نظر اچي ٿو. (۹)

شاه عنايت الله صوفي شهيد جيتوڻيڪ ڪو وڏو عالم يا شارح ڪونہ هو، (*) پر تنهن هوندي بہ هن جي شخصيت وقت جي عالمن ۽ شاعرن وٽ بااثر هئي. مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ شاه لطيف سائين سان سندس ويجهڙائي هئي. شاه عنايت صوفي شهيد جي شهادت وقت لطيف سائين جي عمر ۲۹ سال هئي. لطيف سائين سُر رامڪلي ۾ ست بيت (مرثيا) صوفي شهيد جي ياد ۾ چيا آهن. (۱۰)

---

(*) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۱۹۷۳ع ص - ۸۴ جي حاشئي تي لکي ٿو تہ پروفيسر محبوب علي چنہ پنهنجي مقالي "شاه صاحب جي رسالي ۾ سندس همعصرن ڏي اشارا" (مخزن نذر لطيف ۾ ٽن شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي جن جو ڪلام شاه جي رسالي ۾ آهي. هڪ جو "عنات" جي نالي سان، اهو عنات رضوي جو آهي. ٻيو عنايت جي نالي سان، اهو عنايت شهيد جو آهي، عنايت الله جي نالي سان جيڪو عنايت ڏيري جو آهي. پروفيسر بدوي ڏيري کي عنايت چوڙو ڪري لکيو آهي، جيڪو درست نہ آهي، اهو اجا ٻي ٻيو شخص هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف سائين سُر سارنگ ۾ بہ شاه عنايت صوفي شهيد کي سماج جي سکن جو ساکي ۽ پرجهلو پائيندي چيو آهي؛

سچڻ سانوڻ مينهن جان، جُهڙکن پاسي جهوک،
ڏيندا پاه پٽن کي، منجهان مينهن موک،
لس پيارن لوک، اگر کيو اکين سين.
(سارنگ ، ۴ـ ۱)

شاه عنايت الله صوفي شهيد جيکو اجتمائي کاشتکاري ۽ سماجي هڪ جهڙائي جو درس ڏنو. لطيف سائين ان کي پنهنجي فن ۾ پيش ڪيو. هن پنهنجي رسالي ۾ اهڙن وڏن زميندارن ۽ راجائن جي ڏاڍ ۽ جبر کي کولي بيان ڪيو آهي، جن مان عمر، پنهون، چنيسر، عزت بيگ (ميهار)، ۽ تماچي جا نالا مشهور آهن. گڏوگڏ غريب مارئي، سسئي، ڪونرو، سهڻي ۽ نوري کي نروار ڪيو اٿس. (۱۱)

لطيف جي سچي جنگ اهڙن جابر حاڪمن ۽ ڏاڍن جي خلاف رهي آهي. سچو رسالو اهڙن اشارن ۽ علامتن سان ڀريل آهي. شاه صوفي

# حوالا


۱ـ جويو، محمد ابراهيم: " شاه سچل سامي "ـ سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد ۱۹۷۸ع ص ـ ۱۷

۲ـ آزاد، ابوالڪلام: "سرمد شهيد" (سنڌي ترجمو) سنڌي اردو گڏيل ادبي ڪچهري، ڪراچي ۱۹۷۳ع ص ـ ۱۸۹

۳ـ ڪلهوڙو، ميان نور محمد: (تحقيق حسام الدين راشدي)؛ "منشور الوصيت و




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دستور الحڪمت"۔ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ۱۹٦۴ع ص ۔ ۷
۴۔ مير ولي الدين (ڊاڪٽر)؛ "فلسفہ ڪيا هي "۔ ندوہ المصنفين" ۔ دهلي ۱۹٦۲ع ص ۔ ۵۵ ۔ ۵٦
۵۔ ........................ ايضا ........................ ص ۔ ۷۷
٦۔ ........................ ايضا ........................ ص ۔ ۲۱
۷۔ شاہ ولي الله محدث دهلوي؛ " سطعات" (ترجمو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، شاہ ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد ۱۹۷٦ع ص ۔ ۴ ۔ ۵
۸۔ ........................ ايضا ........................ ص ۔ ۱۴
۹۔ مهر، غلام رسول؛ "تاريخ سنڌ" (ڪلهوڙا دور)۔ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ۱۹٦۳ع ص ۔ ۲۴٦
۱۰۔ جوتواڻي، موتي لعل؛ "شاہ عبداللطيف هز لائيف اينڊ ورڪ"۔ دهلي، ۱۹۷۵ع ص ۔ ۴۴
۱۱۔ .............. ايضا .............. ص ۔ ۴۴



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ڏهون

## سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالت

شاه عبداللطيف سائين جي دور ۾ سنڌ جي حالت تي هڪ نظر وجهڻ کان اڳ اسين سنڌس ويجهڙائي واري دور کي به سامهون رکنداسين جو تہ جيڪي حالتون، سندس دور ۾ سنڌي سماج کي سامهون هيون. سي ماضي جي ڇڏيل ورثي جون آئينہ دار هيون.

هڪ شاعر پنهنجي وقت جو داعي، حالتن جو ترجمان ۽ سماج سڌارڪ ٿئي ٿو. ان ڪري سندس ذهن تي ان دور جون سماجي، سياسي ۽ معاشي حالتون ڀرپور اثر ڪن ٿيون. لطيف سائين سترهين صدي عيسوي ۾ اک کولي ۽ انهن حالتن ۾ نپنو ۽ جوان ٿيو. حساس دل رکندڙ. شاعر جي حيثيت ۾ هو پنهنجي دور جي سيني حالتن، واقعن ۽ سماجي، سياسي ۽ اقتصادي گهٽ وڌاين جي پوري ڄاڻ رکي پيو. ڪيس اها بہ خبر هئي تہ سومرن ۽ سمن جي دور ۾ سنڌي سماج جي بنيادي اوسر ۽ ترقي ٿي هئي. انهيءَ دور ۾ ئي سنڌي قوم جي تهذيبي ۽ ثقافتي اوسر ۽ سماجي ڀلائي لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون ويون هيون.

سورهين صدي عيسوي سنڌي سماج لاءِ وڏي گهوٽالي ۽ اڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سهائپ واري صدي هئي. هن صدي ۾ ڏاڍ، جبر ۽ بربادي جا اهڙا واقعا ظهور پذير ٿيا جيڪي انسانيت جو ڪنڌ جهڪائڻ لاءِ ڪافي آهن. سمن جي زماني ۾ سنڌ جي خوشحالي قابل رشڪ هئي. انهيءَ پوري عرصي ۾ سڀ کان وڌيڪ خوشحالي ۽ امن امان جو دور ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي دور حڪومت ۾ هو. سندس دور ۾ هر ماڻهو بغير ڪنهن ويڇي جي، امن ۽ آشتي سان زندگي گذاريندو هو. "ڄام جو اهو سلوڪ ڇڙو پنهنجي هم مذهب رعيت سان نه هو، بلڪ سنڌ جي غير مسلم رعايا به انتهائي امن ۽ آرام ۾ هئي." (١) هن پنهنجي پنجاه ساله حڪومت ۾ سڄي سنڌي سماج ۾ اهڙا تہ علمي، ادبي، اقتصادي ۽ سماجي سڌارا آندا جو هر ماڻهو مڃي ماني لائق هو ۽ رات جو سک جي ننڊ سمهي ٿي سگهيو. سنڌ جي خوشحالي ۽ انتظام جو اندازو اعجاز حسين قريشي جي هن بيان مان لڳائي سگهجي ٿو:

"ڄام نندي ۽ سندس اعتماد جوڳن محب وطن ساٿين گڏجي، جن جو دريا خان سرڪردو هو، هڪ مضبوط اقتصادي نظام جو بنياد رکيو. ان وقت به سنڌ جي ماڻهن جي روزگار جو مکيه ذريعو پوک هو. هر علائقي جي ماڻهن پنهنجي علائقي کي آباد ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا واهہ ۽ کوهہ کوٽي، پنهنجين زمينن تي پاڻي پهچايو. ڪن علائقن ۾ پوک باراني طريقي تي به ڪئي ويندي هئي. مال لاءِ وڏا چراگاهہ هئا. مطلب تہ ماڻهو هر طرح سکيا ستابا هئا. ملڪ ۾ عام سلامتي جو دور هو ۽ صنعت ۽ وڻج واپار ۾ سنڌ ترقي جي راهہ تي بيٺل هئي. آزاد سنڌ پنهنجي تاريخ ۾ اهڙا آسودگي وارا دور اڳي توڙي پوءِ ڪي ٿورا ڏٺا هئا." (٢)

تعليمي لحاظ کان به هن دور ۾ وڏي ترقي ٿي، بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽو ڪاهان تعليم جا مرڪز سمجهيا ويندا هئا. "جنت السنڌ" مطابق، "سيوهڻ جي پسگردائي وارن شهرن ڪاهان، بوبڪ ۽ تلٽي ۾ عالم، قاضي ۽ درويش رهندا هئا." (٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاه بيگ سان دفاعي جنگ نهايت بهادري سان لڙيا. هن جنگ ۾ ميان محمود، متن خان، رنمل ۽ ڄام سارنگ کي مخدوم بلاول لڙائي جي لاءِ اياريو هو.

ارغونن جي سنڌ ۾ اچڻ جو وڏو محرڪ اقتدار جي بک هئي. اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ اهي هر ڪا حرڪت ڪرڻ ۾ پوئتي ڪونه رهندا هئا. "تاريخ سنڌ" ۾ اعجاز قريشي لکي ٿو:

"ارغونن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ ۽ پوءِ وارو سڄو وقت پنهنجي ۽ پنهنجن ڪارندن جي ڦر لٽ کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجون سياسي وفاداريون تبديل ڪندو رهڻ ۽ وقت جي هر حاڪم يا زور آور اڳيان گوڏا ٽيڪڻ، يا وقت اچڻ تي انهن خلاف وري سرڪشي ڪرڻ، اهي سڀ ڪارروايون ۽ حرڪتون سندن ذاتي هٺ جو کيل هيون. (۵)

ارغونن جي اقتدار کي سنڌ ۾ مضبوط ڪرڻ ۽ سنڌي سماج کي وڏيڪ پريشاني ۾ مبتلا ڪرڻ ۾ جن ٽولن جو ڪردار وڏيڪ نمايان رهيو آهي سي ٽي آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

١- جيئن تہ ارغونن جون اکيون هر شاداب ملڪ جي دولت جي وسيلن تي قبضي جون ڳولائون رهنديون هيون. ان ڪري قنڌار مان بيدخل ٿيڻ جي امڪانن جي پيش نظر، انهن سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ اڳواٽ ئي رٿابندي ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي. هنن سڄي سنڌ جي صورتحال کان واقف ٿيڻ لاءِ پنهنجا ڇاڙتا، واپارين ۽ مسافرن جي روپ ۾ سنڌ روانا ڪري ڇڏيا هئا، جن سنڌي ماڻهن ۾ اندروني اختلاف اپارڻ لاءِ ڪا بہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. ڄام فيروز انهن پاڙيتو ڪارندن تي مهرباني ڪري، ٺٽي شهر ۾ رهڻ لاءِ ڪين هڪ خاص علائقو عطا ڪيو، جيڪو "مغل پاڙو" سڏجڻ لڳو. جتي دولت شاهي، نور گاهي ۽ ڪيترا ارغون رهندا هئا.

٢- ٻيو ٽولو جنهن سنڌ جي عالمن ۽ مشائخن ۾ انتشار ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مذهبي تفرقي جو بنياد وڌو هو، انجو سرڪردو شاه بيگ ارغون جو مرشد مرزا محمد احمد جونپوري هو، جنهن "مهدوي تحريڪ" کي سنڌ ۾ روشناس ڪرايو." (٦)

٣-ٽيون ٽولو جنهن کي شاه بيگ ارغون مذهبي ناتي سان عقيدي ۽ پرم جي بنياد تي، ماڻهن ۾ پيهي وڃڻ لاءِ پيرن ۽ مُرشدن جي روپ ۾ رواڻو ڪيو هو، ان لاءِ محترم محمد ابراهيم جويو لکي ٿو:

"چئن يارن جي چونڪڙي جي نالي سان مشهور هئا. سنڌن نالا هئا قاضي شڪر الله شيرازي، سيد منبر، سيد ڪمال ۽ سيد عبدالله. اها چونڪڙي پڻ واپارين جي روپ ۾ اتي پهتي. منجهس هڪ خاص قسم جو اتحاد هو ۽ انهن آخر ۾ پاڻ کي غوث الثقلين، پيران پير دستگير جو اولاد سڏائيندي، ظالم ۽ قورو ارغونن جي حڪومت جي پيرن ڪپائڻ ۽ ان کي هلائڻ ۾ سنڌن مذهبي مدد ڪئي ۽ ساڻن مال غنيمت ۽ اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيواري ڪئي." (٧)

شاه بيگ ٩٢٨ هه ۾ فوت ٿيو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ شاه حسن سنڌ جي تخت تي ويٺو. سنڌ جي اصل وارث ڄام فيروز ۽ شاه حسين جي وچ ۾ چاچڪن ۽ راحمن ڳوٺ جي ويجهو مقابلو ٿيو جنهن ۾ سنڌين کي مڪمل شڪست ملي.

ارغونن هٿان سنڌ جي هن فتح کي "خرابي سنڌ" سڏي، تذڪرو ڪن عالمن ان مان ابجد جي حساب سان سنڌ جي بربادي جي تاريخ (٩٢٧ هه مطابق ١٥٢٠ع) ڪڍي هئي.

تاريخ معصومي موجب ١١ محرم سنه ٩٢٦ هه (١٥١٥ع) ۾ شاه بيگ ۽ سندس لشڪر ٺٽي شهر کي اچي ويجهو پهتو. دريا خان ساڻن مقابلو ڪيو پر ارغون فتح ياب ٿيا. ارغون ٢٠ محرم تائين ٺٽي شهر کي ڦريندا لٽيندا ۽ ان جي رهاڪن کي ذليل ڪندا رهيا. (٨) نه صرف هٿن سنڌ کي پاڻ لٽيو، پر مغرب کان آيل قوم پرتگالي به سنڌن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دور حڪومت ۾ سنڌ سان ويل وهايا. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر مبارڪ علي لکي ٿو:

"انهيءَ دوران پرتگالي مرزا عيسيٰ جي دعوت تي سنڌ ۾ آيا (١٥٥٥ع) ۽ ان جي غير موجودگي ۾ ٺٽي کي لٽيائون. ماڻهن جو قتل عام ڪيائون ۽ لاهري بلدر بندرتائين علائقو ساڙي، ڀسم ڪيائون." (٩)

لاهري بندر جنهن ديبل کان پوءِ ناموري حاصل ڪئي سو ديبل کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي سمنڊ کان ويهه ميل اندرئين پاسي مهراڻ جي هڪڙي الهندي واري شاخ تي واقع هو. شيخ ابوالفضل "آئين اڪبري" ۾ لاهري جي تعريف ڪري ٿو ۽ ان جي ساليانه آمدني هڪ لک اٺيهه هزار رپيا لکي ٿو." (١٠)

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته "لاڙ ۾ ٻه سرڪارون هيون: هڪ ٺٽي جي سرڪار ۽ ٻي چاچڪان سرڪار. اهي سرڪارون وري ننڍين ننڍين پرڳڻن ۾ ورهايون ويون. لاهري بندر ٺٽي جي سرڪار ۾ هو. (١١)

پرتگالين کانپوءِ انگريزن به سنڌ ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪئي پر پرتگالين جي مخالفت جي ڪري ڪامياب نه ٿيا. ١٦١٣ع ۾ هڪ انگريز جهاز اتفاق سان لاهري بندر آيو. ان ۾ مشهور انگريز مهم جو رابرٽ شرلي (Robert Sherley) هو. جيڪو ان وقت ايراني سفير هو ۽ موقعي مان فائدو وٺندي سنڌ ۾ انگريزن جي تجارتي ڪوٺي کولڻ جي اجازت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي." (١٢)

ارغونن جو دور نهايت ڏاڍ، جبر ۽ ڪميڻپڻي وارو هو. ترخان وري ارغونن جا به ابا نڪتا. مرزا باقي جي قهر ۽ ڪلور، ظلم ۽ ستم پوري صوبي جي ماڻهن جو حال هيٺو ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جا ماڻهو سندن دور ۾ هڪ رات به آرام جي ننڊ ڪونه ستا هئا. وٽن به جلاد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ھوتي" ۾ نوٽي نالي ھئا، جيڪي سنڌن اشاري تي قتل ڪرڻ لاءِ ھميشہ تيار رھندا ھئا. مرزا باقي جي ظلمن جو داستان پڙائيندي "مڪلي نامہ" جو مولف، علي شير قانع لکي ٿو:

"ڪو ڏينھن خالي نہ ھو جڏھن قتل نہ ٿيندو ھو. اھو سندس روز جو معمول ۾ مشغلو ھو. ڪنھن جو نڪ، ڪنھن جو ڪنڌ، ڪنھن جو ھٿ ۽ ڪنھن جي ٻانھن ھر روز ڪپرائيندو ھو. ھاٿي جي ھيٺيان لتاڙائي مارائي ڇڏڻ بہ سندس دل گھريو شغل ھو. جڏھن مرزا شاھ رخ مئو، ان وقت قلعي ۾ رھندڙ سيني عورتن جا ٽڻ ڪپائي ۽ سندن سٿڻن ۾ جيئريون ٻليون وجھرايائين." (١٣)

شاھجھان جي دور ۾، نواب احمد بيگ، جيڪو نڪمو ماڻھو ھو، تنھن حڪومت جون واڳون پنھنجي پياءُ مرزا يوسف جي حوالي ڪيون جيڪو بيحد پست، بي رحم ۽ بيھودو ماڻھو ھو. ان جي راڄڌاني سيوھڻ ۾ ھئي. ميرڪ يوسف "تاريخ مظھر شاھجھاني" ۾ لکي ٿو تہ "ھو روزانو بي گناہ ماڻھن کي شھر مان ڪوٺائي انھن کي پنھنجي سامھون ڦتڪا ھڻائيندو ھو. جنھن بہ ماڻھو بابت ڪا خبر پوندي ھيس تہ ھو شاھوڪار آھي، تہ ان تي ڪوڙا الزام مڙھي، ڪيس پاڻ وٽ گھرائيندو ھو ۽ معمولي پڇا ڳاڇا بعد... ان جي مال ملڪيت ضبط ڪرڻ جو حڪم ڏيندو ھو. سڄي ملڪ جا چور چڪار ۽ ڌاڙيل پاڻ وٽ ٽڪائي ويھاريا ھئائين، جن جي مدد سان ملڪ ۾ چوريون ۽ ڦريون ڪرائيندو ۽ ڌاڙا ھڻائيندو تي رھيو. ٻنگال مان نامي گرامي جواري گھرائي، انھن کي شھر جي چوواٽن تي ويھاري ڇڏيائين، جيڪي نہ صرف واڻھن جا کيسا خالي ڪري ڇڏيندا ھئا، بلڪ انھن ويچارن جا ڪپڙا بہ بدن تان لھرائي دنگ ڪندا ھئا. چغل خورن جي بہ وڏي لوڙ پاڻ وٽ پالي رکي ھئائين، جن کي حقيقت دان (ڳامو سچار) جو لقب ڏئي، شريف ۽ شاھوڪار ماڻھن تي چغليون ھڻڻ جي ڊنڊي سان لڳائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇڏيو هئائين. ملڪ جي شريفن ۽ ٻين رهاڪن کي ٽيڪرون ڏئي پاڻ ۾ وڙهائيندو هو ۽ ائين ڪرڻ سان هڪ طرف ملڪ جا اثر ۽ رسوخ وارا ماڻهو ڪمزور ٿيندا ويا تہ ٻئي پاسي ملڪ جي ايڪي کي وڏو ڇيهو رسندو ويو." (١۴)

اهڙي ظلم ۽ زيادتين جا ڪيئي داستان ورجائي سگهجن ٿا. سنڌ جا ماڻهو ارغونن ۽ مغلن (ترخانن) جي ڏاڍاين جو شڪار ٿيندا رهيا. اهڙي گهٽ ۽ اونداهي واري ماحول ۾ سنڌي ماڻهو پنهنجي اندرون اختلافن ۽ مذهبي مت ڀيد جي چڪر ۾ جڪڙيو ويو. حاڪمن چالاڪي ۽ حرفت سان ماڻهن جي هر قبيلي ۾ اختلاف ۽ نفاق جي ديوار ڪڙي ڪري ڇڏي هئي. اهڙي ديوار جنهن کي سنڌي سماج ڪيرائي نہ ڪونہ ٿي سگهيو.

"تنگ آيد بجنگ آيد" جي مصداق، عوام آخر حاڪم جي خلاف جدوجهد شروع ڪئي. سرڪاري ماڻهن سان مقابلا ڪيائون ۽ جڏهن مجبور ۽ لاچار ٿيا تڏهن ملڪ ڇڏيون هليا ويا. ڪن وڃي سنڌ جي ٻين صوبيدارن وٽ پناه ورتي ۽ جيڪي گهڻو آزاريل هئا، تن مورڳو قلات، مڪران ۽ بلوچستان وڃي وسايو." (١۵) اهو دور تقريباً ٻہ سو سال (١٥٢٠-١٧٣٦) تائين يعني نادري ڪوپ تائين ڳڻي سگهجي ٿو.

سنڌ جي اهڙي حالت جو لطيف سائين ڪجهہ اکين سان ڏسي مشاهدو ڪري، ڪجهہ ڪنن سان سڻي تجزيو ڪيو آهي جنهن جو شاهد "شاه جو رسالو" آهي.

لطيف سائين جو ١٦٨٩ع ۾ جنم ٿيو. تنهن وقت مغلن جي آخري نواب صادق علي خان ملڪ دهلي جي مغل شهنشاه محمد شاه رنگيلي ڏنو ڪان مقاطعي تي ورتو هو. ٻهريون سال تہ مڙيئي مقاطعي جو ڏکيو سکيو پورو ڪيائين پر ٻئي سال ڪيس نقصان ٿيو، تنهن ڪري هن ملڪ جون واڳون ڪلهوڙن جي سربراه ميان نور محمد جي حوالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيون. سيوهڻ، بکر ۽ سيوي اڳ ئي هن جي قبضي هيٺ هئا. اهڙي طرح هندستاني مغلن جو تسلط ٽٽي ڪان ڪجي ويو ۽ ڪلهوڙا خاندان کي حڪومت حاصل ٿي.

آدم شاه ڪلهوڙي جي شهادت کان تقريبا هڪ سو سال پوء، لطيف سائين جنم ورتو. ان وقت سنڌ جي آزادي جي تحريڪ ۽ ماڻهن جي نجات جو مرڪز اتر سنڌ هو ۽ ان تحريڪ جي توانائي جو سرچشمو ڪلهوڙا بزرگ هئا. ميان آدم شاهه جي پوٽي ميان شاهل محمد، مغل حڪمرانن سان وڙهندي جان ڏني (١٦٥٧). ڪانئس پوء ميان نصير محمد (وفات ١٦٩٢) کي ساڳئي وطن دوستي جي ڏوه ۾ عمر جا ڪيترا سال لاهور ۽ ملتان ۾ جلاوطني جا ڪاٽڻا پيا. (١٦) ١٧٠٠ع ۾ ميان نصير محمد جي پٽ ميان دين محمد دشمن خلاف پنهنجي جنگ جاري رکندي جام شهادت پيتو. ان وقت لطيف سائين جي عمر ١١ (يارهن) سال هئي. ميان دين محمد جي شهادت ڪانپوء سندس ڀاءُ ميان يار محمد آزادي جي جنگ جاري رکيو آيو.

ستت ئي پوء نادر شاه (١٧٣٩ع) هندستان تي بولان لڪ کان حملہ آور ٿيو. پر سيوي جي علائقي ۾ نور محمد ڪلهوڙي کي مقابلي لاءِ تيار ڏسي، اهو رستو مٽي خيبر لڪ واري رستي جو رخ ڪيائين.

١١٥٢هه مطابق ١٧٤٠ع ۾ هندستان تي مڪمل فتح ڪانپوء، نادر شاه، هتان جي اندروني اختلافن مان فائدو وٺندي، سنڌ تي حملو ڪيو. "تحفته الڪرام" مطابق، "دهلي جي خبرن پوري ملڪ کي دهشت زده ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري سنڌ لرزه براندام هئي. نادر شاه جڏهن اچي لاڙڪاڻي ۾ لٿو تہ سموري سنڌ ۾ ڌمڪاءُ پئجي ويو. انهيءَ زماني جون ڪيتريون چوڻيون اڄ عام آهن. جيئن تہ "نادر نہ پنيان ڪونہ پيو اٿئي" ۽ "نادر بہ نادر آهي تہ قادر بہ قادر آهي." (١٧)

تڏهن ميان نور محمد، سنڌ کي نادر شاهه جي حملي کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بچائي ڪونہ سگهيو ۽ وچي عمر ڪوٽ جي قلعي ۾ لڪو. نادر شاه پاڻ وٽ ڪانئس هڪ ڪروڙ روپيہ نقد تاوان جنگ حاصل ڪيو. ويهہ لک روپيا ساليانہ ڏيڻ ۽ سندس ٽي شهزادا، مراد يار خان، عطر خان ۽ غلام شاه خان يرغمال بڻائي ڪيترن سالن تائين پاڻ سان وٺي ويو. (۱۹) نادر پاڻ سان گڏ نور محمد ڪلهوڙي جو عظيم الشان ڪتب خانو (ڪتاب) بہ کڻائي ويو.

نادر جي حملي ڪانپوءِ سنڌ جي آزادي اڌوري ٿي پئي ۽ سنڌي قوم صدين کان جيڪي خواب ڏسندي آئي هئي، تن جي تعبير مٿان پاڻي ڦري ويو.

سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي تاريخ جي سرسري جائزي مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ اهو سڄو دور سنڌ لاءِ وڏو هاڃو ۽ سنڌي سماج لاءِ صدين تائين سورن جو سامان هو.

سمن جي پوئين دور جي سياسي ۽ سماجي انتشار ۽ ڄام فيروز جي بي وقوفين جي ڪري، سنڌ جي ماڻهن کي تمام ڳري سزا پنهنجن هزارين جانبازن جي خون سان ادا ڪرڻي پئي. ارغون سنڌ جي نوجوانن سان جيڪا هلت هليا سا تہ ٺهيو، پر ٻڍن ۽ عورتن کي بہ نہ بخشيائون ۽ گڏوگڏ سنڌي ثقافت کي بہ پاڙون اکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ عام ماڻهن کي پنهنجي ٻولي ڇڏائڻ تي مجبور ڪيو ويو.

مغليہ دور ۾ بہ سنڌ جيون سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالتون تمام خراب هيون. ملڪ ۾ جاگيردارنہ نظام جي ڪري هاري جي حالت ڪسمپرسي جي حد تائين بگڙجي چڪي هئي. مغلن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي واپاري صنعت کي بہ وڏو ڪاپاري ڌڪ لڳو. مطلب تہ انهن سيني سببن جي ڪري اخلاقي قدرن ۾ بہ گهوٽالو اچي رهيو هو. عام ماڻهو اخلاقي توڙي معاشي لحاظ کان تمام بدتر صورتحال جو شڪار هو. انهيءَ دور جي صورتحال جو جائزو وٺندي، اعجاز الحق قدوسي لکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو تہ اهو ئي زمانو هو جڏهن هڪ طرف سياسي نظام ڏڏي رهيو هو ۽ ٻئي طرف اخلاقي اقدار ڪمزور ٿي رهيا هئا. فڪر ۽ عمل، اخلاق ۽ ڪردار جي گرفت ڍري ٿي رهي هئي. طبقاتي تفاوت جي ڪري غريبن جي زندگي زهر ٿي رهي هئي. زندگي جون سڀ راحتون اميرن ۽ دولت مند طبقي لاءِ هيون ۽ غريب ويچارا زمين تي بار بڻيل هئا. صوفياء خام ۽ علماء سوء، رشد و هدايت جي پردي ۾ گمراهين ڪي جنم ڏئي رهيا هئا." (١٩)

انهيءَ غريبي ۽ اميري جي تمام وڏي تفاوت ۽ طبقاتي سرشتي ڪري، انسانيت سڏڪا ڀري رهي هئي. اميرن ۽ حاڪمن جي عملن کي لڪائڻ ۽ انهن تي مذهبي پردو وجهڻ لاءِ علماء سوء ۽ صوفياء خام، انسانيت جي نالي کي وڏيڪ بدنام ڪري رهيا هئا. اهڙي گھٽيل ۽ منجهيل ماحول ۾ هڪ شخص پنهنجن سچن ساٿين سميت سچائي جي واٽ گهڙي رهيو هو. هو انسانن مان نفرت ۽ ڏڪار کي ڌوئي دور ڪري، سندن من ۾ محبت جو ٻج ڇٽي رهيو هو. سندس پيغام جي رس ۽ رهاڻ آفاقي قدرن تي مشتمل هڪ اهڙو سهڻو سڏ هو جنهن کي اڄ بہ انسانن جا انبوهہ لبيڪ چوندي سچي خوشي محسوس ڪن ٿا. اها آفاقي قدرن جي شخصيت هئي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه، جنهن پنهنجي ماحول جي پيڙا کي محسوس ڪندي ۽ سنڌي سماج ۽ انسانيت کي تبديلي لاءِ آڪسائيندي علامتي انداز اختيار ڪيو.

اعجاز الحق قدوسي لکي ٿو: "شاه لطيف سائين جي حساس دل کي انهيءَ ماحول ڏاڍو متاثر ڪيو. هن وقت جي آواز کي سجاتو ۽ ڏکي انسانيت کي محبت جو پيغام ڏنو. هن جي زندگي جو مقصد انسانن جي رشتي کي خدا جي ذات سان جوڙڻ هو. رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي محبت سان دلين کي گرمايو وچي، بگڙيل زندگي کي حسن اخلاق ۽ پاڪيزه ڪردار سان سنواريو وڃي ۽ ظلم جي خبيث



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

درخت کي پاڙون اکيڙي، دنيا کي خلوص ۽ محبت سان آشنا ڪيو وڃي.
(٢٠)

مطلب تہ لطيف پنهنجي زندگي ۾ سنڌ جي غلاميءَ بہ ڏٺي هئي تہ سنڌي سماج سان ظلم ۽ زيادتيون بہ پسيون هئائين. آزادي جو سورج بہ ايرندي ڏٺو هئائين تہ سنڌ جي آزادي کي ڌپائڻ وارن نادر ۽ ابدالي جي ڪرتوتن کي بہ ڏٺو هئائين. تنهن ڪري لطيف جي رسالي کي خصوصاً سنڌ جي تاريخ ۽ عموماً انسانيت جي ڀلائي جو نسخو چئي سگهجي ٿو ۽ لطيف سائين کي سنڌ جو ترجمان ۽ آفاقي قدرن جو حامل انسان چئي سگهجي ٿو.

# حوالا


١۔ ١۔ قانع، علي شير: "مڪلي نامہ" (تصيح وحواشي) حسام الدين راشدي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٦٧ ص ۔ ٩٥۔ ٩٦ (فارسي)

٢۔ قريشي، اعجازحسين: "تاريخ سنڌ"۔ سنڌ ريسرچ سوسائٽي، حيدرآباد ١٩٨٥ ص ۔ ٢٣

٣۔ مولائي شيدائي، رحيم داد: "جنت السنڌ"۔ سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ١٩٨٥ ص ۔ ٣٧١

٤۔ مير معصوم: "تاريخ معصومي"۔ (سنڌي ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي ١٩٥٩ص ۔ ١٥٦

٥۔ قريشي اعجازحسين: "تاريخ سنڌ"۔ سنڌ ريسرچ سوسائٽي، حيدرآبد ١٩٨٥ع ص ۔ ١٩

٦۔ .................. ايضا .................. ص ۔ ٣٠.

٧۔ جويو، محمد ابراهيم: "شاه سچل سامي"۔ سنڌي ادبين جي سوسائٽي،




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حيدرآباد ١٩٧٨ع ص - ٤١
٨. مير معصوم، "تاريخ معصومي" سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي ١٩٥٩ع ص - ١٥٢ - ١٥٤
٩. مبارڪ علي (ڊاڪٽر)، "تاريخ سنڌ" - آگهي پبليڪيشن، حيدرآباد ١٩٨٥ع ص ١٤ -
١٠. مولائي شيدائي، رحيم داد، "جنت السنڌ" - سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ١٩٨٥ ص - ٣٧٤
١١. الانا، غلام علي (ڊاڪٽر)، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" - انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٧٧ع ص - ٢٧٩
١٢. مبارڪ علي (ڊاڪٽر)، "تاريخ سنڌ" - آگهي پبليڪيشن، حيدرآباد ١٩٨٥ع ص - ٦٠
١٣. قانع، علي شير: " مڪلي نامہ "(صحيح و حواشي) حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٧ع ص - ٦٢٢
١٤. ميرڪ يوسف: "تاريخ مظهر شاهجهاني" - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ١٩٧٩ع ص - ٢٨ کان ٣٥
١٥. راشدي، حسام الدين (مولف): "تذڪره امير خاني" سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي - ١٩٦١ع ص - ٢٧ - ٢٨
١٦. جويو، محمد ابراهيم: "شاهه سچل سامي" - سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي حيدرآباد ١٩٧٨ع - ص ٥٣
١٧. قانع، علي شير: "تحفته الڪرام" - سنڌي ادبي، بورڊ ڪراچي ١٩٥٧ع ص - ٢٤
١٨. سورلي، ايچ ٽي: "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" - آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي ١٩٦٦ع ص - ٣٠
١٩. قانع، علي شير: "تحفته الڪرام" - سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي ١٩٥٧ع ص ٣٧ -



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢٠ـ ڪلهوڙو، ميان نور محمد، "منشور الوصيت و دستور الحڪمت" ( بتحقيق حسام الدين راشدي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٤ع ص ـ ١١

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب يارهون

# ڪربلا ۾ لطيف جي وفات

لطيف سائين جو هن دنيا مان لاڏاڻو ١١٦٥ هه مطابق ١٧٥٢ع ۾ ٿيو. لطيف سائين جي وفات متعلق مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"شاه صاحب کي نڪو درد، نڪا بيماري، مراقبي ۾ ويٺي ويٺي ماٺ ٿي ماٺ ۾ دم ڏنائين." (١)

چون ٿا ته لطيف سائين جي عمر ٦٣ ورهيه هئي. جهڙي طرح نبي ارم صلعم ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه جون عمريون هيون.

محترم غلام محمد شاهواڻي سندس وفات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"ڊاڪٽر ٽرمپ جي چوڻ موجب، شاه صاحب سنه (١٦٨٠ع - ١٧٤٧ع) ۾، يعني ٦٧ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي، پر "سڳما" جي چوڻ موجب شاه سنه ١١٦٥ هه مطابق ١٧٥١ ع ۾ ٦٢ ورهين جي عمر ۾ چولو بدلايو. مسٽر ليلا رام شاه جي روضي تي اڪريل ابيات مان ابجد جي حساب لڳائڻ ۾ ٻين دليلن مان ثابت ڪيو آهي ته شاه ١٤ صفر سن ١١٦٥ ههع مطابق ١٧٥١ع هه ۾ وفات ڪئي." (٢)

شري هرومل سدارنگاڻي پنهنجي ڪتاب "شاه جو چونڊ شعر" ۾ مٿين بيان جي تصديق ڪئي آهي. شاه جي سرود ۾ سماع ٻنان نه سرندي هئي. راڳ سندس روح جي خوراڪ هو ۽ سرير ٻه ١١٦٥ هه ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٧٥١ ۾ سماع ۾ چڙيائين." (٣)

مرزا قليچ بيگ سنه ١١٦٥ هه مطابق ١٧٥٢ع صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ لطيف سائين جي وفات جي سلسلي ۾ ڄاڻائي آهي. (٤)

محترم غلام محمد شاهواڻي لطيف سائين جي آخري لاڏاڻي جو تفصيلي ذڪر ڪندي لکي ٿو: "پڇاڙي واري وقت ۾ شاه کي ڪربلا جي زيارت ڪرڻ جو شوق جاڳيو. سنبري نڪتو ته واٽ تي هڪ ولايت جو صاحب مريد گڏيس. جنهن حال پروڙي عرض ڪيس ته قبلا هي ڇا؟ ماڻهن کي جوندا وتو ته ڪفن دفن به پٺ ۾ ٿيندو ۽ هاڻ هليا آهيو هيڏي وڏي سفر تي. شاه صاحب کي هي لفظ دل سان لڳا سو موٽي پٺ ڏانهن آيو. اتي پهچندي ڪارو ويس ڪري سَرُ ڪيڏارو وارا بيت ڏيڻ لڳو. چون ٿا ته اهو سنڌس آخري ڪلام هو. هڪ ايڪيهو ڪڍيائين جنهن بعد وهنجي سهنجي، چادر اوڍي مراقبي ۾ ٿي ويٺو ۽ فقيرن کي سماع ڪرڻ جو اشارو ڪيائين. ٽي ڏينهن برابر سماع پئي هليو. آخر راڳ بند ڪري، فقير شاه جي ويجهو وڃي ڏسن، ته شيءِ وڃي ڌڻي کي پهتي آهي. اها سنه ١١٦٥ هه مطابق سنه ١٧٥٢ع صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ هئي. جنهن تاريخ تي هر سال پٺ ڌڻي جي روضي تي ميلو لڳندو آهي." (٥)

مٿين بحث مان معلوم ٿيو ته لطيف سائين سنه ١١٦٥ هه مطابق ١٧٥٢ع ۾ صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ پٺ تي برقعو مٽايو. سنڌس آخري آرمگاه تي واليءِ سنڌ، ميان غلام شاه ڪلهوڙي، ١١٦٧ هه مطابق ١٧٥٤ع ۾ هڪ عاليشان مقبرو ٺهرايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا

١ـ مرزا، قليچ بيگ: "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي"ـ ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ١٩٧٢ع ص ـ ٤٢

٢ـ شاهواڻي، غلام محمد: "شاه جو رسالو"ـ آر ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ٦٠ ـ ١٩٦١ع ص ـ ٣

٣ـ سدا رنگاڻي، هرو مل: "شاه جو چونڊ شعر"ـ ساهتيه اڪيڊمي، دهلي ١٩٨٦ ع ص ـ ٥

٤ـ مرزا، قليچ بيگ: "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي"ـ ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد ١٩٧٢ع ص ـ ٤٢

٥ـ شاهواڻي، غلام محمد: "شاه جو رسالو"ـ آر ايڇ احمد برادرس، حيدرآباد ٦٠ ـ ١٩٦١ع ص ـ ٢٤



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Cell No:

0344 - 3919786

Sahib Khan “Soorih” Mirani



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڀاڱو ٽيون

## لطيف سائين جي شاعري جو
## علامتي اڀياس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پهريون

# شاه لطيف ۽ ٻيا صوفي دانشور

شاعري زندگي جي ڪُلي عوامل جو احاطو ڪري ٿي. انهيءَ لحاظ سان معاشري جي هر مسئلي جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ، وڏن شاعرن جي ڪلام ڏانهن رجوع ڪيو پوي ٿو جنهن ۾ قومن جي سماجي سياسي ۽ اقتصادي تاريخ درج ٿيل هوندي آهي. ان ڪري شاعر کي هر دور ۾ اهم مقام حاصل رهيو آهي. وقت جا سڀ دانشور شاعري ڏانهن متوجهه رهندا آيا آهن.

شاعري جو علم يونانين جي معرفت رومين تائين پهتو. رومين وٽ شاعرن کي ويٽس ( Vates) چيو ويندو آهي يعني خدا رسيده، پيش بين يا پيغمبر. (١) ان ڪري ئي شاعر کي سماج جو سچو ترجمان سڏيو وڃي ٿو.

شعر جي افاديت ۽ اهميت جو پتو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو جو ڪيترن شاعرن جي نظمن مان فال ڪڍي وڃي ٿي. حافظ شيرازي جي ديوان مان ۽ ورجل مان به فال ڪڍي ويندي هئي. (٢)

يوناني شاعر کي Poet سڏڻ لڳا. هي لفظ پو ـ آءِ ـ اين (-Po



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ie-in مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ٿاهڻ.

شاعري هر دور ۾ ارتقا جي منزل مان گذرندي رهي ٿي. ان ڪري شاعر پنهنجي دور جي ٺهيل ٺڪيل ماحول کان ضرور اثر قبول ڪري ٿو. سندس دور ۾ ڪي نہ ڪي، سماجي ۽ ادبي لاڙا رواج ۾ هوندا آهن جيڪي ماضي جي شاعرن جو ڇڏيل ورثو هوندا آهن. محترم تنوير عباسي لکي ٿو:

" ڪن شاعرن جي ذهني ارتقا ان ماحول کان متاثر ٿيڻ جي حد تائين ختم ٿي ويندي آهي. پر عظيم، انوکا ۽ ڪلاسيڪي شاعر اها حد ٽپي، ذهني بلوغت کي پهچي، پنهنجو انفرادي اسلوب ۽ ٽيڪنڪ گهڙي، پنهنجي دور توڙي پاڻ کان پوءِ ايندڙ دور تي، پنهنجي انفراديت جي ڇاپ هڻي ڇڏيندا آهن. سندن انفراديت جي ڇاپ، سندن دور جي، توڙي ان کانپوءِ ايندڙ شاعرن تي لڳندي رهندي آهي ۽ سندن لاڏاڻي کانپوءِ بہ هڪ عرصي تائين قائم رهندي آهي. اهڙي طرح، عظيم، انوکا، ڪلاسيڪي شاعر، شعري ادب توڙي سماج جي تاريخ کي اڳتي وڌائڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. (۳)

اهڙا شاعر پنهنجي دور جا ترجمان ۽ تاريخ ساز هستيون سمجهيا ويندا آهن. انهن جي حيثيت ڪنهن مخصوص ماڳ مڪان تائين محدود ڪونہ هوندي آهي. سندن اصول ۽ قدر ڪين ڪائناتي شاعر جو شرف بخشين ٿا. اهڙن ئي شاعرن کي سماج لاءِ ڀلائي ۽ بهتري جي علامت سمجهيو وڃي ٿو.

لطيف سائين جي شاعري ادبي دنيا ۾ هڪ وڏي وٿ آهي جنهن جي چنڊ ڇاڻ ڪندي، ڪيترائي نوان نوان پهلو سامهون ايندا رهن ٿا.

جيستائين شاعري جي اثر رسوخ قبول ڪرڻ جو تعلق آهي تہ انهيءَ ڏس ۾ هر شاعر، پنهنجي دور جي مڙني وڏن شاعرن کان متاثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي. شاعري جي دنيا ۾ اڪثري وڌيا آهن. ان سان گڏ ان دور جي سماجي تحريڪن جو بہ سندس شاعري تي اثر پوي ٿو. جيڪا پڻ هڪ سٺي شاعري جي قبوليت جي سند سمجهي وڃي ٿي.

لطيف سائين پنهنجي دور جي سيني وڏن شاعرن جو اثر قبول ڪيو آهي. خاص طور تي لطيف سائين جو هڪ اهم قدر "تصوف." سيني صوفي دانشورن جي وچ ۾ اثر و رسوخ جو مشتري سبب بڻيو آهي.

سڀ کان اڳ ۾ لطيف سائين تي مقامي شاعرن جي اثر جي جهلڪ نظر اچي ٿي. جئن تہ قاضي قادن، شاهہ لطف الله قادري، ميون شاهہ عنايت رضوي، شاهہ ڪريم، مخدوم معين، ميان صاحبڏنو فاروقي، خواجہ محمد زمان جيڪي لطيف سائين جا پيشرو ۽ همعصر هئا.

برصغير ۾ شاعري جي ميدان ۾ سنڌي سان گڏ هندي، سنسڪرت ۽ انهن ٻولين جي مذهبي اثر هيٺ پيدا ٿيندڙ تحريڪن جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. انهن ٻولين جي پيشرو شاعرن مان ڪاليداس، تلسيداس، ميران ٻائي، امير خسرو، رحمن (خان خانان عبدالرحيم خان)، ڀڳت ڪبير، دادو ديال ۽ گرونانڪ جا نالا وٺي سگهجن ٿا. جن جي سماجي ۽ مذهبي تحريڪن، ڪرشن ڀڳتي ۽ رام ڀڳتي، وقت جي هلندڙ اهم قدرن ۾ وڏي تبدلي آندي. محترم تنوير عباسي انهيءَ سلسلي ۾ لکي ٿو.

"شاهہ لطيف جي شاعري جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ لطيف، سنڌ جي ادبي روايتن سان گڏوگڏ ننڍي کنڊ جي شاعري جي ادبي تحريڪن، توڙي انهيءَ جي مقبول شاعرن کان نہ صرف ڀلي ڀت واقف هو. پر پنهنجي شاعري ۾ جتي مقامي سنڌي روايتن جو اثر قبول ڪيو اٿائين، اتي ننڍي کنڊ جي عظيم ۽ مقبول شاعرن کان پڻ متاثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيو آهي." (۴)

ان سان گڏ لطيف سائين ملڪ جي سرڪاري ٻولي فارسي کان بہ متاثر نظر اچي ٿو. جيئن تہ سنڌ تي وڏي عرصي تائين ايران کان آيل فارسي گو قومن جو تسلط رهيو آهي، تنهن ڪري ان دور ۾ هر پڙهيل، ادب سان واسطو رکندڙ ۽ باشعور ماڻهو فارسي زبان جي ڄاڻ رکندو هو. انهيءَ حقيقت جي گواهي ڏيندي محترم تنوير عباسي لکي ٿو:

"مڪتبن ۽ مدرسن جي نصاب ۾ فارسي شاعرن، جهڙوڪ جامي، سعدي، حافظ ۽ رومي جا ڪتاب پڙهيا ويندا هئا. فارسي جي ڪلاسيڪي ۽ صوفي شاعرن کان سنڌ جو پڙهيل طبقو پوري طرح واقف هو... وحدت الوجودي نظريو بہ سنڌ ۾ فارسي شاعري جي ذريعي پهتو." (۵)

فارسي شاعري کي ڇهن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرين دور ۾ رودڪي، اسعدي، طوسي، فرخي، فردوسي، اهم حيثيت رکندڙ شاعر آهن.

ٻي دور ۾ خاقاني، انوري، خواجہ فريدالدين عطار، ڪمال اسماعيل اصفهاني، سعدي شيرازي، نظامي، سنائي، رومي ۽ عمر خيام کي شاعري جي دنيا ۾ اهم مقام حاصل آهي. هن دور ۾ تاتارين جي قتل عام ڪري بيشمار جانيون ضايع ٿيون، ان ڪري نفسياتي دٻاءَ هيٺ ماڻهن مان شجاعانہ جذبات گهٽجڻ لڳا ۽ تصوف ڏانهن رجوعات وڌڻ لڳي.

"شعر العجم" جي ليکڪ علامہ شبلي جي چوائي، هن عهد ۾ تصوف جو زور وڌيو. عطار، مولانا روم، اوحدي، عراقي، سعدي ۽ مغربي انهن ئي سببن جا نتيجا آهن. (٦)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽين دور جي شاعرن ۾ امير خسرو ۽ حافظ شيرازي جا نالا قابل ذڪر آهن. چوٿين دور ۾ غزالي، عرفي، نظيري، مرزا صائب اصفهاني، ابو طالب ڪليم وغيره اچي وڃن ٿا.

سنڌن دور ۾ شاعريءَ جو چار صنفون مقبول عام ٿيون:

١ـ تصوف ٢ـ غزل ٣ـ اخلاقي ۴ـ قصيده گوئي

تصوف ۾ عطار، مولانا روم، اوحدي، عراقي ۽ مغربي، غزل ۾ مولانا روم، شيخ سعدي، امير خسرو ۽ خواجہ حافظ شيرازي؛ اخلاقي شاعريءَ ۾ سعدي ۽ ابن يمين ۽ قصيده گوئيءَ ۾ڪمال اسماعيل، خواجہ سلمان سائوجي وڏو نالو ڪڍيو. (٧)

سلمان سائوجي ۽ خواجہ کي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو فارسي شاعريءَ ۾ ٻہ اهم ڪڙيون سڏي ٿو ۽ چئن وڏن شاعرن کي ايراني ادب جا چار ٿنيا ڪري مڃيو اٿس. انهن مان هڪ سعدي، جنهن گلستان لکيو؛ ٻيو شاهنامہ جو ليکڪ فردوسي؛ ٽيون مولانا رومي جنهن مثنوي لکي ۽ چوٿون حافظ شيرازي، جنهن جو ديوان جڳ مشهور آهي. (٨)

حافظ جو تصوف جي شاعريءَ ۾ بہ هڪ خاص مقام آهي. صوفيانہ شاعري متعلق سندس هڪ بند ملاحظہ ڪندا:

ما در پيالہ عکس رخ يار ديده ايم،
اي بي خبر ز لذت شرب مدام ما.

شراب پيئندڙن مٿان ملامت ڪندڙ کي حافظ ٻڌائي ٿو تہ ڪيس شراب جي پيالي ۾ محبوب جي منهن جو عڪس نظر آيو آهي، ان لاءِ شراب پيئي ٿو ۽ ٻي ڪي ان جي ڄاڻ ناهي.

يعني جيڪو شخص عشق جي آثارن کان ئي بي خبر آهي ان کي ڪهڙي خبر تہ ان پيالي پيئڻ سان جيڪو دل تي الاهي تجلي ۽ واردات غيبي جو اثر ٿئي ٿو اهو ائين ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حضرت مولانا محمد قاسم نانوتوي هت "پيالي" مان مراد ڪائنات ورتي آهي ڇو جو عارف جي نگاهہ ۾ ذرو ذرو محبوب جي تجلي جو مظهر آهي، ان ڪري ڪامل عارف نگاهہ يار جي لذت ۾ هر وقت سرشار رهي ٿو. پر جيئن تہ معترض سندس عارفانہ منزل کان واقف ناهن، ان ڪري اها ڳالهہ انهن کي پسند ناهي. (٩)

حافظ شيرازي جي مٿين شعر مان اهو بخوبي معلوم ٿئي ٿو تہ صرف هڪ اعليٰ پائي جو غزل گو شاعر هو پر سندس ڪلام تي تصوف جي ڇاپ بہ هئي. محترم تنور عباسي لکي ٿو؛

"ايراني تصوف تي برصغير جي ويدانيت جو اثر ٿيو ۽ اهو موٽي سنڌ ۾ فارسي شاعرن رستي پهتو. سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جو تصوف ڏانهن لاڙو ذهني (Intellectual) گهٽ ۽ رومانوي (Romantic) وڌيڪ آهي." (١٠)

اسلامي فڪر جي تاريخ ۾ تصوف جي ميدان تي حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان پوءِ جن ڏاهن جا نالا ملن ٿا تن ۾ متنبي ۽ جنيد بغدادي، مولانا روم، حافظ شيرازي، امام غزالي، مولانا فريد الدين عطار ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

لطيف سائين بنيادي طور تي مذهب اسلام جو پوئلڳ هو. سندس قرآن مجيد سان محبت جو اندازو حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هو سفر ۾ بہ پاڻ سان گڏ قرآن مجيد جو نسخو کڻندو هو.

الله تعاليٰ جي صاحبي مٿان عقيدي سان گڏ محمد صلعم جن کي خدا جو رسول ۽ ان جي ٻڌايل پيغام تي هلڻ لاءِ پنهنجي ڪلام ۾ تلقين ڪئي اٿس. محترم تنوير عباسي لکي ٿو؛ "شاهہ لطيف جي رسالي جي پوئين دور جي قلمي نسخن جي شروعات ئي "اول الله عليم" سان ڪيل آهي. ان کان پوءِ "مڃ محمد ڪارڻي" ۽ ان کان اڳتي هلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"وحده لاشريڪ لہ" جو اقرار ڪندي، وحدت ۽ ڪثرت جو فلسفو سمجھايو اٿائين." (١١)

لطيف سائين جي عربي تي ڪافي ڄاڻ هجڻ جو ثبوت بيتن ۾ عربي تلميحات آهن. هڪ عربي شاعر "المتنبي" جي وڏو صوفي ڏاهو ٿي گذريو آهي. هن جي شاعري پنھنجي دور جي بغاوتي شاعري هجڻ ڪري، مٿس نبوت جو ڪوڙو دعويدار هجڻ جو الزام مڙهيو ويو هو. امام شعبلي حاڪمن طرفان متنبي تي مڙهيل ان الزام جي نفي ڪندي ان کي حاڪم وقت خلاف خروج سڏيو آهي. (١٢)

علامہ آء آء قاضي جي مرتب ڪيل شاه جي رسالي ۾ سُر آسا مان هڪ بيت علامتي پيرائي جو ڏنو ويو آهي. جيڪو پڻ لطيف طرفان حاڪم وقت خلاف خروج جي معنيٰ ۽ مفهوم جو حامل آهي:

ڪافر ٿي تہ ابهين، باب شرع جا ڇڏ،
من مشرڪن گڏ، تہ ويجهو ٿين وصال کي.
سُر آسا

متنبي هڪ صوفي شاعر هو. سندس صوفيانہ وحدت وائي متعلق هڪ شعر پيش ڪجي ٿو:

وَهَل نَا فِعِي اَن تُر فَعَ الحُجبُ بَيتَا، وَدُ ونَ الذي امَلتُ مِنكَ حِجابُ
وَفي النفسِ حاجَاتٌ وَفيكَ فطانةُ سُكوتِي بَيَانٌ عِندهَا وَ خِطابُ.

ترجمو: اسان جي وچ ۾ حجابات دور ٿيڻ سان مونکي ڇا فائدو رسندو، جڏهن تہ جيڪا اميد آئون توهان ۾ رکيو ويٺو آهيان اجا تائين توهان کان پردي ۾ آهي؛ منهنجا ارمان دل ۾ ئي آهن ۽ توهان انهن کان چڱي ريت واقف آهيو، جو تہ توهان ۾ داخلي (اندروني)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حالات پرکڻ جي قوت آهي. منهنجي خاموشي ئي زبان حال سان ان قلبي ڪيفيت کي کولي ظاهر ڪري رهي آهي. (١٣)

بندي جي بہ خداوند ڪريم آڏو حيثيت اهڙي ئي آهي. هو دانا بينا آهي. انسان جي اندر جي ڪيفيت جي هن کي ڄاڻ آهي. پوءِ ان کي ظاهر يا باطني طرح گهرڻ. يعني زبان يا نيت سان طلب ڪرڻ ۾ ڪو فرق ڪونهي. جيئن تہ انسان (جز) ڪائنات (ڪُل) جو حصو آهي. انهيءَ حجابات جي دوري جو اصل ڪو مقصد ڪونهي. جڏهن راز افشان ٿيو تڏهن معلوم ٿيو تہ جُز جو مسڪن ڪُل آهي.

لطيف سائين بہ وحدت الوجود جي مسلڪ جو پوئلڳ صوفي دانشور هو. انهيءَ مسلڪ جو سلسلو تمام ڊگهو آهي. انهيءَ سلسلي متعلق محترم تنوير عباسي لکي ٿو تہ اهو سلسلو " برصغير ۾ سيد علي هجويري، داتا گنج بخش، بختيار ڪاڪي، بابا فريد گنج شڪر، خواجہ معين الدين چشتي، قلندر شهباز، بلها شاهہ ۽ سلطان باهو وٽ پهتو." (١٤)

## حوالا


١- جالبي، جميل (ڊاڪٽر): "ارسطو سي اليٽ تڪ -" نيشنل بُڪ فائونڊيشن، ڪراچي ١٩٧٥ع ص - ٢٤٦

٢- ...................... ايضا ...................... ص - ٢٤٦

٣- عباسي، تنوير: "شاہ لطيف جي شاعري" - نيو فيگس پبليڪيشن، حيدرآباد ١٩٨٥ع ص - ١٣ - ١٤




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۴. ...................... ايضا ...................... ص - ۴۷

۵. ...................... ايضا ...................... ص - ۴۷

٦. نعماني، شبلي؛ "شعرالعجم" (جلد ٻيو) نيشنل بُڪ فائونڊيشن ، اسلام آباد ١٣٢٥ هہ ص - ٣

۷. ...................... ايضا ...................... ص - ۵

٨ - جوٹيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر)؛ "سنڌي شاعري تي فارسي شاعري جو اثر" - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٨٠ع ص - ٣٠

٩ - ٿانوي، اشرف علي؛ "عرفان حافظ" - نفيس اڪيڊمي، ڪراچي ١٩٧٦ع ص - ٣٣

١٠. عباسي، تنوير؛ "شاہ لطيف جي شاعري" - نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد ١٩٨٥ع ص - ۴٩

١١ - ...................... ايضا ...................... ص - ١٦

١٢ - اعظمي، جليل الرحمان؛ "ابوطيب متنبي" - پاڪستان ايجوڪيشن ڪانفرنس، ڪراچي ١٩۵٨ع ص - ٦٧

١٣. مولوي ذوالفقار علي؛ "شرح الديوان في تسهيل البيان" - مطبع محبتائي، دهلي ١٨٩٣ع ص - ١٠۴

١۴. عباسي، تنوير؛ "شاهہ لطيف جي شاعري" - نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد ١٩٨۵ ص - ۵٨




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ڇهون

# لطيف ۽ ڪائنات

مذهب، تصوف ۽ شاعري هڪ ئي تجربي جي پيٽ مان نڪتل آهن. ان کي سمجهڻ لاءِ اسان کي علامتن جو سهارو وٺڻو پوندو. جيئن اهو اڳ ۾ ئي ثابت ڪري چڪا آهيون. لطيف سائين جي شاعري، علامتن جي شاعري آهي جنهن کي ذريعو بڻائي هن پنهنجي احساسن ۽ جذبن جو اظهار ڪيو آهي. " هر شاعر چاهيندو آهي تہ سنڌس قوم ترقي ڪري ۽ جنهن معاشري ۾ هو رهي ٿو سو معاشرو مهذب سڏائڻ جي لائق ٿئي، ڏک، مفلسي، پرماريت ۽ جهالت وغيره جي پاڙ پٽجي وڃي، ۽ هر ماڻهو آزاد، خودمختيار ۽ خوشحال ٿئي، ۽ آزادي جي نعمتون ماڻي سگهي. (١) لطيف سائين جي سڄي شاعري انهن نڪتن جو نچوڙ آهي. هو هڪ صوفي شاعر هو. سنڌس تصوف وارو فلسفو دراصل اڳوڻي سنڌي سماج ۾ ڌرتي تي وسندڙ انسانن جي سماجي، اخلاقي، سياسي ۽ اقتصادي عمل جي ڪهاڻي آهي. تصوف جي ڳالهہ ٻولهہ جي طرز تي چارلس مورس (Charles.W.Morris) اظهار جو هڪ طريقو ٻڌايو آهي جنهن کي "زين اظهار" (-Zen Form of Ex



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(pression) چٽبو آهي.

انهيءَ سلسلي ۾ ايڊيٽر هڪ ڪتا (Gotha) بيان ڪن ٿا جيڪا شان هائي (Shan Hai) جي چيل آهي. اها هن ڇهين صدي عيسوي ۾ چئي، ۽ هيٺين ريت آهي: "هٿين خالي ٿو وڃان، پر ڏسو ته منهنجي هٿ ۾ ڪوڏر به آهي." (يعني آءٌ پنهنجي قبر جي طرف هلندو طرف هلندو ٿو وڃان.)

"پيرين پيادو ٿو گهمان، پر ڏسو ته آءٌ ڏاند جي پٺي تي سفر ڪري رهيو آهيان." (يعني آءٌ ڌرتي جي مٿان هلي رهيو آهيان). ڏاند جي شڪل واري جانور کي آڳاٽين ڪتائن ۾ ڌرتي جي علامت سمجهيو ويو آهي.

"آءٌ پل جي مٿان لنگهي رهيو آهيان، پر ڏسان ٿو ته پاڻي هڪ هنڌ بيٺو آهي ۽ پل وهندي ٿي وڃي. (يعني آءٌ وقت جي ڪلهن تي سوار آهيان، پر نظر اٿين ٿو اچي ۽ اهو ڏسڻ ۾ ٿي نه ٿو اچي ته مڪان به متحرڪ رهيٿو)

چارلس مورس انهن لفظن کي ستوري ۽ موندو (Satori Mondh) اظهار ٿو سڏي ۽ چوي ٿو ته هي اهو منطق آهي، جيڪو پڻ علامتن جي عام نظريي جي ڪري وجود ۾ آيو آهي. (مٿي مثالن ۾ "ڪوڏر"، "ڏاند"، "پل" ۽ "پاڻي" سڀ علامتون آهن. ) هن جي معرفت اسين اڄ به تصوف جي ٻولي کي سمجهي ٿا سگهون. (٢)

هومر به پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جو اظهار ڪيو آهي. "اڪيلز جي ڍال" جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "هر جي پٺيان واري ڌرتي ڪاري معلوم ٿي رهي هئي، اهڙي ڌرتي جيان جنهن تي هر هلي چڪو هجي، جڏهن ته اها سون جي ٺهيل هئي، ۽ اهو صناعي جو ڪمال هو." (٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان دوست صوفين جي حوالي سان، برصغير ۾ انسان دوستي ۽ مسلم آزاد خيالي جي ڦهلاء، جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. صوفين جي انهيءَ مهم جو بنياد "وحدت الوجود" جي فلسفي تي ٻڌل هو. جنهن جي ڪري مختلف اعتقاد رکندڙ ماڻهن ۾ محبت، امن ۽ ڀائيچاري جي فضا قائم ٿي. جن صوفي دانشورن جو گروه مٿين مقصد جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. برصغير جي تاريخ ۾ انهن جو ذڪر هميشہ امن ۽ آشتي پسند انسانن جي حيثيت ۾ ڪيو ويو آهي. لطيف سائين پڻ انهن ڏاهن مان هڪ هو. هن جي فڪر جو محور بہ انسان هو. هو چوندو هو تہ الله تعاليٰ ماڻهن جو مددگار آهي. انسانن جو پيدا ڪندڙ، جنت ۽ روحن جو خلقيندڙ آهي. پر اسين جيسين جنت ۾ پهچون، ان کان اڳ هن جهان ۾ ٿي، شيطاني قوتن سان مقابلو ڪري، سماج کي ڏک، بک ۽ ڏولاون کان بچائي روحاني پاڪائي ڏانهن رجوع ڪرڻو آهي. انسانن جي عظمت ۽ پاڪائي جو اهو تصور ڪو نئون نہ هو. پر لطيف سائين پنهنجي فڪر سان ان تصور کي نئون روپ ڏئي ڇڏيو. لطيف سائين چوي ٿو:

پاڻهہ پسي پاڻ کي، پاڻ ٿي محبوب
پاڻهہ خلقي خوب، پاڻهہ طالب تن جو.
(سُر ڪلياڻ: ١ ـ ٢).

پروفيسر اڪرم انصاري لکي ٿو تہ "شيڪسپيئر يا گوئٽي جيان اسان جو شاعر ڪنهن حقيقت تائين رسائيءَ لاءِ سڄي ساري ڪهاڻي بيان ڪونہ ٿو ڪري (۴) بلڪہ هو انهن مها ڪهاڻين مان پنهنجي مقصد وارا واقعا ۽ ڪردار چونڊي انهن کي علامتي صورت بخشي ٿو. تنوير عباسي سچ لکيو آهي تہ "شاه لطيف، انهن سورمن ۽ سورمين جي ڪردارن کي (جيڪي اڳ ۾ ئي سنڌي شاعري ۾ موجود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو تڏهن ڪيس دنيوي زندگي جي تانگهہ ڪونہ ٿي رهي. مطلب تہ انسان ۾ جڏهن اجتماعي شعور پيدا ٿئي ٿو، تڏهن ڪائنات ۾ هو نور بڻجي نروار ٿئي ٿو. مثال طور سُر سورٺ ۾ ٻيجل، راءِ ڏياچ کان سُر ڳائي سر گهريو، پر سندس زال سورٺ منگتي جي گهر پوري ڪرڻ جي مخالفت ڪندي، اهڙي عمل کان بادشاه کي روڪي ٿي. لطيف سيني رڪاوٽن کي اورانگهي پار ٿيندڙ انسان (راءِ ڏياچ) جو ڪردار ڪيئن پيش ڪيو آهي سو ڏسو:

محلين آيو مڱڻو، ساز ڪٺي سُرندو،
سِر جي صدا سُر ۾، گهور هٿي گهرندو،
متي ريءَ ملوڪ جي، چارڻ نہ چرندو،
جهونا ڳُڙهہ جهرندو، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.
(سُر سورٺ: ٣ ـ ٣)

خدا جي نور جو پرتو هميشہ ڪائنات تي پوندو رهي ٿو جيڪو انسانن کي چڱي عمل لاءِ اياري ٿو ۽ نيڪي ۽ دانائي جا گُر اجاگر ڪري ٿو. سڀ انسان ان نور مان مستفيض ڪونہ ٿا ٿين. "جهڙي ريت سورٺ کي دنيوي زندگي جي تانگهہ هئي (انهيءَ ۾ ڪاڻ پيڻ، ظاهري ناهہ نوهہ ۽ ٻيون عياشي جون شيون شامل ڪري سگهجن ٿيون) پر جڏهن اهي عنصر انسان مان آهستي آهستي هليا وڃن ٿا، تڏهن هو، نئين دنيا اڏي ٿو ۽ اهڙي ريت هن دنيا کي جنت نظير بڻائي ٿو." (٩) اهو بتدريج چڱائي ڏانهن مائل ٿيندڙ عمل انسان کي سُرخرو بڻائي ٿو. لطيف سائين هيٺين بيتن ۾ بہ ساڳيو مفهوم بيان ڪيو آهي:

چاريون ڪاريون، ڇڄ، ڇيريون، جن جي محبت مڇي ساڻ،
رهن، وهن سر ٻانڌين، سيپٽي بدبو هاڻ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڏڙن جيئن، لطيف چئي، پاڻي وجهن پاڻ،
تن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪيو پنهنجي.
(سر ڪاموڏ: ١ ـ ١٢)

پاپوڙو پيش ڪيو، نئون نوري نيئي،
حاضر هيون هڪيون، سميون سپيئي،
نوازي نيئي، ڳاڏيءَ چاڙهي ڳنڊري.
(سُر ڪاموڏ: ١ ـ ١٩)

لطيف سائين جديد فڪر مطابق اڳڪٿي ڪندي تعجب ۾ وجهي ٿو. انهيءَ ڪري ئي مغربي عالمن ۽ متشرقين ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ۽ ڊاڪٽر سورلي سنڌي شاعري ۾ ايڏي دلچسپي ورتي آهي. لطيف سنڌي جهڙي ظاهراً عام رواجي شيءِ کي سمبل بڻائي ڪائناتي ۽ وحداني مسئلا حل ڪندو نظر اچي ٿو. انساني رشتي جو قدر لطيف کان وڌ ڀيو ڪنهن وٽ آهي. اهڙي فڪر جي ترجماني ڪندي چوي ٿو:

"سنهي سُٽي سبيو، مون مارو ء سين من،
هٿي ڪڻ حلم جا، تهہ وڌائين تن،
ڪيئن تُوپايان ڪن، اباڻي اِبر ري.
(سر مارئي: ٧ ـ ١٣)

اباڻي ابر سان ڪن تُوپائن واري سنڌي روايت جي پٺيان انسانيت جا مسئلا حل ڪيا اٿس، جنهن ۾ نماڻائي بہ آهي تہ رشتيداري بہ آهي. پيار ۽ محبت جا مسئلا بہ حل ڪيل آهن تہ من جي ڪهاڻي بہ بيان ڪيل آهي.

لطيف سائين ڪا بہ ڳالهہ سلسلي وار ڪونہ ڪئي آهي. سندس ڪلام ۾ ڪا بہ آکاڻي مسلسل بيان ٿيل ڪونہ ملندي. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حالتن مطابق ماحول جو جائزو ورتو آهي جنهن ۾ فلسفي ۽ تصوف جا نڪتا نروار ٿيل آهن. هيٺ انساني عزم ۽ حوصلي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

سهسين سائر پوڙيون، منڌ پوڙيو مهراڻ،
وهه وحيايو پاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.
(سُر سهڻي: ٦ ـ ١٨)

مٿين بيت ۾ "سهڻي" هڪ ناتوان ۽ اڪيلي عورت نہ آهي بلڪ عزم، حوصلي، همت ۽ عشق جي علامت آهي. اهڙي ريت انسان جي حوالي سان لطيف سائين ڪائنات جي ڪثرت کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي ۽ اهو ئي هر سچي شاعر جي ڪائناتي سوچ هجڻ جو ثبوت آهي.

# حوالا


١ـ جوڻيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر): "ڪينجهر" ـ تحقيقي جرنل سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ١٩٧٧ع ص ـ١٠١

٢ـ ٻوهيو الهداد: "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج"، سنڌالاجي، ڄامشورو ص ـ ٩٦

٣ـ جميل جالبي (ڊاڪٽر): "ارسطو سي اليٽ تڪ"ـ نيشنل بوڪ فائونڊيشن، ڪراچي ١٩٧٥ع ص ـ ٢

٤ـ انصاري، اڪرم: "سمبلزم ان لطيفس پوئٽري"ـ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ـ سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ١٩٨٣ع ص ـ١٢




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٥ـ عباسي، تنوير ، " شاهہ لطيف جي شاعري" ـ (جلد ٻيو) نيو فيلڊ پبليڪيشن، حيدرآباد ١٩٨٥ع ص ـ ١٠٠

٦ـ ٻوهيو، الهداد (ڊاڪٽر)، "تنقيدون" ـ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٨٠ع ص ـ ٢٠٦

٧ـ انصاري، اڪرم، "سمبلزم ان لطيفس پوئٽري ـ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٨٣ع ص ـ ١٢

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ٽيون

# وحدت جي وائي

خوبصورت شيون، خوبصورت خيالات ۽ حسين ۽ جميل امنگ اهڙيون حقيقتون آهن جن مان الله تبارڪ و تعاليٰ جي هيڪڙائي يعني وحدت جو ظهور ٿئي ٿو. "جماليات ۾ بنيادي قدر حسن آهي. لفظ قدر گهڻو ڪري هڪ معاشي اصطلاح جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. پر حقيقت هي آهي تہ اهو لفظ معاشي مفهوم ڪانسواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي معنائن ۾ ڪم اچي ٿو. مثلاً اخلاقي، جمالياتي، مذهبي، تمدني، ذهني، جسماني ۽ تفريحي. بهرحال لفظ قدر ڪي اسين ڪهڙي بہ زمري ۾ استعمال ڪريون پر ان جو هڪ پهلو نهايت واضح آهي جنهن کي اسين "معيار" سان ادا ڪري سگهون ٿا. اسين ڪنهن بہ شيءِ کي اعليٰ قدر يا قابل قدر صرف ان وقت ئي چئي سگهون ٿا جڏهن اها هڪ خاص معيار مطابق هجي. ڪا بہ شيءِ ان معيار جي جيتري قدر مطابق هوندي، اوتري ئي زياده قابل قدر ٿيندي ۽ جيتري گهٽ مطابق هوندي، اوتري ئي گهٽ وقعت ٿيندس." (١)

هڪ سچو فنڪار شين جي قدر جو ماپيندڙ ۽ صحيح پارکو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوندو آهي. علامتي نظام ۾ فنڪار پنهنجي ارد گرد حسين شين ۾ اعليٰ وصف ڪردارن جو اپياس ڪري، معيار مطابق چونڊي ٿو ۽ هر واقعي جي قدر ۽ اهميت کي سامهون رکي علامتون استعمال ڪري ٿو.

هڪ فنڪار تي پيار جو رنگ ۽ حسن جو اثر جلد ٿئي ٿو ۽ اها اثرپذيري ۽ جذبو هن کي سنسار ۾ پيهي، هر ماڳ مڪان تي ڪم ڪرڻ لاءِ اُڪسائي ٿو. ان سان گڏ هڪ سچو فنڪار پنهنجو پاڻ کي مڪمل ڪرڻ ۽ ازلي سچ جي صلاحيت لاءِ انهن شين جو سهارو وٺي ٿو. اهي شيون قدرت طرفان ڪيس انعام ۾ مليل هونديون آهن ۽ سندس جمالياتي حس هر شيءِ ۾ ان ازلي سچ جي ڳولائو رهي ٿي.

لطيف سائين ويهين صدي جي ڊپلوميٽ ۽ مفادپرست شاعر جيان پنهنجا خيال پيش ڪونہ ڪيا آهن، بلڪہ هڪ سچي شاعر ۽ لازوال سچ پيش ڪندڙ فنڪار جي حيثيت ۾ پنهنجو پيغام ڏنو آهي. هو نہ ڪنهن جي طرفداري ڪري ٿو ۽ نہ ڪنهن مسئلي کي چٽائي سان پيش ڪيو اٿائين. بلڪہ هن پنهنجا جذبا ۽ خيال، پيار ۽ پاڀوهہ سان اٿسڌيءَ طرح پيش ڪيا آهن. ان ڪري ئي هن جي شاعري جا سڀ ڪردار علامتي صورت حاصل ڪري چڪا آهن.

لطيف جنهن دور ۾ پيدا ٿيو، ان دور جي سچ ۽ حقيقت کي پسڻ لاءِ تاريخ جو مطالعو نهايت اهم حيثيت رکي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن وقت ۾ سنڌ مٿان ڌارين جو راڄ هو، سنڌي سماج نهايت بي سرو ساماني جي حالت ۾ پنهنجي ڏيهہ ۾ پريشان ۽ غلطان هو. سنڌ جي سماجي توڙي معاشي حالت نهايت ابتر هئي. اهڙي سماج ۾ وڏيڪ هاڃو اهو ٿيو جو ڌاريا، سنڌي سماج ۾ نفرت ۽ ٻيائي ڦهلائڻ لاءِ هر قبيلي کي ٻئي قبيلي سان ويڙهائڻ جا حربا هلائي رهيا هئا. جيئن منجهن نفرت وڌي ۽ نتيجي ۾ سماجي ۽ معاشي سکهہ وڃائي ويهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف اهڙي ڏکئي وقت ۾ خصوصاً سنڌي سماج ۽ عموماً ڪائنات جي مڙني انسانن لاءِ رهبر تي نروار ٿيو. اهڙي ويل هن سڄي قوم ۾ ٻڌي، ايڪي ۽ اتحاد لاءِ زور ڏنو ۽ سندس سڄي شاعري انسانن جي ڪلي اتحاد واري فلسفي تي ٻڌل آهي.

لطيف سائين خدا جي هيڪڙائي ۽ وحدت جي وائي بيان ڪندي، ڪائنات جي مڙني انسانن لاءِ سک، سونهن ۽ امن جي فروغ جي ڳالهہ ڪئي آهي. اتحاد، ايڪي ۽ امن جو اصول انهيءَ حقيقت ۾ پوشيده آهي تہ فرد جي سماج ۾ عزت هجي. سماج ۾ فرد جي عزت ۽ حرمت معاشري جي ترقي ۽ ڀلائي جو سبب بڻجي ٿي. انهن سڀني ڳالهين جو واسطو انساني نفسيات سان آهي. سماجي طور تي، نفسياتي ڇڪتاڻ جو ڀڪ هڪ فنڪار بہ اثروئي ٿئي ٿو جيترو عوامي فرد. پر فنڪار جيئن تہ سماج جي حساس طبقي سان واسطو رکي ٿو، ان ڪري ماحول ۾ ٿيندڙ هر تبديلي جو اثر عوام ڪان وڌيڪ حساس فنڪار تي ٿئي ٿو. لطيف هڪ صوفي شاعر هو. هن ماحول جي تبديلي جو سڌو سنئون اثر پاڻ تي پئي محسوس ڪيو. پروفيسر اڪرم انصاري، ويهين صدي جي هڪ يهودي سائنسدان جو تصوف جي سلسلي ۾ حوالو ڏيندي لکي ٿو" تہ تمام گهڻو خوبصورت، تمام گهڻو جذبو ۽ امنگ اسين تصوف ۾ پسي سگهون ٿا."(٢)

اسان کي حق، سچ، سونهن ۽ دانائي ۽ انهن شان واسطو رکندڙ سڀني پاسن کي ڏسڻو آهي ۽ ان جا سچا انگ اکر ڳولڻا آهن. مذهب لاءِ عقل سليم جو هجڻ بہ ضروري امر آهي. انهن سڀني حقيقتن جو اظهار اسان کي تصوف ۾ ملي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو انسان اڄ تائين خوبصورتي ۽ دائمي سچ کان منهن نہ موڙيو آهي. لطيف سائين بہ اهڙو اظهار اڄ کان تقريباً اڍائي صديون اڳ ڪري چڪو آهي. انهيءَ لحاظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهو تصوف ئي آهي جيڪو اسانکي سماجي، تهذيبي ۽ معاشي اتحاد عطا ڪري ٿو.

لطيف تصوف جو جيڪو واضع نڪتو بيان ڪيو آهي، اهو آهي، خالق ۽ مخلوق جُز ۽ ڪُل جي واسطيداري جو ۽ انهيءَ راز کي سمجهڻ لاءِ تصوف جي واٽ اختيار ڪرڻي آهي. لطيف چوي ٿو:

هو ڳڻ ڪينهين هُن ريءَ، هي نہ هنان ڌار،
"الانسان سِري و آنَا سِرهُ" پروڙج پچار،
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي.
(سُر آسا: ١ـ ٧)

صوفين پنهنجي اصطلاح موجب هن ڪائنات کي عالم اڪبر سڏيو آهي. انسان هن ڪائنات جو هڪ جُز آهي. ان کي تصوف جي اصطلاح موجب عالم اصغر چون ٿا. ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ وهي واپري پيو، ان جو عنصر انسان ۾ بہ موجود آهي. ان صورت ۾ انسان گهٽين خوبين ۽ الاهي اسرار جو مجموعو بڻجي پيو آهي. لطيف سائين اهڙي اسرار جي اپٽار هيئن ٿو ڪري:

نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها،
جن سڃاتو سپرين، سي وڃڻ ڪي ويا.
(سُر آسا: ١ ـ ٨)

صوفي انهي ڪري ئي چوندا آهن تہ انسان اڳ ۾ پنهنجي وجود ان کي تي ويچاري جو تہ جنهن پاڻ کي سمجهيو تنهن جڻ تہ ڪائنات (عالم اڪبر)جو راز حاصل ڪيو. حديث شريف آهي تہ "من عرف نفسہ فقد عرف ربہ" (جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو.)

لطيف سائين دائمي سچ جو اظهار ڪيو آهي. پر ان کي هر ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهو سمجهي نہ ٿو سگهي. ان کي سمجهڻ لاءِ عقل سليم جو هجڻ ضروري آهي. "عبد" ۽ "سپرين" اهڙيون علامتون آهن جن جو ابتدا ۽ انتها سان گهاٽو واسطو آهي. "عبد" جيسين عبد جا اوصاف نٿو ڌاري، تيسين "سپرين" جي سڃاڻ حاصل نہ ٿو ڪري سگهي. جو تہ جنهن ابتدا کي ناهي سمجهيو، سو انتها تي ڪيئن رسندو. ساڳي مفهوم کي وڌيڪ وضاحت سان پيش ڪندي چوي ٿو:

پـنهون تيس پاڻهين، ويٺي سسئي جي سونـهہ،
"خلق آدم اعليٰ صورتہٖ" اي وطن منجھ ورونـهہ،
چري مـنجهان چونهہ، ڪٿـي هـوت هنج ڪيو.
(سُر سسئي آبري: ۵ ـ ۷)

هي بيت بہ تصوراتي معنيٰ وارو آهي. هن ۾ انسان جي صلاحيت، پاڪائي ۽ روحانيت جا درجا طئي ڪيل آهن. هن بيت مان اهو خيال بہ حاصل ٿئي ٿو تہ خالق ۽ سندس مخلوق جو پاڻ ۾ گهاٽو تعلق آهي. انهيءَ تعلق جي نسبت سان انسان جي مان ۽ مرتبي جو معيار مقرر ڪري سگهجي ٿو. فرد جي عزت، سماج جي سگهہ جو سبب آهي. خالق ۽ مخلوق جي انهيءَ تعلق ۾ وحدت جي تصور کي سمجهڻ لاءِ تصوف جي اهميت اٽل آهي. پروفيسر اڪرم انصاري لکي ٿو: "هر شيءِ ٻي شيءِ سان ڳنڍيل آهي. خدا ۽ انسان، مادو ۽ من، زمان ۽ مڪان، نگهباني ۽ آزادي، فطرت ۽ تصوف. مطلب تہ اتي ڪا ٻيائي ڪانهي. (۳) انسان کي جڏهن اهڙو قرب ۽ وصال نصيب ٿئي ٿو تڏهن هن جي نيستي ، هستي ۾ ظاهر ٿئي ٿي. عبد مان اعليٰ بڻجي پوي ٿو. لطيف سائين چوي ٿو:

نـابـودي نـيـئي، عـبد کي اعـلـيٰ ڪـيـو،
مـورت ۾ مـحـفـي ٿـيـا، صـورت پڻ سيئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجي ات ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي.
(سُر آسا: ١ـ ١٢)

سُر سورٺ جي هن بيت ۾ بہ ساڳئي وائي ٻولي اٿس:

نـرتـي تـنـد نـياز سين، ٻُرائي ٻيـجـل،
راحـبـا رتـولـن ۾، اونـائـي امـل،
راز ڪـيـائين راءِ سين، ڪنهن موچاري مهل،
انـا احمد بـلا ميم چئي، سـين هئين سـائـل
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل، تہ هر دوئي هيڪ ٿيا.
(سُر سورٺ: ـ٢ـ ٥)

مٿين ٻنهي بيتن مان ظاهري طور تي "عبد" ۽ ٻيجل جي وقتي ۽ فاني ڪردارن جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ نظر اچي ٿي، پر انهن بيتن جي اندر جيڪو مفهوم لڪل آهي، اهو آفاقي حقيقتن جي حاصلات جو ذريعو آهي. لطيف جنهن راز ۽ نياز جي ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي. انهن جي پروڙ هر ڪو حاصل ڪري نٿو سگهي. اها نياز واري تند ۽ راجا جو ريجهائڻ هڪ اهڙو راز آهي جنهن مان هڪ خاص تصور ابري ٿو ۽ جيڪو احد ۽ احمد، خدا ۽ انسان جي وچ ۾ ويڇا ختم ڪري ڇڏي ٿو.

تصوف جي شروعاتي دور ۾، ماڻهو خداوند ڪريم جي عبادت هن عقيدي سان ڪندا هئا تہ جڻ اُهي هن کي ڏسي رهيا آهن يا هو انهن کي ڏسي رهيو آهي. انهيءَ دور ۾ نہ ڪشف هو ۽ نہ ڪرامتون. ٻئي دور ۾ صوفي وڏيون وڏيون عبادتون ۽ رياضتون ڪندا هئا. سماع وجهندا هئا، سنياسي ٿيندا هئا، ٻن ٻن گهمي، نفس، شيطان ۽ دنيوي مڪر ۽ فريب جي پرک ڪندا هئا. اهو سڀ ڪجهہ تعلق باالله جي نيت سان ڪيو ويندو هو. هن دور جو باني ۽ مبلغ حضرت جنيد بغدادي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي.

خرقاني صوفين جو ٽيون دور شيخ ابو سعيد ۽ شيخ ابوالحسن وارو آهي، جنهن مطابق صوفي احوالَ ۽ اڪمال کان گذري "جذب" تائين پهتا. ان ڪري توجهہ جو رستو سندن سامهون کُليل پيو. ڪين اهو بہ معلوم ٿيو تہ هڪ ئي ذات آهي جنهن تي دنيا جون سڀ شيون مدار رکن ٿيون. ان ڪري انهي دور جا صوفي پنهنجو وجود وڃائي، هڪ ذات ۾ گم ٿيڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا. چوٿون دور ابن العربي جو آهي، جنهن ۾ صوفي ڪيفيتن ۽ احوالن کان گهٽو مٿي، تصوف جي حقيقت تي غور ۽ ويچار ڪرڻ لڳا. جهڙوڪ هي جهان ڪيئن وجود ۾ آيو؟ ڇو آيو؟ وغيره. وجود جي ڳُولا ڪندي اهو بہ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا تہ واجب الوجود کان پهريائين ڪهڙي شي • صادر ٿي. انهن چئن دورن ڪي صوفين شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي درجن ۾ تقسيم ڪيو آهي.

لطيف سائين انهن چئني منزلن جي مڪمل ڄاڻ رکندڙ صوفي ڏاهو هو. سندس ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو معرفت جي مقام تائين رسڻ لاءِ ڏاڪي بہ ڏاڪي هليو آهي. سُر سهڻي ۾ چوي ٿو:

ساري سڪ سبق، شريعت سندو سهڻي،
طريقتا تڪو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن ڪي.
(سُر سهڻي: ٣ - ١٠)

"سهڻي" ۽ "درياهہ" ٻئي فاني ۽ وقتي شيون آهن پر انهن ڪي ذريعو بڻائي لطيف سائين ازلي حقيقت کي ظاهر ڪيو آهي. سهڻي اهڙو ڪردار آهي جيڪو دنيوي ۽ مادي زندگي جي تقيڙن مان نڪري طريقت جي وهندڙ تار درياهہ ۾ گهڙڻ جي قابل ٿئي ٿو. طريقت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منزل ماڻڻ سان منجهس حقيقت شناسي پيدا ٿئي ٿي. اهڙي ريت حقيقت بيني کيس ميهار سان ملڻ جو مرڪ سمجهائي ٿي ۽ ميهار سان ملي هڪ ٿي وڃڻ ئي اصل ۾ معرفت جو مقام آهي.

هي دنيا به هڪ مها ساگر آهي جنهن ۾ سهسين سيسر ۽ واڳو پيا ترڳن. انهن تي فتح پائڻ ۽ پاڻ بچائڻ لاءِ دنيوي تعليم جو حاصل ڪرڻ لازمي امر آهي. درياه جي دهشت ۾ ڪن جي ڪڙڪن جو تاءُ چڱا ۽ ڀليرا تارو به نه سهي سگهندا آهن. ان ڪري انهيءَ گهيڙ ۾ گهڙڻ لاءِ همت، مردانگي ۽ عزم جي اشد ضرورت آهي. تڏهن ئي درياه مٿان دنگي ڪناري پيڙو ٿي سگهندي، نه ته ڪئي سهڻيون انهيءَ درياه جي لپيٽ ۾ غرق ٿي ويون. پر هي هڪ ئي سهڻي آهي جنهن درياه کي مات ڏيئي ڇڏي. لطيف سائين چوي ٿو:

"سهسين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيو مهراڻ،
(سُر سهڻي: ٦ ـ ١٨)

جو ته "سائر" ۾ گهڙڻ عام رواجي ماڻهو جو ڪم نه آهي. عام رواجي ماڻهو درياه جي هڪ نه ٻئي ڪن ۾ ڦاسي پاڻ ٻوڙي وڃهن ٿا. پر عزم ۽ ارادي جي مضبوطي، مقصد سان سچي لگن رکڻ وارو ماڻهو ئي، درياه جي سيني لانگهن، ڪنن، واڳن ۽ ٻين خوفناڪ جانورن تي پنهنجي ڄاڻ سان سوڀ حاصل ڪري سگهي ٿو.

"سائر"، هنڌ ۽ "مهراڻ" جو تعلق شين جي اصليت ۽ انسانيت جي عظمت ڏانهن اشارو آهي. شريعت پهرين منزل آهي جنهن تي هلي انسان طريقت جي ٽڪ ۾ وهي وڃڻ کان پاڻ بچائڻ جي قابل ٿئي ٿو. لطيف ٻڌائي ٿو:

وحده لاشريڪ لهٗ چئي چوندو آءٌ،
فرض، واجب، سنتون، تنيون ترڪ مَ پاءِ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تـوبہ سنـدي تـسبيح، پـڙهـڻ سـان پـڄاءِ،
نانـگا پنھنجي نفس کي، کا سنئين راھ سونھاءِ،
تـہ سنـدي دوزخ بـاھ، تـو اوڏيـائي نـہ اچي.
(سُر ڪلياڻ: ١ـ ۴)

مٿين بيت ۾ فرض، واجب، سنتون، تسبيح، نانگا، دوزخ سڀ علامتون آهن. هن بيت پڙهڻ سان هڪ خاص تصور پيدا ٿئي ٿو.

سڀ کان پهريائين جيڪا ڳالهہ ذهن ۾ اچي ٿي، اُها آهي هن ڪائنات جي پيدا ڪندڙ جي هيڪڙائي جيان، انسانن ۾ تفرقو يا ويڇو پيدا نـاهي ڪرڻو ۽ ان جي احڪامن تي ڪاربند رهڻو آهي. انهن احـڪـامـن ۾ انـسـانـي ضـرورتـون (فـرض) ۽ راحـتـون، (واجب) ۽ آسائشون ، (سنتون) بہ سامهون رکيون آهن. پاڻ کي راحتن ۽ آسائشن ۾ رکڻ وارن لاءِ حڪم آهي تہ اهي پنهنجي ضرورتن جو بہ خيال رکن ۽ ائين ڪرڻ وارا ڪڏهن بہ ڏکيو ڏينهن ڪونہ ڏسندا.

طريقت ۽ حقيقت جي حاصل ڪرڻ لاءِ اندروني توڙي بيروني مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو. انهن مشڪلاتن کي اورانگهي پار پوڻ سان ئي منزل ملي ٿي. لطيف چوي ٿو:

دهـشت دم درياھ ۾، جت جـايون جـانارن،
نـڪـو سنـدو سيـر جـو، مـپ نـہ مـلاحـن،
درنـدا دريـاھ ۾، واڪـا ڪـيـو ورن،
سـحـا پـيـڙا پـار ۾، هـلـيـا هـيڪ وجن،
پـرزو پـيـدا نـہ ٿـئـي، تختو منجهان تن،
ڪـو جـو قهر ڪـڻ ۾، ويـا ڪـين ورن،
اتـي آڻ تـارن، سـاهڙ سير لـنـگـهاءِ تـون.
(سُر سهڻي ٢ـ ١١)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن بيت ۾ پڻ درياهه، جانار، ملاح، ٻيڙا، اڻ تارا، ساموڙ ۽ سير علامتون آهن جيڪي عام شين جا نالا آهن، پر اهي تصور آهن خاص شين جا. طالب کي قدم قدم تي هوشيار رهڻ جو درس آهي. هت ڪروڙين ڪوڙڪيون آهن جن کان پاڻ بچائڻو آهي. پر لطيف انهيءَ واٽ ۾ ڪنهن جي مدد وٺڻ جو مشورو ڏي ٿو، جيڪو اشارو آهي الله تعاليٰ جي ذات ڏانهن.

سالڪ جڏهن سڀ مشڪلاتون ۽ امتحان پاس ڪري ٿو تڏهن کيس معلوم ٿئي ٿو تہ معرفت جو مقام سندس اندر ۾ ئي موجود آهي. لطيف سائين چوي ٿو:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.
(سُر سسئي آبري: ۳ ـ ۷)

هن بيت ۾ ڪيچي، پنهون ۽ سسئي سڀ علامتون آهن. هن ۾ هڪ مٿانهين حقيقت جو ڏس موجود آهي، جنهن مطابق سڄي ڪائنات هيڪڙائي (وحدت) ۾ سمائجي ٿي وڃي. هن بيت ۾ لطيف سائين اهو تاثر بہ ڏنو آهي تہ پنهون پاڻ کان پري ڪونهي يعني داخلي توڙي خارجي طور تي سالڪ معرفت جي مقام تي رسائي حاصل ڪري ٿو. هر هنڌ، هر جاءِ ان جي وجود کان واندي نہ آهي. لطيف چوي ٿو:

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٿس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.
(سُر ڪلياڻ: ۱ ـ ۳۲)

لطيف سائين هن سنسار جي لا محدود شين کي هڪ ئي وحدت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ سمائيندي ڏيکاريو آهي. شاه انسان ۽ ڪائنات کي ٻہ جدا جدا شيون نٿو سمجهي. انهن ٻنهي کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ لاڳاپيل سمجهي ٿو. انهيءَ ڪري ئي محترم تنوير عباسي علامتي شاعري کي هن ڪائنات جي وحدت جي تصور جو ذريعو سمجهي ٿو.

# حوالا


١ـ رفيق سعيدي، احمد: "حقيقت حسن"ـ قلات پبلشر، جناح روڊ، ڪوئٽيا ١٩٧٩ع ص ـ ٢٦

٢ـ انصاري، اڪرم: "ـ سمبلز ان لطيفس پوئٽري"ـ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٨٣ع ص ـ ١٧

٣ـ ................... ايضا ................... ص ـ ١٧

٤ـ عباسي، تنوير: "ـ لطيف جي شاعري"ـ شاه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي ١٩٧٦ع ص ـ ١٦١




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

يڊمن: صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786



Scanned with CamScanner

# باب چوٿون

## ڪلياڻ - خير ۽ سلامتي وارو سُر

ڪلياڻ لفظ جي معنيٰ آهي سک، خير ۽ شانتي، هن سُر ۾، لطيف سائين الله تعاليٰ ، محمد صلعم ۽ اصحاب سڳورن جي علامتي اپٽار سان گڏ ٻين شين کي ٻه تصوراتي معنيٰ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هي بيت پڙهندا:

وحدهٗ لاشريڪ لہٗ، جان تو چئين ائين،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتون منجهان نينهن،
تان تون وڃيو ڪيئن، نائين سر ٻين کي.
(۱-۵)

لطيف هن پوري ڪائنات کي وحدت جي تصور ۾ ڏسي ٿو. ان ڪري حق جي هدايت جي واٽ ٻڌائيندي ان جي خاص بندي جي پيروي ۽ ڏسيل رستي تي هلڻ کي ترجيح ڏي ٿو ۽ ٻين سيني راهن جي نفي ڪري ٿو. اها سچائي واري واٽ ئي آهي جنهن تي هلندي طالب هر شيء جي قرباني ڏيندا رهن ٿا. انهيءَ قرباني جي تصور کي لطيف سائين لفظ "سوري" جي سمبل ۾ استعمال ڪيو آهي. هت "سوري" علامت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي سچ، سونهن، امن ۽ انسانيت کي حاصل ڪرڻ جي. لطيف سائين سُر ڪلياڻ جي هيٺين بيتن ۾ "سوري" جي علامت ڏني آهي:

اڳهي اڳهائي رنج، پريان کي رسيو،
چڪيم چڱائي، سورانگهي سوريءَ تان.
(۲-۱)

انڌا اونڌا ويچ، ڪل ڪچاڙيا ڪانئين،
اسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارين پيچ،
سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.
(۲-۲)

سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو، نالو نيهه ڳنهن جي.
(۲-۳)

سوري سڏ ڪري، اَيي عاشقن کي،
جي اٿي سڏ سڪڻ ۾ ته ڪو مَ پير پري،
سِيسي ڏار ڌري، پيچ پوءِ پريٺون.
(۲-۴)

سوري آ سينگار، اڳهين عاشقن جو،
مڙڻ، موٽڻ ميهڻو، تيا نظاري نروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.
(۲-۵)

سوري سينگاري، اصل عاشقن کي،
لڏيا ڪين لطيف چئي، تيا نيزي نظاري،
ڪونئيو ڪناري، آٽيو چاڙهي ان کي.
(۲-۶)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوري مٿي سيڻ، ڪهڙي ليکي سنــرا؟
جيليــہ لڳا نيڻ، تي سوريائي سيج ٿئي.
(۲-۷)

سوريءَ چڙهڻ، سچ پسڻ، اي ڪم عاشقن،
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.
(۲- ۸)

سوريءَ جي سئو وار، ڏيهاڙيو چنگ چڙهن،
جم ورچي ڇڏئين، سـڪڻ جي پچار،
پرت نہ پسين پار، نينهہ جڻائين نگيو.
(۲- ۹)

انهن ٽِنهي بيتن ۾ لطيف سائين لفظ "سوري" اهڙي علامت طور استعمال ڪيو آهي جنهن جي معنيٰ ٿيندي ڪنهن اعليٰ مقصد لاءِ موت. لفظ سوري جي نسبت سان جيتوڻيڪ ڪيترائي تاريخي واقعا ذهن تي ايري سگهن ٿا. پر لطيف سائين انهن مان ڪنهن بہ واقعي کي علامت طور استعمال ڪونہ ڪيو آهي. بلڪہ اها علامت انهن ٽِنهي علامتن کان مٿي ڪنهن اعليٰ ۽ ارفع چاڻ جو ذريعو آهي. اعليٰ ۽ لافاني سچ لاءِ هڪ تہ ڇا پر سوين سر سوري تي لٽڪي سگهن ٿا. سر جي سٽ موت کان عاشقن جو روح نہ ٿي ڀلي جو تہ اهو سچن سالڪن جو شان نہ آهي. لطيف چوي ٿو:

اصل عاشقن جو، سر نہ سانڍڻ ڪم،
سو سـنئان اڳرو، سندو دوسان دم،
هي هڏو ۽ چم، پک پريان جي نہ پڙي.
(۲- ۳۰)

مٿين بيتن ۾ پيون بہ علامتون آهن جيڪي سوري واري علامت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچي عاشق کي مقصد تي رسڻ لاءِ انڌي اونڌي ويچ بجاءِ کنهن سچي رهبر ڏانهن رجوع ٿيڻو آهي. اهو ڪامل انسان کيس اهڙي صلاح ڏيندو جو کيس سچائي جي سڌ پئجي ويندي.

سچ جي نالي ۾ وڏي ۾ وڏي سخا ۽ قرباني ماڻهو جو سِرُ آهي. جنهن سچ جي واٽ ۾ سر جو نذرانو پيش ڪيو. اهو تاريخ ۾ امر ٿي ويو. تاريخ ۾ اهڙيون مهان شخصيتون ڪيتريون ئي ٿي گذريون آهن جن سچ جي راه ۾ سر جي قرباني ڏيڻ ۾ سرهائي محسوس ڪئي آهي. سقراط، عيسيٰ عليہ، حسين رضہ، ۽ منصور رحہ جا نالا انهيءَ صف ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا.

انسانن کي اونداهي غارن مان ڪڍي سنسار جي اڪيچار نعمتن سان مستفيض ڪرڻ لاءِ جيڪي مهان عاشق اچن ٿا تن جو ذڪر لطيف سائين هيٺين بيت ۾ ڪيو آهي:

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پرينءَ،
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واڄٽ جيئن وڄاءِ،
سيخن ماه پچاءِ، جي نالو ڳيڙءِ نينهن جو.
(۲-۱۰)

هن بيت ۾ "ڪاتي" هڪ اهڙي علامت آهي جيڪا سچ تائين رسائڻ جو ذريعو ثابت ٿئي ٿي. "واڄٽ" دل ۾ يادگيري جو عنصر پيدا ڪري ٿو. ڪاتي جي ڪرٽ ۽ پرين جي ڏک جو آهنگ (واڄٽ) ۽ ماه کي سيخن ۾ پچائڻ مان ئي مقصود ملي ٿو. زندگي جو هر ڪو مقصد قرباني طلبي ٿو. ان لاءِ هر مقصدي ماڻهو مقصد جي حاصلات لاءِ لطيف سائين جي ٻڌايل اصولن کي ذهن ۾ رکي، انهي وادي ۾ پير پائي ٿو.

محترم تنوير عباسي، ٿامس ڪارلائل جو حوالو ڏيندي لکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو: "علامت چٽائي ۽ سڌائي سان ڪنهن لا محدود حقيقت جو عرفان آهي. ان ذريعي لامحدود، محدود سان رلي ملي وڃي ٿو." (١)
لطيف جو سارو رسالو ڪنهن لا محدود حقيقت جو عرفان آهي. اهو حق تعاليٰ ئي آهي (انجو غير ڪين آهي). "هجڻ"، "وجود" ۽ "هست" فقط حق تعاليٰ لاءِ ئي آهي. ٻيا سڀ "هست نما نيست" آهن. ٻي هر ڪا شيءِ فاني آهي. هر شيءِ ان هڪ سان ملي وڃي ٿي. انهيءَ هڪ (وحدت) جو عرفان بخشڻ ۽ انهيءَ وجود جي لا محدود حقيقت کي سمجهائڻ لاءِ، ڪنهن صاحب معرفت ۽ ڏاهي جي ضرورت پوي ٿي. نہ تہ "نيم حڪيم وبال جان" بڻجي منزل کان ڏور ڪري ڇڏيندو. لطيف سائين اهڙي فرد کي اندو اونڌو ويج سڏيو آهي ۽ انهن عطائي ۽ گهٽ سمجهہ رکندڙ ماڻهن جي صحبت ۽ صلاح کان پري رهڻ جي تلقين ڪئي آهي. سُر ڪلياڻ جي فلاسافي انهن ئي نڪتن تي مشتمل آهي.
لفظ "ويج" جي سلسلي ۾ چند بيت پڙهندا. هي علامتي لفظ آهي ۽ جدا جدا بيتن ۾ حالتن پٽاندڙ جدا جدا معنائن جو حامل ٿي پوي ٿو. مثال طور:

١- اٿياري اٿي ويا، منجهان مون آزار،
حبيب ئي هٿي ويا، پيڙا جي پچار،
طبيبن تنوار، هڏ نہ وڻي هاڻ مون.
(٣- ١)

٢- هڏ نہ وڻي هاڻ مون، ويڄن جي وصال،
هن منهنجي حال، حبيب ئي هادي ٿيو.
(٣-٢)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٣ـ اور ڏکندو، او ٿئي، هادي جنهن حبيب،
تِر تفاوت نہ ڪري، تنهن کي ڪو طبيب،
رهنما رقيب، ساٿر صحت سپرين.
(٣ـ ۴)

مٿين بيت ۾ لفظ "ويڄ" ۽ "طبيب" علامت طور ڪم آيو آهي. جيڪو سورن کان بچڻ جون سُتيون ڏي ٿو. ڪٿي اهو لفظ علامت ٿي پوي ٿو محبوب جي ۽ ڪٿي وري ٻي مفهوم لاءِ استعمال ٿئي ٿو. اهو "طبيب" يا "ويڄ"، درد جي دوا ڪندڙ حاذق حڪيم آهي، تہ ڪٿي وري ڪيس من جي پيڙا جي سڌ ئي ڪانہ ٿي پوي.

مٿين بيتن ۾ "ويڄ" کان منهن موڙيو ويو آهي. "ويڄ" کي اڻ وڻندڙ هستي ڪري ڏيکاريو ويو آهي. اهڙن ويڄن کي سڄڻ ماڻهن جي پيڙا جي پروڙ ئي ڪانهي. ان ڪري لطيف اهڙي ويڄ کان دوا گِهڻ جي ممانعت ڪري ٿو، پر اصل حبيب يعني هدايت ڪندڙ ڏانهن اشارو ڪري، ان در کان شفا جو ڏس ڏي ٿو. ان لحاظ سان هنن بيتن ۾ "ويڄ" يا "طبيب" علامت ٿيندي اڻ پوري همدرد جي.

سُر ڪلياڻ ۾ لطيف سائين علامتي نظام مطابق ان جي درجي بندي تي بہ تجربا ڪيا آهن. ٻولي جي انهيءَ نظام متعلق ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي راءِ آهي تہ "ٻولي جو علامتي نظام هن جديد دور ۾ وڏيڪ سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو. عمراني علوم هجن يا طبعي علوم، هر علم جي ٻولي جدا ٿئي ٿي، توڙي جو ڪن حالتن ۾ ساڳيا لفظ جدا جدا علمن ۾ ڪم اچن ٿا. تہ بہ انهن جون حالتون جدا جدا ٿين ٿيون ۽ انهن جون علامتون بہ مختلف ٿين ٿيون. (٢)

"يونگ" علامت کي انفرادي نہ بلڪ اجتماعي احساس جو مظهر سمجهي ٿو. حادثاتي (Accidental) يا وقتي نہ ٿو ڄاڻي بلڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترقي پذير ۽ سماجي سمجهي ٿو. ان سان گڏ هو نشان، اشاري ۽ علامت ۾ فرق واضح ٻڌائي ٿو. اشاري کي هو نشان جي سڌريل صورت سمجهي ٿو پر ان کي علامت جي قريب تر سمجهي ٿو. اشاري جو ڪم صرف جنسي توانائي جي تبديلي آهي پر علامت انهن ٻنهي کان وڌيڪ سڌريل ۽ مڪمل وجود رکي ٿي. (٣)

مٿين راءِ مطابق لفظ ڪن حالتن ۾ نشان آهن ۽ ڪن حالتن ۾ "اشارا" ۽ انهن جي وڌيڪ ترقي يافته ۽ مڪمل صورت "علامت" آهي. حالتن مطابق لفظ پنهنجي ڌار ڌار معنيٰ ڏئي ٿو. جهڙي حالت تهڙي معنيٰ. اهڙي ريت لفظ جا ٽي طبقا ٿيو پون ٿا. هيٺ لطيف سائين جا ٽي بيت ڏجن ٿا. جيڪي بيان ڪيل حالتن مطابق آهن؛

١ـ ساتر صحت سيرين آهي نہ آزار،
مجلس وير مٺو ٿئي، ڪوئيندي قهار،
خنجر تنهن خوب هٿي، جنهن سين ٿئي يار،
صاحب رب ستار، سوجهي رڳون ساه جون.
(٣ـ ٥)

٢ـ پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي.
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چت ڪري.
(٣ ـ ١١)

٣ـ مٺايان مٺو گهڻو، ڪڙو ناه ڪلامر،
سڪوت ٿي سلامر، پريان سندي پار جو.
(٣ـ ١٠)

پهرين بيت ۾ "مجلس وير مٺو ٿئي" ۾، لفظ "مٺو" حالتن مطابق "نشان" جي معنيٰ ڏي ٿو. هت جيڪا هستي ڦٽن تي ٽاريندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملم لڳائي ٿي، ان جو نشان پٽو ڏيندي لطيف فرمائي ٿو تہ پرينءَ جي اها هستي بارعب ۽ غضناڪ آهي، پر سندس رهاڻ ۾ ڏاڍي مٺاس آهي. اها هستي جنهن کي پنهنجو ڪري ٿي تنهن کي پنهنجي منفرد ادا سان مٺا گهاءُ لڳائي ٿي ۽ سندس ماه جون رڳون نچوئي ٿي. هن بيت ۾ عام شيون بہ آهن تہ خاص بہ، "آزار" "مجلس"، "خنجر"، "يار" ۽ "رڳون" عام شين جا نالا آهن ۽ خاص شين ۾ "قهار"، "رب" ۽ "ستار" اچي وڃن ٿيون. مٿيري معنيٰ واري شاعري ۾ صرف شين جو اظهار ناهي هوندو پر اهي سڀ شيون ڪنهن اعليٰ حقيقت کي سمجهڻ جو ذريعو هونديون آهن.

ٻئي بيت ۾ لفظ "مٺائي" پنهنجي حالت مطابق "اشاري" (Signal) طور ڪم آيو آهي. "پريان سندي پار جي مڙئي مٺائي" ۾، لفظ "مٺائي"، ۽ "مجلس وير مٺو ٿئي" ۾، لفظ "مٺو"، ٻئي هڪ ٻئي ڪان ڌار ڪونهن ۽ ٻنهي جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو آهي. پر حالتن مطابق ٻنهي جي درجہ بندي ۾ فرق آهي.

هن بيت ۾ ڪنهن خاص مقصد، ڪنهن خاص ماڳ ۽ ڪنهن خاص جوءِ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، جتي لفظ "مٺائي" ان خاص منزل جي تقدس ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

ٽين بيت ۾ "مٺايان مٺو گهڻو" ۾، لفظ "مٺو" نشان ۽ اشاري کان مٿي ۽ مڪمل توڙي سڌريل صورت اختيار ڪري ٿو. اهڙي حالت ۾ لفظ "مٺو" علامت آهي. هن حالت ۾ اهو مٺاڻ واري اصل تصور کان هڪ تہ ڇڄي چڪو آهي ۽ پيو مٺو لفظ جي هر معنيٰ کان مٿي هڪ جدا معنيٰ ڏي ٿو، توڙي جو اشاري واري حالت ۾، "مٺائي" ۽ "مٺو" لفظ جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي. (٣)

مٿين ٽنهي بيتن ۾ لفظ "سپرين" ۽ "پرين" جو ذڪر لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مفهوم حاصل ڪري سگهي ٿو. سُر ڪلياڻ جي سلسلي ۾ اهڙي راءِ ڏيندي محترم تنوير عباسي لکي ٿو:

"سُر ڪلياڻ جي مٿي ڏنل بيتن جي تشريح، هر وقت ۽ هر هنڌ مختلف طريقن سان ڪري سگهجي ٿي. عاشق لاءِ سڌڙئي جو تصور ٻيو آهي ته سياسي ماڻهو لاءِ ٻيو. سائنسدان لاءِ ان جو تصور الڳ آهي ته مذهبي ماڻهو لاءِ الڳ. صوفي لاءِ هڪ آهي ته مادي پرست لاءِ ٻيو. اهي بيت آهن جيڪي انيڪ معنائن جا ڀرپور مثال آهن. (٦)

مطلب ته سُر ڪلياڻ هر مڪتب فڪرسان تعلق رکندڙ ماڻهو لاءِ هدايت جو باعث آهي.

## حوالا


١- عباسي، تنوير: "شاه لطيف جي شاعري"- شاه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي ١٩٨٦ع ص - ١٢٦

٢- ٻوهيو، الهداد: "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج"- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٨٨ع ص - ٢٨٩

٣- اعجاز حسين: "اردو افساني مين علامت نگاري"- پي ايچ ڊي ٿيسز - سنڌ يونيورسٽي ١٩٧٦ع ص - ٥٢ - ٥١

٤- ٻوهيو، الهداد: "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج"- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٧٨ع ص - ٢٩٠

٥- عباسي، تنوير: "شاه لطيف جي شاعري"- شاه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي ١٩٧٦ع ص -١٢٤

٦- ................... ايضا ................... ص ١٢٩




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پنجون

# سُر يمن ڪلياڻ

سُر يمن ڪلياڻ جي باري ۾ منظور نقوي ڪتاب "سنڌي راڳ ۽ تال" ۾ لکي ٿو ته يمن هڪ ملڪ جو نالو آهي ۽ هڪ غير هندستاني راڳ جو نالو به آهي. حضرت امير خسرو يمن جي سُرن کي ڪلياڻ جي سُرن ۾ ملائي راڳ يمن ڪلياڻ ايجاد ڪيو. (١)

يمن ڪلياڻ به ڪلياڻ جو قسم آهي. يمن جي معنيٰ آهي من کي روڪڻ ۽ نفس تي قابو پائڻ. هن سُر ۾ امن جي تصور تي بحث ڪيل آهي ته ڪهڙي ريت امن امان جي دنيا قائم ڪري سگهجي ٿي. هن سُر ۾ ڪائنات جي حقيقت متعلق به ڄاڻ ڏنل آهي.

هر ماڻهو جي دلي خواهش هوندي آهي ته دنيا ۾ امن امان، سڪون ۽ صلح هجي. هر هڪ جي دلي تمنا هوندي آهي ته ڏاڍ ۽ ڏمر واري نظام ۽ سماجي اڻ برابري وارين واٽن کان هٽي، ڪو اهڙو نظام اَچي، جيڪو صحتمند معاشري جي ترقي جو ضامن بڻجي. امن جي انهيءَ تصور سان انساني نجات جي تڪميل ٿئي ٿي. انهيءَ جو ڪلچر، رياست، انسانيت ۽ آفاقيت سان گهاٽو واسطو آهي. لطيف سائين هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُر ۾ اھڙن سوالن جا جواب علامتي پيرائي ۾ بيان ڪيا آھن.

انسان ھن ڌرتي تي ھڪ ناتوان، بي وس ۽ لاچار جي حيثيت ۾ اچي ٿو. ٻاروتڻ جي ماحول مان نڪري جڏھن جواني جي چوڪٽ تي پير رکي ٿو، تڏھن شعور جي سوجھري سان سندس ذھن آسودو ٿئي ٿو. اھڙي وقت ۾ ڪيس ھر قسم جا موقعا ملن ٿا. دنيا ھن کي عمل جو ميدان نظر اچيتو. دنيا جي ھر شيءِ ھن جي اڳيان ڊوڙندي رھي ٿي ۽ پنھنجي حاصلات لاءِ کيس چئلينج ڏيندي رھي ٿي. انسان کي انھيءَ چئلينج سان مقابلو ڪرڻ ۽ شين جي حاصلات واري عمل جي ترغيب ۽ سچي فيصلي جي قوت بخشڻ ۽ ڏاھپ واري سکيا لاءِ ڪنھن آفاقي ھستي جي رھبري جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ھن سُر ۾ لطيف سائين علامتن جي وسيلي جذب ۽ شوق جي اھڙن مرحلن جو ذڪر ڇيڙيو آھي. انساني زندگي جو نالو آھي جدوجھد ڪرڻ، ۽ اٽڻ ۽ رڪاوٽن کي اورانگھي پار پوڻ. سُر يمن ڪلياڻ اھڙين ئي علامتن جو ڀنڊار آھي.

انسان ھن جھان ۾ اڪيلو پيدا ٿئي ٿو. ڄمڻ کان مرڻ تائين کيس سکڻو آھي، جو تہ ھو پيدا ٿي سکڻ ۽ پرائڻ لاءِ ئيو آھي. اھو ھُن جو بنيادي حق آھي جنھن کان ڪيس ڪير بہ محروم رکي نہ ٿو سگھي. انسان جي انھي فطري طلب جي ڪري ھن کي ھر قدم تي رھنمائي، سکلائي ۽ ھمدردي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. کيس ڪائنات جي ھر شيءِ سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. آسمان ۽ ڪھڪشان جا رنگ، (ستارا، چنڊ، سج، ڌرتي) نديون، نالا جبل، جھنگ ۽ ان ۾ رھندڙ مخلوق، مطلب تہ ھر ھڪ شيءِ کيس پاڻ ڏانھن متوجھہ ڪري ٿي. ھر ڪا شيءِ ھن جي آڏو ھڪ سگھہ ۽ قوت جو تصور آھي. ھن کي انھن سڀني سگھن سان اڪيلو مقابلو ڪرڻو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ لطيف سائين انهن قوتن سان اڪيلي سر مقابلي ڪرڻ بجاءِ اجتماعي تصور ڏنو آهي.

پتنگن پهه ڪيو، مڙيا متي مچ،
پسي لهس نه لڇيا، سڙيا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڄايا.
(۲-۱٦)

آئي اتر واءُ، موڪيءَ مٽ اپٽيا،
متارا تنهن ساءُ، اڃن سرسنباهيو.
(۴ - ۱۰)

لطيف سائين هر قدم تي صلاح ۽ مدد جي اهميت کي ڪونه وساريو آهي. هو چوي ٿو:

تون حبيب تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾ آزار جا انوا،
صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي.
(۱-۱)

متين بيت ۾ "حبيب"، "طبيب"، "درد"، "دوا" "مرض" ۽ "شفا" جهڙيون علامتون نهايت ئي وسيع معنيٰ ۾ ڪتب آهن. هن بيت ۾ اهڙو اظهار آهي جنهن مطابق بيمار، معالج ۽ دوا جو خاص رشتو ڏيکاري هڪ همه گير مقصد ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. اهو اظهار مختلف معنائن ۾ حاصل ٿي سگهي ٿو. هڪ عاشق کي اندر ۾ انساني نفس جي وسوسن جو اونو آهي. هو پنهنجي آزار جي علاج ۽ شفا جو طلبگار آهي. ان لاءِ ڊاڪٽر ۽ معالج ۽ ساٿي جو تصور خدا تعاليٰ جي ذات آهي. هڪ سياستدان ۽ قومي درد رکندڙ انسان آڏو پنهنجي رياست ۽ ترقياتي ڪمن جي ڪوٽ، امن و امان جي ناقص صورتحال،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رياست جي ڪار پردازن جي بي ڍنگي روش، رشوت، ذخيره اندوزي ۽ بليڪ مارڪيٽنگ جهڙا سوال سامهون آهن. انهن رياستي دردن کي دور ڪرڻ لاءِ قومي شعور رکندڙ، اصلاح پسند ۽ سماجي توڙي سياسي انصاف جو طالبو انسان جي ضرورت آهي، جيڪو رياست کي امن ۽ سک جو گهوارو بڻائي سگهي. مطلب تہ صحت مند سماج تڏهن پيدا ٿيندو جڏهن اتان جو فرد صحت مند ۽ ذهني طور تي آزاد ۽ خوشحال، معالج ايماندار ۽ محنتي ۽ استاد ڏاهو هوندو.

مٿين بيت ۾ لطيف سائين ڪنهن ظاهري بيماري جو ذڪر ڪين ڪيو آهي، جو تہ علامت شيءِ جي مٿانهين اظهار جو ذريعو آهي. ان ڪري لطيف سائين هن بيت ۾ انسان جي اندروني خلفشار ڏانهن اشارو ڪيو آهي ۽ انسان جي گناهن، ڪپٽ، ڪوڙ، حسد، لالچ ۽ لوڀ جهڙن مرضن جي نشاندهي ڪئي آهي. هن جو علاج "توڪل" بہ وٺي سگهجي ٿو، جو تہ مذهبي نڪتہ نگاه کان، خدا کانسواءِ هن ڪائنات ۾ بي ڪا بہ طاقت نہ آهي جو انساني قلب کي مذڪوره گناهن ۽ پاپن کان پالهو ڪري سگهي. ان ڪري هر وقت ڪائنس رحمت جي طلب ڪئي وڃي آهي ۽ ان جو بنياد "توڪل" آهي.

طالب کي هميشہ اهو بہ اونو رهي ٿو تہ متان سک ۽ سلامتي جي تمنا ۾ ڳولا ۾ ڪنهن جاهل مصلح جي ور نہ چڙهي وڃان جيڪو واٽ بجاءِ ڪواٽ ڏانهن هلڻ تي مجبور ڪري. انهيءَ سلسلي ۾ لطيف سائين چوي ٿو:

تون حبيب تون طبيب، تون درد جو دارون.
دوا آهن دل ڪي، تنهجون تنوارون.
ڪريان تي ڪارون، جيڻ ڀڪي پينٺون نہ ٿئي.
(۲-۱)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچو درد رکندڙ انسان پنهنجي اندر جي اجرائي توڙي رياست جي چڱائي لاءِ هر ڪا قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهي ٿو. ڪيس سچائي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي صعوبتون سهڻيون پون ٿيون تہ هو خوشي سان سهڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. لطيف سائين چوي ٿو:

۱- هڻ حبيب هٿ ڪٿي، ٻنگان لهي ٻاڻ،
ماڳهين مون مِنهن ٿئي، جهولي وجهان پاڻ،
ان پر ساجن ساڻ، مانَ مقابلو مون ٿئي.
(۱-۸)

۲- ويچ مَ ٻکي ڏي، الا چڱي مَ ٿيان،
سجڻ مانَ اچي، ڪرلاهو تي ڪڏهن.
(۲-۱۴)

لطيف ويڄن جي وڃا ڪان بہ مٺي ڪنهن ٻي هستي جي مهرباني، عقل ۽ فهم جو طالبو آهي. فهم ۽ بصيرت واري سختي سٺووار سُئي سمجهي ٿو. چوي ٿو:

جت حبيب هڻن، ناڻڪ پري نيهن جي،
تتي طبيبن، وِڃا ويڄي وسري.
(۱-۹)

لطيف سائين قومي شعور رکندڙ، سماجي ۽ اقتصادي انصاف لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ڏاهو هو. سندس وقت جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڌارين جي ڏاڍاين، ملڪي ماڻهن سان جيڪي ويل وهايا هئا. تن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. اهڙي صورتحال جو ذڪر رسالي ۾ جا بجا ٿيل آهي. هن سُر ۾ لطيف اهڙن ئي عاشقن جي اندر جو احوال بہ اوريو آهي. تاريخ جي ورق گرداني ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ "مغليہ دور ۾ سنڌ جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون تمام خراب هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگھن سَڏ نہ سور جي، گھايل ڪٿين گھارين،
پيل پاسو پٽ تان، واڍوڙ نہ وارين،
پر ۾ پچن پرين لئہ، ھٿي ھنجون ھارين،
سجڻ جي سارين، تن رويو وھامي راتڙي.
(١٨-١)

ھن بيت ۾ سگھا امڙي علامت آھي ۽ امڙي ماڻھو ڏانھن اشارو آھي جيڪو ھر دور جي حالتن سان نھڪندڙ خيال رکندڙ آھي. امڙو ماڻھو ھر وقت خوش ۽ بي پرواھ رھي ٿو. ڪيس ڪنھن بہ سور يا درد سان واسطو ڪونھي. امڙن ماڻھن کي ڪھڙي ڪل تہ درد وندن ۽ سورن ۾ ورتل سانگين رات ڪيئن بسر ڪئي ھوندي؟ "سگھا" دولتمند بہ ٿي سگھن ٿا، انھن کي مسڪينن ۽ محتاجن جي حال جي ڪھڙي ڄاڻ ؟ اُھي تہ صرف ٽڪا ڪمائي ڄاڻن. مايا جي ڄايا سندن من ميرو ڪري ڇڏيو آھي. من ۾ ڪا اجرائي ۽ چڱائي ڪانھين. لطيف سائين امڙن نِڱن ۽ بھروپين کان ھوشيار ڪندي چوي ٿو:

آيل اُن نہ وسھان، ھنجون جي ھارين،
آٽيو آب اکين ۾، ڏيھہ کي ڏيکارين،
سجڻ جي سارين، سي نکي رون، نہ چون کي.
(٢١-١)

ھن بيت ۾ لفظ "آيل" علامت آھي ڏارئي جي. ڪي ھن مان جيجل معنيٰ وٺن ٿا تہ ڪي ٻي. لطيف چوي ٿو تہ ڏارين تي ويساھ ڪرڻ واري روش تجربي جي خلاف آھي، ڇو تہ ظاھريت پسند ماڻھو سچا ڪونہ ھوندا آھن. سچائي جو واسطو ڳجھہ ۽ راز سان آھي.

اھا ڏيھہ کي ڏيکارڻ واري روش لطيف کي پسند ڪونھي ۽ امڙن ماڻھن کي ھو مقصد کان پري سمجھي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١۔ ويڄن سين وائيءَ پيا، ڪري نہ ڪيائون،
جي پنڌ پاريائون، تہ سگهائي سگها ٿيا.
٢۔ ويڄن سين وائيءَ پيا، ڪِري نہ ڪَن پاڻ،
اگها اِن اهڃاڻ، پسو! سور سجهائيا.
(٢ - ٣)

لطيف سائين مٿين بيت ۾ ويڄن کي سچڻ جي علامت ۾ پيش ڪيو آهي ۽ انهن جي ٻڌايل اصولن تي هلڻ ۾ ڀلائي ٻڌائي ٿو. جيڪي ماڻهو اهڙن انسانن جي آدرشي اصولن تي عمل نہ ٿا ڪن سي وڏي ڏوجهري ۾ پون ٿا. لطيف سائين اهڙن ماڻهن جي نشاندهي ڪئي آهي.

ترس طبيبن جو، جڏن ڪيو نہ جات،
جو ويڄن جي وات، دارونئا تنهن دور ٿيا.
(٢-٥)

پر جيڪي ماڻهو، سچن ۽ آدرشي انسانن جي اصولن کي اپنائن ٿا، سي زندگي جي هر مسئلي ۾ سرخرو ٿين ٿا. لطيف چوي ٿو:

اگها ئي سگها ٿيا، جي ويٺا وٽ ويڄن،
ترسي طبيبن، چيٺي هوند چڱا ڪيا.
(٢ - ٦)

لطيف سائين آدرشي ماڻهن کان فائدو نہ وٺڻ جي صورتحال هيٺين بيتن ۾ بيان ڪئي آهي:

١ - پاڙي ويڄ هيام، تان مون مور نہ پڇيا،
تيلاهين پيام، موريسَرَ اکين ۾.
(٢-٧)
٢۔ ويهڻ ويڄن وٽ، جي سکين تہ سگهو ٿئين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳين عادت مت، تہ اگھا عاجز نہ ٿئين.
(۲-۱۵)

مٿين بيتن ۾ "ويچ"، "موريسر" ۽ "اگھا" امڙيون علامتون آهن جن جو هڪ ٻئي سان واسطو آهي. هت "ويچ" لفظ هڪ ڪامل ڏاهي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. لطيف سائين وقت جي ڏاهن ڪان مستفيض ٿيڻ لاءِ ڏس ڏي ٿو. هو چوي ٿو تہ امڙي عمل لاءِ هر وقت ڪوشان رهجي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ ويل وقت وري ڪونہ موٽندو ۽ مستقبل جي تاريخ انهي ڏس ۾ ڪڏهن بہ معاف ڪونہ ڪندي. انسان ڪي جڳائي تہ حالتن مان فائدو حاصل ڪري ۽ ڪامل انسانن جي صحبت ڏانهن مائل ٿئي.

هيٺين بيت ۾ لطيف "ڪويچ" لفظ ڪي اڻ مڪمل انسان جي علامت ۾ استعمال ڪيو آهي. سندس حڪمت ۽ ڏاهپ جي ڏانءَ جي نفي ڪئي آهي. هو چوي ٿو:

۱- تن طبيب نہ تون، سُڌ نہ لهين سور جي،
سانڍ پنهنجا ڏيڙا، ڪڏ ڪٽي ۾ پون،
ڪان ڳهرجي مون، حياتي هوتن ري.
(۲-۱)

۲- ڪئيس ڪويچن، تن طبيب نہ ڳڏيا،
ڏيئي ڏنب ڏڏن، پاٽا، ڏيل ڏڪوئيو.
(۲-۱۷)

مٿين بيت ۾ "ڪويچ" ۽ "ڏڏ" لفظ ٻئي هم معنيٰ علامتون آهن. هت اهڙن گهٽ سمجهہ رکندڙ ماڻهن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي مرض جي شناخت نٿا ڪري ڄاڻن. انهن جي سوچ مثبت نہ آهي بلڪہ آهي سماج لاءِ جيڪي اصول ٻڌائن ٿا، اهي تنزل ڏانهن گهلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سهائي سپرين جي، گهڙ ته ٽئين گهوٽ،
اڃان تون اروٽ، ڪوري خبر نه لهين.
(١٢-٣)

٥- پَري پتنگ آئيا، مڙئي متي مچ،
اوڏا ٿيا آڳ ڪي، سڙيا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا.
(٣ - ١٢)

٦- پَري پتنگ آئيا، سِري وٽ ساهي،
اچي پيا آڳ ۾، ڪَڏي سڀ ڪاهي،
لاڳاپا لاهي، ڪاٺا ڪوري وچ ۾.
(١٤-٣)

٧- پَري پتنگ آئيا، سِري سهائي هيٺ،
ٽيندا ڏيناري ڏيٺ، متو ڏيندا مچ ڪي.
(١٤-٣)

٨- پتنگن پهه ڪيو، مڙيا متي مچ،
پسو لهس نه لڇيا، سڙيا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃايا.
(١٦-٣)

٩- چڙهيو چڪاسن چاهه، آڳ ٻرندي آئيا،
وهسن واڙي ۽ قل جيئڻ، محبتي مچ لاءِ،
آئي پاڻ اڙاءِ، ڪٺي ڪوري وچير.
(١٧-٣)

"پتنگ"، "مچ"، "آگ"، "نيزا" "جيرو"، "سهائي"،
"سپرين"، "گهوٽ"، "اروٽ"، "گورو"، "تنور"، سجڻ" سڀ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علامتون آهن.

پتنگ مقصدي ماڻهن ڏانهن اشارو آهي، جنهن کي مقصد سان لڳن آهي. کيس منزل جي تانگهه آهي. انهيءَ واٽ ۾ قرباني ڏيڻي پوي ٿي. اها قرباني جسم ۽ جان جي آهي. ان ڪري ڪين جسم ۾ نينهن جا نيزا ڪتل آهن. جهڙي طرح پتنگ روشني ڏانهن ڇڪجي اچيٿو، تهڙي طرح مقصدي ماڻهو به حالتن کان بيپرواه اڳتي وڌندو رهي ٿو. لطيف سالڪ کي پڇي پختي ٿيڻ لاءِ اڳين مقصدي ماڻهن جي گهڙيل راه تي هلڻ جي صلاح ڏي ٿو. لطيف چوي ٿو ته مقصد جي واٽ ۾ جان، مال جي ڪا به پرواه ڪانه ڪئي ويندي آهي. ظلم کي وڌندو ڏسي خاموش ٿي نه ويهجي بلڪ اوڏي ويل جدوجهد جو آغاز ڪرڻ جڳائي. لطيف چوي ٿو:

سهين جيئن سانداڻ، ڏکن مٿي ڏکڙا،
وه وجـــائي پاڻ، ڏي ڏباڻون ڏگـرين.
(۳-۲۴)

مٿين بيت ۾ عشق ۽ محبت جون وارداتون، معشوق ۽ عاشق جي ڪشمڪش ۽ نينهن ۾ پالوٽ آهي. ڪٿي مچ مُراڪو آهي ته ڪٿي "آڳ" پرندڙ آهي. ڪٿي قاتل سنيريا بيٺا آهن ته ڪٿي ڳچين جا ڍير لڳل آهن. مطلب ته سيني بيتن ۾ مقصد لاءِ (عشق لاءِ) سر ڏنل آهي. ڪٿي به سر جو سانگو ڪونهي. "آڳ" (حالتن) ڪيترن کي جلائي رک ڪري ڇڏيو آهي. "سانداڻ" کي متر ڪن جا زوردار ڌڪ ۽ مهميزون ملن ٿيون. لطيف مقصدي ماڻهو کي چوي ٿو ته تون پاڻ ۾ اهڙو عزم پيدا ڪر، جو اهي باه جا آلا ۽ مترڪا تنهنجي عزم اڳيان پاڻ جهڪيو پون. اها سر جي سٽ انسان کي عام سطح کان ڪٿي فوق البشر جي منزل تي پهچائي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن بيتن ۾ جنهن وسيع ۽ ڪائناتي تصور کي پيش ڪيو ويو آهي، اهو هر دور سان ٺهڪندڙ ۽ هر هنڌ لاڳو قاعدو آهي. انهن تصورن جي اها حيثيت ڪائناتي ٿيو پوي ٿي. عشق وطن سان، ديس سان ۽ ڪنهن خاص مقصد سان ڪيو ويندو آهي. ان ڪري هنن بيتن جو مقصد مذهبي به آهي ته عشقيه به، قومي به آهي ته انفرادي به، سياسي به آهي ته سماجي به، مقامي به آهي ته بين الاقوامي به، وقتي به آهي ته آفاقي به.

مقصد (عشق) جي ميدان ۾ پير پائڻ لاءِ ڀتاڪ هڻڻ يا ٺلهي ڳالهه ڪرڻ سان ڪاميابي ڪونه ٿي ملي. پر عمل ذريعي منزل تائين رسائي حاصل ٿئي ٿي.

ڏوڏا تون نه ڏٿين، آڳ اوڏو نه وڃين،
ألا جي عشق جا، سي تان تون نه سهين،
اِيو ائين چئين، ته آءٌ آڳڙيو آهيان.
(٣-٢٢)

هن بيت ۾ "ڏوڏا"، "آڳ"، "ألا"، "عشق" ۽ "آڳڙيو" سڀ علامتي تصور آهن. هن بيت ۾ ٺلهي ڳالهه ڪرڻ وارن، بي عمل انسانن ڏانهن اشارو آهي. اهڙا ماڻهو مقصد کان دور رهي صرف سڏون ڪري جائن.

لطيف سائين جابجا نشان، اشارا ۽ علامتون استعمال ڪري عام شين مان آفاقي حقيقتون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو نظر اچي ٿو.

١- آئي اتر واءُ، موڪي مٽ اُپٽيا،
متارا تنهن ساءُ، اڇن سر سنباهيو.
(٤-١٠)

٢- وڄهه واٺوڙن تي، ميخاني جي ماڪ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف سائين چوي ٿو:

موکي چوکي نہ ٿبي، اصل اوڇي ذات،
وٽيون ڏيئي وات، متارا جنهن ماريا.
(۴-۱۴)

هن بيت ۾ "موکي" ظاهري حسن، جواني، طاقت، دولت جاه و حشمت جي علامت آهي. "اوڇي ذات" علامت آهي بي بقا، فاني هجڻ جي. "متارا" مقصدي ماڻهن جي گروه ڏانهن اشارو آهي. "وٽيون" مقصدن جو نشو، مقصد تائين پهچڻ جي جستجو جو تصور ڏين ٿيون.

لطيف چوي ٿو تہ ظاهري حسن تي وسهي ويهڻ نہ گهرجي جو تہ اها بي بقا شيءِ آهي. انهيءَ چار ۾ ڦاسندڙ منزل تي رسڻ کان اڳ ئي رستو ڀلجي ويا. مطلب تہ هي بيت هر جاءِ تي نهڪائي سگهجي ٿو.

لطيف سائين لفظ "موکي" کي جدا جدا حالتن مطابق جدا جدا تصور ۾ ڏسي ٿو.

۱- متارا مري ويا، موکي تون نہ مرين،
کيهي پر پرين، ڏکي! ڏاتارن ري؟
(۴-۱۴)

۲- متارا مري ويا، موکي تون پي مَر،
تنهنجو ڏوس ڏمر، کونہ سهندو اَن ري.
(۴-۱۵)

۳- سري کونہ کيونِ، ويڻ موکي جي ماريا،
کو جو سخن ڪلال جو، پٽي تي پيونِ،
تهان پوءِ ٿيونِ، مرڻ متارن کي.
(۴-۱۶)

۴- عاشقن آرام، ڪڏهن تان کونہ کيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طعني ڪيا تمام، حبيبائي هيڪڙي.
(۷-۴)

متين بيتن ۾ لطيف سائين سچن ۽ حقيقت تائين رسائي حاصل ڪندڙ پياڪن (عاشقن) جي موت ڏانهن اشارو ڪري انهن شخصيتن جي ناپيد هجڻ جو اظهار ڪيو آهي. عاشق ڪان سواءِ معشوق جو هجڻ بي سود ۽ بيڪار آهي. مخلوق ئي خالق جي سڃاڻ آهي. صورت ئي مصور جي اوچائي جو اهڃاڻ آهي. اهڙي ريت هر هنڌ هر جاءِ متين ڳالهه لِڪائي سگهجي ٿي.

انسان جو درجو لطيف وٽ تمام اوچو آهي. هر ماڻهو من وٽ مقدم ۽ مقصدي آهي. انهيءَ لحاظ سان هو امن ۽ آشتي جو شاعر آهي. پر جڏهن هو ڪائنات ۾ انسان جي هٿان انسان جو ڏوس ۽ ڏمر پسي ٿو تڏهن چئي ڏي ٿو:

او قابيل! اکين ۾ تير تکا توکي
ساجن انهر سور جي، ڪل نہ آ ڪنهن کي.
مارين ٿو مونکي، چاڙي لوہ لطيف چئي.
(۶-۵)

انسانن جي هٿان انسانن جون عصمتون ۽ حياءِ لٽجندي ڏسي لطيف کي نهايت درد رسي ٿو. اهڙو اظهار ڪندي "قابيل" جي علامت جو سهارو ورتو اٿس.

قابيل پهريون انسان هو جنهن هن ڌرتي تي ٻي انسان "هابيل" جو خون ڪيو هو ۽ اهڙي ريت هي ڌرتي ۽ انساني هٿ خون سان ڳاڙها ٿيا. لطيف هر انسان جي وجود کي پنهنجي وجود جو تصور ڏئي، انهيءَ ڪڏي ڪم جي سختي سان ممانعت ڪئي آهي ۽ انسانن کي انسانيت جو درس ڏيندي چوي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نَمي ڪمي نهار تون، ڏمر ڏولائو،
ٽئي ساڃائو، جي اُڀين انهي پير تي.
(٨-١٣)

امن ۽ انسانيت جي قدر ڪانسواء، پاڻ ڪي ٻي ڪا بہ خبر ڪونهي ڇو تہ:

عالم "آئون" ساڻ، پريو تو پير ڪري،
پاڻ نہ آهي ڄاڻ، ماندي منڊ پڪيڙيو.
(٩٥)

آسمان پنهنجي ڏوس ۽ ڏمر جي باوجود بہ ڀلائي جا پير ڪريٿو. ان ڪري اسانکي بہ موٽ ۾ اهڙي ئي روش اختيار ڪرڻ گهرجي. ڪنهن کي بہ انهيء راز جي خبر ڪينهي. صرف اها ڄاڻ آهي تہ هي حسين مانداڻ هڪ ازلي حقيقت جو مظهر آهي. مٿئين بيت ۾ "ماندو" ۽ "منڊ" ٻئي علامتون آهن.

حقيقت جو مظهر انسان آهي. مٿين بيت ۾ "آئون" انسان جي علامت ۾ ڪم آيو آهي. جنهن سان ڀلائي ڪرڻ لاء چيل آهي. هن سُر ۾ سماج جي ستايل انسانن جو علاج ۽ ان واٽ تي هلندڙ مقصدي ماڻهن جا جذبات بہ آهن تہ ساڳي وقت انهن جا عملي قدم، زندگي جي هر موڙ تي ڪاميابي جي سند طور بہ پيش ٿيل آهن. ٿورو شعور رکندڙ، سطحي ۽ بي عمل ماڻهن جي صحبت کان پاسيرو رکڻ جي تنبيهہ ٿيل آهي. انسان کي پنهنجو احتساب ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. مطلب تہ هر شيء کي گهرائي سان ڇڪاسڻ بردبار ۽ باوقار ٿي اڳتي وڌڻ جا گر ٻڌايا ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا


١- نقوي، منظور: "سنڌي راڳ ۽ تال" - سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٨١ع ص - ٣٨

٢- مبارڪ علي (ڊاڪٽر)، "تاريخ سنڌ" - آگهي پبليڪيشن، حيدرآباد ١٩٨٥ع ص - ٦٣


soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ڇهون

# سُر ڪنڀات

سُر ڪنڀات کي ڪماچ بہ چوندا آهن. گجرات ۾ ڪنڀات نار تي، ڪنڀات نالي هڪ شهر هو. اها راڳڻي اتان جي ڪنهن گويي جي رچيل آهي. انهيءَ نسبت سان هن سُر کي ڪنڀات چئبو آهي. هي سر عموماً رات جي هڪ پهر گذرڻ بعد ڳايو ويندو آهي. هن سُر جي ڳائڻ سان من کي سڪون ملي ٿو.

هن سُر ۾ لطيف سائين علائقائي علامتون (Regional Symbols) ۽ آفاقي علامتون (Universal Symbols) ٻئي ڏنيون آهن. علائقائي علامتن جو استعمال لطيف سائين کان اڳ وارن شاعرن وٽ بہ مستعمل رهيو آهي. اهي علامتون پنهنجي ماحول مان ڪنيل ڏٺل وائٺل ۽ معاشري ۾ مستقل صورت اختيار ڪيل هونديون آهن. سُر ڪنڀات ۾ سپرين، حبيب، ڪرهو، آهر، ايلاچيون، چندن، ڪر، ميو، ڪپور، ماڪي، ڪوڙا، تِر، هاهڙ، تروڪڻيون، ڦلڙيون، نہر، پور، اڪ، ڏانوڻ، سنگهر، لاٽي، ڪنواٽ، هيڊي، ميندي، نيرَ، سر ڪنڊ، ڪٿهار وغيره



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علائقائي علامتون آهن ۽ آفاقي علامتن مان ڪجهه هي آهن؛ چنڊ، سورج، مشتاق، ياقوت، موتي وغيره.

علامت جو هڪ ٻيو مثال آهي" علامت بعد از زبان". ستاري جي اها خيالي شڪل جنهن ۾ اهو هڪ روشني جي مقام (Spot) وانگر سمجهه ۾ اچي ٿو، جو تہ ڪلچر يا مغربي ڪلچر ۾ خاص طور تي، تاري کي ڏورانهون ۽ روشني جو نشان (Spot) ئو سمجهيو وڃي.

مارس انهيءَ سلسلي ۾ چوي ٿو؛ "مونکي يقين آهي تہ علامت بعد از زبان (Past Language Sign) جو تصور (Notion) تمام اهم آهي. جو تہ فقط ان مان ئي اسان آرٽ يا مِٿ (Myth)، مذهب، وقار نسل ۽ ٻين اهڙن تصورن جي ٻولي سمجهي تا سگهون. (١) انهيءَ لحاظ کان ڪائناتي يا فطري علامتون وڏي اهميت واريون ۽ ڪلچر سان واسطو رکن ٿيون. چنڊ جي ڪُلي علامت سونهن، سوڀيا، روشني ۽ جواني جو اهڃاڻ آهي. پر لطيف سائين چنڊ کي مختلف مفهومن ۾ استعمال ڪيو آهي. چنڊ جي باري ۾ لطيف سائين چوي ٿو؛

تون چنڊ اهو ئي، جو مٿ پسين ٿو پرين کي،
آڏت چنج ان کي، ڏيانءَ جو روئي،
هيڪاندي هوئي، سانگ مَ ٻوي سڄڻين.
(٣-١)

هن بيت ۾ لطيف سائين چنڊ کي قاصد جي علامت ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ ان کي جلد پيغام پهچائڻ جو ذريعو ٿو ڄاڻي. اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي بيت لطيف سائين ساڳي سُر ۾ چيا آهن. مثال طور

١- چڱا چنڊ چئيج، سنيها ڪي سڄڻين،
متان اگڻ آيري، پرين جي پئيج،
جهيٽو ڳالهائيج، تہ پرين وجهي هتڙا.
(٢ - ٥)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۲ـ آءُ جي ڏيانءِ سنهيا، سي تون چنڊ! پلڻ پنڌ،
چئج حال حبيب کي، نئي نوڙائي ڪنڌ،
تو تيڏانهن پنڌ، جيڏانهن عالم آسرو.
(۲ ـ ٦)

هنن بيتن ۾ لطيف سائين جا خيالات ڏسو.

۱ـ چنڊ لڱئي منڊ، سنجهيئي سيخ تين،
ڪر اونداهي انڌ، تہ ملان محبوبن کي.
(۱ـ ۵۱)

۲ـ چنڊ چٽائي تنهنجي، سياهي ۾ سور،
لايان لال لڱن کي، چندن پري پور،
ڪوماٺو ڪپور، مون واجهائيندي پرين کي.
(۱ـ۱۴)

مٿين بيتن ۾ "اونڌائي" ۽ "سياهي" علامتون استعمال ڪيل آهن ۽ ڪاري رنگ کي سور جو سبب سمجهيو ويو آهي. انهن ئي بيتن ۾ لال رنگ جو ذڪر بہ ڪيل آهي. تنوير عباسي چوي ٿو تہ "ڳاڙهو رنگ سينگار ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. پانئجي ٿو تہ سنڌ جي عورت سينگار ۾ لالي لائڻ کي هميشہ ضروري پئي سمجهيو آهي ۽ اها "لالي" رڱو لبن تائين محدود نہ رهي آهي، پر لڱن کي لائڻ بہ ضروري سمجهي ويندي هئي.(۲) مٿين بيت ۾ چندن جي ٻوري جي سرهاڻ واري لالائي، لال لڱن کي لائڻ خوبصورتي جي علامت آهي.

ڪاري رنگ کي سور جو سبب سمجهڻ سنڌي سماج ۾ صدين کان مروج آهي. لطيف انهيءَ قسم جا ٻيا بيت بہ چيا آهن.

۱ـ سهسين سجن آيري، چوراسي چندن،
باللہ ري پرين، سڀ اونداهي پانئيان.
(۱ـ۱۲)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢۔ اونداهي اڌ رات، پرين پسايو پاڻ،
چنڊ ڪتين ساڻ، پيهي ويو پڙلاءِ ۾.
(١۔ ١٩)

هي بيت پڙهندا:

ڪٿي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.
(١۔ ١٨)

متين بيت ۾ لطيف سائين پنهنجي مڪمل ڪوشش سان اُهي سڀ علامتون ڏنيون آهن جيڪي ڪنهن نـه ڪنهن نموني سان سونهن جو امڄاڻ آهن ۽ انهن سڀني علامتن کي پرين کان هيچ ڄاڻي ٿو.

لطيف جنهن پرين جي واکاڻ ڪئي آهي، سو ڪو عام رواجي حيثيت وارو نامڪمل انسان نـه آهي، بلڪـ هن جي حيثيت ازلي سچ جيان، اظهر من الشمس، نمايان ۽ نرالي آهي. هن ڌرتي تي هن جي آمد سان، ساري جهان جي روشني جهڪي ٿي وڃي ٿي. لطيف سائين فاني شين مان ازلي سچ کي حاصل ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. "سج، چنڊ تارا، ڪتيون سڀ فاني شيون آهن".

هن بيت ۾ "سج" سونهن وار ي علامت ۾ پيش ٿيو آهي. پر سج جي علامت کي لطيف سائين مختلف جاين تي جدا جدا مفهوم ۾ استعمال ڪيو آهي. سُر معذوري ۾ "سج" کي هڪ ٻئي تصور (Concept) ۾ پيش ڪيويو آهي.

آئون نـه ڳڌي پرين کي، تون ٿو لهين سج،
آئون جي ڏيانءِ سنيها، نيئي پريان کي ڏج،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وجي ڪيچ چڙهي، تہ ويچاري واٽ مُئي.

(معذوري ٣ ـ ٧)

هن بيت ۾ لهندڙ سج جي علامت ڪتب آندل آهي. سج جيئڻ تہ روشني، زندگي ۽ حسن جي علامت آهي، پر هت ساڳئي سج جو مفهوم بدلجي موت ۽ مايوسي جي علامت بڻجي پوي ٿو.

"لهندڙ سج" پڇاڙي ۽ انت جي علامت آهي. هن بيت ۾ سج پنهنجي علامتي مفهوم ۾ تہ ڪم آيو آهي پر بيت جي لفظن جي سٽا ۽ معنوي جوڙجڪ اهڙي ريت ٿيل آهي جو هر ماڻهو بغير علامتي اظهار جي سمجهڻ جي به، هن بيت مان لطف حاصل ڪري سگهي ٿو.

مٿين بيت ۾ لهندڙ سج هڪ صوفي لاءِ جدا مفهوم رکي ٿو تہ عاشق لاءِ جدا. سياسي ليڊر بہ معنيٰ وٺي ٿو تہ شاگرد بہ. مطلب تہ هر محنت ڪندڙ کي جڏهن محنت جو ڦل پڇاڙي تائين نہ ٿو ملي، تڏهن ائين چئي ڏيندو تہ:

آئون نہ گڏي پرين کي، تون ٿو لهين سج.

سسئي آبري سُر ۾ سج جو ساڳيو مفهوم بيان ڪيل آهي:

سج الٿي سسئي، رت ورڻو روءِ،
پهي نہ پانڌي ڪو، جنهن ڪر پڇي لوءِ،
موڙهي وڃي تو، موٽڻ جي ڪانہ ڪري.

(سُر سسئي آبري ٦ ـ ١٧)

سُر حسيني ۾ چوي ٿو:

اَلهي سج اوير، مَ ڪر، معذورين تي،
پسي مران پير، ڏونگر ڀاروچن جا.

(حسيني ١ ـ ٥)

ساڳئي مفهوم وارو بيت سُر سهڻي ۾ ادا ٿيل آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏئي ڏينهن تيام ، ڪَم ڄاڻان ڪهڙا پرين،
سهسين سڄ اُلهي، واجهائيندي ويام،
تنين سال ٿيام، جنين ساعت نہ سهان.

(سُهڻي ۹ ـ ۲۳)

مٿين بيتن ۾ سڄ اُلهڻ جو ذڪر آهي، پر پوءِ بہ ياس ۽ قنوطيت جو عنصر ڪونهي، پر عاشق محبوبن جا گهر ڏسڻ جي خواهش رکي ٿو. منجهيل ضرور آهي پر موٽڻ جي وائي ڪونہ ٿو ڪري. لطيف جو هي خيال ڏسو؛

اٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٿئڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٿيا پنهون پير،
پنجون ويري سڄ ٿيو، جنهن اُلهي ڪئي اوير.
واهيري جي وير، چلون ڪريان ڇپرين.

(ديسي ـ ۱ـ ۲۷)

مٿين بيت ۾ سڄ هڪ دشمن يا رقيب جي تصور ۾ ڪم آيو آهي. سُر حسيني ۾ چوي ٿو؛

لڙ مَ لوڙائو ٿيو، هلي ڪر همت،
سڄ سامهون منهن ۾، متان ڪري ڪٽ،
سپريان جي سٽ، ڳاڙهي سڄ ڳالهہ مڙين.

(حسيني ۱ـ ۲)

هت "ڳاڙهو سڄ" هڪ مختلف نوعيت جي علامت ۾ آيو آهي. "ڳاڙهو سڄ" مقصد ۾ ڪاميابي ۽ روشن مستقبل جي علامت آهي. هن بيت ۾ "همت ڪرڻ"، "اڪتي وڌڻ" ۽ "ڳاڙهي سڄ"، "ڳالهہ مڙڻ" جو ذڪر، انساني همت ۽ حوصلي کي وڌائڻ جو سبب آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُر مومل راڻي جو هي بيت ڏسو:

سج سياڻي جا ڪري، سامي سائي روءِ،
اچي تي عطر جي، منجهان مکڻ بوءِ،
سا ڏيکاريئون جوءِ، جتان لاهوتي لال ٿيو.

هن بيت ۾ "سياڻي جو سج" ايندڙ وقت جي علامت آهي. سامي (عاشق) جي منهن مان ايرندڙ سج جي ڳاڙهاڻ پٽي بکي. هت سياڻي جو سج ڪاميابيءَ انساني تڪميل جي علامت طور استعمال ٿيو آهي. لاهوتي جيڪي رنگجي ريتا ٿيا آهن، اهي منزل تي پهچاڻ جي ضمانت آهن. لطيف جو رنگجي ريتو ٿيل لاهوتي، نٽشي جو فوق الانسان آهي.

تاري کي ڏورانهين روشني جو نشان (Spot) سمجهيو وڃي ٿو. لطيف اهڙي ئي صورتحال کي سامهون رکندي هيٺيان خيال پيش ڪيا آهن:

١ـ تو ڏانهن گهڻو نهاريان، تارا تيلاهين
سڄڻ جيڏانهين، تون تيڏانهن اُڀرين.
(١ـ ٢١)

٢ـ هن تاري، هن هنڌ، هت منهنجا سپرين،
سڄڻ ماڪي منڌ، ڪوڙا ٿين نہ ڪڏهين.
(١ـ ٢٢)

٣ـ هن تاري، هن جاءِ، هت منهنجا سپرين،
سڄڻ ماڪي ساءِ، ڪوڙا ٿين نہ ڪڏهين.
(١ـ ٢٤)

متيان بيت نشان (Sign) جي معنيٰ ڏيندڙ ۽ علامت جي بنيادي صورت آهن. تارو جيتوڻيڪ ڏورانهين نشان جو پتو ڏي ٿو، پر لطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاري کي سامهون ڏسندي، پنهنجي پرين جي ويڇڙائي جو تصور پيش ڪيو آهي.

هن سُر ۾ لطيف "اُٽ" جي علامت کي ٻه مختلف طريقن سان ڪم آندو آهي. هي لفظ ڪٿي ڪنواڻ، ڪٿي ميو، ڪٿي گورو ۽ ڪٿي ڪرهو ٿي ڪم آيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ لطيف چوي ٿو:

۱۔ ميا مڃ منٿ، اڄ منهنجي ڪرها،
جهاڳيندي جر پٽيون، متان ڪرئين ڪٽ،
سپريان جي سٽ، مونکي نيئي ميڙئين.
(۲۔۱۹)

۲۔ ڳل ڳانا ياقوت جا، موتين ڳتيس مال،
ڪديفي جي ڪرها، هيدي پائين حال،
چندن چارين جال، جي مون رات رَساٽئين.
(۲۔۲۰)

۳۔ ڳل ڳانا ياقوت جا، موتي منجهه مُهار،
چانگا چندن چارئين، انئي پهر اپار،
سندي پيِ پچار، جي مون رات رساٽئين.
(۲۔۲۱)

۴۔ ميا تو مَهار، سڄي پايان سون جي،
چارين چندن چوٽيون، نايو ميندي ڏار،
سندي پيِ پچار، جي مون رات رساٽئين.
(۲۔۲۲)

مٿين سيني بيتن ۾لطيف سائين اٺ جي علامت هڪ وسيلي جي تصور ۾ ڏني آهي. اهو وسيلو عاشق کي پنهنجي پرين تائين پهچائڻ جو سبب آهي. ان ڪري اٺ کي منٿون ڪجن ٿيون، ياقوت جا هار، موتين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي مالها، اطلس ۽ سون جي مڙهيل مهار ڪيس پارائجي ٿي ۽ چندن جون مڪڙيون ۽ مينديءَ جا پن پارائڻ جي لالچ ڏنل آهي.

اٺ ٻي تصور ۾ به استعمال ٿيو آهي. ان جو مثال هيٺين بيتن ۾ ڏنو ويو آهي:

١- آئي ٻڌ مَروڙ جاءِ، مان مُڪريون چري،
ڪَذاتورو ڪرهو، لِڪيو لاٺي ڪائِيِ،
ان مُئي سنڌي ماءِ، مونکي ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو.
(٢-١٨)

٢- چانگي چٽي چڪياس، مٿان اڪ نه اُلهي،
جنهن ول گهٽا وِهاڻيا، ان سين آر لڳياس،
چوڏاري چندن وڻ، پچي پوچ پياس،
رٺاري رت ڪياس، هن ڪذاتوري ڪرهي.
(٢-٣٧)

٣- ڪائي نه ڪنٺهار، چندن جا چوپا ڪري،
اگر اوڏو نه وڃي، سرڪنڊ لهي نه سار،
لاٺي جي لغار، ميو متارو ڪيو.
(٢ - ٤٠)

٤- چانگا چندن نه چرين، ميان پيرين نه موڪ،
اگر اوڏو نه وڃين، ٽڪيو ڇڏين ٽوڪ،
لاٺي وچان لوڪ، تو ڪهڙي اڪر آئڙي؟
(٢-٥٤)

مٿئين سيني بيتن ۾ "ڪرهو" (اٺ) اهڙي تصور ۾ آيو آهي جو گلاهاب آهي جو جو اهو لکي لاٺو چري ٿو. چندن جا چوپا ڪري ٿا ڪري ٿو ۽ اگر ۽ ڪنٺهار کي ويجهو نٿو وڃي. ان ڪري مهٽي هاب ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گلارو ٿي پيو آهي.

علامتي شاعري ۾ ڪيترا لفظ، معنائن جي مستقل صورت اختيار ڪري وڃندا آهن. محترم تنوير عباسي انهيءَ سلسلي ۾ صحيح تجزيو ڪيو آهي. هو لکي ٿو: "انهن لفظن جو انهن خاص معنائن ۾ ايترو تہ استعمال ڪيو ويندو آهي جو اهي لفظ ڄڻ پنهنجي علامتي مفهوم سان هم معنيٰ ٿي ويندا آهن. علامت طور ڪتب آندل لفظ نہ صرف هڪ شاعر وٽ وري وري ۽ ساڳئي مفهوم ۾ ملندا آهن. پر ڪنهن خاص دور جي شاعرن ۽ ڪن حالتن ۾ بہ ان ٻولي جي سموري شاعري ۾ اهي علامتون پڪڙيون پيون هونديون آهن ۽ هر شاعر وٽ ان جو مفهوم ساڳيو هوندو آهي. ." (٣)

مثال طور ڪرهو، ميو، ڪنواٽ، نانگو، گورو، چانگو، ڪڏاتورو، ياقوت، موتي، لاٽو، اگر، چندن، ڪپور ڪٿهار وغيره جي علامتي معنيٰ سنڌ جي سيني شاعرن وٽ ساڳي آهي. بقول ازرا پائونڊ، "علامتي شاعرن جي علامتن ڪي مقرر قدر آهن، جيئن انگن ڪي ڪي مقرر قدر آهن." (٤)

لطيف سائين جي استعمال ڪيل سيني علامتن جا بہ تڪيل توريل ۽ سماج ۾ مستقل صورت اختيار ڪيل تصور آهن ۽ انهن تصورن جي قدر ڪي لطيف سائين کان اڳ ۽ پوءِ وارن شاعرن بہ استعمال ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا

١ـ ٻوهيو، الهداد: "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" ـ انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٧٨ع ص ـ ٢٩٧

٢ـ جوڻيجو، عبدالجبار (مرتب): نرتي تند نياز سين" ـ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ١٩٨٨ع ص ـ ١٧

٣ـ عباسي، تنوير: " شاه لطيف جي شاعري" ـ شاه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي ١٩٧٦ع ص ـ ١٦٧١

٤ـ ................ ايضا ............... ص ـ ١٦٨



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ستون

# سُر سريراڳ

سُر سريراڳ هندستان جي ڇهن مکين راڳڻين مان هڪ آهي. هي سُر انساني ارادن ۽ سامونڊي سفر ۾ سٺائي واءُ ۽ محنت جي مفهوم تي ٻڌل آهي. هن سُر ۾ انساني جدوجهد جي اهميت ۽ ڪاميابي لاءِ بهترين گر ٻڌايل آهن.

هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچڻ لاءِ، وچ وارين تڪليفن سان منهن ڏيڻ خاطر پنهنجي اندر مان انومان ڪڍي، هڪ ٽڪو تي سفر تي اسهڻو پوي ٿو ۽ اهو ئي سفر سٺائو ٿئي ٿو. لطيف سائين چوي ٿو:

مانَ پڇني سپرين، ڇتان لاه مَ ڇور،
ڪڍي ڇڏ تون قلب مان، ماري ڪوڙو ڪور،
هن ير سندو هور، مٿان تو معاف ٿئي.
(۵۱)

هن سُر ۾ بنيادي علامتون آهن: سمنڊ، سڙه، ڪاٺو ڪچ، موتي، ماڻڪ، لال، غواص، سپون، ڏنگي، سونهن، ڦلنگي، علاج، ڊينگ، درياه، مڪڙي، بندر، سڪاٽيا، ڪپر، ڪُن، صراف، سون،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وينجهار، لهار، ڪٽ، آسارا، وير وغيره

سُر سريراڳ جا ڪجهه علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

١ـ سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سئين سُپجن سمنڊ ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جڙئي مال، تہ پوهارا پُر ٿئين.
(٢ـ٣)

٢ـ دنگي وچ درياهَ، ڪين ٻڌي ڪين اپڙي،
هو جي واڍي واڻيا، سي سونهڻ سڀ سڙيا،
معلم ماڳ نہ اڳين، ڦلنگي منجهہ ڦِريا،
ملاح، تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا،
جتي ڏينڪ ڏريا، تتي تاري تنهنجي.
(٣ ـ ١١)

٣ـ بندر جان پئي، تہ سُڪاڻيا، مَ سمهو،
ڪپر تو ڪُن ڪري، جڻن ماتي منجهہ مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي، ناڪئا.
(٣ ـ ٨١)

٤ـ ويا سي وينجهار، هيرو لال ونڌين جي،
تنهين سندا پونيان، سيمي نہ لهن سار،
ڪٽين ڪٽ لهار، هاڻي انهين پيٽيين.
(٤ـ ١٥)

٥ـ وڃن مَ وينجهار، پاڻيٺ جي پرڪئا.
ڪنير پايو اڪين، لهن سڀ ڪنهن سار،
موتي جي مزاج جو، قدر منجهہ ڪنار،
صرافئون ڏار، ماڻڪ ملاحظو نہ ٿئي.
(٤ـ ١٦)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب اٺون

# سُر ساموندي

سُر ساموندي ۾ لطيف سائين وڻجارن جو ڏورانهين سمنڊ جي سفر تي نڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي. هن سُر ۾ سمنڊ جون لهرون وڻين ڪان دوري، وچوڙي جا ورلاپ، ڪانڌجي اَڪير، ماٺڪ ۽ سون ڪان گريز، روح رچنديون، ڳر لڳي ڳالهيون ڪرڻ ۽ ڏولڻي سان جهيڙو ڪرڻ جهڙا مضمون بہ شامل آهن.

لطيف سائين هن سُر ۾ غورابن ذريعي واپار ڪندڙ مردن ۽ سندن وهين جا اَلڪا ۽ اوسيڙا اهڙي تہ علامتي انداز ۾ بيان ڪيا آهن جو انهن جي ظاهر تي بہ دل هنجون هاري ٿي. ڏالن ڪي مفيد مشورا ۽ صلاحون بہ ڏنيون اٿس.

هن سُر ۾ "سمنڊ هڪ لازوال قوت جي علامت آهي جيڪا ڪائنات تي حاوي آهي. انسان جنهن قوت يا حقيقت کي حاوي سمجهي ٿو ان جي لازوال طاقت کي بہ تسليم ڪري ٿو. سمنڊ جون لهرون، هوا جا جهونڪا، مادي ۽ محرڪ جزا، اهي سڀ اهڙا اشارا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن جي ذريعي آفاقي حقيقت جي سڌ پوي ٿي. انهيءَ آفاقي حقيقت کي ڪڏهن طاقت جي علامت سمجهيو ويو آهي تہ ڪڏهن زندگي جو سرچشمو. ڪڏهن ڏنگيءَ استحصالي قوتن جو پالينڌڙ سمجهيو ويو آهي تہ ڪڏهن خير ۽ محبت جو اهڃاڻ. لطيف ان هستي جي سڃاڻ ڪرائي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ سڀ شيون ۽ نالا هڪ ئي وجود جون علامتون آهن. يعني جُز کي ڪُل جو حصو ڄاڻائي ٿو.

لطيف سائين هن سُر ۾ پورهيت طبقي جي ڳالهہ ڪئي آهي ۽ انهن جي ڪردارن کي سامهون رکي علامتون چونڊيون اٿس.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "لطيف پورهيت طبقي جي نمائندگي ڪندي، هنرمندن، ڪاپائتي، ڊکڻ، لهار، ميهار ۽ مسڪين ماروئڙن جو ذڪر ڪيو آهي. (وساريل طبقي کان هٽي) مهاڻن محنت ڪشن مان علامتون پنهنجي شاعريءَ لاءِ ورتي، پنهنجي عوام سان پاڳي پائيوار ٿيو آهي." (١)

سُر سامونديءَ ۾ بحري مسافرن، مهاڻن، ملاحن سان تعلق رکندڙ سڙھ واريون ٻيڙيون ۽ انهن ٻيڙين سان واسطو رکندڙ حصا. چپو، رسا، ڪلا، سڙھ وغيره کي علامتي طور استعمال ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ وڻجارو، ڪانگ، سانگ، اتر (طرف)، سرَ نِسرڻ، سڪائون پاسڻ، اکا ڏيڻ جون علائقائي ۽ روايتي علامتون بہ ڏنيون ويون آهن.

سُر سامونديءَ ۾ عڪسي علامتون ۽ اشارتي بيت ڏنل آهن. ڪجھہ بيت هيٺ ڏجن ٿا:

١- چمڪيون چوڏار، ڏچون ڏاڙيچن جون،
ماءِ سامونڊي آئيا، سهسين ڪري سينگار،
انهن جي پچار، ڪالونڪر ڪانگ ڪري.
(١-٣٨)

٢- واڻنيون ٿيون ورڪن، اجا سڙھ نہ پڌرا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيئي تيون مُرڪن، جنين سندا آئيا.
(٢-٢٠)

٣- پڳه پاسي ويهه، آيل سامونڊين جي،
تون ويسري وِڪ ڪئين، هو پوريندا پرڏيهه،
سمنڊ جن ساٿيهه، ڪوه نه وئين تن سين.
(٣-١)

# حوالا

١-جوٽيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر): "شاه عبداللطيف جي روحاني فڪر جوعلامتي اڀياس"- ص ٤٥



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب نائون

# سُر سهڻي

سُر سهڻي ۾ عورت جي ارمانن، همت، حوصلي ۽ پاڪائي جي تصور کي لطيف سائين علامتن جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. دنيا جو ڪو مذهب، ڪو به اصول، عورت جي مرضي خلاف سندس شاديَ کي جائز ڪونه ٿو سمجهي. خاص طور تي دين اسلام انهيءَ سلسلي ۾ سخت تاڪيد ڪئي آهي. نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو قول انهيءَ سلسلي ۾ پڙهندا. روايت حضرت ابو هريره رضه جن جي آهي.

"بيوه عورت جو نڪاح اُن جي اجازت کانسواء نه ڪيو وڃي ۽ نه ڪنواري جو نڪاح ان جي اجازت کانسواء ڪيو وڃي. اصحابن پڇيو، يا رسول الله! ڪنواري جو اُذن (مرضي) ڪيئن سمجهجي. پاڻ فرمايائون، هن جو خاموش رهڻ ماڪار آهي." (۱)

مٿين حديث جي روشني ۾ اسين سُر سهڻي جو جائزو وٺنداسين ته معلوم ٿيندو ته "سهڻي" تلا جي ڌيءَ گجرات (پنجاب) جي رهاڪو آهي. سهڻي الڳين عضوين نالي جي نسبت سان پنهنجو مٽ پاڻ هئي. جنهن جوعشق عزت بيگ (ميهار) سان هو. پر مائٽن سندس سڱ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زوري ڏمر سان ڪري ڇڏيو.

لـوڪ ادب جون سـڀ ڪـهـاڻـيـون ڪُل قـومـي صورتحال جون حامل آهن. سهڻي ۽ ميهار جي ڪهاڻي سان واسطو رکندڙ، ويدن جي دور جي "پروراؤ ۽ اروڀسي" ڪهاڻي نهايت ئي دلچسپ آهي. هندستان کان ٻاهر ڇئن ملڪن ۾ هن ئي ڪهاڻي جا اهڃاڻ ملن ٿا. مٿين ڪهاڻي جي مثال تي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي پنهنجي ڪتاب "ادب جا فڪري محرڪ " ۾ ڪهاڻي درج ڪئي آهي. "ڊايانا ۽ اينڊرسن" ان جا ٻه ڪردار آهن. (٢)

سهڻي جي ڪهاڻي جي اوٽ ۾، لطيف سائين معاشري جي انهيءَ زوري سڱابندي واري روش کي ننديو آهي ۽ عورت جي ارمانن ۽ حقن سان هٿ چراند ڪرڻ ڪري جيڪي برا نتيجا نڪرن ٿا، انهن کي ظاهر ڪيو آهي.

محترم تنوير عباسي، سهڻي جي سلسلي ۾ لطيف سائين جي شاعري کي سامهون رکي لکي ٿو: "هو نه فقط پرڻيل سهڻي جو ميهار سان ملڻ پسند نه ٿو ڪري، پر اجا به اڳتي وڃي سهڻي کي ميهار کانسواءِ ناپاڪ ٿو سمجهي. عام مروج اخلاقي قدرن موجب سهڻي ميهار سان ملڻ سان ناپاڪ ٿيو پوي، پر شاه لطيف جي نظر ۾ جي سهڻي ميهار سان نٿي ملي، ته ناپاڪ ٿيو پوي ٿي.

ساهڙ ڏاران سهڻي، نسورو ناپاڪ.
نجاست ناه ڪا، انين جي اوطاق،
هوءِ جي ڪير پياڪ، پاسي تنين پاڪ ٿئي.
(ابيات متفرق ـ٢) (٣)

هن سُر جون ٽي مکيه علامتون آهن جن کي بنياد بڻائي سماج جي سورن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. اهي علامتون سهڻي، ساهڙ (ميهار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ سائر آهن. سهڻي ۽ ساهڙ جي وچ تي جيڪا رڪاوٽ آهي سو آهي سائر. ان ڪري لطيف چوي ٿو:

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، پاڻان هو حجاب،
واڄٽ وڃي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ري ثواب، آءٌ گهٽو ٿي گهوريان.
(۱-۱۹)

ڪجهہ ٻيون روايتي ۽ سماجي علامتون هي آهن: "وٿاڻ ولهو تيڻ"، "وڃن جو وچار"، "وار ونگو تيڻ"، "ساهڙ مون سينگار" ۽ "ماڻهن ليکي مهٽو"، "جر ترُ"، "منصور" وغيره.

ڪجهہ ٻيا علامتي بيت ڏسو:

۱- گهڙو ڀڳو، منڊ مُٺي، وسيلا ويا،
تهان پوءِ سٺيا، سهڻي سڏ ميهار جا.
(۱-۲۲)

۲- سهسين سائر ٻوڙيون، منڊ ٻوڙيو مهراڻ،
وهہ وڃايو پاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.
(۶-۱۸)

۳- ساهڙ ڏاران سهڻي، ڪوٺيون ڪن ڪرس،
وڏي اِي ورس، جيئن ڏمر وٽ ڏينهن گذارئين.
(۳-۸)

۴- مري تان مَ ميهار، وٿاڻ ولهو مَ ٿئي،
وڃن جي وچار جو، ونگو ٿئي مَ وار،
ساهڙ مون سينگار، ماڻهن ليکي مهٽو.
(۴-۱۸)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا


١. تجريد بخاري؛ (اصل عربي ۽ اردو ترجمو) ملڪ دين محمد اينڊ سنز، لاهور، سال درج ڪونهي. ص ۔ ٨٨١

٢. ٻورو، الهداد (ڊاڪٽر)، ادب جا فڪري محرڪ". سنڌي ادبي جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد. ١٩٨٤ع ص ۔ ٦٣

٣. عباسي، تنوير؛ "شاھ لطيف جي شاعري". (جلد ٻيو) نيو فيلڊس پبليڪيشنز، حيدرآباد. ١٩٨٥ ص ۔ ٩٠




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ڏهون

# سُر سسئي آبري

هن سُر جو نالو مضمون جي نسبت سان رکيو ويو آهي. اُن ۾ سسئي جي ايرائي جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن ڪري سُر کي سسئي آبري چون ٿا. سسئي سان واسطو رکندڙ هن سُر ڪانسواءِ ٻيا چار سُر، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني ٻہ آهن.

لطيف سائين، سسئي جي اڪيلي عورت هجڻ جي باوجود ٻہ همت، حوصلي ۽ عزم سان منزل ڏانهن وڌڻ واري روش جو عاشق ٿو ڏسجي جو سڄن سارن پنجن سُرن ۾ سسئي سان واسطو رکندڙ شين کي اظهار جو ذريعو بڻائي، نوان نوان تصور ڏنا اٿس.

سُر سسئي عشق، محبت ۽ سڪ جو سُر آهي. ٻره جو ٻاب آهي. لطيف سائين هن سُر ۾ محبت جا سڀ راز ظاهر ڪيا آهن. سسئي انهيءَ راه جو اهڙو طالب آهي جو جدوجهد جي علامت بڻجي پيو آهي، سڪ ۽ سيڪڙو، محبت ۽ محبوب، لوه ۽ لالاڻ جو اهڙو رشتو آهي جيڪو ازل کان ابد تائين قائم رهڻو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچي عشق جي اُڃ ۾ عجيب شيءِ آهي. جيڪي عشق جي پيالي ۾ پاڻي پيئن ٿا، تن جي اُڃ اڃا وڌيو وڃي ٿي. لطيف "اُڃ" جي علامت کي سامهون رکي چوي ٿو:

ساجن ڪارڻ سڄ، مر قبولي سسئي،
اندر جنين اُڃ، پاڻي اڃيو ان کي.
(۱ـ ۸)

سُر سسئي آبري جون چند علامتون هيٺ ڏجن ٿيون:

سائر، اُڃ، پاڻي، عزرائيل، منڪر نڪير، آتڻ، چپر، مُنڌ، ڀنيور، ڏونگر، سڏائتي، ٻک ٻاسڻ، جيڪي تيهي ذات، ڪيچ هوت، ڪيلياڻي ۽ عزازيل وغيره.

هن سُر مان ڪجهه بيت پيش ڪجن ٿا:

۱ـ اچي عزرائيل، سٽي جاڳائي سسئي،
ٿي ڊوڙائي دليل، پنهون ماڻهو موڪليو.
(۸ ـ ۸)

۲ـ آتڻ ۾ پرياڻ، هو سيني جيڏين،
مون سياڪي ساڻ، ڪير چلندي چپرين؟
(۴ـ۴)

۳ـ مهد محتاجي ڪري، پنئي پير ڪٽيج،
ڪيلياڻي ڪيچ ڏي، هُج، مَ هلائيج،
پاڻان ڏار پريٽون، سسئي ساڻ ڪٽيج،
اوڏي عزازيل کي، ويجهي تان مَ وڃيج،
نااميدي نيج، تہ اوڏي ٿين اُميد کي.
(۱ـ ۱۲)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۴- پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نکو ڏونگر ڏيهہ ۾، نکا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هٿا.
(۵ - ٦)

۵- ڪيچ نہ جنين جاءِ، تہ ڪا هلي موت ڏي،
مون سين هلي ساءِ، جا جيءُ منو نہ ڪري.
(۴ - ٢)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب يارهون

## سُر معذوري

هن سُرَ ۾ سسئي ۽ پنهون ٻه اهم علامتون آهن. سسئي هڪ اهڙي علامت طور آئي آهي، جيڪا همت ۽ حوصلي جو مستقل ڪردار بڻجي پيئي آهي.

مقصد جي حاصلات لاءِ واٽ ۾ ڦٽا ٿيڻو ۽ موت کان اڳ موت ٿيولڻو پوي ٿو. سسئي هڪ اهڙي علامت آهي جيڪا اميدن کان هٽي خواهش کي ختم ڪري، اڳتي وڌندي رهي ٿي.

لطيف جي سماج جي عورت جهڙين ئي سورن ۾ ڦاسي ٿي. ڪيس معاشري ۾ قدم قدم تي ڏک ڏسڻا پون ٿا. نائون مل ڪيس ڦاريي سان سڳ تيڻ جي خوف کان درياهه حوالي ڪري ٿو ڇڏي. محمد ڪتي ڪيس ٻي ذات جي ماڻهو سان شادي ۾ رنڊڪ وڌي، شادي بعد ڪيس ڏيرن ڏولاوا ڏنا ۽ آخر پنهون کي ورڙيندي، هاڙهي ڏونگر ۾ ايل پنهوار جي زيادتي ڪيس غار ۾ ٽپي، الهت آڻڻ لاءِ مجبور ڪيو.

لطيف عورت کي اهڙي صورتحال مان ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچيو آهي ۽ منجهس مقابلي جي سگهه پيدا ڪندي چوي ٿو:

لائي خنجر "لا" جو، هن خچر کي هڻ،
سڏن جون سيد چئي، وٿون سڀ وڪڻ،
پير پروڙي ڪڻ، تہ هلڻ ۾ هوري وهين.
(۲۔۸)

"خنجر" موت آڻڻ جو هٿيار، جهاد ۽ جهيڙي جي علامت آهي. "لا" اٿهوند ۽ نفي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. "خچر" دشمن ۽ ويري ڏانهن اشارو آهي.

لطيف چوي ٿو تہ مقصود کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهوئي هڪ ڪامياب گر آهي تہ هر رڪاوٽ کي هٽائي اڳتي هلبو رهجي. هن سُر جون چند اهم علامتون هي آهن:

سگ، چيون، جُتي، جانب، جمال، جلال، اجل، مُنڌ، پنيور، پنهون، لهندڙ سج، عزرائيل وغيره.

هيٺ سُر معذوري جا ڪجهه علامتي بيت ڏجن ٿا:

۱۔ سگبان سينداريا، ٻچيا، تي ٻهن،
قريا نہ فرمان ڪان، ملهہ نہ موتيڙن،
ڪونهي ڏوهہ ڪتن، ڏاڪاريا ڏاڙهين ٿا.
(۱۔۱۱)

۲۔ مري جيءُ، تہ ماڻئين، جانب جو جمال،
ٿئين هوند حلال، جي پنڌ اهائي پارئين
(۱۔۴)

۳۔ آءُ نہ گڏي پرين کي، سهسين سج ويا،
هلڻ وير هٿان، ڏيکي شال دم ڏيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۷-۲)

۴- آئون نہ ڳڌي پرين کي، آيو عزرائيل،
جوراڻي سين جيڏيون، نڪو ڦال نہ قيل،
آيو موت دليل، مارينـدو مراد ڪان.

(۷-۸)

soorihsindhiadab

## حوالا


۱- ٻوهيو، الهداد(ڊاڪٽر)، "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" - سنڌالاجي، ڄامشورو ۱۹۷۸ع ص - ۲۹۲

۲- سوسن ڪي لينگر، "فلاسافي ان اي نيوڪي" - نيو امريڪن لائبريري آف ورلڊ لٽريچر، نيويارڪ، ۱۹۴۸ع ص - ۲۱




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ٻارهون

## سُر ديسي

هيءُ سُر ديپڪ جي پنجين راڳ مان هڪ آهي، هن سُر ۾ ٻه سسئي جي سورن، ڏيرن جي ڏولاون ۾ ڦٿڪي، ڏاگهن ۾ گورن جي ڏاڍاين ۾ ڏکن جو حال اوريل آهي. سائنس نه صرف مذڪوره ڪردار ڏاڍ ڪن ٿا پر انهيءَ راهه ۾ سندس ڀيا ٻه ويري آهن. واءُ، سج، ۽ چنڊ به سندس راهه ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا. پر سسئي جي عزم آڏو اهي سڀ رڪاوٽون ڪا حيثيت نه ٿيون رکن.

پنهل ڏانهن ويندي ڪيس ڪنهن ٻيڃري يا پنڌ جي به ڪا سماچار ڪانهي. پنهنجي همت ۽ اندر جي سوجهري تي، هر ڪا شيءِ ڇڏي، هڪ ئي مقصد لاءِ اڪيلي وڌندي رهي ٿي. ٿان جو مرڻ کان اڳ فنا تي بقا جو درجو ماڻي وٺي.

هن سُر ۾ بنيادي طور تي نفسيات سان واسطو رکندڙ حقيقي علامتون ڪل ٻه آهن. هڪ سسئي ۽ ٻي پنهون. پر هن سُر سان لاڳاپيل ٻيون علامتون به آهن جن جو سڌو سنئون واسطو سماج سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. سماجي لسانيات جي واسطي سان شين جي حقيقي توڙي تصوراتي بنهي معنائن کي سامهون رکڻو پوي ٿو. اهڙي حالت ۾ اهي تصور اصل ۾ انهن شين جا حقيقي تصورات آهن. فرينڪ لوريمر لکي ٿو: "علامتن لاءِ ائين چوڻ غلط آهي تہ اهي اصل شين جا غيرموجود تصور آهن. پر حقيقت ۾ علامتون انهن شين جا تصور آهن." (١) انهن تصورن جو تعلق انساني حياتيات سان آهي، ان ڪري هر هنڌ رسمي توڙي غير رسمي طور تي انساني عمل دخل نظر اچي ٿو.

اي - ڊي رچي لکي ٿو: "جيستائين تصورن جو تعلق آهي، تہ تصور جي هر موڙ تي اهو (دماغي زندگي) هڪ علامتي عمل آهي. خيال جو ضروري ڪم آهي علامتائڻ. علامت هر لحاظ سان انسان سان واسطو رکندڙ آهي ۽ حيوانن جي سطح کان مٿي آهي. علامت جي معنيٰ انسان جي اهڙي جهان جي معنيٰ آهي، جيڪا عام رواجي عقلي دنيا کان گهڻو مٿي آهي." (٢) انهيءَ لحاظ سان هن سُر ۾ ڪيترا اهڙا تصور آهن جن جو دائرو اسين مقرر ڪري سگهون ٿا.

هن سُر جون ڪجهہ لاڳاپيل علامتون هيٺيون آهن:

ڏير، ڏونگر، هوت، آرياڻي، ڏاگها (هن لفظ لاءِ ٻيا بہ گهڻا ئي لفظ لطيف استعمال ڪيا آهن) زنجير، ٻنيور، ڪميٽي، پانيڻ، جَتُ، پارس، واءُ، سج، چنڊ، سياهي، لالائي، ٻانهي، موچاري روءِ، ڪتوري، ڪوري، لنگهي، لوري، روجهہ، بريٽ، ماٽڪ، نانڪ وغيره.

هن سُر جا چند بيت نموني طور ڏجن ٿا:

١ـ اڳڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏنئي ڏينهن،
وٺي سڙڪ، سسئي، ويهہ وهائي سين،
چوٽي سين چانگن کي، جَڙ زنجيرن جيئن،
تہ هوت تنهنجو هيئن، هوند پنهون نيائون نہ پاڻ سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(١ـ ٥)

٢ـ اڱڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏينهن ڏناء،
ڪنجون جي قفلن، جون تان ڪنهن لَلِ لڪاء
تہ سياٽي سندياء، ٽٽي ساروٽي سَسئي.

(١ـ ٦)

٣ـ ڌريان ٿي ڌاريا، مت مٽي جا نہ ٿيا،
مدي ڏيرن مـن ۾ ، ڪـليو ڪيڪاريان،
صبوح ٿي ساريان، تہ اٺ نہ اوطاقن ۾.

(١٣ـ١)

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب تيرهون

# سُر ڪوهياري

لطيف سائين هن سُر ۾ سسئي جي آڪاٽي سامهون رکي علامتون گهڙيون آهن. هن سر ۾ جبلن جي جولانن ۽ پهاڙن جي پنڌ جو ذڪر ڪيل آهي جن کي اورانگهڻ ڪو سولو ڪم نه آهي. پر هت ته هڪ ناتوان، نبل ۽ ضعيف زائفان اهڙن اڙدن ڇپرن ۽ ڏکين ڏونگرن کي لتاڙي اڳتي وڌندي رهي ٿي.

سونهن، سچ ۽ پيار جو درس ڏيندڙ انهن کي پنهنجو ڪندا آهن جيڪي سندن پر خلوص فيصلن ۽ حڪمن جي ميٽا ڪندڙ آهن. هلندي هلندي نيت ياعمل ۾ ڪڏهن به ڦيرو آيو ته نتيجي ۾ ڪين سڄي ئاهيل موڙي ڪان هٿ ڌوئڻا پوندا. پر جيڪڏهن سرت آئي، توبه جي تنوار ڪيائين ته مانائتو ٿيندو.

عورت جسماني طور تي هيٺي آهي ۽ ذهني طور تي اسان جي سماج ۾ پاڻ وهيٺي ڪانهي. ويتر سماج طرفان گهڙيل قاعدن ۽ اصولن، قيد سلاسل ۾ جڪڙيل غلام ڪان وڌيڪ مفلوج ۽ ناڪاره



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻٽائي ڇڏيو آهي، جيڪو سراسر ناانصافي وارو عمل آهي. لطيف انهيءَ ناانصافي خلاف نہ صرف آواز اٿاريو، پر هن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ جنهن انسان کي سماج، اپاهج سمجهي ٿو سو حقيقت ۾ ڏونگر جا ڏيل ڏڪائيندڙ ۽ ڇپر کي ڇمر پائيندڙ با عزم انسانُ آهي.

هن سُر مان اهو بہ تصور ملي ٿو تہ هيٺو انسان پنهنجي عزم ۽ حوصلي سان ٽونگر جي ٽونگري کي ختم ڪري پنهنجي طابع ڪري سگهجي ٿو. پنهنجي اعليٰ ڪردار سان عزت ۽ حرمت حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ سچ، سونهن ۽ سخن جو صاحب ٿي سگهي ٿو. علامت جو ڪم صرف ڪنهن جي بدران استعمال ٿيڻ تائين محدود ناهي، بلڪہ بقول اعجاز حسين: "علامت ڪنهن نامعلوم طابع حقيقت جي باري ۾ جيڪا اجا عالم تشڪيل ۾ آهي، انجي پنهنجي نظريي موجب توضيح بہ ڪندي آهي." (١)

هيٺ چند علامتون سُر ڪوهياري مان ڏجن ٿيون، جيڪي اهڙي آفاقي تشڪيلي حقيقت آهن جن جي ذريعي انسان عرفان جا ڏاڪا طئي ڪري سگهي ٿو.

مثال طور: ڪرم جو ڪاڏو، ڏونگر، پونين (پونءِ جو جمع)، ڪِرُ، ميخون، لوه، ڪميٽي، ٻانهي، آرياڻي، پرين، اوانٺ، سوانٺ وغيره.

هن سُر جا ڪجهہ بيت هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي انساني نظرين جي ڇاڻ ۽ ذرريعو بڻجن ٿا:

١ـ اي ڪم ڪميڻين، جئن سمهين پير ڏکيا ڪري،
لوچين چو نہ، لطيف چئي، هاري لئہ هوتن،
نندان، نياڳن ڪي، اوپالا اچن،
سي پنهون ڪوه پچن؟ جي سنجهي ئي رهن سمهي.
(١ـ١٠)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢ـ ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
تون تن اندر تيئن وهين، جئن وڻ وڍي واڍو،
اي ڪرم جو ڪاڍو، نات پٿر ڪير پند ڪري.
(١ـ٢)
٢ـ ڏونگر ٻُونين ڪيِنَ، سجڻ ميخون ڏونگرين،
مهڙا سيڻ سڌير، ڪين لهنديئن ڪي ٻيا.

## حوالا

١ـ اعجاز حسين؛ "اردو افساني ۾ علامت نگاري"ـ پي ايچ ڊي ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ١٩٧٩ع ص ـ ٥٢



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب چوڏهون

## سُر حسيني

سُر حسيني ۾ پڻ لطيف سائين سسئي جي ڏکن ڏاکڙن، تڪليفن ۽ اهنجن جو ذڪر ڪيو آهي. هن سُر ۾ لطيف سائين پنهنجي جد اعليٰ، ڪامل مُرشد، امام حسين عليه سلام جي ذڪر کي سسئي جي علامت ذريعي ظاهر ڪيو آهي.

هي دنيا چئن ڏينهن جو ڇهڇٽو آهي. اُن تي اڪتفا ناهي ڪرڻي، پر منزل تي رسڻ لاءِ مسلسل ڪوشش ۾ رهڻو آهي. هن پنڌ ۾ جيسين طالب جيئرو آهي، رُڃ ۽ راتو ۽ رڻ سامهون رهندس. انڪري ڪيس تيسين اڳتي وڌڻو آهي جيسين مري ماناڻو ٿئي.

سسئي جيان سڀ جذبا، خواهشون ۽ تمنائون ڇڏي، هڪ ئي پنهل جي ڪڍ لڳڻو آهي. خود اختياري جي روش مٽي، ان مهان شخصيت جي پيروي ۽ ڇڏيل نشانن تي هلڻو آهي. سُر حسيني جا سڀ ڪردار ڪنهن معنوي حيثيت جا حامل آهن ۽ اها معنيٰ ڪنهن تصور تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻجي ٿي. اصل ۾ معنيٰ جو تعلق سوچ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي.

"سوچ جو عمل اهڙي نموني جو آهي جو انسان جڏهن سوچي ٿو ته معنيٰ مان معنيٰ پيدا ڪري ٿو. علامتن مان علامت پيدا ٿئي ٿي. هڪ طرف اسان معنيٰ پيدا ڪريون ٿا ۽ ٻئي طرف معنيٰ پکيڙيون ٿا. ٻنهي سطحن تي اسان جو ڪم انفرادي به آهي ته اجتماعي به آهي." (۱)

سُر حسيني جون ڪجهه علامتون هيٺ ڏجن ٿيون:

سج، ڳاڙهي سج ڳال مڙڻ، الهي سج، معذوري، پرين جو پير، ساجن، ڀاڀيهو، تتي تڏي، اونده، ڀنيور، سڪ، ڏکيون، آتور، آس، ٻاروچا، انگڻ، آتڻ، مُنڌ، ڪميٽي، ڀنيور، گهوڙا، اٺ، اوجهڙ، ڪانگ، جڳ، وڳ، لالن، آرياڻي، ڪنجرو قاتڻ، متو اگهاڙو ٿيڻ وغيره.

هن سُر جا ڪجهه علامتي بيت هيٺ پيش ڪجن ٿا:

۱ـ لڙ م لاڙائو ٿيو، ڳهتون گوهيون ڇڏ،
لاه م لڏو، لڏ، ته ڳاڙهي سج ڳالهه مڙئين.
(۱ـ۱)

۲ـ ألهي سج اوير، م ڪر معذورين تي،
پسي مران پير، ڏونگر ٻاروچن جا.
(۱ـ۵)

۳ـ ويو ٻاروچو نڪري، هاٿي ڪريان ڪيئن؟
سج آلٿي سيئن، ستون ڏينديس سج ۾.
(۱ـ۶)

۴ـ جان جئين تان جل، ڪانهي جاء جلڻ ري،
تتيء تڏيء هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۲ـ۱۷)

۵ـ بــرو پنيــور، آرياڻــيءَ اَجاريــو،
لاٽو سيِ لـوڪ تان، هـاڙهي ڏٺــيءَ هور،
ڇوريـون ڇُرڻ سـکيون، پنهون ڪيائون پور،
آيو سـو آتورُ، جنهن ڏکيون ڏک وهـاريون.

(۳ـ ۱۱)

## حوالا


۱ـ عباسي، تنوير؛ "شاه لطيف جي شاعري"ـ نيو فيلڊس پبليڪيشنز، حيدرآباد ۱۹۸۵ع ص ـ ۷۰




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب پندرھون

# سُر ليلا چنيسر

سُر ليلا چنيسر جي نالي سان هندستان ۾ ڪا بہ راڳڻي ڪانهي. ان ڪري هن سُر تي مضمون جي لحاظ کان اهو نالو رکيو ويو آهي. هن سُر ۾ بہ جدا جدا مڪتبہ فڪر جي ماڻهن لاءِ جدا جدا اشارا ۽ علامتون موجود آهن.

هن سُر ۾ چنيسر، ليلا ۽ ڪونرو جيتوڻيڪ سڀ ڪردار آهن، پر حقيقت ۾ اهي ڪنهن ٻي مقصد لاءِ علامتن جي صورت ۾ پيش ٿيل آهن. هار، مُرڪي، ڪنگهار جي راڄڌاني، ڪوڙ ۽ سچ کي سمجهڻ جا اشارا آهن.

ليلا. هڪ اهڙو ڪردار آهي جيڪو آساني سان مقصد حاصل ڪري ٿو. ڪيس هر قسم جي آزادي ۽ هر قسم جون نعمتون ميسر آهن. آزادي جي مفهوم کي غلط سمجهي، هو پنهنجي مقصود کي بہ دنيوي لالچن اڳيان داءَ تي لڳائڻ ۾ ڪراهت محسوس نٿو ڪري. ساڳي وقت چنيسر جو ڪردار هڪ اهڙي سالڪ ۽ اهل الله واڳ ڌڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو تصور آهي، جيڪو پنهنجي ديس ۾ انسان کي آزادي ۽ خوشحالي جي نعمتن سان مالا مال ڪريتو. ڪيس سماجي سورن ۽ ٻين هرڪائيندڙ حربن کان بچاءَ لاءِ پنهنجي ئي ديس ۾ هر ڪا شيءِ موجود ڪري ڏي ٿو. اهڙي خوشحالي ۽ انسان پروري جي عيوض هو پاڻ سان، پنهنجي ڪائنات سان ئي ڪنهن شيءِ کي ملائڻ نه ٿو چاهي، ڇو ته اها شيءِ سندس غيرت ۽ شان جي خلاف آهي.

ڪونرو، اهڙو تصور آهي جيڪو آزادي سان ساهه کڻڻ جي خواهش رکي ٿو. ڪنگهار جو ديس، ڪيس مڪمل آزادي نه ٿو بخشي. ان ڪري، سچ، حق، حسن ۽ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس پنڌ ڪرڻو پوي ٿو. وڻجارن جو روپ اختيار ڪري، نوڪر ۽ ٻانهون ٻڌي، مقصد جي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي وقف ڪرڻوپوي ٿو. دنيوي عيش عشرت، هار سينگار ۽ ڌن دولت کي سچي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇڏڻو پوي ٿو.

مُرڪي علامت آهي ضمير جي، جيڪو سچ، سونهن، وقار ۽ آزادي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ماڻهو سان گڏ هوندو آهي. ضمير هر قدم تي مقصدي ماڻهو جي رهنمائي ڪندو آهي. سچ تي قربان ٿيڻ جو جذبو اڀاريندو آهي. جي انساني ضمير زنده آهي ته وجود جو هجڻ به ڪاراڻتو آهي. مُرڪي، هر قدم تي "ڪونرو" جي رهنمائي ڪندي نظر اچي ٿي.

هار علامت آهي، دنيوي نعمتن، هرڪائيندڙ حربن، ڌن، دولت ۽ مايا جي، جنهن ۾ ظاهري چمڪ دمڪ آهي. اهو "هار" سچائي ۽ محنت سان حاصل ڪرڻ ۾ ڪا ڪراهت ڪونهي. جهڙي ريت ڪونرو ان جي سچي مالڪياڻي هئي، پر ان هار کي حاصل ڪرڻ لاءِ خوشحالي ۽ ديس جي آزادي کي وڪڻڻو نه آهي. نه ته ليلا جيان در در جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۱-۹)

۲- سونا ڪرَ ڪنن ۾، ٻچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهوڙا ٻانهن ۾، سينڌ سٿيا وار،
تيلانهه پي پچار، ڪانڌ منهنجي چڏيي.
(۱ - ۱۱)

۴- ڏاهي هيس ڏيهه ۾، سرتين منجهه سڄاڻ،
ڪا جا پيم ڪاڻ، جنن منهن متانهون نه ڪٽان.
(۵۲)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب سورهون

# سُر مومل راڻو

مومل راڻي جي داستان ۾ جيڪي بنيادي ڳالهيون آهن، انهن تي ويچار ڪرڻ سان، اسان کي هن سُر جي علامتن کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿيندي. معلوم هجي ته راڻي جو ڪاڪ محل جي طلسم کي ٽوڙڻ، مومل تائين رسائي وارو عمل، سومل ۽ سندس مائٽن جي احساس جي ابتڙ هو. ان ڪري مومل جا مائٽ، سومل ۽ سندس ڀينرون، مومل جي، راڻي لاءِ بيقرار رهڻ برداشت ڪري نه ٿي سگهيا. هڪ ته انهيءَ رشتي ڪري، سندن ڏوڪڙ ڪمائڻ جو ڪاروبار بند ٿي ويو هو ۽ ٻيو مومل کي هڪ حسين ۽ جوان ور مليو هو. تنهن ڪري سڀئي ڀينرون سندس ڀاڳ سان حسد ڪرڻ لڳيون. سومل سياڻي هئي، تنهن حربو هلائي، اهڙي ڪيڏ ڪيڏي جو ٻنهي عاشقن جي وچ ۾ وڇوڙي جي ديوار ڪڙي ٿي ويئي، شاعر حفيظ تيوڻي جو حوالو ڏيندي، پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي لکي ٿو:

"مومل جي مائٽن کي سندس ڏيءَ جو راڻي سان رستو نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٺيو، سو انھن سومل کي چيو تہ اھڙي ڪا ڪيڏ پکيڙ جو مومل ۽ راڻي جو ناتو ٽٽي:

سومل مومل ڏي مڪي، ڪري مصلحت ماءِ
تہ ٻج لھ وجي پيٽ جي، حقيقت حالاءِ.
ڪنھن اھڃاڻي آءِ، راڻي کي رد ڪري. (١)

ائين برابر آھي تہ حفيظ تيوڻي جو "مومل راڻو" داستان جي صورت ۾ آھي جيڪو سڌو سنئون بياني انداز ۾ آھي، جڏھن تہ لطيف سائين جو "مومل راڻو" ايپڪ آھي، جنھن ۾ داستان گوئي کان وڌيڪ تاثر نگاري تي زور ڏنل آھي. مومل جي ماڻتن جي ڏنگائي واري روش کي لطيف سائين بہ ظاھرڪيو آھي:

"ھڪ ڏنگا ڏاڏاڻا، ٻيو موٽيو تان نہ ميندرو."
(٦-٦)

پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي لکي ٿو: "ڪاڪ جي ڀاھران سومل ھڪ ميھار کي ٻيھاري ڇڏيو تہ جڏھن راڻو مومل سان ملڻ اچي تڏھن ھن کي ڪا جڙتو ڳالھہ ٻڌائي، جيئن ھو مومل کان منھن ڦيرائي. راڻي کي اھو ميھار مليو ۽ چيائينس، اي راڻا تون انھيءَ مومل وٽ ٿو وڃين جنھن جي سيتل سان ياراڻي آھي؟

"مومل راجا نند جي، سيتل جنھن جو يار."

انھيءَ طعني راڻي کي ڪاوڙائي ڇڏيو ۽ جيئن ئي محل ۾ اچي ڏٺائين تہ مومل ڪنھن ڏاڙھي شخص سان ھڪ پاڻي سمھي پئي ھئي، تيئن ٻڌل ڳالھہ جي پڪ ٿيس ۽ مومل کي اٿارڻ بنا واپس ويو." (٢)

سومل، مومل کي سمھيل ڏسي، ڪيس بنا چتائڻ جي مرداڻو ويس پھري وجي ساڻس سُتي. راڻي جي دل ۾ اڳ ئي ماڻھن سيتل جو وسوسو وجھي ڇڏيو ھو. تنھن ڪري ھن ائين ڪيو. مومل جو راڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان جاوداني عشق هو. هوءَ ڪڏهن به سومل کي راڻي جي جاءِ تي سمهاري نه ٿي سگهي.

پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي لکي ٿو: "شاهه جي آکاڻي ۾ مومل جي سيرت ٻي طرح پيش ٿيل آهي. "شاهه جي مومل"، سومل کي چيو هو ته مردانا ڪپڙا پائي اچي مون سان سمهه. جيئن ته راڻي ان دفعي اچڻ ۾ ويرم ڪئي هئي ۽ چاڪاڻ ته مومل جڙتو راڻو نهرائي دل پوري ڪئي، راڻو متس غصي ٿيو ۽ شاهه ثابت ڪري ڏيکاريو ته مومل پنهنجي ڏوهه ڪري ٿي سڙو." (٣)

حقيقت هن ريت آهي ته مومل پاڻمرادو ڪو ڏوهه ڪونه ڪيو هو. پر اهو سڀڃو مانداڻ منڍ کان سومل جو سٽيل هو. مومل کي مايا جي محبت ۽ حرفت ۽ چالبازي هجي ها ته هوند راجا نند جي خزاني وارو ڏند فقير کي ڪين ڏي ها. هوءَ ته پاڪ ۽ پوتر هئي. سندس دماغ اٽڪلن کان صاف هو. اها سومل ئي هئي جنهن ڪيس هٿيار طور استعمال ڪري، ڪاڪ محل جوڙي، منجهس مومل جي حسن جو وستار ڪري، ڏوڪڙ ڪمايا.

جڏهن مومل کي مطلوب نظر آيو ته ڪيس ناتر جهڙي نوڪرياڻي (نفس لوامّا) راڻي سان سگ ڪرڻ لاءِ نفسياتي دٻاءُ وڌو. تڏهن مومل پنهنجي من ۾ راڻي هٿان هار ڪائي چڪي هئي. پر سومل ۽ ڀينرن جي پوءِ ۽ قاعدي جي ڀڃڪڙي مناسب نه ڄاتائين. ناتر سندس لڪل نموني مدد ڪئي ۽ اهڙي ريت راڻي جي ڪاميابي کي يقيني بنائڻ ۾ ناتر جو وڏو ڪردار رهيو. راڻي کي مومل جي ڳولا هئي. سندس حسن، ڪنوارپ ۽ پاڪائي راڻي کي موهي وڌو. مومل به راڻي جي محبت ۾ پنهنجو وجود فنا ڪري ڇڏيو. پر اها ڳالهه سومل ۽ ڀينرن جي حسد جو ڪارڻ بڻي. پروفيسر ڀمڀاڻي جو اهو چوڻ حقيقت تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مبني نہ آهي تہ مومل سومل کي چيو هو تہ "مردانہ ڪپڙا پائي اچي مونسان سمهہ."

هن بحث مان جيڪو نڪتو نروار ٿيو، اُهو هي آهي تہ بندو يا سالڪ جيڪڏهن پنهنجي مالڪ جي اوسيئڙي ۾ گذاري ٿو تہ ڪيس ننڊ ۾ غفلت ڪرڻ نہ جڳائي جو تہ جنهن مالڪ جي انتظاري آهي، اهو ڪيڏي مهل بہ اچي سگهي ٿو. پر مومل (سالڪ) اهڙي تہ بي سڌ ٿي ستي هئي، جو سومل (نفس اماره) حربو هلائي، مرداڻو ويس پهري، اچي ساڻس سمهي. اهڙي غفلت ڪري راڻو ڪيس ڇڏي هليو ويو.

پروفيسر يمياڻي لکي ٿو: "مومل کي اهڙي گهري ننڊ اچي وئي هئي جو سومل مردانا وستر اوڍي ڪيس ڀاڪر اچي پاتو تہ بہ سندس اک نہ کلي. راڻي جي اچڻ جي انتظار ۾ تہ ننڊ اچڻ ئي ڪانہ ڪپندي هيس. جڏهن سومل ڀاڪر اچي وڌو، بي چين آدمي کي ڀنا ڪتڪي ڪيئن آرام ايندو. شاهہ اهو اڻ ٽيٺو واقعو ڪڏي ڏيکاريو تہ مومل جي چوڻ تي ئي سومل ساڻس وچي سمهي هئي. ائين ڪرڻ سان ئي شاهہ ادبي انصاف جي اصول جي پيروي ڪري سگهيو." (۴)

مومل جي غفلت ڪيس انهيءَ پنڌ تي پهچايو. نہ تہ سندس عشق ۾ ڪو فرق ڪونہ هو. اهو سڄو منصوبو سومل جو سٽيل هو. پروفيسر يمياڻي سارو الزام مومل تي مڙهيو آهي ۽ اهو صحيح نہ آهي.

خود لطيف سائين مومل جي انتظاري ۽ عشق جي واٽ ۾ "ڳجهي ڳالهہ ڀولهہ" جي اوٽ ۾ مومل کي بيحد سڌير ۽ سمڪ وارو ڏيکاريو آهي. نہ ڪي پروفيسر يمياڻي جيان مومل کي گهري ننڊ ۾ ڏيکاريو اٿس. ڏسو:

سوڍي سُتي لوءِ، ڪا جا مونسان ڳالهہ ڪئي،
ساجي پڌر پوءِ، تہ سرتيون ڪانہ سمهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۴ـ ۱۰)

محترم غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو: "ڪائنات ڪيڏي به ڪشادي هجي ۽ مطلوب پاڻ کي ڪهڙي ئي ڪنڊ ۾ ڪٿي لڪائي، تڏهن به حق ان کي ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. مومل وڏا ئي وس ڪيا ته ڪنهن عاشق جي ور نه چڙهان. پر حق جي اڳيان سندس سيئي حيلا نه هليا ۽ سندس باطل بازيون پڇي پيون." (۵)

مطلوب (مومل) به ڪو عام رواجي حيثيت وارو ڪونه هوندو جنهن جو ڳولائو حق ٿئي. هن ۾ باقي انسانن کان وڌيڪ خوبيون هونديون ۽ اهي خوبيون، هن مالڪ جي ٻڌايل رستي تي هلي حاصل ڪيون هونديون.

"پڇن جي مهار ڪي، پڇي سي مهار"

(سهڻي ۱ـ ۳۱)

محترم غلام محمد شاهواڻي وڌيڪ لکي ٿو: "راڻي مان رب، ۽ مومل مان اهو منهن موڙيندڙ مومن مراد آهي، جيڪو پاڻ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جيئن مومل پاڻکي پوشيدو رکڻ لاءِ پيچدار پيچرا ۽ ٻيا منڊ منڊيا." (٦)

حقيقت اها آهي ته اهڙو انسان جيڪو پاڻ حق جي ڳولا ۾ هجي، ڪيئن ڪانئس (مالڪ کان) منهن لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو. هو ته پاڻ حق جي تلاش ۾ سرگردان رهي ٿو ۽ سندس ڪوشش ئي حق کي به ڳولائو بڻايو. مومل، منهن موڙيندڙ مومن نه آهي، بلڪ ان جي سچائي ۽ حسن کي لڪائڻ ۾ سومل (نفس اماره) جو هٿ هو جنهن هٿراڌو ٺڪساڻ ۾ جڪڙي ڪيس قابو ڪيو. پر جڏهن مومل کي سڌ پئي ته جنهن جي آئون ڳولائو آهيان اهو ته منهنجي در تي پاڻ ڪهي آيو آهي، تڏهن ناتر (نفس لواما) جي مدد سان، دنيوي ٺڪساڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(ڪاڪ محل) مان نهايت ڪوشش ۽ حڪمت عمليءَ سان نڪري اچي حق (راڻي) سان ملي.

نفس اماره (سومل) هر جاءِ، هر هنڌ انسان کي دوکو ڏيڻ لاءِ ڪمر بستہ رهي ٿو. جڏهن بہ ڪيس وجهہ مليتو، تڏهن کو شوشو ڇڏي ٿو. جهڙي ريت سومل ڪيو. مومل حق جي حاصلات ڪانپوءِ هڪ پل بہ ڏار گهاري نہ ٿي سگهي ۽ حق لاءِ هميشہ اوسيئڙي ۾ گذاري ٿي. ڏينهن رات ڪيس پرين جي تانگهہ آهي.

آيي آياريام، نڪٽ سڀ نئي ويا،
هڪ مَيو، ٻيو مينڌرو، رات سڄي سارِيام،
ڳوڙها ڳل ڳاڙيام، سورج شاخون ڪڍيون.
(٢-٤)

پر جڏهن سندس انتظار جون گهڙيون پوريون نہ ٿيون ٿين ۽ پرين در پيهي نہ ٿو اچي تڏهن سندس سڪ ۾ جُز برابر خلا پيدا ٿئي ٿو، جنهن ڪري نفس اماره (سومل) کي موقعو ملي ٿو ۽ هو پنهنجي چال هلي ٿي. پر مالڪ اها تِر برابر غفلت بہ برداشت نہ ٿو ڪري ۽ پنهنجي مهربانين ۽ احسانن جي ڇانءِ مٿانس لاهيو ڇڏي ٿو.

مومل کي ڇاڻ پڇي وئي تہ مون سان سومل جي سمهڻ ڪري راڻو رسي ويو آهي. انهيءَ غم ۾ وڃوڙي ڪري مومل (پاڪ بنده ـ سالڪ) کي پنهنجي دنيوي عيش عشرت (ڪاڪ محل) ڇڏي ڏکيا پنڌ پيچرا ڪري راڻي جي نگريءَ پهچڻو پيو، جتي مرڻ کان اڳ پاڻ ماري، حق سان ملي هڪ ٿي ويئي.

سُر مومل راڻو ۾ لطيف سائين جنهن حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو آهي، اهو آهي انسان جو حرص پرستيءَ ڏانهن راغب ٿيڻ، جيئن سومل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راجا نند جو خزانو ڀرڻ لاءِ طلسم جو سهارو وٺي ڌن دولت کي سڀ ڪجهه سمجهيو. شعبدي بازي وارين حرفتن کي خدائي قوتن جو ظهور سمجهيو ۽ جادو ۽ طلسم جي طريقن کي روحاني عظمت ڄاتو. سومل جي انهيءَ ٽڪسات کي ٽوڙڻ لاءِ ڪو مرد مومن اڳتو هو ۽ ڪائنات ۾ رهندڙ سچن انسانن جو سهارو ٿيڻو هو. راڻي به ائين ڪيو ۽ ڪاڪ محل جي طلسم کي ٽوڙي، پاڪ بندي (مومل) کي پنهنجي رهبري ۾ ورتو.

پروفيسر غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو: "مومل پنهنجي پيڻ کي راڻي جا ويس وڳا اوڍائي، روح رهاڻ ڪئي، جنهن تي راڻي جي غيرت جنبش ۾ آئي ۽ انهيءَ ڪن جي خطا خاطر، عمر جو ڏهاڳ ڏيئي ويس. وري تيستائين وصال جي واڳي به نه وري، جيستائين مومل پاڻ ماري مات نه ڪيو. ساڳئي طرح، اهو مقبول ۽ محبوب پاڻهو جيڪو عارضي ويچوڙي وقت، وهلور وڃيو روح ريجهائڻ جا پيا وسيلا ڳولي، تنهنکي وري خدا جو وصال تيستائين حاصل نه ٿو ٿئي جيستائين هو غير گمان ڪيي، مرڻ کان اڳي، پاڻ کي نئو ماري." (٧)

پروفيسر شاهواڻي جي خيال مطابق "راڻو" خداوند تعالىٰ يعني علامت اوليٰ جي مفهوم ۾ استعمال ٿيل آهي. اسانجو خيال آهي ته لطيف سائين راڻي کي خداوند جي تصور ۾ ڪونه استعمال ڪيو آهي، بلڪه هڪ حق شناس، مرشد، منزل ۽ مقصد تائين رسائيندڙ رهبر جي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي. جو ته لطيف چوي ٿو:

ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾، راڻا، ويهه رهي،
ماڙهو جي محلات جا، سوڍا ڪج سهي،
ويندءِ ڳالهه وهي، وڪر پوندين ولها.
(١٧-٦)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن خداوند ڪريم جي علامت ۾ راڻو پيش ٿيل هجي ها ته لطيف سائين متين بيت ۾ ائين ڪڏهن به ڪونه چوي ها، ڇو ته اهو خدائي شان جي خلاف آهي جو حق ۽ سچ جي ڪيس پروڙ نه پوي. هو ته "سميعٌ بصير" آهي. پر هت قصو ٺي ٻيو آهي. ڳالهه هتان نڪري وڃڻ جي حالت ۾ پڇتاءُ جو صيغو استعمال ٿيل آهي. اسان جي خيال ۾، لطيف سائين، راڻي کي اعليٰ اوصافن وارو انسان ڪري پيش ڪيو آهي. اهڙا مقصدي ماڻهو، پنهنجي هر خيال ماڻهن جي ڳولا ۾ رهندا آهن ۽ جتي به ڪين اهڙو ماڻهو ملندو آهي ته ان کي پاڻ سان ملائي ڇڏيندا آهن. جيئن راڻي، مومل سان ڪيو.

هن سُر ۾ بنيادي علامتون هيٺيون آهن:

مومل، راڻو، (مينڌرو)، ٻيڪاري، ٻر، ڪاڪ، سج، (هي يونيورسل سمبل آهي. انڊيا ۽ شام ۾ هن کي "وارونا" جي اک، ايران ۾ اهرنر جي اک، يونان ۾ زيوز يا يوريسٽس جي اک، مصر ۾ "را" جي اک ۽ اسلام ۾ "الله" جي اک جي علامت ۾ سمجهيو ويو آهي.) (٨)، سپاٽي جو سج، سوڍيون، ٻال، ڇوريون، ڇال، ٻايون، ٻانهيون، نٿون نياپو، ڪمال، ڪڪورجڻ، لالاڻ، ڪڙي، ريٽو، ڪنب، هالار، اُٺ، (هي لفظ به مختلف جاين تي مختلف علامتن ۾ استعمال ٿيو آهي)، چنڊ (پنهنجي جزوي ۽ وقتي مرحليوار شڪلن مطابق جدا جدا علامتن ۾ استعمال ٿئي ٿو)، ڪنواريون وغيره.

سُر مومل راڻي جا ڪجهه علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

١ـ سج اُيرندي جا ڪري، سامي سائي رو،
اڃي ٿي عطر جي، منجهان مڱڻ بوءِ،
سا ڏيکاريهون جوءِ، جتان لاهوتي لال ٿيو.
(١ـ٧)

٢ـ جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو ٿي نيهن جو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنگ جڻن پيدا ٿيو، سامي سچ وڙاءِ،
آيو ڪاڪِ تڙاءِ، ڪنڌارِنِ ڪڪوريو.
(۱ـ ۹)

۲ـ هلوهلو ڪاڪ تڙين، جتي نيهن آچَل،
نڪا جهل نہ پل، سيڪو پسي پرين کي.
(۲ـ ۸)

# حوالا


۱ـ "آواز لطيف": شعبہ مطبوعات، سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي، آڪٽور ۱۹۸۷ع ص ـ ۲۸

۲ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۲۸

۳ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۲۸ ـ ۲۹

۴ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۲۹

۵ـ شاهواڻي، غلام محمد، "شاه جو رسالو" ـ آر ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد ۶۱ـ۱۹۶۰ع ص ـ ۷۰۸

۶ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۷۰۸

۷ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۷۱۰

۸ـ جي ـ اي سرلاٽ ، "اي ڊڪشنري آف سمبلزم" ـ رائوٽ ليج ۽ ڪيگن پال، لنڊن . ۱۹۶۲ع ۲۱۷




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب سترهون

# سُر مارئي

هن سُر ۾ لطيف سائين مارئي جي مظلومي، همت ۽ عزم جي
ڪهاڻي ۽ ترجي حاڪم عمر سومري جي ارڏاين جو احوال اوريو آهي.
لطيف سائين ڪٿي ۾ سربستي ڪهاڻي ڪونہ بيان ڪئي آهي. رڳو
حقائق پيش ڪندو ويو آهي.

متين ڪهاڻي جا سڀ ڪردار علامتي نوعيت جا آهن جنهن ۾
لطيف سائين الاهي اسرار جا نوان نڪتا نروار ڪيا آهن. انهي سلسلي ۾
محترم غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو:

" هن سُر ۾ شاه پڻ هڪ وڏي تمثيل رٿي آهي. مارئي کي
روح سان، عمر کي نفس سان، ملير کي وحدانيت جي وادي سان،
عمرڪوٽ کي هن دورنگي دنيا سان مشابهت ڏني آهي. شاه، سالڪ
کي روحن جي اصليت ۽ انجام جو سارو قصو سڻايو آهي. جيئن مارئي
ملير لاءِ بيقرار هئي، تيئن روح وري عالم ارواح ڏانهن تانگهي ۽ تاڻي
ٿو. حقيقت ۾ هي سارو سر، " ڪُل شيءِ يرجع اِلي اصلہ " (سيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شيءِ پنهنجي اصل ڏي موٽي ٿي) جو تفسير آهي." (١)

مرزا قليچ بيگ جو خيال آهي؛ "مارئي مان حقيقت جي مراد آهي الله جو سچو عاشق. عمر مان مطلب آهي، هن جهان ۾ ظالم ۽ زبردست ماڻهو. عمرڪوٽ آهي هي جهان، جو ايمان وارن جو بنديخانو آهي. ملير آهي اصلوڪو وطن يا هو جهان. ڀهراڙي جا تماشا، جهڙوڪ گاهه گلزاريون وغيره آهن آخرت جا مزا، ۽ سک، زيور ۽ پوشاڪون چٽيون آهن، هن جهان جي اجائي ڏيک ۽ سينگار ڪي، جي ڪنهن به ڪم جا نه آهن." (٢)

ڪتاب" شاهه جو پيغام" ۾، حافظ محمد احسن چنا لکي ٿو ته "مارئي مان مراد هر ڪو انسان، مارو محبوب حقيقي، ملير اصل وطن." " (ص ـ ٢٣ـ احسن پبليڪيشن دادو. سال ١٩٧٠ع )

شري ڪلياڻ آڏواڻي ("شاهه جو رسالو" ص ـ ٢٥۴ تي، لکي ٿو: "هن سر ۾ ملير مان مراد آهي انسان جو اصلوڪ وطن يعني عرش، روح اتي پاڪ هئا، پر دنيا ۾ اچڻ سان اچي حرص ۽ هوس جي قيد ۾ قابو ٿيا. عمر مان مراد آهي ڪميڻو نفس يا من، جو هروقت انسان کي بد راهه ڏانهن پيو آتاري ۽ گهلي. ڏٺي جا عاشق ان جي دام ۾ هرگز نه ٿا اچن."

پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي انهيءَ سلسلي ۾ ڪي قدر مختلف رايا ڏنا آهن. هو لکي ٿو: "مارئي جي سيرت کي، جو ڪن شاهه جو اڀياس ڪندڙن تمثيلي رنگ ڏنو آهي، تنهن سان مان شامل راءِ نه آهيان." اڳتي هلي هو لکي ٿو: "شاهه کي شاعراڻي دل هئي، شاعراڻو دماغ هو. هو سمجهي سگهيو ٿي ته ڪهڙو مضمون شعر ۾ قلمبند ٿيڻ جي قابل آهي. سُر مارئي ۾ شاهه فطرتي شاعر، محب وطن ۽ پنگتي تاريخ نويس نظر اچي ٿو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي بيان جي پختگي ۾ وڏيڪ لکي ٿو: "سُر مارئي جي يارهن ئي داستانن ۾ ڪو بہ اهڙو بيت يا وائي درج ڪيل ڪونہ آهي، جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي تہ هن آکاڻي ۾ شاهہ ڪا تمثيل رکي آهي."

پروفيسر ڀمڀاڻي جي راءِ ڪافي وزندار ۽ فني نقطہ نگاهہ کان بہ درست آهي، ڇاڪاڻ تہ تمثيل شاعري جو هڪ اهڙو وسيلو آهي جنهن جي ذريعي شاعر اڻ ڏٺل ۽ اڻ ڇهيل شين جو سير ڪرائي ٿو. پنهنجي تجربي جي بنياد تي غير محسوساتي حقيقتن کي ظاهر ڪري ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ رچرڊس لکي ٿو: "تمثيل حسي تجربي جو هڪ اهم وسيلو آهي." (سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج - ص - ٣٢٩)

پر لطيف سائين سُر مارئي ۾ فهم رکندڙ هڪ شاعر جيان وطن ۽ ان سان واسطو رکندڙ شين ۽ محسوساتي دنيا جو سير ڪرائي ٿو. انهيءَ لحاظ سان واقعي هن سُر ۾ لطيف سائين هڪ محب وطن، پنگتي، فطرتي شاعر ۽ تاريخ نويس نظر اچي ٿو.

پروفيسر ڀمڀاڻي سُرمارئي کي تمثيل تسليم نہ ڪرڻ جي باري ۾ لکي ٿو:" هن تمثيل جي قبول ڪرڻ ۾ هڪ ٻيو بہ مونجهارو آهي. ڪائنات جي اتهاس پٽاندڙ عالم ارواح مان روحن کي ڌڻي تعاليٰ پنهنجي مرضي موجب بهشت عدن ۾ آندو، خاڪي لباس خواهہ جسماني جامي ۾، روحن کي عالم ارواح مان سڌو هن دنيا ۾ ڪونہ موڪليو ويو. تنهنجو مطلب تہ جيڪڏهن عالم ارواح آهي ملير، تہ عمر جو ڪوٽ ٿيڻ گهرجي بهشت عدن، ليڪن ائين بہ ٿي نہ ٿو سگهي. عمر جي ڪوٽ ۾ مارئي قيدي مثل هئي، پر بهشت عدن ۾ آدم کي هر ڪا آزادي مليل هئي. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن آدم بهشت عدن ۾ آيو تڏهن سندس ستر مان حوا پيدا ٿي، ۽ اتي شيطان اچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪائنس خطا ڪرائي. جنهن ڪري خدا مٿن غصي ٿي ڪين" اهبطوا" (هيٺ لهو) جو حڪم ڪيو. پوءِ آدم ۽ حوا اچي فرش تي ڪريا. هاڻي جي ڪٿي چئجي تہ شاه پنهنجي تمثيل ۾ بهشت عدن جو بيان نہ ڪيو آهي (جيتوڻيڪ سر مارئي ۾ جيڪڏهن پوري تمثيل رکٿي هيس تہ ان جو ذڪر ڪرڻ گهربو هوس.) تہ سوال ٿو اٿي تہ آدم ۽ حوا تہ شيطان جي چار ۾ ڦاٿا. جنهن ڪري عرش تان هيٺ لهڻو پين. ليڪن مسڪين مارئي ڪهڙو گناه ڪيو هو جو عمر ڪيس قيد ۾ وٺي ويو. مارئي تہ معصوم ڳوٺاڻي ڇوڪري هئي، جا پنهنجي ست تي قائم رهي."

"مان هن رايي جو آهيان تہ مارئي تي جيڪا تمثيل مڙهيل آهي سا سراسر اجائي، اڻ پوري ۽ دور دراز آهي. نہ مارئي روح آهي نہ عمر نفس آهي، نہ عمرڪوٽ دنيا آهي، نہ آدمي جو جسم عمر جو قيد. منهنجي خيال ۾ ائين ٿو اچي تہ مارئي واري تمثيل تي زور ڏيڻ نہ گهرجي. ڇاڪاڻ جو نہ اها دل سان ٿي لڳي ۽ نہ اها مارئي جي سيرت کي وڌيڪ وڻندڙ بڻائي ٿي." (٣)

آئون پروفيسر ڀمياڻي جي راءِ سان انهيءَ ڪري متفق آهيان جو هن جيڪي دليل ۽ ڳالهيون مارئي جي تمثيل کي رد ڪرڻ لاءِ ڏنيون آهن، سي سڀ عقل ۽ فهم تسليم ڪري ٿو. هونءَ بہ هن ڪهاڻي جا سڀ ڪردار حقيقت ۾ ڪن گڻن ۽ وصفن جا نشان آهن. جيڪي وطن سان محبت جو درس ڏيندڙ، استحصالي ٽولي خلاف آواز اٿاريندڙ، صوفين ۽ سچن سالڪن کي روحاني رس پهچائيندڙ ۽ لالچ، طمع ۽ خوف جي ڪوڙڪي مان نڪرڻ واري انسان جي ڪهاڻي آهن.

لطيف سائين جو هي سُر، وطن جي حب ۽ سماج ۾ اڻ برابري وارين حقيقتن خلاف آواز آهي. خود پسند، مطلبي ۽ ڏاڍ ۽ جبر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زور تي هٿراڊو ناهيل قاعدن ۽ قانونن جي رکوالي ڪندڙ حاڪمن ۽ سنڌن ڇاڙتن جي روئداد آهي. اهڙي سماج ۾ آخري ڪلي هٽندڙ ڪو جوڙو پيدا ڪونه ٿيو ته پوءِ ڌرتي سان رشتو ٽٽيو پوي ٿو.

لطيف سائين، پنهنجي سماج جي ضعيف ۽ نازڪ حالت پسي، مارئي جو تصور ڏنو آهي. لطيف انهيءَ تصور جي ذريعي اهو ظاهر ڪري ڏيکاريو ته سچائي ۽ سٽ، هروڀرو سرمائيدارن جو ورثو نه آهي. سماج ۽ وطن سان سڪ جو جزو غريبن ۽ مسڪينن ۾ اوس ٿئي ٿو. مارئي هڪ عورت آهي. سنڌي سماج ۾ عورت کي هيٺو سمجهيو ويو آهي. غريب عوام کي حاڪم ٽولو به هيٺو سمجهندو آهي، ان ڪري ئي لطيف سائين اسان کي هڪ اهڙو لافاني تصور ڏنو آهي جو اهو تصور مارئي جي سيرت ۾ شامل ٿي پيو آهي. لطيف جي "مارئي"، عزم ۽ حوصلي جو پيڪر آهي. سائين ڊاڪٽر عبدالجبار چوائي:

"وطن جي ٿڌي مٽي ۾ دفن ٿيڻ لاءِ ڪيئن پئي واجهائي. عمر جي هر آڇ کي ٿڏي ڇڏي ٿي. مارن جا سگڙا سون برابر سمجهي، عمر جي سون کي سوءِ ٿي ڄاڻي. ڪاڏو پيتو هر عيش آرام نيچ ٿي سمجهي. پنهنجو ڪٿو اوڍيندڙ محبوب هر وقت ياد ايندو اٿس. عمر جي محل کي ملير جي جهوپڙين جي برابر به نه ٿي ڄاڻي. محل ۾ مرڻ به نه ٿي چاهي. ثابت قدمي جو مثال بس اهو هڪ ئي آهي." پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا." (۴)

ظاهري طور تي هن سُر ۾ وطن سان محبت جو سبق ڏنل آهي. اهڙو مثال ڪنهن بي شاعر وٽ مشڪل سان ملندو. لطيف سائين سنڌ جي هڪ ڪنواري ڳوٺاڻي ڇوڪري جو هڪ وقت جي حاڪم سان ٽڪر ڏيکاري اهو ثابت ڪيو آهي ته عزم ۽ حوصلو ڪنهن جي ميراث ڪانهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيءُ سُر لطيف جي سماج جي ڪهاڻي آهي، ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ سڀ ڪردار سچائي تائين پهچڻ جو ذريعو آهن.

طريقت جي لحاظ کان به هي سُر صوفين لاءِ رهنمائي جو سبب آهي، جنهن ۾ روح، خدا ۽ ڪائنات جي باري ۾ به گهڻو مواد ملي ٿو.

محترمہ ايلسا قاضي مارئي کي بادشاهن جي بادشاهه آڏو وچن ڏيندڙ سچو انسان ڪري پيش ڪيو آهي. ان ڪري هوءَ ذرتي جي هڪ حاڪم عمر جي خواهش آڏو جُهڪي ڪونہ ٿي پر هوءَ تہ يوم ميثاق کان هڪ ئي احڪم الحاڪمين جي حڪم جي پيروي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي پابند ڄاڻي ٿي. ان ڪري هن عمر جي سيني ترغيبن کي تچ ڪري سمجهيو. هن ڏسي وائسي عمر جي ڪوڙي خوشامد کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ پنهنجو رشتو انهن ماڻهن سان ڳنڍيو جن کان کيس چني آڌو ويو هو. اهڙي ريت شعوري طور تي پنهنجي واسطيداري هڪ خدا سان ڳنڍي. سُر مارئي جو شروعاتي بيت انهيءَ علامتي انداز جي بنيادي ڪڙي آهي:

نڪا ڪُن فيڪونَ هئي، نڪا مورت ماهہ،
نڪا سَڌَ ثواب جي، نڪو غرض گناهہ،
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واهہ،
لکيائين، لطيف چئي، اَت ڳجهانڊر گاهہ،
اکين ۽ ارواح، اها ساڃاءُ سپرين. (۵)

لطيف سائين جو سڄو رسالو خصوصاً ڪائنات جي مسئلن ۽ انهن جي حل جي تاريخ آهي. هن جو سڄو جوهر سُر مارئي ۾ نظر اچي ٿو، جنهن ۾ هن هڪ مدبر جي حيثيت سان پاڻ کي ظاهر ڪيو آهي.

هن سُر جون چند علامتون هيٺ ڏجن ٿيون:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

امر، ڪاغذ، واڳون، چيهن، عمر، ٽر ٽر، ڪنجري، لوئي، اباڻا، ڏٿ، سون، پٽولا، مارو، عمر ڪوٽ، ماڙي، ملير، سوري، سومرا، لوھ، ترار، سانيڙن، ڏٿ، ور، بند، زنجير، سنهي سُئي، پنهوار، ناه، پاٽي، پاتار، ويسرين، ستيون، ڪوھ، ڏوٿي، سنگهار، سِپ، آبر، سائيھ وغيره.

سُر مارئي جا ڪجھ علامتي بيت ڏسو:

۱۔ قسمت قيد قوي، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
آئي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هي،
پرچي ڪين پنهوار ري، جان، جسوءِ جيءُ،
راجا راضي ٿي، تہ مارن ملي مارئي.
(۸۔۱)

۲۔ جي امر هئيو اڌ ڪري، سي ڪاغذ لکان ڪيئن؟
واڳيون جي وصال سين، تنين چاڙهين چيئن،
رڻان راتو ڏينهن، جئن ان جي وائي ۾ ور ڳهٽا.
(۲ ۔ ۵)

۳۔ ٽر ٽر اندر ٽاڪ، عمر، ماروئڙن جا.
لاٿائون، لطيف چئي، مٿان لوئيءَ لاک،
عمر، ڪريو آکَ، پهريو ٿي پن چران.
(۲۔۷)

۴۔ سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام،
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪان ڪيام،
جا ڏٿ ڏکيام، تنهنجو پرورا پن رهائين.

۵۔ سون برابر سڳڙا، مارو سندا مون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پٽولا پنهوار کي، عمر! آڇ مَ تون،
ور لوئيءَ جي لون، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.
(۲-۳)

٦- ٻندي ٻيا قرار، اسين لوچون لوه ۾،
مٿي تن تـرار، سدا سانيڻن جي.
(۲-۱۲)

soorihsindhiadab

## حوالا


۱-شاهواڻي، غلام محمد: شاه جو رسالو" آر ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ٦١- ۱۹٦۰ع ص - ۷٦۹

۲-مرزا قليچ بيگ: "احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي"-شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد. ۱۹۷۲ع ص - ۱۷۰

۳- آواز لطيف": سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي -آڪٽوبر ۱۹۸۷ع ص - ۳۳ - ۳۴

۴-جوڻيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر):: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"- سره ڪتاب، حيدرآباد. ۱۹۷۳ع ص - ۵۲ - ۵۳

۵-قاضي، ايلسا: "رسالو آف شاه عبداللطيف"-سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ۱۹۸۱ع ص - ۷




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ارڙهون

# سُر ڪاموڏ

هي سُر هڪ هندستان راڳڻي جي نالي پٺيان رکيل آهي. "ڪاموڏ" "ڪامودا" جو بگڙيل روپ آهي، جنهن جو مطلب آهي ڪا،ر يا پريم وهيٺي. (۱) ڪامودا ديپڪ راڳ جي پنجن استرين مان هڪ آهي. هن کي سمپورڻ راڳڻي به چوندا آهن.

معنوي لحاظ کان هن سُر تي بحث ڪندي محترم غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو: "لطيف سائين هن سُر ۾ "السّتي طلب" جو ذڪر دوباره ڇيڙيو آهي. اڳتي هلي لکي ٿو: "نوري کي ڄام انهيءَ ڪري نوازيو جو سندس اندر ۾ آئينو اجرو هو." (۲)

جيڪو انسان گيرپ ۽ گاءِ کان پاسو ڪري ٿو ۽ هميشہ نياز ۽ نوڙت جو دامن پڪڙيو پيو هلي، سو جڳ ۾ سرخرو ٿئي ٿو. سالڪ بہ هميشہ پنهنجي هيڻائين هلت ڪري مالڪ وٽ مان پائي ٿو. جهڙي ريت نوري پاڻ کي گهٽ ڄاڻي، نوڙت وارو رستو اختيار ڪندي هئي ۽ ڪيس اهو خطرو (انديشو) هوندو هو تہ متان سندس ذات (گندري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اصل ھئي اُن کي، اھل ڄامـــاڻـــي،
سمـــي سڄاڻي، ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾.
(١ـ ٢٣)

٣ـ تهڙو ڪينجهر ۾، ڪين ٻيو، جهڙي سونهن سنڌياس،
مڙ، مياڻيون، مڪڙا، مڙئي معاف ٿياس،
مـــورڇل مڻاس، هـــٿي ڄام هـــٿن سين.
(١ـ٢٤)

# حوالا

١ـ آڏواڻي، ڪلياڻ: "شاھ جو رسالو"ـ مڪتبہ اسحاقيہ، ڪراچي . ١٩٧٦ع ص -
٢٨٥
٢ـ شاهواڻي، غلام محمد؛ "شاھ جو رسالو"ـ آر ايچ احمد اينڊ برادرس،
حيدرآباد. ٦١ ١٩٦٠ ص ـ ٦١ـ٨٦٠ ٨٦٠



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب اٺويھون

# سُر گھاتو

گھاتو سنسڪرتي لفظ آهي، جنھن جي معنيٰ آهي شڪاري يا ماري (مڇي مارينڌڙ). هن سُر ۾ انهيءَ پيشي سان واسطو رکندڙ ماڻھن جو ظاهري طور تي ذڪر ڪيل آهي. ان ڪري ئي هن سُر تي اهو نالو رکيوويو آهي. هن سُر ۾ لطيف سائين مورڙي جي مردانگيءَ ڏاهپ ڪي علامتي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هن ڪردار جو جيڪو نفسياتي پهلو نمايان ٿئي ٿو تنهن باري ۾ محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو:

"مورڙو سيني پاٺرن ۾ ڪمزور؛ عيب وارو آهي پر وقت اچڻ تي اجگر سان ٽڪر کائيندي نه ٿو ڪسي. اهو سنڌ جي هڪ عام ويساه وسوڙيل ماڻهو جو به ڪردار آهي جيڪو صبر سان هر ڳالهه سهي ٿو. ڪڏهن ته محسوس ٿي نه ٿو ڪري ته ڪير سڄڻ ۽ ڪير دشمن آهي. بلڪل ائين مورڙو سيني ڪان پٺتي هو؛ جڏهن آتيو ته هٿي دشمن کي ڪيرائي وڌائين." (١)

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ماڻهو جي نفسيات جو جائزو وٺندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس ڪردار ڪي جنهن تصوراتي انداز ۾ پيش ڪري، نتيجا ڪڍيا آهن، سي هر پيڙهيل سماج جو ورثو رهيا آهن ۽ جڏهن اهڙو ماڻهو وقت پوڻ تي ڪَر ڪٺي ٿو تہ دشمن ۾ لابارا وجهيو ڇڏي ٿو.

هن سُر متعلق محترم غلام محمد شاهوائي لکي ٿو: دنيا مهراڻ ۽ انسان ڪُن جي مثل آهن. جيئن ڪُن ۾ ڪئين بي بها خزانا پيا آهن، تيئن انسان جي اندر ۾ بہ ڪئين روحاني خزانا موجود آهن. انهن خزانن جي چوگرد، هڪ هيبتناڪ مانگر مڇ وات ڦاڙيو ويٺو آهي. جنهن کي اهي روحاني املهہ ماڻڪ هٿ ڪرڻا هجن، سو هن سٽاٽي سيسار سان مقابلي لاءِ تيار ٿئي." (٢)

لطيف سائين موررڙي جي جسم ۽ ڪمزوري کي سندس ڏاهپ ۽ همت ڪري مهان شخصيت جي تصور ۾ ڏنو آهي. انهيءَ پهلو کي بدر ابڙي ناول "اولڊ مئن اينڊ دي سي" جي خالق هيمنگوي جي ڪردار، پوڙهي مڙس جي صورت ۾ ڏٺو آهي. هو انهيءَ سلسلي ۾ موررڙي جي ڪردار کي اجتماعي سوچ ۽ سگهہ جو مظهر قرار ڏي ٿو. جڏهن تہ هيمنگوي جو پوڙهو شارڪ مڇي سان اڪيلي سر جنگ ڪرڻ ۾ پيڇاڻ جو اظهار ڪري ٿو، "جو تہ طاقت جي کوٽ ئي انجو ڪارڻ هو جنهن ڪري پوڙهو وهيل کي وقت سر سندس مورچي مان ٻاهر ڪڍي نہ سگهيو ۽ تاڙ ۾ ويٺل شارڪ ڪانئس ماس ڦري، فقط هڏيون ڇڏي وئي.

"هيمنگوي ۽ ڀٽائي جي ڪردارن جي ويڙهہ ڪائناتي فلسفي جي پوري پوري اپٽار آهي. پر جيڪڏهن منڊي موررڙي واري مانگر مڇ خلاف جنگ ڏانهن اجتماعي جاکوڙ جي حوالي سان نظر وجهبي تہ بقا جي ويڙهہ ۾، اهو رويو وڌيڪ ڪارائتو محسوس ٿيندو. (٣)

شري ڪلياڻ آڏواڻي هن سُر متعلق لکي ٿو: "هن سُر ۾ دنيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي مها ساگر جي صورت ڏني وئي آهي ۽ ان جي خوفن ۽ خطرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. نفس مانگر مڇ مثل آهي ۽ انسان جي اندر ۾ حرصن ۽ هوسن جو ڪُن هميشہ جولانيون پيون ماري. نفس، مانگر مڇ مثل آهي، جو ڪڏهن بہ راضي ٿيڻ جو ناهي ۽ هر وقت نئين نئين طلب ڪندو ٿو رهي. سندس طمع جي حد ئي ناهي. جيڪي ڳڙڪائي، سو ٿورو. انهيءَ نفس کي مارڻ لاءِ سخت ڪشالا ڪرجن. رڳو ڏرمي يا ديني فرض انکي مات نہ ٿا ڪري سگهن." (۴)

پهرئين مثال ۾ محترم جوٽيجو صاحب سنڌ جي عام وسوڙيل ماڻهو جي نفسياتي روش جو اظهار ڪيو آهي، جنهن مطابق اسان کي جيڪو سماجي تبديلي لاءِ عملي قدم ۽ ڪارگر وسيلو ونڻو آهي، سو ڪردار جو وسيلو آهي. ڪردار جي سوال کي اسين صرف سماجي ڪمزوري يعني هيٺائپ، صبر ۽ نهٺائي جي سببن سان حل ڪونہ ٿا ڪري سگهون، پر اهو ڪردار جي صحيح استعمال سان حل ٿئي ٿو. مورڙو هڪ صابر ۽ ويساه وسوڙيل ڪردار آهي، جيڪو سماجي تبديلي چاهيندي بہ ڪجھ نہ ٿو ڪري سگهي. پر جڏهن وقت آيو تہ هن پنهنجي همت ۽ حڪمت جو موثر طريقي سان استعمال ڪيو، ۽ هر ڪا شيءِ سندس سوچ مطابق وقوع پذير ٿي.

محترم شاهواڻي انساني ترقي ۽ سماجي تبديلي آڻڻ لاءِ ڪنهن چونڊيل فرد جي ڳالھ پولهہ ڪري ٿو. جنهن ۾ ملي، قومي ۽ اجتماعي بنيادن تي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي. پر ان جي چوگرد هڪ مضبوط ديوار بيٺل آهي جيڪا سماجي تبديلي واري عمل جي تربيت واري راه ۾ رخنو پيدا ڪري ٿي. جيڪڏهن چونڊيل فرد کي سماجي تبديلي جي سوال تي ڪم ڪرڻو آهي تہ پوءِ خلوص ۽ سچائي سان گڏ همت ۽ حڪمت سان ان حصار کي ڪيرائڻو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محترم بدر ابڙي جي راءِ، انساني بقا واري جنگ ۾ اڪيلي سر بجاءِ، اجتماعي سوچ تي منحصر آهي. ڪائنات ۾ سوين سور ۽ هزارين مسئلا، زندگي جي چوواٽي تي سامهون ايندا رهن ٿا. جيئڻ لاءِ انهن سان مقابلو ڪرڻو پوندو. پر اهو مقابلو سماجي سطح تي لڙڻو آهي ۽ انسان دشمن قوتن کي ماري مات ڪرڻو آهي.

شري ڪلياڻ آڏواڻي انسان کي نفس اماره جي چڪر ۾ ڦاٿل ڄاڻي ٿو. هن جي چوگرد حرص ۽ هوس جو ڪوٽ اڏيل آهي. نفس اماره انسان تي حاوي ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رذل ۽ هر وقت سندس من ۾ طمع جي تونگرائي ۾ اضافو آڻيندو رهي ٿو. نفس انساني جيتوڻيڪ هڪ آهي پر ان جون حالتون ٽي آهن. پهرين حالت نفس جي اماره آهي جنهن کي تڪليفن ۽ ڪشالن ڪيڻ سان "لوامه" جي صورت ۾ آڻي سگهجي ٿو. پر اجا بہ انسانيت جي مسئلن کي حل ڪرڻ سان، ان جي حالت "مطمئنہ" ٿي پوي ٿي.

"هن سُر جون مکيہ علامتون هي آهن:

گهڻ ڄاڻ، ڪلاچي، چڪيہ، گهاتوئڙا، ملاح، بازار، چلر، پَٽ، مَڇ، ميڪر، سمنڊ، ڪاتاريون، ووڻ وغيره.

ڪجھ علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا.

١ـ گهنگهريا گهڻ ڄاڻ، موڙهي مت مَهائين،
ويا گڏجي ويـر ۾، پـيا منـهن مـهراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، ويـا ويـچارن وسـري.
(١ـ١)

٢ـ نڪا بوءِ بـازار ۾، نڪـا چلـر ڇٽ،
جتـي ڏنيـريـن جـي، اڳي هـئـي آڪـٽ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سـي پڙ پسـيو پـٽ، مـاٺھو وڃن موٽيا.
(١ـ١١)

٣ـ نہ سي ووڻ وڻن ۾ نہ سـي ڪـاتاريون،
پسـو بازاريـون، ھينئـڙو مـون لـوڻ ٿـئي.
(١ ـ ٢٥)

٤ـ گھورينـدي گھور پـيا، اگھـور گھـوريـائـون،
ميـڪر مارياڻـون، مـلاحن مـنھن سـنرا.
(١ ـ ١٥)

# حوالا


١ـ جوڻيجو، عبدالجبار(ڊاڪٽر): "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ـ سرھ ڪتاب حيدرآباد ١٩٧٣ع ص ـ ٥٢

٢ـ شاھواڻي، غلام محمد: "شاھ جو رسالو"ـ آر ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ٦١ـ ١٩٦٠ع ص ـ ٨٧٩

١٣ـ جوڻيجو، عبدالجبار (مرتب): "نرتي تند نياز سين"ـ سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ١٩٨٨ع ص ـ ٨٤

١٤ـ آڏواڻي، ڪلياڻ: "شاھ جو رسالو"ـ مڪتبہ اسحاقيہ، ڪراچي . ١٩٧٦ع ص ـ ٢٩٣ ـ ٢٩٤




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ويهون

# سُر سورٺ

سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جي قصي جي مناسبت سان هن سُر تي اهو نالو رکيو ويو آهي. سُر سورٺ ۾ لطيف سائين جيڪي علامتون ڏنيون آهن، سي سڀ پنهنجي بختي فن ۽ فڪر جي لحاظ کان، هڪ ڪارنامو چئي سگهجن ٿيون. لطيف سماع ۽ سرود جو عاشق هو. تنهن ڪري ان روحاني رمز کان ماڻهن کي بہ آگاهي بخشيائين. اها روحاني رمز ئي هئي جنهن ڪري راءِ ڏياچ سر ڏيئي، امر ٿي ويو. دنيا ۾ جيڪا بہ قرباني ڏني ويئي ٿي، سا سر جي قرباني کان گهٽ آهي. انهيءَ ڪري ئي چيو ويو آهي تہ "راڳ ۾ ياڳ آهي." سخنورن جو اهو چوڻ نهايت ئي معنيٰ خيز ۽ اونهو آهي. صوفين جي سماع واري محفل پڻ برڪتن سان ڀريل، روحاني رازن جي ڏي وٺ هوندي آهي، جنهن ۾ وجد ۽ مستي جا انمول واقعا پيش اچن ٿا.

سماع جي سلسلي ۾ اسان وٽ ڪافي روايتون موجود آهن جن کي سمجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ سماع نہ صرف انسان تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظاهري طرح تي اثرانداز ٿئي ٿو، پر روحاني طور تي بہ اندر ۾ وڏا چيھہ وجھي ٿو. ان ڪري ئي صوفياءِ ڪرام آڏو موسيقيءَ ۽ سماع جي حيثيت مڪروه نہ آهي. مشهور محدث، عالم، فقيھہ ۽ زاهد عبدالملوڪ بن جريح نہ صرف موسيقي پڌندو هو، پر ان علم ۾ پوري مهارت بہ رکندو هو. (١)

هي دنيا نفوس قدسيہ کان بہ خالي نہ آهي. اهڙا نفس هر آواز کي محبوب حقيقي جي صدا سمجهندا آهن. راءِ ڏياچ اهڙن ئي نفسن مان هڪ هو. موسيقي جو مزو اهڙا نفس جهڙي ريت حاصل ڪن ٿا تن جو پتو ڪين ئي آهي. موسيقي جو آواز ڪنن رستي دل تائين پهچي ٿو، پر اهو لطف هر ڪا دل حاصل نہ ٿي ڪري سگهي. ان ڪري ئي لطيف سائين، راءِ ڏياچ کي اهڙي نفس جي علامت طور پيش ڪيو آهي، جو موسيقي جي روحاني راحت کي بخوبي واقف آهي. هن کي اها بہ ڪل آهي تہ بيجل جهڙي مسڪين چارڻ، سُر جي سئن پنهنجي بکئي پيٽ کي ڀرڻ ۽ دنيوي سهولتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هنئين آهي. هو چاهي ها تہ پنهنجي وچن کان ڦري بيجل کي سون جو مصنوعي مٿو ٺهرائي، اصل سر جي بدران ڏئي ها، پر هن ائين نہ ڪيو، ڇاڪاڻ جو هن کي ڄاڻ هئي تہ هڪ سر (راءِ ڏياچ جو) ويندو پر ٻيو سر (بيجل جو) بچندو. نہ تہ انيراءِ جي وحشيانہ حڪم جو شڪار ٿي بيجل جان وڃائي ويهندو.

پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي لکي ٿو: "شاهہ سيني سورمين جي دانهن جو دردناڪ نقش ڪڍيو آهي، ليڪن سورٺ ڀيري الائي ڇا ٿيس؟ مڙس کي هٿن سان پنهنجو سر ڪپيندي ڏسي، زال جي دل ۾ ڪهڙي نہ آنڌ مانڌ پيدا ٿي هوندي،... ويچاري بي وسائي جي حالت ۾ سينو چيرينڌڙ ورلاپ ڪيا هوندا. سر سورٺ وڏيڪ وٽندڙ شيءِ ٿئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ها. جيڪڏهن شاه ان ۾ سورٺ جي دلي امنگن جو اظهار ڪري ها."
(٢)

مٿين سوال جو جواب پروفيسر ڀمڀاڻي صاحب پاڻ ڏنو آهي، لکي ٿو: "شايد انهيءَ خيال کان تہ سورٺ جي سورن جو بيان، راءِ ڏياچ جي اهميت کي جهڪو ڪندو. وڌيڪ هيئن پڻ ممڪن آهي تہ ڪانڌ جي قرب ۾ استريءَ جي ورلاپن جو شاه کن ٻين سُرن ۾ چڱو ئي وستار ڪيو آهي." (٣)

پروفيسر ڀمڀاڻي جي جواب ۾ هي بہ اضافو ڪري سگهجي ٿو تہ سُر ۾ سورٺ جو ڪردار راءِ ڏياچ جي زال وارو نہ آهي بلڪ لطيف هن کي هڪ انوکي تصور ۾ پيش ڪيو آهي. سورٺ جو تصور نفس لواما وارو آهي. اهو نفس يعني ضمير هميشہ نفس اماره کي صحيح ۽ راستيءَ واري رستي تي وٺي هلندو آهي. ان ڪري ڪانئس ڪو بہ اهڙو عمل سرزد ڪونہ ٿيندو آهي جيڪو انسانيت ۽ شريعت جي برعڪس هجي. سورٺ جي بيوسائي جي حالت ۾ ورلاپ ڪرڻ جي ڳالهہ هت درست نہ ٿي لڳي. باقي مقصدي ماڻهن ۽ نيڪو ڪارن جي هلي وڃڻ ڪري جيڪا قدرتي طور تي آنڌ مانڌ ۽ پريشاني چڱن انسانن (نفس لواما رکندڙ) ۾ پيدا ٿيڻ گهرجي، لطيف سائين تنهن جي ذڪر ۾ ڪوتاهي ڪونہ ڪئي آهي. هي بيت انهيءَ حقيقت جي گواهي لاءِ ڪافي آهي:

گل چنو گرنار جو، پٽڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اُڀيون اوسارين،
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين: راجا رات رمڪيو!.
(٤-١٢)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳتي هلي پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي، سورٺ جي ڪردار جي پاڻ خاطري ڪندي چوي ٿو: شاهه جي سورٺ جيڪڏهن اهڙي نيچ اداڪار هجي، ته ٻوءِ آڪاڻي کي سندس نالي سان سڏي، پاڻ ڪيس اهڙي مشهوري ڪيئن ڏنائين. (۴)

اهو سچ آهي ته جيڪڏهن سورٺ جو ڪردار نيچ هجي ها ته لطيف سائين ڪڏهن به سُر کي سورٺ جي نالي سان منسوب نه ڪري ها. تنهن ڪري پروفيسر ڀمڀاڻي جو اهو چوڻ ته "سر کي سڏيائين سورٺ جي نالي سان تنهن هوندي به سورٺ سان اها محنت نه ڪئي اتس جا ڪرڻ گهربي هيس." سو صحيح نه ٿو لڳي. (شاهه جون سورميون ص ـ ۷۷)

پروفيسر غلام محمد شاهواڻي ("شاهه جو رسالو" ـ ص ـ ۸۹۰) لکي ٿو ته : " نفس مطمئنه جڏهن اماره نفس جي ذريعي مرشد کي مال متاع آڇي ٿو، ته هن کي سر ڏيڻ جي ماهيت معلوم نه هئڻ ڪري، خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته ڪهڙو ويل وهايان ٿو." ساڳي صفحي تي اڳتي هلي لکي ٿو ته "هن سُر ۾ شاهه هڪ اهڙي سالڪ جو ذڪر ٿو ڪري، جنهن نفس اماره تي قبضو ڪيو هجي ۽ ڪيس سورٺ جهڙو نفس مطمئنه هجي ۽ ٻيجل جهڙو ڪامل مرشد ملي."

محترم شاهواڻي (" شاهه جو رسالو" ـ ص ـ ۸۹۰) ٻه اختلافي ڳالهيون ڪيون آهن. هڪ هنڌ سورٺ کي نفس مطمئنه چوي ٿو، پر ٻي جاءِ تي چوي ٿو ته نفس مطمئنه جڏهن اماره نفس جي ذريعي مرشد کي مال متاع آڇي ٿو، تڏهن اسان کي معلوم نه ٿو ٿئي ته محترم شاهواڻي هن جاءِ تي جو سورٺ (نفس مطمئنه) ڪان ڪامل مرشد (ٻيجل) کي مال متاع جهڙي ڪُڏي ڪم ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ نفس اماره جو سهارو وٺندي ڏيکاريو آهي؟ جڏهن ته نفس مطمئنه،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نفس جي انهن حالتن کان مٿي واري حالت آهي.

جيڪڏهن شاهوائي صاحب جو مقصد اهو آهي تہ سورٺ "نفس مطمئنہ " آهي تہ پوءِ راءِ ڏياچ کي سورٺ کان هڪ حالت مٿي "نفس قدسيہ" چئي سگهجي ٿو. تنهن صورت ۾ نفس مطمئنہ جو اهو عمل نہ ٿيندو تہ نفس قدسيہ کي سچي عمل کان روڪڻ لاءِ نفس اماره کي ريهي ريبي، مرشد ڪامل تي حملي ڪرڻ جو درس ڏئي ۽ مرشد کي راه حق کان هٽائڻ جون ڪوششون ڪري.

سورٺ کي تہ انهيءَ عمل ۾ لطيف سائين، راءِ ڏياچ سان پاڳي پائيوار ڏيکاريو آهي. سورٺ ڪٿي بہ راءِ ڏياچ کي روڪڻ واري روش اختيار ڪري ها تہ راءِ ڏياچ جي عمل ۾ فطري طور تي لغزش پيدا ٿئي ها. جيڪا ڪٿي بہ ظاهر نہ ٿي آهي. پاڻ اهڙي عمل تي راجا خوشي جو اظهار ڪيو آهي.

جاجڪ تو جَهار، ڏهہ پيرا ڏياچ چئي،
جنهن ۾ مال نہ مِڙيءَ جيترو تنهن تون طمعدار،
جي اچيئي ڪم ڪپار، تہ ويھ پيرا وڌي ڏيئين.
(٢-٦)

شري ڪلياڻ آڏواڻي جي سورٺ جي سلسلي ۾ راءِ پڏندا شاه جو رسالو - ص - ٣٠٠ تي لکي ٿو: " طالب نفس کي نابود ڪري مرشد ۾ فنا ٿو ڪائي. نفس مٺو تہ سک ٿيو. "سورٺ مئي، سک ٿيو خيما ڪنيا ڪنگهار." اتي سورٺ کي نفس جي معنيٰ ۾ وٺڻ گهرجي."

مٿين نڪتي تي، سورٺ جي سيرت ۽ ڪردار متعلق بہ پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي جي راءِ ڪجهہ مختلف آهي. هو لکي ٿو: " پڙهندڙن وري سورٺ سان حد بي انصافي ڪئي آهي، جو سورج جي معنيٰ ڪئي اٿن نفس. مان ٿو پڇان تہ سورٺ نفس ڪيئن ٿي؟ هن راءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏياچ لاءِ کھڙي شيطاني چار پکيڙي هئي؟ هوءِ راءِ ڏياچ جي ارادي آڏو ڪين آئي، هن پتيءَ کي اقرار پارڻ کان نہ پليو. نہ تہ شاهہ ضرور ان جو بيان ڪري ها... سورٺ جي قرباني نظرانداز ڪري، ڪيس نفس سان مشابهت ڏيڻ وڏي ادبي غلطي آهي." (۵)

پروفيسر ڀمڀاڻي جو رايو درست آهي تہ سورٺ کي نفس جي علامت ۾ وٺي، اسان جي پڙهندڙن ادبي غلطي ڪئي آهي. حقيقت اها آهي تہ سورٺ هڪ محتسب جي روپ ۾ پيش ٿيل آهي. عام اصطلاح ۾ محتسب کي ضمير، نفس لواما، ايماني قوت ۽ تقويٰ بہ چئي سگهجي ٿو. جو تہ سورٺ راءِ ڏياچ کي سر وڍي ڏيڻ واري عمل کان ڪونہ روڪيو. پر هوءَ تہ پاڻ ان عمل ۾ شريڪ ٿي، مڙس جو سر سنواري ٻيجل جي حوالي ڪيائين ۽ پوءِ مڙس سان گڏ چکيا ۾ سڙي، ستي ٿي. ان صورت ۾ سورٺ جي علامت کي ضمير جي تصور ۾ وٺڻ گهرجي، نکي نفس اماره جي روپ ۾. سورٺ جيڪڏهن نفس هجي ها تہ لطيف سائين ٻيجل جي زباني راءِ کي هيئن مخاطب نہ ٿي ها:

مڱ نہ جهليان مورهين، نہ مون پنڌ پري،
ڳئي آيس ڳالهڙي، ڳجهي تو ڳري،
سا سمجهج سورٺ ور، ويندس ڪين وري،
پريان پير پري، تو لئہ آيو آهيان.
(۲ ـ ۲۱)

تصوف ۾ نفس کي شريعت جي تابع ڪرڻ سان ئي مقصد حاصل ٿئي ٿو. نفس انساني هڪ آهي پر ان جون حالتون چار آهن. پهرين حالت ۾ نفس اماره هوندو آهي. ٻي حالت عبادتن ۽ رياضتن بعد پيدا ٿئي ٿي، جنهن ۾ نفس لواما بڻجي ٿو. وڌيڪ رياضتون نفس کي مطمئنہ ڪنديون آهن. نبين، رسولن ۽ پيغمبرن جا نفس قدسيہ ٿيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. اها حالت نفس مطمئنہ کان متاهين آهن.

نفس مطمئنہ جي ڪيفيت اها هوندي آهي جو من جو هر عمل خدا جي خوشنودي لاءِ هوندو آهي. جنهن ۾ حجت، انڪاري يا دنيوي زندگي ڏانهن رغبت جو هڪ شائبو بہ شامل نہ هوندو آهي. اهڙو نفس (مطمئنہ) ڪيئن پيجل کي مال متاع ڏيڻ لاءِ نفس اماره جو سهارو وٺندو.

شري ڪلياڻ آڏواڻي، سورٺ کي نفس اماره ثابت ڪرڻ لاءِ هن سٽ جو سهارو ورتو آهي تہ "سورٺ مٺي سڪ ٿيو. خيما ڪنيا ڪنگهار". پر ڏنو وڃي تہ سورٺ راءِ ڏياچ کان اڳ تہ ڪونہ مٺي. اڳ ۾ تہ راءِ ڏياچ سر ڏنو ۽ سندس چڪيا ۾ سورٺ سڙي ستي ٿي.

مٿين سٽ مان سورٺ کان وڌيڪ پيجل (مڱڻهار) جي ڪڏي ڪردار جو پتو پوي ٿو.

سورٺ مٺي، سڪ ٿيو. خيما ڪنيا ڪنگهار،
نہ ڪو راڳ نہ روپ ڪو. نہ ڪا تند تنوار،
تهان پوءِ مڱڻهار. ڏنو سر ڏياچ کي.
(٢ـ ١٦)

مڱڻهار جو راڳ روپ جو چار پکيڙي، تند تياڳي، سنياسي ۽ جوڳين جو جنسار ڪري، صرف ڏياچ جو سر حاصل ڪرڻ مقصد هو. انهيءَ مقصد جي حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيس خبر هئي تہ سورٺ راجپوتن جي رواج موجب زنده نہ رهندي. يعني جڏهن نفس مطمئنہ نہ ٿو رهي تہ نفس لواما (جنهن جو واسطو مذڪوره نفس سان آهي) جو وجود ئي ڪونہ ٿو رهي. جو تہ نفس لواما نفس جي ئي حالت آهي. جڏهن انسان پنهنجي صلاحيتن موجب ذهني ۽ روحاني ترقي جي ان منزل تي رسائي حاصل ڪري ٿو، جتي انساني نفس، نفس مطمئنہ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حوالي ڪيائين. پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي لکي ٿو ته : "ٻيجل آخر پروڙيو ته راءِ ڏياچ جو سر وٺي، سورٺ کي ڏهاڳ ڏيڻي. هن ٻرو ڪم ڪيو هو." (٧)

تاريخ ۾ اهڙا واقعا هر دور ۾ دهرائبا رهيا آهن. هڪ ڏياچ قربان ٿيندو ۽ هڪ سورٺ ستي ٿيندي ته ٻيو ڏياچ ۽ ٻي سورٺ ميدان عمل ۾ سچائي جي ورڪا ڪرڻ لاءِ ايندا رهندا. حقيقت ۾ اها سورٺ ئي هئي، جنهن پنهنجي حسن، پيار ۽ حڪمت سان راءِ ڏياچ ۾ سخاوت، همت ۽ حوصلو پيدا ڪيو هو. اها سورٺ ئي هئي جنهن پنهنجي وجود سان راءِ ڏياچ کي سر ڏيڻ واري عمل تي آماده ڪيو. سورٺ جي مرڻ مان ٻيجل ائين ڄاتو ته قرباني جي عمل لاءِ ترغيب ڏيندڙ عنصر ئي ختم ٿي ويو ۽ انهيءَ جي ختم ٿيڻ سان شيطاني قوتن کي خرافات ڦهلائڻ جي آزادي سان موقعو ملي ويندو.

سُر سورٺ ۾ غلام محمد شاهواڻي ٻيجل کي مرشد ڪامل جي تصور ۾ ۽ راءِ ڏياچ کي مريد يا سالڪ جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. (شاهه جو رسالو - ص - ٨٩٠)

انهيءَ سلسلي ۾ پروفيسر ڀمڀاڻي جو رايو مختلف آهي. هو لکي ٿو: جن سورٺ کي نفس سڏيو آهي، تن جو چوڻ آهي ته ٻيجل جي مراد آهي مرشد. ٻيجل ته پيسي جي لالچ ۾ اچي راجا کان سر جي طلب ڪئي. سنڌس زال هيرن جو ٿالهه وٺي رکيو. سو ٻيجل کي ضرور سر وڻيو هو. نه ته راجا سنڌس سر ڪپائي ها. پاڻ کي بچائڻ لاءِ هن راءِ ڏياچ کان سنڌس سر طلبيو. آڪاڻي جي آخر ۾ اچي ٿو ته جڏهن راءِ ڏياچ جو سر ڪٽي، ٻيجل وطن وريو ۽ راجا انيراءِ مٿس غصي ٿيو. تڏهن هو راءِ ڏياچ جي ملڪ واپس آيو ۽ سورٺ کي چڪيا تي سڙندو ڏسي پاڻ چريو ٿي پيو ۽ پڇتاءُ جو اظهار ڪري، پاڻ کي ٻه ڪٽي ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڪيا تي اڇلايائين، جتي سڙي ڀسم ٿي ويو. ڀيجل آخر پروڙيو تہ راءِ ڏياچ جو سر وٺي، سورٺ کي ڏهاڳ ڏيڻي، هن برو ڪم ڪيو هو. انهن نڪتن جي ڳڻ ڳوت ڪانپوءِ بہ ڀيجل کي مُرشد سڏي، سچي آڪاٽي کيٰ تمثيلي رنگ ڏيڻ ناجائز آهي. ڀيجل تمام ضعيف سيرت وارو اداڪار آهي. اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ ڀيجل کي جنهن ڳالهہ چوٽ رسائي، سا هئي سورٺ جي جيئري پاڻ جلائڻ. (٨)

پروفيسر ڀمڀائي جو رايو منطقي ۽ قابل فهم آهي جو تہ آڪاٽي کي هرويرو تمثيلي رنگ ڏيڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. عقل ۽ ڪسوٽي مطابق جيڪا ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي، اها هيءَ آهي تہ ڀيجل مايا جي موهہ ۾ ڦاسي ۽ انيراءِ جي خوف ڪان، انهي ڪڌي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. لطيف سائين ڀيجل کي هڪ اهڙي علامت ۾ پيش ڪيو آهي، ۽ هي هڪ اهڙو ڪردار آهي جيڪو پنهنجي فن، فڪر ۽ معلومات مان ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ ڪان ڪيبائي نہ ٿو. اهڙا ڪيئي انسان اڄ بہ سنسار ۾ موجود آهن.

ڀيجل هڪ ماهر سرندي نواز آهي جنهن کي سُر تي مڪمل مهارت آهي. اهو فنڪار پنهنجو فن ٽڪن تي وڪڻي، انساني بهتري جي بجاءِ، تخريبي سرگرمين ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. ڀيجل جو ڪردار عام مڱڻهار ڪان مٿي هڪ علامتي روپ ۾ نروار ٿيو آهي. هو مهان شخص راءِ ڏياچ جي سخاوت واري راڄ ڪان راضي نہ آهي. بلڪ هو دشمن جو چاڙتو ۽ ٽڪن تي وڪائيل آهي. ان ڪري راءِ جي راڄ کي ختم ڪرڻ جي ڪِد آهي. هن کي اجل جو ڪنديو ڪپار ۾ لڳل آهي. پر لطيف چوي ٿو:

موٽي مڱڻهار! شـال مَ اچـين ڪڏهين،
ائي پهر اجل جو، ڪنڊو منجهہ ڪپار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئڻ تو سبب چمار، هنيا ڇتَ پَٽن تي.
(٢-٥)

محترم تنوير عباسي ٻه ٻيجل جي ڪردار تي لکيو آهي هو چوي ٿو: "(ٻيجل) مڱڻهار ناهي. پر اهو مڱڻهار جي حيثيت کان اڳتي وڌي هڪ اهڃاڻ ٿي ٿو وڃي. عام مڱڻهار خطرناڪ ناهي. ان کي اجل جو ڪنڌو منجهہ ڪپار ناهي. اهو مڱڻهار ڇتَ پَٽن تي هٿي نہ ٿو سگهي. رڳو هڪڙو مڱڻهار ٻيجل ٿي آهي جيڪو اهڃاڻي حيثيت ۾ اهڙو مڱڻهار آهي جيڪو فنڪار جو اهڃاڻ آهي. جيڪو وري وري ٿو اچي ۽ ڇتَ پَٽن تي هٿندو ٿو رهي. اهو صحيح معنيٰ ۾ فنڪار آهي، جنهن آڏو، تاج، تخت يا حڪومتون ڪا بہ معنيٰ نہ ٿيون رکن. هڪ وقت تي، هڪ فاني ڪردار مان هڪ لافاني حقيقت جو اظهار هڪ اٽر اصول جو بيان، جُز مان هڪ ڪُل جي پروڙ. " (٩)

محترم تنوير عباسي ٻيجل کي جنهن تصور ۾ ڏٺو آهي سو هڪ طاقتور ۽ سڀ تي قابو پائيندڙ ڪردار جو تصور آهي، جيڪو عام مڱڻهار ڪان مٿي عزرائيل جي روپ ۾ اچي ٿو. ان ڪري ٿي هن کي صحيح فنڪار سمجهيو ويو آهي. جنهن جي آڏو تخت يا حڪومتون ڪا وقعت نہ ٿيون رکن. اهو فنڪار وري وري اچي ٿو. اهو فنڪار سپر طاقت جو ڊپلوميٽ بہ ٿي سگهي ٿو، جنهن کي پنهنجي فن تي ناز آهي. هن جي آڏو ڪو بہ تخت يا حڪومت ڊاهڻ ڏاڍي هٿ جو ڪيل آهي. جو تہ هو صحيح فنڪار آهي. پنهنجي فن ۾ يڪتا.

مطلب تہ ٻيجل جي ڪردار کي لطيف سائين جي تصور مطابق هر تخريبڪار ذهن رکندڙ ڏاهي جي علامت ۾ ڏسي سگهجي ٿو. آخر ۾ ٻيجل بہ سورٺ سان گڏ چڪيا تي چڙهي ٿو. ان مان اهو نڪتو ظاهر ٿئي ٿو تہ انسان جڏهن انسانيت جي گر کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاڳي ٿو ته هتي ٿي ڪيس دلي خوشي نصيب ٿئي ٿي، جيئن ٻيجل کي ندامت بعد ڏياچ ۽ سورٺ جي چڪيا نصيب ٿي.

ڪجهه ٻيا علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا.

۱- سرديءَ سالر نہ رهان، گرميءَ ٿيان گداز،
امن ڏيج امان تون، سائل هٿي ساز،
رٻابيءَ کي راز، خالص ڏيج خليل جو.
(۱-۷)

۲- پائي پٽ ڪٺان، مون تان مور نہ منگيو،
تازي طبيلن ۾، گهوڙا گهر گهٺان،
هاٿيءَ ڪارڻ هيڪڙي، آن ڪا تند هٺان؟
جا مٿي تو مٺيان، تنهن سر جو آهيان سيڪڙو.
(۲-۹)

## حوالا


۱- غزالي، امام ابو حامد: (مترجم سيد نصير شاه و رفيع الله): "موسيقي کي شرعي حيثيت"- اداره ثقافت اسلاميه لاهور - ۱۹٦۴ع ص - ۳۷

۲- آواز لطيف": سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي - آڪٽوبر ۱۹۸۷ع ص - ۳۷

۳- ..................... ايضا ..................... ص - ۴۵

۴- ..................... ايضا ..................... ص - ۳۸

۵- ..................... ايضا ..................... ص - ۳۸

٦- جوڻيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر): "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ "- سره ڪتاب،




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حيدرآباد، ١٩٧٣ع ص - ٥٢
٧- "آواز لطيف" سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي - آڪٽوبر ١٩٨٧ع ص ٣٨
٨- .................. ايضا ................ ص - ٣٨
٩- عباسي، تنوير؛ "شاهه لطيف جي شاعري" - شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي ١٩٧٦ع ص - ١٤٦

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ايڪويھون

# سُر ڪيڏارو

ڪيڏارو "جنگ" ۽ "جنگ جي ميدان" کي چوندا آھن.

"ڪيڏارو ھندستاني راڳ ۾ ھڪ راڳڻي جو نالو بہ آھي ۽ جنگ کي اسين ڪيڏارو چوندا آھيون. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "لطيف انھيءَ اکر کي "دوآتشہ" ڪري وڌو آھي." (١)

محترم غلام محمد شاھوائي ("شاھ جو رسالو" صفحو ٩٢١) لکي ٿو تہ "ڪيداري" ھڪ ھندستاني راڳڻي جو نالو آھي، جا ديپڪ راڳ جي پنجين پارمائن (زالن) مان ھڪ آھي." ڪلياڻ آڏواڻي ("شاھ جو رسالو" ص-٣١٤) لکي ٿو تہ "ڪيڏارو، سنسڪرت لفظ "ڪيداري" جي بگڙيل صورت آھي، جنھن جي معنيٰ آھي جنگ جو ميدان. ھن راڳڻي کي سمپورڻ راڳڻي ڪري سڏيندا آھن.

حضرت امام حسين رضہ، يزيد جي خلافت کي ظاھري توڙي باطني طور تي اصل تسليم نہ ڪيو ھو. انھيءَ موقعي جي تلاش ۾ بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو تہ مسلمانن کي ان جي حڪومت کان نجات ڏياريان. ان ڪري ڪوفي جي خطن اچڻ ڪري، امام سڳورن يزيد خلاف جهاد في سبيل الله لاءِ هڪ شعوري ڪوشش ڪئي. نتيجي ۾ ڪيس شهادت نصيب ٿي.

امام حسين رضہ جي شهادت جي سلسلي ۾ محترم غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو: "هن سُر ۾ شاه سچ جي راه ۾ سور ۽ سختيون سهي، سر فدا ڪرڻ جو سبق، امامن جي ڪربلا واري قضئي مان پرائڻ جي تلقين ڪري ٿو. امامن دنيا تي دين ڪونہ وڪيو." (شاه جو رسالو ص ـ ۹۲۴)

شري ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو:

"سچا انسان ڪڏهن بہ ظلم ۽ ستم اڳيان نہ ٿا جهڪن، ۽ پنهنجي جان سائين تان صدقو ڪرڻ ۾ سعادت ٿا سمجهن. سندن شهادت جي برڪت سان ئي دنيا ۾ حق جو گلشن هميشہ سرسبز ۽ شاداب ٿو رهي." (شاه جو رسالو، ص ـ ۳۱۴)

مقصدي ماڻهو پنهنجي حقيقي دوست جي مظهرن جي حفاظت ۽ بقا لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏيندا آهن. اها انهن مقصدي ماڻهن جي قرباني ئي آهي جو اڄ اولاد آدم کي صداقت ۽ حسن جون خوبيون حاصل آهن. نہ تہ هي ڪائنات ظلم جي آڙاه ۾ وجي ڪري ها.

انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ هن ڌرتي جو چمن، ڪيترن ئي مقصدي ماڻهن جي خون جي سيرابي سان سرسبز ۽ شاداب ٿيو آهي. پر جيڪا قرباني جناب امام عاليمقام ڏني، سا تاريخ ۾ منفرد حيثيت رکي ٿي.

محترم غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو: "سچ تان سر صدقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندڙن جا مثال، دنيا جي تاريخ ۾ ٻيا بہ گھڻائي ليندا. پر ڪربلا جي واقعي جھڙو رقت آميز حادثو مشڪل ملندو. حضرت عيسيٰ صليب تي سر ڏنو ۽ منصور سوريءَ تي پساھ ڇڏيو. پر امامن جھڙي آزمائش ڪنھن سان ڪانہ ٿي. ھت تہ ھرھڪ، پاڻي جي بوند لاءِ سڪي، ٻڪ ۾ پاھ ٿي، سچ تان سر صدقي ڪيو." (شاھ جو رسالو" -ص ٩٢٥)

شھادت دراصل ھڪ اھڙي حقيقت آھي جنھن ۾ ھڪ طرف حيات ابدي حاصل ٿئي ٿي ۽ ٻي طرف مقصد حاصل ڪرڻ جي راھ متعين ٿئي ٿي. انسان کي جيسين انھيءَ اعليٰ مرتبي جي ڄاڻ ھئي تسين ھن جي منزل بہ آسمان کان بلند ۽ بالا ھئي.

سُر ڪيڏارو جا ڪجھ علامتي بيت ھيٺ ڏجن ٿا:

١- سختي شھادت جي، نسورو ئي ناز،
رند پروڙين راز، قضئي ڪربلا جو.
(١-١١)

٢- دوست کھائي دادلا، محب مارائي،
خاص خليلن کي، سختيون سھائي،
الله الصمد بي نياز، سا ڪري جا چاھي
انھين منجھ آھي، ڪا اونھي ڳالھ اسرار جي.
(٢-١٠)

٣- ڪاري ڪر ھيٺ، مون جھيڙيندي ڇڏيا،
ڪارا ڪُند ھٿن ۾، اڙل وڃيرا ھيٺ،
ٿي تنين سين ڏيٺ، موٽڻ جنين مھٽو.
(٣-٢)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا

١- جوڻيجو، عبدالجبار(ڊاڪٽر): "ڪنز اللطيف" (پاڱو پهريون) - در محمد جوڻيجو، حيدرآباد، ١٩٦١ع ص - ٤١



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ٻاويھون

# سُر سارنگ

سُر سارنگ ھڪ راڳڻي آھي جيڪا ميگھہ راڳ جي اٺن پٽن مان ھڪ آھي. ملھار وري ميگھہ جي پنجن زالن مان ھڪ ڪي چئجي ٿو. ميگھہ، ملھار ۽ سارنگ معنوي لحاظ کان ھڪ ئي شيءِ جا نالا آھن. ڪلياڻ آڏواڻي سارنگ لاءِ لکي ٿو تہ ڪن صاحبن جو چوڻ آھي تہ سارنگ ھڪ پکي جو نالو آھي، جنھن جي مُنھن ۾ درديلن آلاپن مان ھي سُر ورتو ويو آھي.

سارنگ پاڻي جو تصور ڏي ٿو ۽ پاڻي زندگي جو ٻيو نالو آھي. پاڻي ۽ روشني ٻئي ساڳئي مقصد ۾ استعمال ٿين ٿا. جيئن پاڻي جو ڪم آھي ھر شيءِ کي ڌوئي صاف ڪرڻ. تيئن ئي مينھن پنھنجي عمل ذريعي ڌرتي مٿان چڙھيل گند، ڪچري ۽ ٻين غلاظتن کي ڌوئي صاف ڪري ٿو. انسان جي ظاھري صفائي جو ذريعو پاڻي آھي. مينھن (سارنگ) ۾ آڪاش طرفان رحمت جو پيغام آھي جيڪو نہ صرف زمين جي ٻاھرين سطح کي صاف، پاڪ ۽ اجرو ڪري ٿو. پر ساڳي وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زمين ۾ اندر پيهي، اُن مان قسمين قسمين وڻ، ٻوٽا ۽ ٻيون ناياب شيون، جاندارن جي جياپي لاءِ پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو. سارنگ جي ذريعي نہ صرف انسان مادي طور تي خوشحال ٿئي ٿو پر روحاني طور تي بہ هن جي نشو نما ٿئي ٿي. روح جي تسڪين لاءِ جسم جي صفائي ۽ بقا لاءِ پاڻي (سارنگ) جو هجڻ ضروري آهي.

ڌرتي ۽ پاڻي جو سنگم انساني پيدائش ۽ واڌاري جو سبب آهي. پاڻي مختلف روپن ۾ مختلف ڪم ڪري ٿو. ان ڪري شاعر هر دور ۾ سارنگ جي پالوٽ کي ساراهيو آهي. سارنگ مادي وسيلن سان گڏ روحاني رشتي جي علامت پڻ آهي. جي - اي سرلاٽ لکي ٿو:

"ڇاڪاڻ جو حقيقت ۾ مينهن رحمت الاهي آهي، تنهن ڪري اهو روشني سان بہ واسطو رکي ٿو. ان ڪري ڪيترن مثالاجين (ڏند ڪٿائن) مطابق مينهن (سارنگ) روحاني اثرات جي علامت آهي، جيڪي آسمان مان هيٺ نازل ٿين ٿا." (١)

هن سُر جون ڪجهہ ٻيون علامتون هي آهن:

ڪڪر، سپرين، ڪانڌ، رعد، آب، اتر پار، وڄون، عاشق ۽ ڏکاريا وغيره.

سُر سارنگ جا ڪجهہ علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا.

١- آگم ڪيا الله، لڳہ پس لطيف چئي،
پلر جي پالوٽ سين، پٽن جهليا پاه،
واحد وڏا ٿي ڪيا، مٿي گسن گاه،
سانگين وريا ساه، اٺن آب اگوندرو.
(١-٢)

٢- ڪڪر منجهہ ڪپار، جهڙ نيٽنئون نہ لهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهـڙا منـهنجا سپريـن، تهـڙا ميگهہ ملـهار،
ڪڻ اکيون ڪـل يـار! وڃـن سـور سنـڌا ڪيـو.
(٢١-١)

٢-مون جُهڙ ڏٺو اڀ ۾، ڊوليا لڏ مرَ لاهه،
اڇن آب اکيون ڪيو، وڇون اتر واءُ،
ڇـَــن ڇڏي پٽ پاءُ، آڏ اتـاهــين پــکڙا.
(٥٢)

soorihsindhiadab

# حوالا

١-جي-اِي سرلاٽ: "اي ڊڪشنري آف سمبلز"، راٺوٽ ليج ۽ ڪنگن پال لنڊن،
١٩٦٢ع ص-٢٧٢



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ٽيويهون

# سُر آسا

آسا هڪ راڳڻي آهي. هي راڳڻي اسر ويل ڳائي ويندي آهي. هي راڳڻي جتي روح جي راحت ۽ تراوت جو سبب آهي، اتي مادي فائدي جو ڪارڻ به آهي. بدني واڌ ۽ طبعي طور تي تندرست رهڻ لاءِ به هن راڳڻي مان فائدا ورتي سگهجن ٿا. جيڪي اسر جي سياڳي ويل اٿڻ ڪري حاصل ٿين ٿا.

شري ڪلياڻ آڏواڻي هن سُرجي سلسلي ۾ ("شاه جو رسالو- ص - ٣٤٣) لکي ٿو: "آسا هڪ راج ڪماري جو نالو آهي. جا پريات جو. ڏٺي جي ساراه ۾ گيت ڳائيندي هئي. جنهن سُر ۾ هوءَ ڳائيندي هئي، تنهن تي "آسا" نالو پئجي ويو."

هن سُر ۾ لطيف سائين نفس جي پرڪارن ۽ نفساتي خواهشن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اشارن ۽ علامتن ذريعي اهو ٻڌايو اٿس ته اخلاقي ۽ روحاني ترقي لاءِ، نفس جي آزادي نهايت نقصانڪار آهي. مقصد ڪهڙو به هجي، پر انساني خواهشون، ان جي تڪميل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رڪاوٽ بڻجن ٿيون. ان ڪري لطيف خواهشن کي پلڻ ۽ دنيا جي هوس کان پري رهڻ جو درس ڏئي ٿو.

ڪو بہ مذهب برو نہ آهي، پر مذهب تي هلڻ وارا اهڙا ماڻهو جيڪي ظاهري طرح تہ پاڻ کي ان جا پوڄاري سڏائن ٿا پر عملن ۾ پنهنجي مذهب کان پري هوندا آهن. اهڙن ماڻهن کي لطيف سائين هن سُر ۾ ننديو آهي.

سُر آسا جون چند اهم علامتون هيٺ ڏجن ٿيون:

عبد، سجود، تڪبير، نماز، ساز، مورت، پرين، اُيرندڙ سج، ماهر، چڙي، لهوارو، اوڀارو، ڪر، ڪپر، نانگ، مڻ، مٺو هاٿي، ڪلمي گو، آذر، موسيٰ، ابليس، قلب ڪارو، خليل، عليل، ڪافر، هندو، شرڪ، ڪارائي (ڪاراڻ)، لالائي، سرخي، سفيدي، تار، ڦڪي ڦانگ، سنياسي، لانگ ڄڻي، مٺيو وغيره.

هن ئي سُر جا ڪجهہ علامتي بيت ڏسو:

١ـ جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناہ نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.
(١ـ ١١)

٢ـ جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناہ سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو.
(١ ـ ١٢)

٣ـ محروم تي مري ويا، ماهر تي نہ مٺا،
چڙي جڻن چهنج پري، لڏيائون لٺا،
حباب ٿي هٺا، انهيءَ واديءَ وچ ۾ .
(٤ـ ٣)

٤ـ اڪ الٽي ڏار، وان ابتو عام سين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وه اوپار،
منجهان نوچ نهار، وان پٽيرو پرينءَ ڏي.
(۲۔ ۲۱)

۵۔ ڪر ڪي ڪپر ڪاءِ، نانگ مٺيارو نڪري،
ايـي جو اونـاءِ، سَـر پُـر سندي سجڻين.
(۱۸۳)

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب چوويهون

# سُر رپ

"رپ" لفظ جي معنيٰ شري ڪلياڻ آڏواڻي ۽ محترم غلام محمد شاهواڻي "ٻري آفت" يا امرو دشمن ٻڌايو آهي جنهن جي ڏسڻ سان هنيو هارجي ۽ دل دهلجي وڃي. محترم شاهواڻي لکي ٿو تہ "جيئن تہ هن سُر ۾ ڦوڙائي ۽ جدائي جي غم جو ذڪر ڪيل آهي، تنهن ڪري جدائي جي غم کي "رپ" سڏي، هن سُر تي اهو نالو رکيو ويو آهي." (شاه جو رسالو" -ص-١٠٣٨). شري ڪلياڻ آڏواڻي رپ لفظ جي معنيٰ مان جدائي ۽ فراق جو مفهوم وٺندي، عاشق جي جدائي واري ماٺري کي ڪاريهر نانگ جي ڏنگ مثل ڄاڻايو آهي. ("شاه جو رسالو"-ص - ٣٦١)

نئين تحقيق جي آڌار تي "رپ" جي لفظي مفهوم تي اختلاف نظر اچي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ محترم معمور يوسفاڻي، شاه لطيف جي سير و سفر وارن ماڳن ۽ مڪانن جو حياتياتي جائزو پيش ڪندي نيون حقيتون منظر عام تي آنديون آهن. انهيءَ تحقيق کي پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقالي "ٿرپارڪر ۽ شاه لطيف" ۾ هن وضاحت سان بيان ڪيو آهي، جنهن مطابق ڪلياڻ راجا کي "رپ" نالي هڪ نهايت سهڻي ڌي هئي، جنهن جي سونهن جي واڪاڻ ٻڌي "برونو" متس پرپٺ ئي عاشق ٿي پيو ۽ هر وقت سندس حسن جي تعريف ڪرڻ ۽ شان ۾ گيت ڳائڻ هن جو معمول بڻجي پيو. (١) هي سُر ظاهري طور تي رپ ۽ بروي جي عشق جو داستان آهي.

هن سُر ۾ لطيف سائين اهڙن ماڻهن جو تصوراتي احوال اوريو آهي جن کي سماج جي سورن نهوڙي وڌو آهي. اهو سماج طرفان ڏنل بار ٻـ هرڪو نـ ٿو کڻي سگهي، پر اهي ئي ڪٺندا جيڪي پاڻ ئي ڏڪاريل آهن. انهيءَ ڪري ئي سر رپ ۾ وڇوڙي ۽ ورلاپ وارا تصور جا بجا نظر اچن ٿا.

هيءَ ڪهاڻي سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين مان هڪ آهي جنهن کي بنياد بڻائي لطيف سائين سماج جي سورن کي ظاهر ڪيو آهي. ڪلچر، رسم و رواج، پرم ۽ وسوسا، ۽ روحاني راز سڀ انساني مِٽ بيان ڪن ٿا. ان ڪري ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو اهڙين ڪهاڻين کي تاريخي، ۽ مِٽ سان تعلق رکندڙ سمجهي ٿو. (٢)

هن سُر ۾ جيڪي تصورات لطيف سائين ڏنا آهن، انهن مان ڪجهه هيٺ بيان ڪجن ٿا:

گوندر، ڪڪر، ڪپار، سڄڻ، سبر سيءَ، سوڙ، ڪانڌ، جوين، اتر، چُني پوت، ڪنيار، ڪر.

هيٺ سُر رپ مان چند علامتي بيت پيش ڪجن ٿا:

١ـ گوندر ڪيو غرق، ماءُ منهنجو جندڙو،
ڏکويـــن مــرڪ، مـتـي سـڳـر پـنـڌڙا.
(١ـ١)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۲ـ ڪڪر منجهه ڪپار، جهڙ نيڻون نہ لهي،
رات منهنجي روح ۾، ائا پرين اپار،
آءُ، ساجن! لهہ سار، ورهہ ويڙهي آهيان.
(۱ـ۱۷)

۳ـ اترڏني اوت، نہ مون سوڙ نہ گبرو،
چارئي ڄڻي پوت، مون ريڙهيندي رات ويئي.
(۲ـ۱۴)

## حوالا


۱ـ "سنڌ باب الاسلام" (جلد پهريون) ـ تنظيم فڪر و نظر، سکر ۱۹۸۵ع ص ـ ۶۴

۲ـ بوهيو، الهداد(ڊاڪٽر)؛ "سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج" ـ سنڌالاجي، ڄامشورو ـ ۱۹۷۸ع ص ـ ۲۰۲




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## باب پنجويهون

# سُر ڪاهوڙي

هن سُر ۾ انهن سائين جي سنواريل انسانن جي اپٽار ٿيل آهي، جيڪي پنهنجي نفس کي ماري، پنهنجي ارادي جي مضبوطي سان، منزل تي رسڻ جي تانگهه ۾، ڪشالا ڪاٽي، جبل لتاڙي، سماج لاءِ نوان گس ۽ پيچرا تيار ڪن ٿا. جيئن ته اهو ڪم سولو نه آهي ۽ نه ان واٽ تي هر ڪو ماڻهو هلي سگهي ٿو، تنهن ڪري انهن واٽن تي هلڻ وارن کي ئي لطيف سائين ڪاهوڙي سڏيو آهي.

اهي ڪاهوڙي وقت جي رائج قدرن خلاف آواز اٿارن ٿا. مايوسي ۽ پريشاني ۾ ورتل ماڻهو کي پنهنجي عمل سان همت، حوصلو ۽ خود اعتمادي بخشين ٿا. ڪاهوڙين جي اهڙي روش کي حاڪم ٽولو ۽ انهن جا چاڙتا پلو نٿا پائن. ان ڪري سڀ انهن جي خلاف ٿيو پون ٿا ۽ قدم قدم تي کين تڪليفون ڏيندي، سماج جي انهي راه کان کين روڪين ٿا. پر اهي "ڪاهوڙي جيئن جيئن جهلي جڳ، تيئن تيئن مون تاڪيد ٿئي" جي اصول مطابق اڳتي وڌندا رهن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو انهيءَ سلسلي ۾ لکي ٿو: "سُر ڪاهوڙي جي ڪاهوڙين کي ڪير روحاني معنيٰ ۾ ڪٿي به ڪٿي بيهاري پر ظاهري معنيٰ موجب به شاه صاحب انهن جي تڪليف ۽ جدوجهد جو جيڪو نقشو ڪڍيو آهي، سو هڪ انسان دوست جي ذهني ڪاوش آهي. (١)

آدرشي يا ڪاهوڙي ٻڌڻ لاءِ خطرن، طعنن، مهڻن ۽ مخالفتن جا درياه لتاڙڻا پون ٿا ۽ سولي راه ڇڏي اوکي راه اختيار ڪرڻي پوي ٿي. اهڙي ريت ٿي سماج جي سورن ۽ نفسياتي مامرن کي سمجهڻ ۽ سلجهائڻ جو رستو ملي ٿو. ڇو ته انسانيت جو عظيم ڏک يا رستو، سماج مان سور کي ختم يا گهٽ ڪرڻ آهي ۽ اهو رستو سماج جي صورتحال کي سمجهڻ ۽ تبديل ڪرڻ واري عمل سان واسطو رکي ٿو. لطيف سائين انهيءَ واٽ کي ڪواٽ سڏي ٿو ۽ انهيءَ ڪواٽ تي هلڻ وارن جي روش تي سيني سوچيندڙن کي عالمي سطح تي سوچ جي دعوت ڏي ٿو. ڪائنات جي ذري ذري ۾ پيهي، سور کي ميٽڻ يا گهٽ ڪرڻ جي صلاح ڏي ٿو.

ويجهو وڃ مَ واٽ کي، ڪهج ڏنهن ڪواٽ،
اڄهي منجهان آٽ، آويسي ٿي آءُ تون.
(٣-۴)

سُر ڪاهوڙي ۾ استعمال ڪيل چند علامتون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

واٽ، ڪواٽ، اويسي، ڪاهوڙي، ڏوٿي، ڇپر (وحدانيت تائين پهچڻ جو اشارو آهي)، اٽ (اجگر) يعني دشمن جي تصور ۾ آيو آهي، ڪرڪٽا، لاهوتي، ڪنجو ڏونگر (روحانيت جي وادي)، جهنگل (هي جهان - فرينچ شاعر، بودليئر هن جهان کي جهنگل جي علامت ۾ ڏٺو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي)، ڪتا (علامت گندگيءَ ڪي ختم ڪندڙ جي)، آهيڙي (عوام ڏانهن اشارو آهي) وغيره.

هن سُر مان چند علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

۱ـ ڪِ، ڪو ڪاهوڙي، ڇپر ۾ سڏ ٿيو،
اڳي ٿي سڻي، اُنين سندي ڳالڙي.
(۱ـ۱۲)

۲ـ سڪا سندءِ ڪڇن ۾، ڪَرَڪٽا پيرين،
ٽمندي نيٽين، آن ڪي ڪاهوڙي ڳڏيا.
(۱ـ ۲۷)

۳ـ پيو جن پرو، ڳنجي ڏونگر ڳام جو،
ڇڏي ڪيٽ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.
(۲ـ ۱)

۴ـ جهنگل آهيڙين ڪي، پنڻ ڪيو روندو،
نہ ڪتا، نہ ڪوڙڪيون، چڙهيو آيو چوندو،
هڏهين نہ هوندو، انهان پوءِ عالم ۾.
(۳ـ ۱۱)

۵ـ ڏونگرين ڏسجن، اڄ پڻ رَيوَن اُن جيون،
ڏوٽيئڙا ڏٽ ڪي، آرا‏ڙان اڇن،
خيما ڪاهوڙين، اڄ نہ انهين پيٽئين.
(۳ـ ۱۷)

۶ـ ڪاهوڙي ڪرا، سوڏي خبر پڪيڙين،
سوجهي جن ڪيا، متي اٽڻ آهيرا.
(۲ـ ۱۹)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا

١. جوڻيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر): "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ". سرهه ڪتاب، حيدرآباد. ١٩٧٣ع ص- ٥١



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب چويهون

# سُر بروو سنڌي

هندستان جي راڳن مطابق "بروو" هڪ راڳڻي جو نالو آهي. هن سُر جو "بروو" جي ڪردار سان واسطو آهي، جيڪو "رپ" جو سچو عاشق هو، جنهن جو ذڪر سُر رپ ۾ وضاحت سان ٿي چڪو آهي.

"برو"، "بروٽر" جي علائقي جو سردار هو. اهو شهر هاڪڙي درياه جي ساڄي ڪپ تي آباد هو. (١) بروي جو ڪلياڻ بادشاه جي سندر نياڻي رپ سان عشق جو ذڪر ته علائقي ۾ مشهور هو. لطيف سائين "رپ ۽ بروي" جي آکاڻي سٽي، ان جي ڪردارن کي تصوراتي روپ ڏيئي، پنهنجي اندر جي احساسن کي ظاهر ڪيو آهي.

"بروي" جي صحبت جو ڪمال اهو آهي جو هن پنهنجي جسم جو گوشت ڪوري، پنهنجي پرين (رپ) کي پريم جي پيتا طور پيش ڪيو. (٢) سندس عشق ۽ قربانين کي ڏسي، رپ به مٿس موهت ٿي پئي. پر دنيا پنهنجي پراڻي روش مطابق ٻنهي دلين جي وچ ۾ حائل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهي. زماني جي ناسازي، عاشقن جي دلين ۾ سوز جي اُلن ۾ وڌيڪ تيزي آڻيندي آهي. اهڙي ريت "رپ" ۽ "بروو" جي محبت ٻه ڏينهون ڏينهن پروان چڙهڻ لڳي. نتيجي ۾ ٻئي دشمن جي حربي جو شڪار ٿي ويا.

هن سُر ۾ لطيف سائين آدرشي ماڻهن کي هدايو آهي تہ منزل تائين رسڻ جي تانگهہ جنهن ۾ ٻہ هوندي، سو انهيءَ راه ۾ آيل مشڪلاتن ۽ رنڊڪن کي هٽائڻ جي سگهہ ۽ حڪمت بہ رکي ٿو.

منزل ۽ مقصود لاءِ جسماني توڙي روحاني اذيتون ملن ٿيون. انهن اذيتن کي سهي، پار پهچڻو آهي. عشق جي واٽ اٿانگي آهي. انهيءَ واٽ ۾ ڪڏهن سرن جو سودو بہ ڪرڻو پئي ٿو. مقصدي ماڻهو، انهيءَ واٽ ۾ سر ڏيڻ کان ڪونہ ڪيٻائيندا آهن، بلڪ پنهنجو پاڻ کي پرين (منزل) آڏو قرباني لاءِ پيش ڪندي خوشي محسوس ڪندا آهن.

هن سُر جون چند علامتون هي آهن:

عشق، (اهڙي علامت آهي جنهن جو واسطو ڪائنات جي هر جاڳرتا واري عمل سان آهي)، سپرين، صحبت، لهار، پرين، مانجهي، ڏونگر وغيره:

ڪجهہ علامتي بيت ڏسو:

١ـ جڏهن پوي ٿي ياد، صحبت سپرين جي،
فريادون فرياد، ناگهہ وڃن نڳيو.
(٢ـ ١٤)

٢ـ ڪڙو منجهہ ڪڙي، جڻ لهارن لپيٽيو.
منهنجو جيءُ جڙي، سپرين سوگهو ڪيو.
(٢ـ ٥)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢ـ ڇا کي وڃيو ڇو، ٻيلي ٽئين ٻين جو،
وٽ ڪنجڪ ڪريم جي جڳ جو والي جو،
سؤکو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.
(١ـ١)

# حوالا

١ـ "سنڌ باب اسلام" (جلد پهريون) ـ تنظيم فڪر نظر، سکر ١٩٨٥ع ص ـ ٦٤
٢ـ .................. ايضا .................. ص ـ ٦٦



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ستاويهون

# سُر رامڪلي

هندول راڳ جي پنجن زالن مان هڪ جو نالو رامڪلي آهي.
سُر رامڪلي ۾ لطيف سائين انهن تجربن ۽ مشاهدن جو ذڪر ڪيو آهي جن کي هن پنهنجي سفر دوران گنجي ٽڪر تي ڪالي ماتا جي مندر کان هنگلاج جي سفر دوران ڏٺو. جن ماڻهن سان گڏجي لطيف سائين اهو سفر اختيار ڪيو تن کي نهايت مهان ۽ گيان واريون هستيون ڪري پيش ڪيو اٿس. اهي سڀ هستيون هن سنسار جي گيانين، سنتن ۽ آدرشي انسانن جو تصور آهن.

هن سُر ۾ انهن علامتن کي هيٺين نالن سان پيش ڪيو اٿس، جهڙوڪ، لاهوتي، جوڳي، ڪاپڙي، بيراڳي، ويراڳي، بيڪاري، نانگا، بابو، سامي، آديسي، ڪن ڪٽ، سنياسي، ڪن چير، ڪنوٽيا، فقير، لانگوٽيا، پوربي، ريگڙيارا، گودڙيا، مهيسي، راول، صابري، جبروتي وغيره.

هن سُر جون ڪجهه ٻيون علامتون هي آهن:
گره جا گولا، ٽتل ڦوڳي، مسحو، ٻانگ، اسلاما اڳي، سانگ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گورکنات، اوطاقون، مڙهيون، محراب، الماس، گل گل، طورسينا، پَٽَ (ڪشتو)، ڏنڊ (سگهيون وڃائڻ جون يا سگ)، مِس (ٽامو).

سُر رامڪلي جا هيٺيان علامتي بيت نموني طور ڏجن ٿا:

١. رهيا اٿيئي رات، صبح ويندا صابري،
لنءُ لنءُ منجهه لطيف چئي، ڪر تنين جي تات
سندي جوڳِن ذات، پيري ڪنهن پاڳ مڙي.
(٨ـ ١)

٢. مران متو پتيان، نهاريان نيڻان،
سخن جي سندان، آءٌ نہ جيئندي ان ري.
(٥١)

٣. نہ ڪي ڪٽن پاڻ سين، نَہ ڪو سائڻ پاڻ،
اهڙا جن اهڃاڻ، آءٌ نہ جيئندي اُن ري.
(١ـ ٣١)

٤. لنگ ڪيائون لانگ، موني ڪن نہ مسحو،
جا اسلاما اڳي هئي، سا سٽيائون ٻانگ،
سامي چڏي سانگ، گڏيا گورکنات کي.
(٧ـ ١٤)

٥. اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي، جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
(٨ ـ ٨)

٦. منهن محراب پرين جو، جامع سڀ جهان،
قرهي، تان فرقان کي، ڪاتيائون قرآن،
اڏامي ات ويو، عقل ۽ عرفان،
سيوئي سبحان، ڪاڏي وڃي نيتيان.
(٥ ـ ٥)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب اناويهون

# سُر ڪاپائتي

ڪاپائتي جي معنيٰ آهي سٽ ڪتڻ واري. هن سُر ۾ ظاهري طور تي ڪتڻ سان واسطو رکندڙ، اوزار ۽ شين جو ذڪر ڪيل آهي. چرخو، سٽ، آٽڻ ۽ صراف اهڙا لفظ آهن جن جو هڪ ٻئي سان واسطو آهي. اهي سڀ جيتوڻيڪ ظاهري طور تي عام نالا آهن پر حقيقت ۾ عام رواجي نالن مان خاص مفهوم حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن.

ڪولرج چوي ٿو تہ "ڪنهن آفاقي حقيقت کي عام شين مان حاصل ڪرڻ يا ڪنهن ازلي سچ کي عام، وقتي ۽ فاني شين مان حاصل ڪرڻ جو نالو اهجاڻ آهي." (١)

هن سُر ۾ جتي ڪاپائتي جي ڪم، محنت ۽ محبت جو احوال منفرد انداز ۾ ڪيو ويو آهي، اتي انهن شين جي مادي حقيقت کان هٽي، انهن شين کي متانهين معنيٰ ڏني وئي آهي. ڪاپائتي راڳيندڙ جيان قوت بخشيندڙ آهي ۽ راڳ وانگر تقويت ڏيندڙ آهي. پريون بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاپاٽي جو سمبل آهن. ("اي ڊڪشنري آف سمبلز" ص - ۵- ۲)

سُر ڪاپاٽي جي علامتي ڪردارن جي سلسلي ۾ غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو: "سالڪ کي ڪاپاٽي سان مشابهت ڏيئي، شاه ڪئين اصول سالڪ جي رهبري لاءِ پيش ڪيا آهن. سمجهدار سالڪ کي ويسلو ٿي ويهڻ نہ ٿو جڳائي جو متان اگهاڙن سان عيد ڪرڻي پويس. (شاه جو رسالو ص - ۱۱۸۵)

اڳتي هلي محترم شاهواڻي لکي ٿو: " جيڪو سالڪ صحيح طور تي گهڻي عبادت نہ ڪندو سو قيامت جي ڏينهن پنهنجو ڪسو اعمال نامو پيش ڪندي لڄي ٿيندو." (شاه جو رسالو" - ص - ۱۱۸٦)

شري ڪلياڻ آڏواڻي، لطيف جي سُر ڪاپاٽي کي مذهبي خيال سان ڏسندي لکي ٿو: "انسان جو من چرخو آهي. چرخي چورڻ مان مراد آهي ڌڻي جو اسم اچارڻ ۽ سالڪ آهي ڪاتار. سٽ مان مراد آهي روحاني ڪمائي. ڪامل آهن صراف، جي هر هڪ سالڪ جو ملهہ سندس ڪمائي موجب ڪٿيندا. " (۲)

محترم تنوير عباسي لطيف سائين جي سُر ڪاپاٽي ۾ لفظ "آتڻ" کي هڪ منفرد علامتي مفهوم ۾ پيش ڪيو آهي. لفظ "آتڻ" اصلي جدوجهد جو اهڃاڻ آهي. سيني سرتين سان سرخرو ٿيڻ جو ذريعو، صراف، توڙيندڙ، انصاف ڪندڙ، تاريخ جي فيصلن، سيني جي آڏو پنهنجي ڪار گذاري ڏيکارڻ جو هڪ ئي وسيلو آهي، اهو آهي آتڻ، آتڻ سان دل لائڻ ۽ ڪتڻ." (۳)

زندگي جي هر مقصد ۾ ڪاميابي تڏهن ٿيندي، جڏهن انسان مقصود جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندو. انهيءَ جدوجهد جي پهلو کي سامهون رکندي، لطيف سائين لفظ "آتڻ" استعمال ڪيو آهي. لفظ آتڻ هن سُر ۾ جدوجهد، ڪتڻ ۽ محنت ڪرڻ واري ماڳ مڪان لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتب آيو آهي. هڪ روحاني طلب رکندڙ طالب پنهنجي روحاني اڃ کي اجهائڻ لاءِ جنهن اوتاري تي ويندو، اهو آتڻ سمجهبو. انهيءَ صورتحال کي سامهون رکي هر مقصدي مرڪز کي آتڻ جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري آتڻ کي سرخرو ٿيڻ جو ذريعو ۽ جدوجهد جي علامت سمجهيو ويو آهي. " آتڻ" ۾ مقصد ۾ ڪاميابي ۽ سرخرو ٿيڻ لاءِ سڀ ذريعا ڪٺا ٿيل هوندا آهن. لطيف چوي ٿو:

ڪـو جو وهُ ڪـاپاٽئين، ڪـتن ۽ ڪَـتين،
ڪارڻ سـود سواريـون، آتڻ منجهہ اچـن،
ان جي سونهن سيد چئي، ٿا صراف سـڪن،
اگـهيا سَـٽ سندن، پائـي ترازي نـہ تـوريـا.
(۱ـ۱۸ )

هن سُر ۾ پيون جيڪي علامتون ڏنل آهن انهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

صراف، ڪـاتاريـون، سَٽ، ڪـتڻ، ارٽ، سون، ڪـاپو، ووڙ، بازاريون وغيره.

سُر ڪاپائتي جا ڪجهہ علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

۱ـ ڪتوئي نہ ڪالهہ، اڄ پڻ اُجهڻ کي مَرين،
مونـا اُن جي اڪـڙيا، آرٽ ڏرڪـي مـال،
هيءَ! تنين جي حال، جن ڪاپي منجهان ڪين ڪيو.
(۱ـ۹)

۲ـ سي تو ويهي وڃائيا، جي ڪـتـڻ سـندا ڏينـهن
ارٽ اوڏي نـہ ٿـئين، پـوري پـوري سيئن،
ڪـنـڌ ڪـنـديئن ڪـٺـن، اگـڻ عجيـبن جي.
(۱ـ۱۰)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٣ـ سون ساريڪا هٽڙا، ڪوهہ نہ ڪٽئين رڱ،
ويهي ڪنڊ ڪاپو ڪر، گهٽون گوهيون ڇڏ،
تہ صرافائي سڏ، مرڪيو هوند مٽائين.
(١ـ ١٢)

٤ـ محبت پائي من ۾، رنڍا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.
(١ـ ١٧)

# حوالا


١ـ عباسي، تنوير: "شاهہ لطيف جي شاعري"ـ شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي ١٩٧٦ع ـ ص ـ ١٢١ ـ ١٢٢

٢ـ آڏواڻي، ڪلياڻ: " شاهہ جو رسالو"ـ مڪتبہ اسحاقيہ، ڪراچي ـ ١٩٧٦ع ـ ص ـ ٤٢١ ـ

٣ـ عباسي، تنوير: "شاهہ لطيف جي شاعري، " شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي. ١٩٧٦ع ص ـ ١٧٢




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب اوڻٽيهون

# سُر پورب

شاه لطيف جي دور تائين صوفياڻو مسلک ٻن مختلف ۽ هک ٻئي جي ضد وارن گروهن ۾ ورهايل هو. اهي گروهہ هئا وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود. وحدت الوجود جو نظريو قديم هندي، يوناني ۽ چيني فلسفن ۾ بہ موجود آهي ۽ ڪن عيسائي دانشورن ۽ شاعرن وٽ بہ ان جا اهڃاڻ ملن ٿا. پر اسلامي فڪر ۾ اهو حضرت علي رضہ کان ٿيندو، شيخ اڪبر محي الدين ابن العربي، منصور حلاج ۽ جنيد بغدادي تائين ۽ برصغير ۾ سيد علي هجويري داتا گنج بخش، بختيار ڪاڪي، بابا فريد گنج شڪر، خواجہ معين الدين چشتي اجميري، قلندر شهباز، بلها شاه ۽ سلطان باهو وٽ پهتو. شاه لطيف ان مسلک کي نہ فقط قبول ڪيو، پر ان کي ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيائين. (١)

وحدت الشهود فلسفي جو باني حضرت امام رباني شيخ احمد سرهندي آهي. هي تحريڪ سترهين صدي عيسوي ۾ وڏي زور و شور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان وڌڻ لڳي. هي تحريڪ وحدت الوجود جي فلسفي جي توڙ لاءِ معرضِ وجود ۾ آئي. انهيءَ سلسلي ۾ قاضي جاويد لکي ٿو: "اڪبر اعظم جي آخري ڏينهن ۾ انهيءَ احساس کي خواجہ باقي باالله عملي صورت ڏني. ان بعد شيخ عبدالحق محدث دهلوي ۽ شيخ احمد سرهندي جا هن تحريڪ سان قريبي تعلقات رهيا. جهانگير جي تخت نشيني وقت هي گروهہ ايترو طاقتور ٿي چڪو هو جو هن نئين حڪمران کان شريعت جي پابندي ۽ اڪبر جي معطل ڪيل اسلامي ادارن جي بحالي جو عهد ورتو." (٢)

آهستي آهستي شيخ احمد سرهندي جي زيرقيادت راسخ العقيده گروهہ مضبوط ٿيندو ويو. جهانگير ۽ شاهجهان جو دور انسان دوستي ۽ متوازن آزاد خيالي جو دور هو. (٣) شاهجهان جي آخري عهد ۾ سندس پٽن جي تخت نشيني جي جنگ ۾ هن گروهہ دارا شڪوه جي ڀيٽ ۾ اورنگزيب عالمگير جي پٺڀرائي ڪئي، ڇو جو دارا شڪوه، سرمد جو دوست ۽ وحدت الوجود جي فلسفي جو پوئلڳ هو. ان صورت ۾ وحدت الشهود جي پوئلڳ گروهہ پنهنجون سڀ اميدون اورنگزيب سان وابستہ ڪري ڇڏيون. انهيءَ طبقاتي ڇڪتاڻ کان عام ماڻهو بہ متاثر ٿيڻ لڳو. خاص طرح تي غير مسلم رعيت جو مفاد متاثر ٿيڻ لڳو. شيخ احمد سرهندي امام رباني جو مذهبي جواز هي هو تہ اسلام جو وقار غير مسلمانن جي ذلت تي انحصار ڪري ٿو ۽ انهن سان تشدد ۽ غيرانساني سلوڪ مذهبي عبادت جو درجو رکي ٿو." (۴)

انهن مذهبي مسلڪن جي ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ شاه ولي الله جون خدمتون قابل ستائش آهن، مسلمانن جي سماجي ۽ سياسي ۽ روحاني ترقي ۾ حائل رڪاوٽون هن کان ڏٺيون نہ وينديون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيون. انهيءَ صورتحال کي ڏسندي، هن مسلمانن جي مختلف گروهن کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن انهن جي وچ ۾ پيدا ٿيل ڪشيدگي ۽ محاذ آرائي ختم ڪري، اتحاد ۽ ٻڌي کي عام ڪري سگهجي. (۵) اهو شاه لطيف جو ئي دور هو. اهي سڀ ڳالهيون لطيف سائين جي اکيان ٿي رهيون هيون ان ڪري هو انهن حقيقتن جي ردعمل کان بچاءَ جون تدبيرون سوچي رهيو هو.

لطيف سائين جي دور کان اڳ ٻه اهڙي ئي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ "رام ڀڳتي" تحريڪ جو ڪردار نمايان نظر اچي ٿو. پندرهين صدي عيسوي ۾ هندو ۽ مسلمانن ۾ اهڙا ڏاها پيدا ٿيا جن هن نئين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ فڪري ترڪيبون ڳولي ڪڍيون. ان وقت جيڪا تحريڪ نهايت ڪارگر هئي، تنهن کي "ڀڳتي تحريڪ چيو ويچي ٿو. محترم تنوير عباسي لکي ٿو: "برصغير ۾ اهي شاعراڻيون تحريڪون سنڌ جي اوير يا پورب طرفان آيون، ان ڪري شاه لطيف پورب جو ذڪر پنهنجي بيتن ۾ ڪيو آهي." (۵) لطيف سائين سڄو سارو سُر انهن پوربين جي شان ۾ لکيو آهي ڇو جو سنڌس فڪر تي پڻ انهن "ڀڳتي تحريڪ" جي اهم شاعرن جو اثر رهيو آهي، جن مان تلسيداس، ڀڳت ڪبير، گرونانڪ، رحمٰن، بابا فريد گنج شڪر، ميران ٻائي ڪافي مقبول شخصيتون آهن.*

"رام باغ جو سير ڪندي جڏهن ڦيريون دفعو سيتا کي ڏسي ٿو، انهيءَ منظر کي تلسيداس علامتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن

* هن موضوع تي گهڻي تحقيق ٿي چڪي آهي، جنهن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته "ڀڳتي تحريڪ" جو بنيادي طور تي اهو ئي مقصد هو ته مسلمانن کي هندو سماج ۾ جذب ڪيو وڃي. جيڪڏهن انهن علامتن جو استعمال جاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ پڻ پورب جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اوپر طرف چنڊ اڀريو، رام ڪيس سيتا جي مک جهڙو ڏسي خوش ٿيو. پوءِ من ۾ ويچار ڪيائين تہ هي چنڊ سيتا جي مک جي برابر ناهي." (۷)

محترم تنوير عباسي پورب جي سلسلي ۾ لکي ٿو: "ادبي شاعرائين تو ڙي ذهني روايتن جي خيال کان، سنڌ "پڇم" بدران "پورب" کان متاثر هئي. (۸) اهڙين شخصيتن کي لطيف سائين پنهنجي فڪري ڪاوشن ۾ هميشہ لاءِ زنده جاويد بڻائي ڇڏيو آهي.

پوربيا پوري ويا، آسڻ آڏيءَ رات،
سير نہ سنياسين جون، پچارون پريات،
ڪا جا جوڳي ذات، مِٺ نہ معذورن جا.
(۲-۶)

سنڌ ۾ جوڳين جو اثر ۽ رسوخ شروع کان رهيو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ جوڳي لفظ لاءِ قاضي قاضن جو هيٺيون بيت حوالي طور ڪم آندو آهي:

جوڳي جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري. (۹)

هن سُر جا ڪجهہ علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

۱- پرين جي پرديس ويا، تن جي ڪانگا ڪج خبر،
تہ سڀ مڙهيان سون سين، پکي تنهنجا پر،
گهمي متان گهر، ڏج پارانيا پرين کي.

(بقايا حاشيو صفحي نمبر     تان هلندڙ) رهي ها تہ مسلمانن جي الڳ حيثيت کي نقصان پهچي ها. شاہ لطيف آخر اهڙن ماڻهن کان علحدو ٿي ويو ۽ سندس آخري دور واري ڪلام ۾ اهڙا ڪي بہ اشارا نہ ٿا ملن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۱ـ ۸)

۲ـ پوربيا پوري ويا، آسڻ اڄ صبوح،
خستوريءَ خوشبوءِ، آهي آديسين ۾.

(۷ـ۲)

۳ـ سو ڪانگ مَرَ قاصد ڪر، جو سدا ڊونڊي ڊونڊ ڪي،
ڪِ ڪندو پنهنجي پيٽ جي، ڪِ ويندو دوسن در،
جنهن جي ٻوليائي ٻَر ٻَر، سو نياپا نيئي رهيو.

(۱ـ ۲۹)

## حوالا


۱ـ عباسي، تنوير: "شاهہ لطيف جي شاعري" (جلد ٻيو)ـ نيو فيلڊ پبليڪيشن، حيدرآباد ۱۹۸۵ع ص ـ ۵۸

۲ـ قاضي، جاويد: "برصغير مين مسلم فکر کا ارتقا" ـ نگار شات، لاهور ۱۹۸۶ع ص ـ ۱۸۲

۳ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۱۸۲

۴ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۵۹۱

۵ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۲۰۹

۶ـ عباسي، تنوير: "شاهہ لطيف جي شاعري" (جلد ٻيو)ـ نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد ۱۹۸۵ع ص ـ ۴۱

۷ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۴۴

۸ـ .................. ايضا .................. ص ـ ۴۰

۹ـ جوڻيجو، عبدالجبار (ڊاڪٽر)، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"ـ سره ڪتاب، حيدرآباد ۱۹۷۳ع ص ـ ۳۰




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ٽيھون

# سُر ڪارايل

سُر ڪارايل ۾ حسن ۽ ورھايل آھي. پھرين حصي ۾ مور يا هنج (هنس) پکي کي علامت طور استعمال ڪيو ويو آھي. انهيءَ نسبت سان ئي سُر تي اهو نالو رکيو ويو آھي. هن سُر ۾ ٻاهرين صورتحال ۽ اندرين احساسن جي اپٽار ٿيل آھي.

پاڻي قدرت جي نعمت آھي، جتان ماڻهن جي ضرورت جو سامان به دستياب ٿئي ٿو ۽ ٻين جانورن جي جياپي جا ذريعا به ميسر ٿي ملن ٿا. ڍنڍن ۽ ڍورن تي قدرتي گل ٻوٽن سان گڏ جدا جدا رنگن جا پکي ۽ پوپٽ ۽ ٻونٽڙا ۽ جيت عجب نظاري جو سبب بڻجن ٿا. انهن سيني شين جو هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ ڪائنات جي وحدت ڏانهن اشارو آھي. هنج پکيءَ جي جوءِ تمام اونهو پاڻي آھي. اهو پکي هر ڪو ماڻهو نه ته ڏسي سگهي ۽ نه سندس سريلو آواز ٻڌجي سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر اڪرم انصاري لکي ٿو: "اهو چيو ويندو آهي تہ هنج سَو سالن ۾ هڪ دفعو آلاپيندو آهي. اهو لطيف جي ئي پهچ جو ڪمال آهي جو ان آواز کي پڌي، ان سريلي سُر کي سمجهيو اٿس. عام رواجي روح جي رسائي اوستائين مشڪل آهي." (١)

سر (ڏنڊ) مٿان پکين جي سريلي ۽ مڌر آواز ۾ ڪيترائي سنيها ڏنل آهن. شري ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو: هن سُر ۾ هنج جي گڻن جي ساراهہ آهي. تنهن ڪري ئي ان تي اهو نالو رکيو ويو آهي. حقيقت ۾ سچن عاشقن کي هنس سان، عام ماڻهن کي ڪنگن ۽ پکهن سان ۽ دنيا کي لڙائيل پاڻي سان تشبيهہ ڏني وئي آهي." (٢)

محترم غلام محمد شاهواڻي سُر ڪارايل جي سلسلي ۾ لکي ٿو: "ڪارايل مان مراد آهي رسول اڪرم صلعم جي يا انهن بزرگن جي جيڪي مرشد ونڻ جي لائق آهن. پکهن ۾ جيئن هنج سونهين ٿو. تيئن رسول پاڪ امتين ۾ مرڪي ٿو. جيئن هنج پين پکهن وانگر تاسري پاڻي يا تراڪڙي تلاءُ ۾ نہ ٿو گذاري، تئين وحدت جي وادي جو ڄاڻو مرشد بہ، توري پاڻي (تورڙي عشق) تي قناعت نہ ٿو ڪري." (٣)

سُر ڪارايل حقيقت ۾ هڪ علامتي انداز آهي، جنهن ۾ لطيف سائين پنهنجي فن کي ذاتي جذبن، احساسن ۽ ٻاهرين تجربن جي آڌار تي لافاني حقيقتن جي حاصل ڪرڻ لاءِ لکيو آهي. هن سُر ۾ مور، هنج، ڪانيرا، وطن، پکي، پاڙهيري، سر، اڇو پاڻي ۽ ڪارو پاڻي سڀ تصور آهن.

محترم تنوير عباسي، انهن تصورن جي اپٽار ڪندي لکيو آهي:

"مور سونهن، سوڀيا جو اهڃاڻ آهي. هنج سٺين عادتن جو اهڃاڻ آهي. ڪانيرا اجائي بڪ بڪ بڇڙائي ۽ بدصورتي جو اهڃاڻ آهي." (٤)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿين راين مان اهو معلوم ٿيو ته لطيف هن سُر ۾ جيڪي به تصور ڏنا آهن سي زمان ۽ مڪان جي فاصلن کي اورانگهي هر دور جا نوان نڪور تصور آهن. هر مڪتب فڪر واري ماڻهو لاءِ اهي علامتون پنهنجو پنهنجو مفهوم رکن ٿيون. هر ڪا علامت سچائي کي سمجهڻ لاءِ نوان نوان گس ۽ پيچرا کولي ڏي ٿي.

هن سُر ۾ ڪجهه بيون علامتون آهن. مثال مور، ڪارو نانگ، سر، پاڙهيري، لهر، پٽون، ماڻڪ، مڃي، ڪانيرا، ڪنول، پونر، آڪاش، سَپ، واسينگ، هاٿي، ماري وغيره.

هيٺ سُر ڪارايل جا ڪجهه علامتي بيت ڏجن ٿا:

١ـ سَر ۾ پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهه،
سنڌيءَ آس الله، لڏي لهرين وچ ۾.
(١ـ١٨)

٢ـ اڪڙيون اوڙاه ۾، آيو تڪي تار،
پٽون جي پاتار، هنجهه تنهين جو هيرئون.
(١ـ٢)

٣ـ ماڻڪ چوڻو جن جو، هنج حضوري سي،
چلر ۾ چهنب هڻي، مڃي ڪين نه اي،
لوڪ نه لکيا تي، جيلانهن پٽن پکهن گڏيا.
(١ـ٢٦)

٤ـ اڇو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن سَر مٿي هنجڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حوالا


١۔ انصاري، اڪرم، "سمبلزم ان لطيفس پوئٽري"۔ سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٨٣ع ص۔ ١١٥

٢۔ آڏواڻي، ڪلياڻ، "شاهہ جو رسالو"۔ مڪتبہ اسحاقيہ ڪراچي ١٩٧٦ع ص۔ ٤٢٣

٣۔ شاهواڻي غلام محمد، "شاهہ جو رسالو"۔ آر ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد. ١٩٦٠ع ص۔ ١٢١٣ ۔ ٢١

٤۔ عباسي، تنوير، "شاهہ لطيف جي شاعري"۔ شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي ١٩٧٦ع ص۔ ١٤٥




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ايڪٽيهون

# سُر پرڀاتي

لطيف سائين ۾ مشاهدي جي قوت تمام تيز ۽ پرڪا ۽ پروڙ جي سگهه سرس آهي. جتي جتي ويو، اتي جي عوامي حقيقتن کان واقفيت حاصل ڪيائين ۽ انهن حقيقتن کي، شعر جي مالها ۾ پوئي علامتي رنگ ۾ پيش ڪيو اٿائين. سُر پرڀاتي ٻڻ اهڙن خيالن جو ترجمان آهي.

پرڀاتي راڳڻي جو نالو آهي، جيڪا اسُر جو ڳائبي آهي. هن سُر ۾ لس ٻيلي جي حاڪم سپڙ سخي کي علامتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سپڙ سخي سخاوت ۽ ديا وارو انسان هو. هن لاءِ اهو به مشهور هو ته هو ڪنهن به سوالي کي دان ڏيڻ کانسواءِ خالي هٿين ڪڏهن ڪونه موٽائيندو هو. هڪ دفعي هڪ ڏڏ ۽ سادي مڱڻهار کي هڪ سَو تازي گهوڙا انعام ڏنائين.

سمن جي دور کي رعيت پروري ۽ سماجي توڙي معاشي لحاظ کان نهايت خوشحالي وارو دور سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ دور ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيترائي سخي، سورهيه، ۽ متير مڙس پيدا ٿيا، جن جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پنهنجي تحقيقي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" ۾ ڪيو آهي. سمن سردارن دل ڪولي رعيت پروري جو ثبوت ڏنو. ٻئن، ٻانن ۽ چارڻن کي خوب ورسايائون، جن پنهنجن مربين ۽ سنڌن وڏن کي ڏاتار ڪري ميڄيو. اهڙي طرح سمن مان ڏهه ڏاتار مشهور ٿيا. هڪ طرف لاکو ڦلاڻي، جکرو اوڏاڻي، هٿند تڏياڻي، اونڙ جکراڻي، سپڙ چوٽاڻي، جسودن آگرو، ڄام وينجهر، وڪيو ڏاتار، راءِ ڏياچ ۽ ڄام ڪرن جهڙن سمن جي سورهيائي ۽ سچائي جا ڪارناما واڪاڻيا ويا ته ٻئي طرف سگهڙن، سومرن جي دور جي عشقيه داستانن جهڙوڪ ڄام لاکي ۽ مهر راڻي، ڄام لاکي ۽ اوڏڻ، ڄام اوڏي ۽ هوٿل پري، ڄام ڄراڙ ۽ ٻوبنا ۽ ڄام تماچي ۽ نوري جي قصن کي ڳايو ۽ مشهور ڪيو. (١)

سپڙ سخي، سمن جي ڏهن ڏاتار مان هڪ ڏاتار هو. لطيف سائين سُر بلاول ۾ ٻه سپڙ جي سخاوت جي تعريف ڪئي آهي. شري ڪلياڻ آڏواڻي "سپڙ" مان مراد ڏٿي ۽ مڱڻهار مان انسان (فرد) ورتي آهي. وڌيڪ انهيءَ سلسلي ۾ لکي ٿو:

"هن سُر ۾ شاه انسان کي بندگي جي تاڪيد ٿو ڪري ۽ ڏٿي جي اپار سخاوت کي ٿو ساراهي. هتي سپڙ سخي مان مراد ڏٿي آهي جو رب العالمين آهي ۽ سڀ کي روزي ٿو رسائي. سپڙ سخي هڪ جڏي جاچڪ کي تازي گهوڙا انعام طور عطا ڪري ڇڏيا. ساڳي طرح انسان ڪيترن ئي عيبن سان ڀريل هجي، پر جي سائين اڳيان ٻه ٻاڏائي ته هو ڪيس مالا مال ڪري ڇڏي." (٢)

هن سُر جون چند اهم علامتون هي آهن:

ڀان، ڪينر، مڱڻو، ساز، ڏڏ، سپڙ، ڀيلي ڏٿي، جاچڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميرياڻي، پارس، لوھ وغيره.

هيٺ چند علامتي بيت ڏجن ٿا:

١-اي نہ پانن پير، جڻ ڪينر ڪيري، ٽنگيو،
سونهاري صبوح سين، وجهي وينين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.
(١-١)

٢-تون سيڙ، آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار آءٌ ڏوھ،
تون پارس، آءٌ لوھ، جي سيجين تہ سون ٿيان.
(١-٢٥)

## حوالا


١- بلوچ، نبي بخش (ڊاڪٽر)؛ "سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ".- زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد- ١٩٨٠ع ص- ١٧٠ - ١٧١ - ١٧٢

٢- آڏواڻي، ڪلياڻ؛ "شاھ جو رسالو".- مڪتبہ اسحاقيہ، ڪراچي. ١٩٧٦ع ص- ٣٢٩




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ٻٽيهون

# سُر ڏهر

سُر ڏهر تي اهو ٽالو داستان پهرين جي مناسبت سان پيو آهي جنهن ۾ لطيف سائينءَ ٿر جي سفر دوران ڪنهن ڏهر مان گذرندي انهن حقيقتن جي اپٽار ڪئي آهي جيڪي ڪيس مشاهدي هيٺ آيون آهن.

ڏهر جي معنيٰ ڏيندي شري پيرو مل آڏواڻي لکي ٿو:

"ڀٽن جي وچ ۾ ڏاڍي زمين وارو وڏو ڪشادو ماٿر يا ميدان جو پوک لائق يا ڳوٺ ٻڌڻ جي ڏول لائق هوندو آهي، تنهن کي ڏهر سڏيندا آهن". (١)

پرمانند ميوارام ڏهر لفظ جي معنيٰ ڏيندي لکي ٿو:

A kind of tune or verse. A valley between sand hills(٢)

هن سُر ۾ چار داستان آهن. پهرين ۾ لطيف سائين ڏهر مان گذرندي ٻيڻل ڪنڌي جي وڻ کي علامت بڻائي، ان سان رهاڻ ڪئي آهي. ماضي جو وهندڙ درياهه. ان ۾ هلندڙ ٻيڙيون ۽ درياهه جي پاڻي مٿان جسودن جو راڄ ۽ سونگي (محصول وٺندڙ) سڀ ڪردار علامتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روپ ۾ ظاهر ڪيا اٿس. درياه ۾ رهندڙ مڇ ۽ ان جي ارڏائي ڪي به هڪ تصوراتي رنگ ۾ ڏنو اٿس.

ٻي داستان ۾ اڙيلن جي آڌار، محمد ڪارڻي صلي الله عليه وسلم ۽ خدا وند ڪريم جي هستي ڪان مهربانيون گهريون ويون آهن. هن داستان ۾ نبي ڪريم صلعم جن کي ڪائنات لاءِ رحمت جي علامت ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

ٽين داستان ۾ غفلت ۽ لاپرواهي جي ڪري جيڪي اگرا نتيجا نڪرن ٿا، تن سان بحث ڪيو اٿس. چوٿين داستان ۾ ڪونجڙين کي علامتي روپ ڏيئي، واسطو رکندڙ سڀ حقيقتون ٻڌائي ٿو. انهيءَ داستان ۾ ٺٽر جي هڪ ڏاتار، لاکي ڦلاڻي ۽ سندس گهوڙي "لکي" کي تصوراتي رنگ ۾ پيش ڪيو اٿس.

هن سُر لاءِ شري ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو: " هن سُر ۾ جتي ڊوري، ڪنڌي ۽ جسودن جو ذڪر ٿو اچي اتي دنيا جي بي ثباتي ۽ الله جي مردن جي اٿاٺ ڏانهن اشارو آهي. ڌهر هيءَ دنيا آهي، جتي ڪڏهن اوچ آهي ۽ ڪڏهن زوال، جنهن هنڌ اڄ شاهوڪاري آهي، تنهن هنڌ سيان سُڃ وسندي. جو اڄ ڳاڙهو گهوٽ آهي، سو سياڻي مقام ۾ لٽبو. جيڻ جسودن جو زور هينئر ناهي، تيئن روحاني وڻجارن جو به هينئر قحط (ڏڪر) آهي. رڳو صاحب ٿي ساراه جو لائق آهي. نالو سندس ئي رهندو. ٻيو سڀ فاني آهي. ڪيڏانهن ويا اهي جنگ فقير، جي وحدت جي درياه ۾ حقيقي ماڻڪن جو وڻج وهائيندا هئا. افسوس جو انهن جو هاڻ نشان به ڪونهي ۽ سندن جاءِ تي اڪ ڦلاريا بيٺا آهن. هن دنيا ۾ ڌڻي جو ئي نالو رهڻو آهي. هو ئي اسانجو پردو پناه آهي. جي دنيا تي پلجي، ڪانئس منهن موڙيوسين ته اسان جو حال به انهيءَ مڇ جهڙو ٿيندو. جو پاڻي ڏسي پليو هو ۽ مهراڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واٽي دئيتن جيان سماج لاءِ نقصان جو ڪارڻ ٿئي ٿو. مڇ مهراڻ جي اندر رهي ٿو ۽ پنهنجي بري عادتن سان ڪائنات يا انسان لاءِ هاجيڪار آهي. مڇ پنهنجي قوت تي نازان آهي، ۽ ڪنهن کي بہ ڪا اهميت ڪونہ ٿو ڏي. آخر سندس قوت (سرمايو) ڪم نہ آئي ۽ ماڻهن جي موچڙن جو شڪار ٿيو.

"مهراڻ" ڪائنات جي علامت آهي. جنهن ۾ هر قسم جا چڱا برا انسان رهن ٿا. تاريخ اهڙن مختلف ڪردارن سان ڀري پئي آهي.

"جسودا" اهڙو تصور آهن، جن جو ڪائنات تي راڄ آهي، جن جو مشاهدو سطحي ناهي. بلڪ اهي ڪائنات (مهراڻ) جي ڪن ۾ ۽ پاتار جي گهاڙن کان واقف آهن.

"ڪونج" سماج جي ستايل ۽ ڏکايل انسان جي علامت آهي جنهن کان پنهنجي ئي ديس ۾ جيئڻ جا حق کسيا وڃن ٿا. هر هنڌ دشمن سندس تاڪ ۾ آهن. ڪونج هڪ اهڙي انسان جو تصور آهي جيڪو پاڻ ۽ پنهنجي سماج جي رکيا لاءِ سوچي ٿو ۽ سماج لاءِ پيڙا ۽ درد رکي ٿو.

"لاڪو" هڪ اهڙو تصور آهي جيڪو برين، حريص ۽ شرير قوتن کي تڙيندڙ ۽ سماج جي ڏتڙيل طبقي لاءِ دياوان آهي.

"لکي"، لاکي جي گهوڙ ي ۽ جو نالو آهي. پر هت "معرفت " ۽ ذريعي جي علامت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. نفسياتي خواهش وحشي قوتن کي ختم ڪرڻ لاءِ لاکي جو ذريعو لکي آهي.

سُر ڏهر جا چند علامتي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

۱- سچ ڪ سکو ڍور، ڪنڌي آڪ ڦلاريا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنگن چڙيو زور، سَرَ سُڪو، سونگي گيا.
(۱-۷)

۲- جان واهڙ ۾ وهہ، تان تون مچ نہ موڙيو،
ڪاٺي ۾ ڪوهہ ڪرئين، پوءِ موڙڻ جو پهہ،
سر مٿي تون سهہ، مهميزون ملاحن جون.
(۱-۱۱)

۳- متو آهين مچ، تُلهو تو تونا هٿين،
جا تو ڏٺي اچ، تنهن پاٽيءَ پنان ڏينهڙا.
(۱ - ۱۲)

# حوالا

۱- آڏواڻي، ڀيرومل؛ "لطيفي سئر" حيدرآباد - ۱۹۲۶ع ص - ۱۰۷

۲- شاهواڻي، غلام محمد؛ "شاه جو رسالو" - آر ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد ۶۱- ۱۹۶۰ع ص - ۱۲۴۵

۳- آڏواڻي، ڪلياڻ؛ "شاه جو رسالو" - مڪتبہ اسحاقيہ، ڪراچي ۱۹۷۶ع ص - ۴۴۶



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## باب ٽيٽيهون

# سُر بلاول

سُر بلاول هندول راڳ جي پنجن راڳڻين مان هڪ راڳڻي آهي.

هن سُر ۾ لطيف سائين سمن ۽ سومرن جي دور کي نظر ۾ رکي، ماضي ۾ سنڌي سماج جي حالتن جوجائزو ورتو آهي. سمن ۽ سومرن جو دور سنڌي سماج لاءِ سونهري دور ليکيو وڃي ٿو. ان دور جي حقيقتن ۽ ڪردارن کي سامهون رکي، لطيف سائين ڪيترائي اعليٰ تصور پيش ڪيا آهن.

سمن جي صاحبيءَ ۾ جادم جکري جي سخاوت ۽ سومرن جي حڪومت ۾ ابڙي جي همت ۽ سومرن جي مستورات کي سام جهلڻ جهڙا واقعا، هن سُر ۾ قلمبند ڪيل آهن. ان سان گڏ ٻيا به ڪيترائي ڪردار ڪم ڪندي ڏيکاريا ويا آهن. "سمو"، "مالار"، ١
"ڏٿي"، "ڪچ ڏٿي" "پٽ ڏٿي"، "جکرو"، "ڏونگر راءِ"، "شاه" ۽ "راهو"، "وڳند" سڀ هن سُر جا مکيہ ڪردار آهن.

شاه لطيف جا سڀ ڪردار ڏڻل وائڻل ۽ سماج مان کنيل آهن.

soonhsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن ڪردارن کي هن اهڙي پيار ۽ فن سان پيش ڪيو آهي جو انهن جي حيثيت امر بڻجي پئي آهي. مستقل حيثيت حاصل ڪرڻ ڪري لطيف جا ڪردار علامتي روپ اختيار ڪري چڪا آهن. محترم تنوير عباسي لکي ٿو: "لطيف سائين جون ڪهاڻيون ۽ انهن جا ڪردار رڳو انسان نہ آهن پر ان کان گهڻو مٿي آفاقي حقيقتون آهن." (١)

لطيف سائين جا سڀ ڪردار ڪنهن آفاقي حقيقت جون علامتون آهن. اهو تصوف جو مسئلو آهي. جز جو ڪل ۾ سمائجڻ وارو فلسفو. اسان جيستائين جز جي حقيقت کي ناهي سمجهيو تيستائين ڪُل تائين رسائي ناممڪن آهي. اهڙي ريت هڪ علامت کي سمجهڻ سان ٻي باقي علامتون سمجهي سگهجن ٿيون. ڪائنات جي تصور کي سمجهڻ ڪانسواءِ قدرت جي مڙني مظهرن سان آشنائي ٿي ڪونہ سگهندي. اهڙي ريت اسين جيسين انسان جي بنيادي مسئلن کي ناهي سمجهيو تيستَين ان جي خالق جي راز کي ڪيئن ٿا پروڙي سگهون. ان بحث مان جيڪو نڪتو ظاهر ٿيو، اهو آهي وحدت ۽ ڪثرت جي مسئلن کي سمجهڻ، جنهن سان عزت ۽ وقار جي بحالي ۽ انهن مسئلن کان آگاهي حاصل ٿئي.

لطيف سائين هن سُر ۾ اهو واضح ڪيو آهي تہ انساني زندگي ڪُل جو جُز آهي. پوءِ انهيءَ صورتحال کي سمجهڻ لاءِ انسان کي ڪُل جي سچائي تائين رسائي حاصل ڪرڻي آهي ۽ ان جي مدد سان ئي مسئلن جو حل پيدا ڪرڻو آهي. ٻي صورت ۾ "مان" ۽ "خودي" جي خول ۾ رهي، جسم جي غلامي اختيار ڪري، "ڪُل" جي ڪائناتي فهم کان محروم رهجي ويندو.

اهڙي ئي تصوراتي فهم کي سمجهڻ لاءِ سُر بلاول مان چند بيت ڏجن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١ـ ڪڏي ڪهل ڪهران، صلح ڪر سلطان سين،
تہ تون تنهن دران، ڏيـهاڙي ڏان لهـين.
(١ـ٢)

٢ـ سَرڻين جي سک لئہ، سـامر ڪنئي سردار،
جي آيون ابڙي جي آڏار، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون.
(١ ـ ١٢)

## حوالا

١ـ عباسي، تنوير ڊاڪٽر؛ "شاه لطيف جي شاعري".شاه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ڪراچي ـ ١٩٧٦ع ص ـ ١٢٢



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**